دنیا جا عظیم افسانا

donated from
Suleman A. Memon's
personal library

دنيا جا عظيم افسانا

[جلد ٻيو]

هن ڪتاب جا شروعاتي 8 صفحا، ڪَوَر ۽ رئپر سنڌي ادبي بورڊ، پريس، ٽلڪ چاڙهي حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيا ۽ باقي مواد صفحي 1 کان 468 تائين، سردار پرنٽنگ پريس گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو، ۽ مسٽر غلام رباني سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

دنيا جا عظيم افسانا

[ٻن جلدن ۾ - جلد ٻيو]

مترجم
مراد علي مرزا

سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد

پهريون ايڊيشن   سال 1968ع   ڪاپيون 1000

ٻيون ايڊيشن   سال 1979ع   ڪاپيون 2000

[سنڌي ادبي بورڊ جا حق ۽ واسطا قائم]

[هن ڪتاب جو مسودو محترم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ
صاحب نظر مان ڪڍيو، ۽ ان جي اشاعت کي
بهتر بنائڻ لاءِ مفيد مشورا ڏنا. - ناشر]

قيمت: ويهه رپيا

[Price: Rs. 20.00]

DUNYA JA AZEEM AFSANA VOL II. (Sindhi Translation of World's Great Stories in Two Volumes) This volume contains Stories by Pushkin, Boccacio, Jarson, Abaniz, Ferber, Lenson, Warton, Pirandello, Possing Ling, Hemingway, Gorki, Capiro, O'Henry, Nizami, Poe and O'Flaherty.

Translated by: Murad Ali Mirza.

Published by: Sindhi Adabi Board, P.O. Box 12, Hyderabad Sind, Pakistan.

1st Edition, 1968, & this 2nd: Edition: 1979.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ناشر طرفان ٻه اکر

سال 1954ع ۾، سنڌي ادبي بورڊ، هڪ اسڪيم تيار ڪئي هئي ته دنيا جي مکيه ملڪن جي علم ۽ ادب جا شهپارا سنڌي زبان ۾ شايع ڪيا وڃن. بورڊ انهيءَ اسڪيم هيٺ انگريزي، فارسي ۽ عربي زبانن مان ادب، تاريخ، فلسفي، تعليم ۽ سائنس جا اڍائي سؤ کن جلد ڪتاب، سنڌيءَ ۾ ترجمي لاءِ منظور ڪيا هئا ۽ انهن جي ترجمي جو ڪم سنڌي زبان جي مختلف لکندڙن کي سونپيو هو. انهن ڪتابن مان هڪ "World's Great Stories" هو، جنهن جي سنڌي ترجمي جو پهريون جلد، "دنيا جا عظيم افسانا" نالي سان، سال 1966ع ۾ شايع ڪيو ويو هو. هي ٻيو جلد، باقي رهيل ڪهاڻين جو ترجمو آهي.

هن جلد ۾ جملي سورهن افسانا آيل آهن. ڪتاب جي پڇاڙي ۾ افسانه نگارن جي حياتين جو مختصر احوال به ڏنو ويو آهي. اميد ته هي ڪتاب سنڌي زبان جي افسانوي ادب جي سلسلي ۾ هڪ بيش بها اضافو ثابت ٿيندو.

حيدرآباد سنڌ.
19-8-1968ع

ڊاڪٽر اسدالله شاهه حسيني
اعزازي سيڪريٽري،
سنڌي ادبي بورڊ.

فهرست

1. نشانو	پشڪن	30-1
2. ڪلهي جي ڪولڊي	ٻوڪيشو	38-31
3. ٻائر	جارن سن	53-39
4. سرايا جي هڪ رات	اباڻيز	66-54
5. بلڪل آزاد	ٽرِ ٽرِ	109-67
6. جادوءَ جو گهوڙو	لينسن	146-110
7. الار داڻا	وارٽن	214-147
8. ٻڪ مت يار	پيرالڊيلو	233-215
9. شهزادي سومن	ٻو سنگ لنگ	245-234
10. پرديس ۾	هيمنگوي	258-246
11. چوويهه مرد ۽ هڪ ڇوڪري	گورڪي	289-259
12. چاڙن جي جوڙي	ڪپيرو	304-290
13. مڪتب	او هينري	326-305
14. ليليٰ مجنون	نظامي	363-327
15. ميري روڄيءَ جو پراسرار قتل	ايڊگر ايلن پو	451-364
16. پهرين آڌار	فليهرٽي	457-452

... ...

ضميمو - افسانه نگارن جي حياتين جو مختصر احوال	468-458

نشانو

"اسان هڪٻئي تي پستول هلايو" — باراتينسڪي.

"مون قسم کنيو هو ته آءٌ ڊوئيل جي قانون مطابق هن کي قتل ڪندس ۽. مون هن لاءِ هڪ گولي محفوظ رکي." — بائواڪ

(١)

اسين هڪ ننڍڙي شهر ۾ لٿل هئاسون. هر ڪنهن کي معلوم آهي ته فوجي عملدارن جي روزمره جي حياتي ڪهڙي قسم جي هوندي آهي. صبح جو پريڊ، گهوڙيسواريءَ جي سکيا، ٻنپهرن جو ريجمينٽ جي ڪمانڊر سان يا ڪنهن يهوديءَ جي هوٽل ۾ ماني کائڻ ۽ شام جو پتن- راند يا شراب نوشي. انهيءَ ننڍڙي شهر ۾ ڪوبه اهڙو گهر نه هو، جتي وڃجي ۽ نه وري ڪا شادي ڪرڻ جهڙي ڇوڪري هئي. اسين هڪٻئي جي ڪوارٽرن ۾ اچي گڏ ٿيندا هئاسون، جتي پنهنجين وردين کي ڏسڻ کان سواءِ ٻي ڪابه شيءِ نظر نه ايندي هئي. اتي اسان جي سنگت ۾ هڪ شخص اهڙو به هو، جنهن جو فوج سان ڪوبه واسطو نه هو. اٽڪل روءِ هن جي عمر پنجٽيهه ورهيه ڪن هئي. تنهنڪري اسين هن کي هڪ بزرگ ڪري ليکيندا هئاسون.

زندگيءَ جي تجربي سبب هن کي اسان تي برتري حاصل هئي. انهيءَ شخص جي اُداس طبيعت، کهري مزاج ۽ بدڪلاميءَ جي عادت اسان جهڙن ڪيترن نيڪ نيت رکندڙ نوجوانن تي اثر وڌو هو. هن جي زندگي سراسر اسرار هئي، ۽ جيتوڻيڪ هو ڏسڻ ۾ روسي ٿي لڳو، پر سندس فالو روسين جهڙو نه هو. ڪنهن زماني ۾ هن فوج ۾ به نوڪري ڪئي هئي، ۽ وڏي عهدي تي فائز هو. پوءِ الائي ڪهڙي سبب ڪري هن اها نوڪري ڇڏي ڏني ۽ انهيءَ گمنام ۽ ويران وسنديءَ ۾ گوشي نشينيءَ جي زندگي گذارڻ لڳو. ساڳئي وقت هن جي فضول خرچي به مشهور هئي. هو سدائين پنهنجيءَ جاءِ ۾ اوور ڪوٽ پايو پيرين پيادو پيو هلندو هو، پر اسان جي ريجمينٽ جي سڀني عملدارن جي آڌرياءَ لاءِ سندس دسترخوان لڳو ئي پيو هوندو هو. اهو به درست آهي ته انهيءَ مهمانوازيءَ وقت، ڪاڌي جا ٻه ٽي قسم موجود هوندا هئا، جيڪي هڪ پراڻو فوجي تيار ڪندو هو. ونس شئمپين جي به ڪا کوٽ ڪين هوندي هئي. ڪنهن کي به خبر نه هئي ته هن جي آمدني ڇا آهي ۽ ڪٿان ٿي اچي ۽ نه وري ڪنهن انهيءَ بابت ڪانئس ڪڏهن پڇڻ جي همت ئي ڪئي. هن وٽ ڪيترائي ڪتاب پڻ هوندا هئا، جن ۾ گهڻا ڪتاب فوجي تعليم بابت هئا ۽ ڪي ناول هئا. هو ماڻهن کي خوشيءَ سان اهي ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏيندو

هو ۽ وري ڪڏهن به هتي ڪان واپس نه گهرندو هو. ساڳئي وقت هو به ڪڏهن ڪنهن ڪان ڪو ڪتاب پڙهڻ لاءِ وٺندو هو، ته ان کي موٽائي اصل نه ڏيندو هو. سندس دل پسند شغل هو پستول سان نشانيبازي ڪرڻ. گهر جون سڀئي ڀتيون گولين لڳڻ ڪري ماکيءَ جي مانارن وانگر لڳنديون هيون، هو جنهن نيڍڙي ۽ ڪچي گهر ۾ رهندو هو، انهيءَ جي سڀ کان وڌيڪ ڏسڻ جهڙي شيءِ هئي سندس قيمتي ۽ شاندار پستول. نشانبازيءَ تي هن کي ايڏي ته مهارت حاصل هئي ۽ هن جو نشانو ايترو ته ٺيڪ هوندو هو، جو جيڪڏهن هو ڪنهن جي متي تي ناسپاتي رکي، ان تي گولي هلائڻ جو خيال ڪندو هو، ته انهيءَ لاءِ اسان جي ريجمينٽ جو هرهڪ عملدار پاڻ کي پيش ڪندي، خوشي محسوس ڪندو هو.

اسان جي ڳالهه ٻولهه، ڦري گهري اچي ڊوئيل تي پهچندي هئي. پر سلويلو (آءٌ انهيءَ شخص کي ان نالي سان سڏيندس) انهيءَ ۾ ڪوبه حصو نه وٺندو هو. جيڪڏهن ڪو ڪانئس پڇندو هو ته تو به ڪڏهن ڊوئيل لڙائي ڪئي؟ ته ڏاڍي خشڪ نموني ۾ جواب ڏيندو هو، ”هائو، آءٌ ڊوئيل وڙهيو آهيان.“ پر هو ڪڏهن به ان باري ۾ تفصيل سان ذڪر نه ڪندو هو. انهيءَ مان ظاهر هو ته ان موضوع تي سوال- جواب کيس پسند نه هو. اسين انهيءَ نتيجي تي پهتا سون ته ضرور

ڪو هن جي بي خطا نشاني جو شڪار ٿيو آهي،
جنهنڪري هن جي ذهن تي اهو حادثو هڪ بار ٿي
پيو آهي. اسان مان ڪنهن کي به اهو خيال نه آيو
ته انهيءَ ذڪر کان پاسو ڪرڻ جو سبب بزدلي ٿي
سگهي ٿو. ڪي ماڻهو اهڙا هوندا آهن، جن جو پاڇريون
ڏيک اهڙن شڪن کي ذهن ۾ اچڻ نه ڏيندو آهي. پر
پوءِ اوچتو هڪ اهڙو واقعو ٿي پيو، جنهن اسان سڀني
کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو.

هڪ رات اسان مان ڏهاڪو عملدار سلويو وٽ
ماني کائڻ لاءِ آيا هئا. اسان سڀني هميشه وانگر حد
کان وڌيڪ شراب پيتو. ماني کائڻ کان پوءِ، اسان
سڀني پنهنجي ميزبان تي زور رکيو ته پتي- راند ڪرڻ
وقت هو اسان جي پئسن جي سنڀال ڪري. پهرين ته
هن گهڻو ئي ننايو، ڇاڪاڻ ته پتن جي راند هو
ورلي ڪندو هو. پر پوءِ هُن پتا گهرايا ۽ ڏهن
ڏهن روبلن جا پنجاهه سڪا، ميز تي پکيڙي، پتا
ورهائڻ شروع ڪيا. انهيءَ تي سڀئي هن کي ڦري
ويا ۽ راند شروع ٿي. سلويو جي عادت هوندي هئي
ته پتي- راند ڪرڻ وقت هو بلڪل ماٺ ڪري
ويهندو هو؛ نه ڪنهن ڳالهه کي رد ڪندو هو؛ نه
پنهنجي صفائيءَ ۾ ڪجهه چوندو هو. جيڪڏهن
ڪنهن شرط رکندڙ کان ڪا غلطي ٿيندي هئي ته
سلويو يا ته هڪدم پئسا ڏيندو هو، يا اها رقم

ڪاغذ جي پرزي تي لکي ڇڏيندو هو. اسين سڀئي هن جي انهن اصولن کي ڄاڻندا ۽ مڃيندا هئاسون. اتفاق سان انهيءَ ڏينهن، اني هڪ اهڙو آفيسر به آيل هو، جيڪو ريجمينٽ ۾ نئون نئون آيو هو. راند کندي هن بيخياليءَ ۾ شرط جو اگهه وڌائي ڇڏيو. عادت مطابق سلويو چاڪ جي ٽڪريءَ سان اگهه درست ڪيو. انهيءَ آفيسر ائين سمجهيو ته هن غلطيءَ سان ائين ڪيو آهي، سو لڳو حجت ڪرڻ. پر سلويو پڌو اڻپڌو ڪري، خاموشيءَ سان راند ڪندو رهيو. آفيسر کان رهيو نه ٿيو ۽ هن سلويو جي انگن کي برش سان ڊاهي ڇڏيو. سلويو به چاڪ کڻي وري اهي انگ لکي ڇڏيا. پيا آفيسر ته ڪايو پيو ويٺا هئا ۽ هنن لاءِ اهو روڻشو ٿي آيو، سو ونئي ٽهڪ ڏنائون، جنهن تي اهو آفيسر ڦڪو ٿي وڌيڪ ڪاوڙ ڪرڻ لڳو. هُن سلويو جي انهيءَ ڳالهه کي پنهنجي بيعزتي سمجهي ۽ ميز تي رکيل پتل جو شمعدان کڻي سلويو ڏانهن زور سان اڇلايو. پر سلويو ذري گهٽ بچي ويو. انهيءَ واقعي تي اسين سڀئي حيران ٿي وياسون. سلويو جو منهن ڪاوڙ وچان ڳاڙهو، جهڙا ٽانڊا ٿي ويو ۽ اکين مان آلا نڪرڻ لڳس. وڏيءَ ڪوشش کان پوءِ، هن پنهنجي ڪاوڙ کي روڪيندي رڳو ايترو چيو، ”مهربان، تون هيٺئر جو هيٺئر هتان هليو وڃ ۽ پنهنجن خوشقسمتيءَ تي شڪر ڪر جو هيءُ حادثو منهنجي گهر ۾ ٿيو آهي.“

انهيءَ حادثي ٿيڻ کان پوءِ، اسين پنهنجي بدنصيب دوست کي بنهه مُئل سمجهندا هئاسون؛ ڇاڪاڻ ته اسان کي خبر هئي ته انهي حادثي جو ڪهڙو نتيجو نڪرندو. آهو آفيسر هڪدم اٿين ڇوندو ٻاهر هليو ويو ته ”آءٌ هر وقت انهيءَ بيعزتيءَ جي وير وٺڻ لاءِ تيار آهيان.“ هن جي وڃڻ کان پوءِ به ٿوريءَ دير تائين راند ٿيندي رهي، پر سڀني کي محسوس پئي ٿيو ته اسان جي ميز بان جي دل راند ۾ نه پئي لڳي، تنهنڪري هڪ هڪ ٿي اسين سڀئي موڪلائي وڃڻ لڳاسون. ڪئمپ ڏانهن وڃڻ وقت اسان رڳو اهي ڳالهيون پئي ڪيون، ته ليفٽيننٽ جي موت کان پوءِ ڏسجي ته هن جي جاءِ تي پيو ڪير ٿو اچي.

ٻئي ڏينهن، گهوڙيسواريءَ جي مکيا وقت اسين هڪٻئي کان ليفٽيننٽ جي خير و عافيت پڇي رهيا هئاسون، ته ايتري ۾ هو پاڻ به اچي ويو. اسان هن کان حال احوال ورتو. هن جواب ڏنو ته ”اڃا تائين ته مون وٽ سلويو وٽان ڪو پيغام وغيره ڪونه پهتو آهي.“ انهيءَ تي سڀني کي حيرت لڳي. خير، اسين اتان واندا ٿي سلويو جي گهر وياسون. ڏسون ته هو دروازي تي لڳل تاش جي هڪ پتي تي پستول مان گوليون پيو هلائي. هميشه جيان هن اسان جو آدرڀاءُ ڪيو. گذريل رات واري واقعي جو ته هن ذڪر به ڪونه ڪيو. اهڙيءَ طرح، ٽي ڏينهن پيا به لنگهي

ويا. ليفٽيننٽ صحيح سلامت موجود هو. هرڪنهن جي
زبان تي اها ڳالهه هئي ته آخر معاملو ڇا آهي؟ شايد
سلويو ٻوئيل وڙهڻ نه ٿي گهريو، ۽ ٿيو به ائين.
ليفٽيننٽ ٿوري گهڻي عذر خواهي ڪئي ۽ سلويو به
هن کي معاف ڪري ڇڏيو.

انهيءَ واقعي جي ڪري اسان نوجوانن جي نظرن
۾ سلويو جي عزت ڪِري پيئي؛ ڇاڪاڻ ته اسان جي
خيال ۾ شجاعت ۽ بهادري اعليٰ صفتون هيون، جن جي
ڪري ٻين سڀني خامين جي پرده پوشي ٿي سگهي
ٿي. پر پوءِ آهستي آهستي اهو واقعو اسان کان به
وسري ويو، ۽ سلويو لاءِ اسان جي دلين ۾ اها اڳوڻي
عزت قائم ٿي ويئي.

البت، منهنجيءَ دل انهيءَ ڳالهه کي قبول ڪرڻ
کان ڪيٻايو. انهيءَ جو سبب شايد هي به هو ته
منهنجي طبيعت رومان پسند هئي. ٻين آفيسرن جي
ڀيٽ ۾ آءٌ انهيءَ شخص ۾ انهيءَ ڪري ڪشش محسوس
ڪندو هوس، جو هن جي زندگي هڪ سربستو راز
هئي. مون کي هو ڪنهن اسرار ڀريءَ ڪهاڻيءَ جو
هيرو لڳندو هو. هن جو به ٻين جي ڀيٽ ۾ مون سان
وڌيڪ تعلق هو، ڇاڪاڻ ته رڳو مون سان ئي هو
کيل ٺٺولي ڪرڻ بدران ٻين ڪيترن ئي مسئلن تي
سادي سودي ۽ دلنشين انداز ۾ ڳالهه ٻولهه ڪندو
هو. پر انهيءَ واقعي جي ڪري هو منهنجي نظرن

۾ ڪري پيو هو. مون کي رکي رکي اهوئي خيال ستائيندو هو ته هن پنهنجي بيعزتيءَ جي بدلي وٺڻ ڪان ڇو لنوايو؟ تنهنڪري هن سان نظرون ملائيندي به مون کي شرم پيو محسوس ٿيندو هو. سلويي زمانو ڏنو هو. هو منهنجيءَ روش مان، منهنجي دل جي ڳالهه کي سمجهي ويو. ائين ٿي لڳو ته ان ڪري هن کي دلي رنج پهتو هو. مون کي هڪ ڀيرا اهو به محسوس ٿيو ته هو انهيءَ بابت ڪجهه چوڻ گهري ٿو، پر مون هن کي ڪوبه اهڙو موقعو نه ڏنو. انهيءَ ڪان سواءِ هن سان اڪيلائيءَ ۾ ملڻ ڪان به آءٌ لنوائڻ لڳس. سلويي به مون کي منهنجي حال تي ڇڏي ڏنو. هاڻي آءٌ پنهنجن ساٿين جي موجودگيءَ ۾ هن سان ملندو هوس ۽ اسان جون پهريون صاف ۽ سچيون صحبتون صفا ختم ٿي ويون هيون.

آهي ماڻهو جيڪي وڏن شهرن جي آرام ۽ آسائش جا عادي هوندا آهن، تن کي انهن احساسن جي لذت جي ڪهڙي ڄاڻ، جيڪي ڳوٺن ۽ ٻهراڙيءَ جي رهاڪن جي زندگيءَ ۾ اهميت رکن ٿا: مثال طور خط جو انتظار. اڳاري ۽ جمعي جي ڏينهن، ريجمينٽ جي هيڊ ڪوارٽر ۾ آفيسرن جو ميڙو لڳي ويندو هو. ڪنهن کي ڏسو ته پئسن اچڻ جي اميد ڪيو ويٺو آهي، ڪو خط ملڻ لاءِ بيتاب آهي، ڪنهن کي اخبارن ۽ رسالن جو انتظار آهي. آفيسرن ۾ ايتري ته بيصبري هوندي هئي، جو ڪيترائي خط آتي جو آتي کولي

پڙهيا ويندا هئا، هڪبئي کي خبرون پڌايون ويندڙيون هيون. مطلب ته انهن ڏينهن تي چوڌاري ڏاڍي اچ-وڃ لڳي پئي هوندي هئي. سلويي جا خط بہ ريجمينٽ جي ٽپال سان گڏ ايندا هئا. تنهنڪري ٽپال وارن ڏينهن تي هو بہ اتي موجود هوندو هو. هڪ ڀيري هن جي نالي هڪ خط آيو، جيڪو هن کي ڏنو ويو. هن ڏاڍيءَ بي صبريءَ سان لفافي جي مهر ڀڳي. خط جي مضمون تي نظر پوندي ئي هن جون اکيون ڇرڪڻ لڳيون. ڪي آفيسر پنهنجن پنهنجن خطن پڙهڻ ۾ اهڙا تہ رڌل هئا، جو ڪنهن جو بہ هن ڏانهن ڌيان وڃي نہ سگهيو. ايتري ۾ هن سيني جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائيندي چيو، ”صاحبو! ڪن ضروري حالتن جي ڪري آءٌ جلد ئي هتان وڃڻ گهران ٿو. مون کي اميد آهي تہ اوهان سڀيئي اڄ مون سان آخري ڀيرو ماني کائڻ کان انڪار نہ ڪندؤ. آءٌ اوهان سڀني جو انتظار ڪندس.“ پوءِ مون ڏانهن ڏسندي، چيائين، تون ضرور اچجانءِ.“ ائين چئي، هو تڪڙو تڪڙو هيڊ ڪوارٽر جي عمارت مان ٻاهر هليو ويو. اسين بہ سلويو جي گهر هڪبئي سان ملڻ جو وعدو ڪري، پنهنجن پنهنجن ڪوارٽرن ڏانهن روانا ٿياسون.

آءٌ مقرر وقت تي سلويو وٽ پهتس، تہ اتي ساري ريجمينٽ موجود هئي. سلويو جو سڄو سامان ٻڌو رکيو هو ۽ چوڌاري گولين سان ڀروڙ ٿيل ڀتين کان

سواءِ ڪجهه به ڏسڻ ۾ نه ٿي آيو. اسين سمورا ڳاڙهي جي ميز وٽ وڃي گڏ ٿياسون. اسان جي ميزبان جي طبيعت ان وقت موج ۾ هئي. هن جي خوشمزاجيءَ اسان تي به اثر ڪيو. چوڌاري پاڻلين جا پوچ اڏامڻ لڳا، گلاسن ۾ شراب ڇلڪڻ لڳو ۽ اسين پنهنجي پاهر ويندڙ دوست جي سلامتيءَ ۽ ڪاميابيءَ لاءِ جام مٿان جام خالي ڪرڻ لڳاسون. اهڙيءَ طرح، رات ٿي ويئي ۽ اوندهه وڌڻ سبب اسين اٿياسون ۽ پنهنجون پنهنجون ٽوپيون پائڻ لڳاسون. سلويو هر هڪ مهمان سان هٿ ملايو. مون سان هٿ ملائڻ وقت هن منهنجي هٿ کي زور ڏيندي، آهستي چيو، "مون کي تو سان هڪ ڳالهه ڪرڻي آهي." سو آءٌ ويندي ويندي ترسي پيس.

هڪبئي پٺيان سڀئي مهمان موڪلائي ويا، باقي اسين ٻه ڄڻا وڃي رهياسون. اسان پنهنجا پنهنجا پائيپ دکايا. سلويو ڪنهن اندروني عذاب سبب بيقرار هو. شام جو جيڪا زنده دلي هن ڏيکاري هئي، اها هاڻي گم ٿي ويئي هئي ۽ ان جي بدران سندس منهن تي مايوسي هئي. البت، هن جون اکيون چمڪڻ لڳيون هيون. پائيپ جي ڪاري دونهين جي گول گول ڇلن جي وچ ۾، هو بلڪل ڀوائتي مخلوق ٿي معلوم ٿيو. ٿورن منٽن کان پوءِ، سلويو خاموشيءَ کي ٽوڙيندي چيو، "ڪهڙي خبر جو اڄ کان پوءِ اسين وري پاڻ ۾ ملي سگهون يا نه! تنهنڪري وڃڻ کان پهرين

مونکي تو مان کي ڳالهيون ڪرڻ گهريون ٿي. اها ته توکي اڳيئي خبر آهي ته آءٌ ڪنهن جي راءِ جي ذري پر به پرواهه نه ڪندو آهيان، پر سچ پڇين ته آءٌ توکي پسند ڪندو آهيان. جيڪڏهن تون منهنجي باري ۾ ڪنهن غلطفهميءَ ۾ رهجي وئين ته مون کي رنج ٿيندو."

هو ٿورو ترسيو ۽ پائيپ ۾ تماڪ ڀرڻ لڳو. آءٌ چپ چاپ زمين کي گهوريندو رهيس.

"توکي يقيناً تعجب ٿيو هوندو ته مون انهيءَ ڏينهن، شراب جي نشي ۾ چُور انهيءَ وات ـ ڳاڙهي چوري کان پنهنجي بيعزتيءَ جو وير ڇو نه ورتو؟ جيتوڻيڪ انهي وقت هن جي حياتي منهنجي هٿ ۾ هئي ۽ جيئن ته مون کي هٿيار چونڊڻ جو حق به هو، تنهنڪري مون کي ڪنهن قسم جو خطرو به نه هو. آءٌ جيڪڏهن گهران ته توکي انهيءَ غلطفهميءَ ۾ وجهي سگهان ٿو ته انهيءَ ڏينهن منهنجو صبر ۽ در گذر ڪرڻ منهنجي عالي ظرفيءَ جو دليل هو، پر آءٌ توکي ڌوڪو ڏيڻ مناسب نٿو سمجهان. جيڪڏهن آءٌ پنهنجي زندگيءَ کي خطري ۾ وجهڻ کان سواءِ هن کي سزا ڏئي سگهان ها، ته هوند هن کي ڪڏهن به معاف نه ڪريان ها."

سلويو جي انهيءَ اعتراف مون کي اچرج ۾ وجهي ڇڏيو. هو اڃا به ڳالهائيندو ٿي رهيو.

”هائو، آءٌ پنهنجي زندگيءَ کي خطري ۾ وجهڻ جو حق نٿو رکان. ڇهه سال اڳ، هڪڙي شخص منهنجي منهن تي ٿڦڙ هنيو هو، ۽ منهنجو اهو دشمن اڃا تائين جيئرو آهي. انهيءَ بيعزتيءَ جي وير وٺڻ کان اڳ پنهنجي زندگيءَ کي ڪنهن به خطري ۾ وجهڻ نٿو گهران.“

منهنجيءَ دل ۾ اڻتڻ پيدا ٿيڻ لڳي ته آخر معاملو ڇا آهي. اهو سوچي مون هن کان پڇيو، ”تون ان وقت هن سان ڊوئيل نه وڙهئين؟ شايد ڪنهن سبب ڪري ڊوئيل وڙهڻ کان سواءِ توکي اتان واپس اچڻو پيو؟“

”آءٌ هن سان ڊوئيل وڙهيو هئس“، سلويي جواب ڏنو، ”انهيءَ جو ثبوت اڃا تائين مون وٽ حفاظت سان رکيو آهي.“

هو پنهنجيءَ جاءِ تان اٿيو ۽ دفتريءَ جي ڍڪ مان هڪ ڳاڙهي پرت واري فوجي ٽوپي ڪڍيائين، جنهن ۾ گلن جو ڦندڻ لڳل هو. هن اها ٽوپي پنهنجي مٿي تي رکي ۽ مون ڏٺو ته مٿي کان انچ کن مٿي، ان ۾ گوليءَ جو آر پار نشانو هو.

سلويي پنهنجي ڳالهه بيان ڪندي وڌيڪ چيو ته ”توکي شايد ڄاڻ هجي، آءٌ ڪنهن زماني ۾ ’ن‘ ريجمينٽ ۾ هئس. تون به منهنجيءَ طبيعت مان واقف آهين ته آءٌ هر ڳالهه ۾ سڀني کان اڳيان رهڻ گهران ٿو. جوانيءَ ۾ ته منهنجي طبيعت ۾ جوش هو ۽ هر ڳالهه

۾ اڳرائي ڪرڻ جو مون کي جنون هو. انهيءَ زماني ۾ هر روز ڪو نه ڪو فتنو فساد ٿيندو ئي رهندو هو ۽ مون کي فسادين جو سرمڪ سمجهيو ويندو هو. اسين بدمستيءَ ۽ بدهوشيءَ تي فخر ڪندا هئاسون. مون کي ياد آهي ته هڪ پيري آءٌ مشهور شرابي، بورتسوف کي به شڪست ڏئي ويو هئس. هيءُ اهوئي بورتسوف آهي، جنهن کي شاعر ”دنيس داويدوف“ پنهنجي ڪلام ذريعي سدا حيات ڪري ڇڏيو آهي. ان وقت اسان جي ريجمينٽ ۾ هر روز ڊوئيل وڙهيا ويندا هئا ۽ ڪوبه اهڙو ڊوئيل نه ٿيندو هو، جنهن ۾ مون کي دخل نه هجي. منهنجن يارن دوستن مون کي آسمان تي چاڙهي ڇڏيو هو، پر ريجمينٽ جي ڪمانڊر لاءِ آءٌ هڪ مصيبت هوندو هئس.

”اهڙيءَ طرح مون وڏي طمطراق سان شهرت ۽ مشهوريءَ جا مزا پئي ماڻيا ته اسان جي ريجمينٽ ۾ هڪ نئون آفيسر ڀرتي ٿي آيو. هو هڪ وڏي خاندان جو فرد هو. مون اڄ تائين هن جهڙو خوشقسمت ماڻهو نه ڏٺو. جواني ۽ ذهانت، خوبصورتي ۽ جوانمردي، شهرت ۽ ناموس؛ مطلب ته اها ڪهڙي خوبي هئي جيڪا هن ۾ نه هئي؟ هو رپيا پاڻيءَ وانگر وهائيندو هو ۽ معلوم ٿيندو هو ته ونس قاروني خزانو آهي. تون پاڻ ويچار ڪر ته اهڙي ماڻهوءَ جو مون تي ڪيترو نه اثر ٿيو هوندو. منهنجيءَ شهرت جو ستارو لهڻ لڳو. پهرين پهرين ته هن منهنجي شهرت ڏٺي،

مون سان دوستي رکڻ جو خيال ڏيکاريو، پر مون انهيءَ خيال کي اهڙيءَ بيپرواهيءَ سان نظر انداز کري ڇڏيو جو ان کان پوءِ هن به مون ڏانهن کو ڌيان ڏيڻ مناسب نه سمجهيو. مون کي هڻ سان سخت نفرت ۽ دشمني ٿي پيئي. ريجمينٽ جي عملدارن ۽ عورتن ۾ هن جي هر دلعزيزي ۽ کاميابي مون کان هرگز ڏٺي نه ٿيندي هئي. آءٌ هرهنڌ هن کي چيڙائڻ ۽ هن سان جهيڙي کرڻ جي کوشش کندو هئس ۽ هن تان چٽرون کندو هئس، پر انهيءَ تي هو کونه کو اهڙو منهن ٽوڙ جواب ڏيندو هو، جو آءٌ پريشان ٿي ويندو هئس. هن جي جملن ۾ سنجيدگي ۽ مزاح جي چاشني هوندي هئي، ۽ منهنجا جملا وري ٺٺوليءَ ۽ ضد جي زهر ۾ ٻڏل هوندا هئا. پوءِ هڪ ڏينهن هيئن ٿيو جو اسين هڪ پولش جاگيردار وٽ ناچ جي محفل ۾ ويا هئاسون. مون ڏٺو ته اتي جيکي به عورتون موجود هيون، سي سڀئي انهيءَ آفيسر مٿان پروانن وانگر پئي قربان ٿيون. اهو ڏسي، منهنجيءَ دل ۾ حسد ۽ کيني جي باهه ڀڙکي آٿي. گهر جي مالکياڻي به (جيکا پهرين منهنجي عشق ۾ ڦاٿل هئي) هن تان گهور پئي وڃي. مون کان رهيو نه ٿيو ۽ مون هن جي کن ۾ هڪ نهايت کريل ڳالهه چئي ڏني. اها ڳالهه ٻڌي، هن جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو ۽ هن زور سان منهنجي منهن تي ٿڦڙ وهائي کڍيو. انهيءَ تي ٻنهي طرفن کان تلوارون ميانن مان نکري

آيون. عورتون ڊپ ۽ هراس وچان بيهوش ٿي ويون. گهڻيءَ مشڪل ڪان پوءِ، مائٽن وچ ۾ پئي جهيڙو تاري چڙيو. انهيءَ رات اسان ۾ ڊوئيل ٽيڻ جو فيصلو ٿيو. ٻئي ڏينهن پرهه ڦٽندي ئي آءٌ پنهنجن ٽن مائٽين سميت مقرر جاءِ تي پهچي ويس، ۽ پنهنجي دشمن جو انتظار ڪرڻ لڳس. بهار جي مند هئي. سج سويل ئي نڪري ظاهر ٿيو هو، جنهنڪري ٿوري گرمي پئي ٿي. ايتري ۾ مون هن ڪي پري ڪان ايندو ڏٺو. هو پنڌ پئي آيو سندس هٿ ۾ تلوار هئي ۽ مائٽس گڏ فقط هڪ مائٽهو هو. اسين هن سان ملڻ لاءِ اڳتي وڌياسون، ته هو پنهنجي ٽوپي هٿ ۾ جهلي، ڏاڍيءَ بيپرواهيءَ سان وڌي آيو. اسان جي دوستن اسان ٻنهي جي وچ ۾ ٻارهن ٻارهن قدمن جو مفاصلو ماپيو. پهرين مون کي گولي هلائڻ جو موقعو ڏنو ويو. پر ڪاوڙ ۾ منهنجو سارو بدن اهڙو ته پئي ڏڪيو، جو آءٌ پنهنجي هٿ تي پروسو نه ڪري سگهيس. تنهنڪري مون هن کي پهرين گولي هلائڻ جو موقعو ڏنو. هو انهيءَ تي راضي نه ٿيو. نيٺ ٻڪي وجهڻ جو فيصلو ٿيو. قدرت کي شايد هن سان ڪو پيار هو، جنهنڪري پهڪو به هن جي ئي نالي نڪتو هن شست ٻڌي گولي هلائي، جيڪا منهنجي ٽوپيءَ سان آرپار لنگهي وئي. هاڻي هن جي زندگي منهنجي هٿ ۾ هئي. آءٌ هن جي اکين ۾ گهوري ڏسڻ لڳس ته جيئن

هن جي چهري تي اداسيءَ ۽ مايوسيءَ کي ڏسي سگهان.
پر هو ساڳيءَ بيپرواهيءَ سان منهنجي پستول ڏانهن
منهن ڪيو بيٺو رهيو. انهيءَ وچ ۾ هو ميوو ڪائيندو
رهيو ۽ ان جون ٽڪڙيون مون ڏانهن اڇلائيندو رهيو.
مون ويچار ڪيو ته اهڙي ماڻهوءَ کي مارڻ مان ڇا
ملندو، جنهن کي پنهنجيءَ جان جي ڪابه پرواهه نه
هجي. وري انهيءَ مهل هڪ شيطاني خيال منهنجي دل
۾ آيو. مون پستول وارو هٿ هيٺ ڪري، ڪيس چيو
ته 'هن وقت اوهان ڪنهن گهوڙهي ويچار ۾ ڏسجو ٿا.
اوهان جو ڌيان ڊوئيل ۾ ڪونهي. آءٌ اوهان جي
دلپسند شغل، يعني ميوي ڪائڻ ۾، رنڊڪ وجهڻ
نٿو گهران.

"نه، نه. اوهان منهنجي ڳڻتي نه ڪريو. اوهان
منهنجي شغل ۾ ڪا به رنڊڪ نٿا وجهو. اوهان گولي
هلايو، پر جيڪڏهن هن وقت اوهان جي طبيعت نه ٿي
چوي ته وري ڪنهن ٻئي موقعي تي. اهو اوهان جو
مون تي قرض آهي، جيڪو جڏهن چوندؤ، لاهي
ڇڏيندس" هن جواب ڏنو.

آءٌ پنهنجن ساٿين ڏانهن موٽي آيس ۽ چيم ته 'آءٌ
هن وقت گولي هلائڻ نٿو گهران'. اهڙيءَ طرح، اهو
معاملو اتي ختم ٿي ويو.

پوءِ آءٌ فوج مان استعيفا ڏيئي، هين گمنام گوشي
۾ اچي رهيس. پر انهيءَ وقت کان وٺي اج تائين

ڪوٺ، اهڙو ڏينهن نہ ٿيو آهي، جڏهن منهنجيءَ دل ۾ وير ونڻ جي باهہ اجهامي ويئي هجي. بس، اهوئي هڪڙو خيال، اهوئي هڪڙو فڪر، منهنجي زندگيءَ جو مقصد وڃي رهيو آهي. نيٺ اڄ اهو ڏينهن بہ اچي ويو آهي، جنهن جو مون کي ايتري عرصي کان انتظار هو."

سلويي پنهنجي ڪيسي مان اهو خط ڪڍيو، جيڪو ان ڏينهن صبح جو ڪيس مليو هو. هن اهو خط مون کي پڙهڻ لاءِ ڏنو. شايد هن جي وڪيل اهو خط ماسڪو مان هن کي موڪليو هو. ان ۾ لکيل هو تہ، هڪ خاص شخص جلد ئي هڪ حسين ۽ نوجوان ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ وارو آهي.

سلويي چيو، "اهو تہ تون سمجهي ويو هوندين تہ اها خبر ڪهڙي شخص بابت آهي؟ آءٌ هيٺر ماسڪو وڃان ٿو. هاڻي ڏسڻو هيءُ آهي تہ اهو شخص پنهنجي شاديءَ واري رات بہ موت جو ائين بيپرواهيءَ سان آڏرياءُ ڪري ٿو، جيئن ڪنهن وقت ميوي کائيندي ڪيو هئائين."

ائين چئي، سلويو پنهنجيءَ جاءِ تان اٿيو. هن پنهنجي ٽوپي مٿي تان لاهي زمين تي ڦٽي ڪئي ۽ پنجري ۾ بند ٿيل شينهن وانگر، هيڏانهن هوڏانهن هلڻ لڳو. آءٌ حيرت ۾ هن جون اهي ڳالهيون ٻڌندو رهيس. ۽ منهنجيءَ دل ۾ طرحين طرحين وهم ۽ گمان پيدا ٿيندا رهيا.

ايتري ۾ نوڪر اچي ٻڌايو تہ گھوڙا تيار بيٺا آهن. سلويءَ وڏيءَ حب سان منهنجو هٿ جهلي زور ڏنو. اسين ٻيئي گلي ملياسون ۽ پوءِ هو گاڏيءَ ۾ ويٺو، جنهن ۾ ٻہ ٽرينڪون رکيون هيون. انهن مان هڪ ۾ هن جا قيمتي پستول هئا ۽ ٻيءَ ۾ سندس سامان سڙو پيل هو. اسان وري هڪٻئي کي 'خدا حافظ' چيو ۽ گاڏي رواني ٿي ويئي.

انهيءَ ڳالهہ کي ڪيترائي سال لنگھي ويا. اڳتي هلي، خانگي ڪمن ڪارڻ سبب مون کي ضلعي ''ن'' جي هڪ ٻنهہ پٽي پيل ڳوٺڙي ۾ رهائش اختيار ڪرڻي پيئي. آتي مون کي پنهنجيءَ جائداد جو سارو انتظام پاڻ ئي ڪرڻو پيو. آءٌ هميشہ پنهنجيءَ اڳوڻيءَ آزاد ۽ بيفڪر زندگيءَ کي ياد ڪري، سچ پچ تہ روئندو هئس، خاص ڪري سرءُ ۽ سياري جي مند ۾، جڏهن اڪيلائيءَ جون راتيون گذارڻ عذاب ٿي پونديون هيون. سانجهيءَ تائين تہ ڪنهن نہ ڪنهن نموني ۾ وقت گذري ويندو هو، ڪڏهن ڳوٺ جي پريي مڙس سان ڳالهيون ڪندو هئس تہ ڪڏهن پنهنجيءَ جاگير جو گشت ڪري ڏسندو هئس تہ ڪم ڪار ڪيئن پيو هلي، يا جيڪي نوان ڪم شروع ڪرايا هئم، اهي وڃي ڏسندو هئس تہ ڪٿي پهتا آهن. پر پوءِ اوندهہ ٿيندي ئي دل لهي ويندي هئي. گھر ۾ گدام جي الماڙين ۾ جيڪي بہ ڪتاب پيل هئا، سي ڪيترائي ڀيرا پڙهي چڪو

هئس. پوڙهي نوڪرياڻي لونا کي جيتريون به ڪهاڻيون ياد هيون، اهي ڪئين دفعا مون کي ٻڌائي ٻڌائي ٿڪجي پيئي هئي. ڳوٺاڻين عورتن جي ڳيچن جا آواز ٻڌي، منهنجي طبيعت ويتر اداس ٿي ويندي هئي. امڪان هو ته آءٌ شراب نوشي جو عادي ٿي پوان. پر گهڻي شراب پيئڻ ڪري مٿي ۾ سور ٿي پوندو هو. انهي ڪان سواءِ بيڪاري ۽ ڪاهلي کان گهبرائجي شراب نوشي ڪرڻ کان مون کي سخت نفرت هئي. اسان جي علائقي ۾ اهڙن تباهہ حال شرابين جي ڪمي ڪانہ هئي، جيڪي زندگيءَ جي خوشين حاصل ڪرڻ لاءِ شراب کان ڪم وٺندا هئا. منهنجا ٻہ ٽي پاڙيسري بہ اهڙن بدنصيبن مان هئا. انهن جي گفتگوءَ ۾ سواءِ ڪنگهڻ ۽ ٿڏن ساهن پرڻ جي پيو ڪجهہ بہ نہ هوندو هو. اهڙن ماڻهن جي سنگت کان خدا بچائي! اهڙن شخصن جي دوستيءَ کان تہ اڪيلائيءَ غنيمت آهي.

اسان جي ڳوٺ کان چار ميل ڪن پري، ڪاؤنٽيس ”ب“ جي جاگير هئي، جتي رڳو سندس جاگير جو سنڀاليندڙ رهندو هو. ڪاؤنٽيس پنهنجي شاديءَ ٿيڻ کان پوءِ اتي رڳو هڪ ڀيرو آئي هئي. انهيءَ ڳوٺ ۾ رهندي، مون کي بہ هڪ سال کن ٿي ويو هو. اوچتو ٻڌڻ ۾ آيو تہ گرمين ۾ ڪاؤنٽيس پنهنجي مڙس سميت پنهنجيءَ جاگير تي ايندي. هوءَ جون مهيني جي شروعات ۾ ئي اتي پهچي ويئي.

ڳوٺن جي رهاڪن لاءِ، ڪنهن رئيس ۽ دولتمند ماڻهوءَ جو پاڙيسري ٿيڻ، هڪ تاريخي حيثيت رکي ٿو. اهڙن موقعن تي اوسي پاسي جي ماڻهن ۾ ڪافي وقت اڳ ۾ ئي چوپچو شروع ٿي ويندي آهي ۽ جيڪا پوءِ سالن تائين هلندي رهندي آهي. پاڙي ۾ هڪ خوبصورت ۽ نوجوان عورت جي اچڻ جي خوشخبريءَ، مون تي به ڏاڍو اثر ڪيو. مون کي هن جي ڏسڻ جو ڏاڍو شوق هو. هنن کي ڳوٺ ۾ آئي هفتو کن ٿيو هوندو. آءٌ آچر جو ڏينهن هجي، ماني کائڻ کان پوءِ پنهنجي معزز پاڙيسرين سان ملاقات جو شرف حاصل ڪرڻ لاءِ ”س“ ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيس.

نوڪر مون کي وڏي وڇي ڪاؤنٽ جي پڙهڻ واري ڪمري ۾ ويهاريو ۽ پاڻ منهنجي اچڻ جي اطلاع ڏيڻ لاءِ اندر هليو ويو. اهو ڪشادو ڪمرو وڏيءَ صفائيءَ، سنائيءَ ۽ بيحد قيمتي سامان سان سينگاريل هو. ڪتابن سان ڀريل الماڙيون، پٽين سان لڳيون رکيون هيون. انهن مان هرهڪ جي مٿان جست جا مجسما رکيل هئا. سنگمرمر جي بخاري تي آدم - قدآئينو لڳل هو ۽ فرش تي سائو ڪپڙو وڇايل هو، جنهن جي مٿان وري غاليچو پيو هو. پنهنجي غريباڻي گهر ۾ گهڻي وقت تائين رهڻ کان پوءِ، هن محلات جي سجاوت ۽ سينگار کي ڏسي، مون تي ڏاڍو رعب پيو. آءٌ ڪاؤنٽ جو انتظار اهڙيءَ ته بيقراريءَ سان ڪرڻ لڳس، جيئن ڪو ڳوٺاڻو عرضدار، شهر ۾ وزير جي اچڻ

جو منتظر هوندو آهي. ايتري ۾ دروازو کليو ۽ هڪ پنڃاهن ورهين جي عمر جو سنهڙو شخص، ڪمري ۾ داخل ٿيو. هن جي شخصيت ۾ وڏي سادگي ڏسڻ ۾ آئي. مون پنهنجي پريشانيءَ کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪندي پنهنجو تعارف ڪرائڻ گهريو، پر ڪاؤنٽ اڳڀرائي ڪري پنهنجو تعارف ڪرايو ۽ اسين ويهي رهياسون. اڪيلائيءَ ۾ رهندي منهنجي طبيعت ۾ ٿوري گهٻراهٽ اچي ويئي هئي. پر هن جي سنجيده ۽ دوستاڻي طريقي جي ڳالهه ٻولهه، ٿوريءَ دير ۾ ئي اها گهٻراهٽ غائب ٿي ويئي. عين انهيءَ وقت، ڪاؤنٽيس ڪمري ۾ آئي ۽ مون تي پريشانيءَ جو ٻيهر دؤرو پوڻ لڳو. هوءَ ڏاڍي خوبصورت هئي. ڪاؤنٽ هن سان منهنجو تعارف ڪرايو. مون پنهنجي بدحواسيءَ کي لڪائڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي، پر آءٌ ڪامياب ڪين ٿيس. منهنجي اها حالت ڏسي، هنن پاڻ ۾ اهڙيءَ طرح گفتگو ڪئي، ڄڻ آءٌ سندن پراڻو واقفڪار هئس، جنهن جي اڳيان رسمي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ضروري نه هئي. آءٌ پنهنجن حواسن ۾ اچڻ خاطر ڪمري ۾ هيڏانهن هوڏانهن گهمڻ ۽ ڀتين تي لڳل تصويرون ڏسڻ لڳس. هونئن ته تصويرن بابت منهنجي ڄاڻ تمام ٿوري آهي، پر هڪڙيءَ تصوير ۾ ته منهنجيون اکيون ڏسندي ئي کُپي ويون. اها تصوير، سئزر لئنڊ جي هڪ خوبصورت نظاري جي هئي ۽ هٿ سان نڪتل هئي. انهيءَ تصوير ۾ مون کي ڪا فني سونهن ته نظر ڪانه آئي،

البت منهنجو سمورو ڌيان گوليءَ جي انهن ٻن نشانن ۾ لڳل هو، جيڪي هڪٻئي جي سڌائيءَ ۾ هيٺ مٿي هئا. مون ڪائونٽ ڏانهن منهن ڪري چيو، ”واه! ڪهڙو نه زبردست نشانو آهي! بيشڪ ڪمال جو نشانو آهي!“ هن مون سان اتفاق ڪندي، پڇيو ته ”اوهان جو نشانو ڪيئن آهي؟“ ”پهريون نمبر!“ مون جواب ڏنو مانس. آءٌ خوش هئس ته منهنجي دلپسند شغل تي ڳالهه ٻولهه شروع ٿي هئي. ”آءٌ ٽيهن قدمن جي فاصلي تان تاس جي پتي تي نشانو چٽيءَ سگهان ٿو، پر شرط هيءُ آهي ته پستول منهنجو پنهنجو هجي.“ مون وڌيڪ وضاحت لاءِ چيو. ”سچ؟“ ڪائونٽس حيرت ۾ پوندي مون کان پڇيو. ان کان پوءِ هن پنهنجي مڙس کان پياري انداز ۾ پڇيو، ”ڇا، اوهان به ٽيهن قدمن جي فاصلي تان نشانو چٽيءَ سگهو ٿا؟“ ”ڪنهن ڏينهن آزمائش ڪرڻ گهرجي“ ڪائونٽ جواب ڏنو. ”ڪنهن زماني ۾ منهنجو نشانو خراب نه هو. پر چار سال کن ٿيندا ته مون پستول کي هٿ به نه لاتو آهي.“ ”پوءِ ته آءٌ شرط رکان ٿو ته اوهان ويهن قدمن جي فاصلي تان به تاس جي پتي تي نشانو چٽي نٿا سگهو. صحيح نشانيبازيءَ لاءِ هر روز مشق ڪرڻ ضروري آهي. آءٌ اهو پنهنجي ذاتي تجربي جي بنياد تي چوان ٿو. مون کي پنهنجيءَ ريجمينٽ جو بهترين نشانيباز سمجهيو ويندو هو. هڪ ڀيري مون پنهنجا پستول مرمت لاءِ موڪليا هئا ۽ هڪ مهيني تائين مشق

ڪري نہ سگھيس. نتيجو هيءُ نڪتو جو جڏهن پستول مرمت ٿي آيا ۽ مون ٻنجويهن قدمن جي فاصلي تي رکيل شراب جي ٻاٽليءَ جي شست ورتي، گولي هلائي تہ نشانو خطا ٿي ويو. اسان جو ڪپتان جيڪو ڏاڍو چرچائي ۽ گهڻ-ڳالهائو هو، چوڻ لڳو تہ 'اڙي يار! چڏ ڪٿي. تون شراب جي ٻاٽليءَ کي نشانو بڻائڻ جي بد مذاقي نٿو ڪري سگهين.' سائينجن کي انهيءَ معاملي ۾ غفلت نہ ڪرڻ گهرجي. نہ تہ ٻيهر مشق ڪرڻي پوندو. مون تہ رڳو هڪ شخص جو نشانو سؤ فيصد بي خطا ڏٺو آهي ۽ هو هر روز نشاني چٽڻ جي مشق ڪندو هو. ڪاڌي کائڻ کان پهرين، گهٽ ۾ گهٽ هن لاءِ ٽي دفعا نشانيبازي ايتري ئي ضروري هئي، جهڙو ڪاڌي کائڻ کان پهرين ووڊڪا جو گلاس."

ڪاؤنٽ ۽ ڪاؤنٽيس خوش هئا تہ منهنجي زبان مس مس کُلي هئي. ڪاؤنٽ چيو: "انهيءَ شخص جي نشانيبازيءَ بابت توکي جيڪي ڪجهہ معلوم هجي، ٻڌاءِ." "سائين، ڇا ٻڌايان! ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو هو جو هُو پيت تي ڪا مک ويٺل ڏسندو هو، تہ .... اوهان کِلو ٿيون بيگم صاحبہ! پر آءٌ جيڪي چوان ٿو، سو بلڪل سچ آهي. آءٌ قسم سان چوان ٿو .... هائو، هو مک کي ڏسي چوندو هو: 'ڪزڪا، منهنجو پستول تہ آڻجانءِ!' ڪزڪا ڀريل پستول آڻيندو هو. ٺاآآ! ۽ ويچاري

مڪ، پت تي ڇڇجي ناس ٿي ويندي هئي. ”اهو ته ڪمال ٿيو! ڇا نالو هو انهيءَ شخص جو؟“ ڪائونٽ مون کان پڇيو. ”سلويو.“ ”سلويو!“ ڪائونٽ عجب وچان ڇرڪ پريو، ڇا تون سلويو کي سڃاڻين ٿو؟“ ”هائو، ڇو نه سڃاڻان. اسين پيئي گهرا دوست هئاسون. اسان جي ريجمينٽ ۾ هرڪو هن سان اهڙيءَ طرح ملندو هو، ڄڻ هو به اسان مان ئي هڪ هو، پر پنج ورهيه کن ٿيندا جو مون کي هن بابت ڪابه خبر نه پهتي آهي. ڇا، سائينجن به سلويو کي سڃاڻن ٿا؟“ ”آءُ؟ هائو، آءُ هن کي چڱيءَ طرح سڃاڻيندو هئس ـــ ڇا، هن ڪڏهن توکي.... پر اها ڳالهه اڻ ٿيڻي آهي جو هو پنهنجي زندگيءَ جي هڪ غير معمولي واقعي جو ڪنهن ٻئي سان ذڪر ڪري.“ ”ڇا سائينجن جو انهيءَ واقعي ڏانهن ته اشارو ڪرڻ ٿا، جڏهن هڪ سر ڦريل نوجوان هن کي چماٽ هنئي هئي؟“ ”ڇا، هن توکي انهيءَ نوجوان جو نالو ڪونه ٻڌايو؟“ ”نه سائين.“ ۽ اوچتو مون کي سچي حقيقت معلوم ٿي ويئي. مون هٻڪندي چيو، ”او! معاف ڪندا.... منهنجو مطلب هو.... مون کي بلڪل خبر نه هئي.... آهي اوهان هئا ڇا؟“ ”هائو،“ ڪائونٽ جي منهن تي ٿوري سختي اچي ويئي هئي. ”هيءَ تصوير منهنجي ۽ سلويو جي آخري ملاقات جي يادگار آهي. انهيءَ تي ڪائونٽيس چيو، ”هاءِ، انهيءَ حادثي جي ڳالهه منهنجي سامهون ته نه

ڪريو. اوهان کي خبر آهي ته انهيءَ جي ڪري مون کي ڪيتري تڪليف ٿي ٿئي." "پر آءٌ ته ضرور پڌائيندس. جيڪڏهن هيءُ سمجهي ٿو ته مون هن جي دوست جي بيعزتي ڪئي هئي، ته هن کي اهو به ڄاڻڻ گهرجي ته سلويي ڪهڙيءَ طرح مون کان پنهنجو وير ورتو." هن منهنجي لاءِ هڪ آرام ڪرسي ويجهي ڪري رکي ۽ آءٌ اهو قصو غور سان ٻڌڻ لڳس.

"منهنجي شاديءَ کي پنج سال ٿيا آهن. شادي ٿيڻ کان پوءِ سڄو سارو مهينو اسان هن ڳوٺ ۾ گذاريو. منهنجيءَ زندگي جا تمام مٺا ڏينهن هن ئي ڳوٺ ۾ گذريا آهن. ۽ منهنجي زندگيءَ جو المناڪ حادثو به هن ئي ڳوٺ ۾ ٿيو آهي.

"هڪ شام اسين ٻئي زال مڙس گهوڙن تي سوار ٿي گهمڻ ٻئي وياسون. رستي ۾ منهنجي زال جو گهوڙو ٿڪجڻ لڳو. هوءَ ٻچي ويٺي ۽ گهوڙي جي واڳ منهنجي هٿ ۾ ڏيئي پاڻ پيرين پيادو گهر ڏانهن ويئي هلي. آءٌ گهوڙي تي سوار ٿي ٿورو اڳتي نڪري ويس. گهر جي ويجهو پهچي ڏٺم ته دروازي جي اڳيان هڪ گاڏي بيٺي هئي. نوڪر ٻڌايو ته ڪو شخص مون سان ملڻ لاءِ پڙهڻ واري ڪمري ۾ انتظار پيو ڪري. پر هن پنهنجي نالي ٻڌائڻ کان انڪار ڪيو آهي. رڳو ايترو چيو اٿس ته ڪو ضروري ڪم اٿم.

آءٌ اندر ويس ته شام جي لڙانيل سوجهري ۾ ڪو ماڙهو نظر آيو. هو مسافريءَ ڪري سارو مٽيءَ ۾ پيوت هو، ۽ سندس سنوارت وڳيل هئي. هو ٻخاري جي سامهون بلڪل هن جاءِ تي بيٺو هو. آءٌ ويجهو وڃي هن کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس. ”ڇا تو مون کي ڪونه سڃاتو، ڪائونٽ؟“ هن ڏڪندڙ آواز ۾ پڇيو. ”سلويو!“ مون ڪان دانهن نڪري ويئي. يقين ڪريو ته هن کي سڃاڻيندي ئي منهنجي جسم جا وار اُڀا ٿي ويا. ”هائو، تو بلڪل صحيح سڃاتو. هاڻي منهنجو وارو آيو آهي ته آءٌ گولي هلايان. آءٌ هت پنهنجو پستول خالي ڪرڻ آيو آهيان. ڇو، تيار آهين؟“ هن جي مُٺين کيسي مان پستول جي نالي ڏسڻ ۾ پئي آئي. مون ٻارهن قدم ماپيا ۽ هن ڪنڊ ۾ ٿي بيٺس. مون هن کي چيو ته جلدي گولي هلاءِ، جيئن منهنجي زال جي اچڻ کان اڳ ۾ ئي معاملو ختم ٿي وڃي. پر هو دير ڪندو رهيو. پهرين هن بتيءَ آڻڻ لاءِ چيو. خير شمعون آڻي ٻاريون ويون. مون ڪمري جي اندران ڪلف هڻي ڇڏيو، جيئن ڪجهه به ٿئي ته ڪو اندر نه اچي سگهي. پوءِ مون هن کي گولي هلائڻ لاءِ چيو. هن پستول ڪڍي شست ٻڌي..... آءٌ پل پل ڳڻڻ لڳس. زال جو خيال مون کي تڙپائي رهيو هو. توبهه، خوف ۽ هراس جو آهو هڪڙو پل ڪهڙو نه خوفناڪ هو.... سلويو

جو هٿ هيٺ ڪري پيو ۽ هن چيو، ”افسوس جو منهنجي پستول ۾ ميوي جون ڪکڙيون ڪين آهن، هن جون گوليون ڏاڍيون ڳريون آهن. مون کي ائين ٿو محسوس ٿئي ته اڄ ڊوئيل ڪونه ٿو وڙهان، پر قتل ٿو ڪريان. چاڪاڻ ته خالي هٿئين ماڻهوءَ تي گولي هلائڻ منهنجو شان ڪونهي. تنهنڪري انهيءَ کان سواءِ پيو ڪوبه چارو ڪونهي ته وري ٿئين مر ڊوئيل وڙهجي ۽ پڪا وجهجن ته پهرين ڪير گولي هلائي.“ منهنجو ته مٿو پئي ڦريو. جيتريقدر مون کي ياد آهي ته مون هن جي انهيءَ ڳالهه کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. پر پوءِ خبر نه آهي ته ڪهڙيءَ طرح هڪڙي پستول ۾ به گوليون پريون ويون. ڪاغذ جي ٻن پرزن تي ڪجهه لکي انهن کي ويڙهي سيڙهي انهيءَ ٽوپيءَ ۾ وڌو ويو، جنهن کي هڪ ڏينهن مون نشانو بنايو هو. هن پيري به پڪو منهنجي نالي نڪتو. هن هڪڙي اهڙي زهر پريل مرڪ سان جيڪا اڄ ڪڏهين به وساري نٿو سگهان چيو، ”ڪائونٽ! تنهنجو ڀاڳ ته شيطان کان به مٿو آهي.“ اڄ تائين منهنجي سمجهه ۾ ڪونه آيو ته هن مون کي ڪهڙيءَ طرح ان لاءِ تيار ڪيو ۽ اهو سوڪجهه، ڪيئن ٿيو جو مون پهرين گولي هلائي، جيڪا هن تصوير تي وڃي لڳي.“ ڪائونٽ گوليءَ جي نشانن واريءَ تصوير ڏانهن اشارو ڪندي چيو،

هن جو منهن تپي سرخ ٿي ويو هو. ڪائونٽيس جو مُنهن هن جي شال ڪان به وڌيڪ اڇو هو. منهنجي منهن مان رڙ نڪري ويئي.

”مون پنهنجي گولي هلائي.“ ڪاؤنٽ پنهنجي ڳالهه پڌائيندي چيو، ”شڪر آهي جو منهنجو نشانو خطا ٿي ويو. هاڻي سلويو شست پڌي.“ ڪاوڙ ۽ ڪروڌ سبب هن جو منهن ڳاڙهو ٽانڊا ٿي ويو. بنهه انهيءَ وقت دروازو کليو ۽ ماشا اندر ڪهڙي آئي ۽ رڙيون ڪندي مون سان چنبڙي پئي. هن کي ڏسندي ئي منهنجو ماؤف دماغ وري ڪم ڪرڻ لڳو. مون ڏاڍيءَ سانت سان هن کي چيو، ’منڙي! تون ڏسين نٿي ته اسين چرچو پيا ڪريون. ڏس ته تو پنهنجي هيءَ ڪهڙي حالت ڪئي آهي. وڃ وڃي پاڻي پاڻي پيءُ، پوءِ هت اچ. آءٌ توکي پنهنجي پراڻي ۽ عزيز دوست سان ملائڻ گهران ٿو.‘ ماشا کي منهنجيءَ ڳالهه تي اعتبار نه آيو.

’چا، منهنجو مڙس سچ چوي ٿو؟‘ ماشا همت ڪري سلويو کان پڇيو، ’چا اوهان ٻيئي سچ پچ چرچو ٿا ڪريو؟‘ ’هيءُ ته سدائين چرچا ڪندو رهيو آهي، ڪاؤنٽيس! هڪ ڀيري هن چرچي چرچي ۾ منهنجي منهن تي ٿڦڙ هڻي ڪڍيو هو. وري هن چرچي چرچي ۾ پستول جي گوليءَ سان منهنجي ٽوپيءَ کي نشانو بنايو ۽ هينئر به چرچو ڪندي هن گولي

هلائي، پر نشانو خطا ٿي ويس. هاڻي ته منهنجي دل چوي ٿي ته آءٌ به ڇرڇو ڪريان.' ائين چئي، هن ماشا جي اڳيان مون تي شست ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي. ماشا هن جي پيرن تي ڪري پئي. مون ڪان رڙ نڪري ويئي، "ماشا! هيءَ ڇا ٿي ڪرين اٿ، توکي شرم نٿو اچي؛ مهربان! هڪ بيوس ۽ بدنصيب عورت تان ٺٺولي ڪرڻ ڪٿي جي مردانگي آهي؟ اوهان گولي هلائيندا يا نه؟' 'نه' سلويو جواب ڏنو، 'مون تنهنجي منهن تي خوف ۽ هراس جو پاڇولو ڏسي ورتو. تو مون تي پهريو پيرو به گولي هلائي. هاڻي مون کي اطمينان ملي ويو. منهنجي لاءِ ايترو ئي بس آهي. هاڻي تون مون کي ڪڏهن به وساري نه سگهندين. آءٌ تنهنجو فيصلو تنهنجي ضمير تي ڇڏيان ٿو.' ائين چئي، هو ٻاهر وڃڻ لاءِ در ڏانهن ويو، پر دروازي وٽ بيهي هن انهيءَ تصوير ڏانهن ڏٺو، جنهن تي منهنجي گولي لڳي هئي ۽ سواءِ ڪنهن شست وٺڻ جي هن پستول مان گولي هلائي ۽ گم ٿي ويو. گوليءَ جو آواز ٻڌي، منهنجي زال ته بيهوش ٿي ويئي. انهيءَ واقعي سبب اسان جو نوڪر ايترو ته حيران هو جو سلويو کي روڪڻ جي همت ئي نه ساري سگهيو. سلويو ڪمري مان نڪري، پنهنجي سائيس کي سڏ ڪيو ۽ انهيءَ ڪان پهرين جو آءٌ پنهنجن حواسن ۾ اچان، هو وڃي چڪو هو."

ڪائونٽ خاموش ٿي ويو ۽ اهڙيءَ طرح مون کي هن عجب جهڙيءَ ڪهاڻيءَ جي خبر پيئي، جنهن جي شروعات مون تي ايتريقدر اثر ڪيو هو. هن ڪهاڻيءَ جي هيرو مان منهنجي وري ڪڏهن به ملاقات نه ٿي سگهي. پر چون ٿا ته اليڪساندر اپسلانتيءَ جي بغاوت وقت، سلويو هڪ فوجي دستي جي اڳواڻي ڪئي ۽ اسڪوليانيءَ جي لڙائيءَ ۾ مارجي ويو.

گلن جي ڪونڊي

ڪنهن زماني ۾، ميسينا شهر ۾ ٽي ڀائر رهندا هئا. اهي واپاري هئا ۽ سندن پيءُ جي مرڻ کان پوءِ ڪيترو ئي مال کين ورثي ۾ مليو هو. انهن ڀائرن کي هڪ ڀيڻ به هئي، جنهن جو نالو لزابيتا هو. هوءَ ڏاڍي خوبصورت هئي، پر ڪن سببن ڪري هن جي اڃا شادي نه ٿي هئي. انهن ٽن ڀائرن جي دڪان تي پيسا جو رهاڪو، لورينزو، ملازم هو جيڪو واپار وڙي جو سمورو ڪم سنڀاليو ويٺو هوندو هو. هو نهايت خوبصورت ۽ بهادر شخص هو. لزابيتا انهيءَ جوان تي موهجي پئي. ۽ هن جي هر ڪا خدمت ۽ خاطرداري ڪرڻ لڳي. لزابيتا جو اهو رويو ڏسي لورينزو پنهنجا اڳوڻا عشقي معاملا ڦٽا ڪري، پنهنجي تن ۽ من سان لزابيتا کي پيار ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويو. اهڙيءَ طرح، هنن جو پيار جيئن پوءِ تيئن پختو ٿيندو ويو، ۽ نيٺ پيئي عشق جون اهي حدون به لتاڙي ويا، جنهن جي لاءِ ٻنهي جي دلين ۾ بيقراري ۽ بيچيني هئي. حقيقت ۾ عشق هنن جي اکين تي پٽي ٻڌي ڇڏي هئي، جنهنڪري کين پنهنجي اڪيلائيءَ جو به احساس نه رهيو.

هڪ رات لزابيتا چپ چاپ لورينزو جي رهڻ واري ڪمري ۾ پئي ويئي ته منڊس وڏي پاڪ ڪيس ڏسي ورتو. انهيءَ تي پاڻس کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي، پر سمجهو ۽ عقلمند هجڻ سبب هن انهيءَ وقت ماٺ ۾ چڱائي سمجهي ۽ ساري رات انهيءَ نڪر ۽ ڳڻتيءَ ۾ پاسا ورائيندي گذاريائين ته ڪهڙيءَ حڪمت ڪان ڪم ونجي، جو نانگ به مري ۽ لٺ به نه ڀڄي. صبح ٿيو ته هن پنهنجن ڀائرن کي لزابيتا ۽ لورينزو جي معاملي بابت رات واري سڄي روئداد ٻڌائي. هن کين اهو به ٻڌايو ته نه رڳو اسان سڀني لاءِ، پر خود لزابيتا لاءِ بيعزتيءَ جي ڳالهه آهي. گهڻي بحث مباحثي کان پوءِ هو ان نتيجي تي پهتا ته انهيءَ معاملي ۾ في الحال ماٺ ڀلي آهي ۽ ائين ظاهر ڪيو وڃي ته اسان کي ته انهيءَ جي بنهه ڄاڻ ڪانهي. پوءِ اهڙي ڪا ڪيڏ ڪيڏجي جو نهايت آسانيءَ ۽ سولائيءَ سان انهيءَ بدناميءَ جي ٽڪي کي مٽائي ڇڏجي، جيئن معاملو ئي ختم ٿي وڃي.

انهيءَ نتيجي تي پهچي، هو وري پنهنجن ڪمن ڪارين ۾ لڳي ويا ۽ اڳي وانگيان لورينزو سان کيل ڀوڳ ڪرڻ لڳا. ڪن ڏينهن گذرڻ کان پوءِ، ٽنهي ڀائرن ٺلايو ته اسين گهمڻ ڦرڻ ۽ سئر ڪرڻ لاءِ جلد ئي ٻاهر وڃنا آهيون. جڏهن ٽيئي ڀائر ان سفر تي روانا ٿيا تڏهن لورينزو کي به پاڻ سان وٺي ويا. هلندي

ھلندي ھو ھڪ اھڙي جاءِ تـي پھتا، جتي نڪو ھو پڪي، نڪو پکڻ. و جھہ ڏسي، ٽنھي ڀائرن بي يار و مددگار لورينزو کي ڪٺي سو ڳھو جھليو ۽ قتل ڪري، ھن کي اتيئي اھڙيءَ طرح زمين ۾ دفن ڪري ڇڏيائون، جو ڪنھن کي بہ خبر نہ پئجي سگھي.

جڏھن ھو ميزينا موٽي آيا، تڏھن ھنن مشھور ڪيو تہ اسان واپاري ڪم سانگي لورينزو کي پرانھين ڏيھہ ڏانھن اماڻيو آھي. ھنن جي انھيءَ ڳالھہ تي سيني ماڻھن اعتبار ڪيو، ڇاڪاڻ تہ لورينزو اڳي بہ اھڙا ڪيترائي سفر ڪيا ھئا. پر گھڻن ڏينھن گذرڻ کان پوءِ بہ لورينزو واپس نہ آيو، تہ لزابيتا بيتاب ٿي پنھنجن ڀائرن کان ھر ھر پڇڻ لڳي تہ ھو ڪٿي آھي ۽ ڪيڏانھن ويو آھي؟ ھڪڙي ڏينھن ھن ٿورو سختيءَ سان پڇا ڪئي جنھن تي ھڪ ڀاءُ وراڻيس، "تنھن ۾ تنھنجو ڪھڙو مطلب؟ لورينزو سان تنھنجو آخر ڪھڙو واسطو، جو تون ھر ھر ھن جي پڇا ڪرين ٿي؟ اسان کان انھيءَ باري ۾ ھاڻ وڌيڪ پڇا ڳاڇا نہ ڪر، نہ تہ اھڙو جواب ملندءِ جنھن جي لائق آھين!"

ڇوڪري تہ ويچاري اڳ ۾ ئي ڏکويل ۽ ستايل ھئي، سو اھو جواب ٻڌي ويتر ٻچي ويئي. ۽ انھيءَ باري ۾ سوال ڪرڻ ئـي ڇڏي ڏنائين. پر جڏھن رات ٿيندي ھئي، تڏھن لزابيتا ھنجون ھاريندي، لورينزو کي سڏ ڪندي ھئي. ھوءَ ساري رات ڦٿڪندي لڇندي ۽ تڙڦندي گذاريندي ھئي.

ڪيترائي ڏينهن لنگهي ويا، پر لورينزو موٽي نه اچڻو هو سو نه آيو. هڪڙي رات لزابيتا جي روئندي روئندي اک لڳي ويئي ۽ هن لورينزو کي خواب ۾ ڏٺو. هو سچو هئڊو ۽ تباهه حال پئي ڏسڻ ۾ آيو. هن جا ڪپڙا ڦاٽل ۽ ليڙون ليڙون ٿيل هئا. لزابيتا هن کي ڏسندي ۽ سوچيندي رهي ته ايتري ۾ هن چيو، "لزابيتا! تو مون کي سڏيو آهي ۽ آءٌ اچي ويو آهيان. منهنجي لاءِ تو روئي روئي پنهنجو هيءُ ڇا حال ڪيو آهي، پر تو کي چاڻڻ گهرجي ته آءٌ تو وٽ واپس نه اچي سگهندس. جاڪاڻ ته جنهن ڏينهن تو مون کي آخري ڀيرو ڏٺو هو، انهيءَ ڏينهن تنهنجن ڀائرن مون کي قتل ڪري ڇڏيو هو." انهيءَ کان پوءِ لورينزو، لزابيتا کي اها جاءِ به ٻڌائي، جتي هنن کيس دفن ڪيو هو. وڌيڪ چيائينس ته هاڻي نه تون مون کي سڏ ڪندي ڪر، ۽ نه ڪا منهنجي اچڻ جي اميد رک. ائين چئي هو غائب ٿي ويو.

ڇوڪري ڇرڪ ڀري اٿي، ۽ اهو خيال ڪندي ته اهو سپڪجهه، وهم هو، هوءَ زار زار روئڻ لڳي. پر جڏهن صبح جو هوءَ سجاڳ ٿي، تڏهن پنهنجن ڀائرن سان ڳالهه ڇورڻ بدران هن فيصلو ڪيو، ته آءٌ انهيءَ هنڌ تي پاڻ ويندس ۽ جيڪي ڪجهه خواب ۾ ڏٺو اٿم، ان جي پاڻ تصديق ڪنديس.

اهو فيصلو ڪري، هوءَ پنهنجيءَ هڪ رازدار ساهيڙيءَ
کي جيڪا هن جي نوڪرياڻي به رهي چڪي هئي،
ساڻ ڪري گهمڻ ڦرڻ جي بهاني سان شهر کان ٻاهر
ويئي. نيٺ انهيءَ هنڌ تي پهچي زمين تان ڪک پن
ٻاسي ڪري، اتي کوٽڻ شروع ڪيو، جتي زمين
ٿوري نرم هئي. اڃا هن ٿورو ئي کوٽيو، ته هن
کي پنهنجي بدنصيب عاشق جو جسم نظر آيو، جيڪو
اڃا تائين تازو پئي معلوم ٿيو. اهو ڏسي، هن کي
يقين ٿيو ته سندس خواب سچو هو. هن ويچاريءَ
دکدائڪ ڇوڪريءَ اهو به محسوس ڪيو ته اتي ماتم
ڪرڻ ممڪن نه هو نه وري اهو ٿي سگهيو ٿي ته
لورينزو جي جسم کي اتان ڪڍي ڪنهن ٻئي هنڌ
شانائتي نموني سان دفن ڪيو وڃي. جيتوڻيڪ ائين
ڪندي هُن کي وڏيڪ خوشي ٿئي ها. پر جيئن ته
هوءَ ائين به نه ٿي ڪري سگهي، سو هن چاقو ڪڍي
ڏاڍيءَ سنڀال سان لورينزي جي منڍيءَ کي جسم کان
جدا ڪري هڪ رومال ۾ ويڙهي، پنهنجي نوڪرياڻيءَ
جي جهوليءَ ۾ رکي. ان کان پوءِ جسم کي ماڳئي
هنڌ دفن ڪري، هوءَ انهيءَ هنڌان رواني ٿي ۽ گهر
پهتي. گهر پهچي هن ٻاڻ کي پنهنجي ڪمري ۾
ڪٽي بند ڪيو. هن لورينزو جي منهن جي هرهڪ
حصي کي هزارين ڀيرا چُميون ڏنيون ۽ ان کي
پنهنجي جهوليءَ ۾ رکي، زار زار روئڻ لڳي. هوءَ

ايترو تہ رڳني جو لورينزو جو منهن مندس ڳوڙهن سان ڌوپجي صاف ٿي ويو. پوءِ هن ان کي هڪ عمدي ڪپڙي جي ٽڪر ۾ ويڙهي، هڪ اهڙي وڏيءَ ۽ سهڻيءَ ڪونڊيءَ ۾ رکيو، جنهن ۾ نازبوءِ جو ٻوٽو پوکيو آهي. اهڙيءَ طرح، ڪونڊيءَ ۾ سر رکي ان جي مٿان مٽي وجهي، ان مٽيءَ ۾ هن نازبوءِ جون سونهري ڇڪيون پوکيون. هوءَ انهيءَ ٻوٽي کي يا تہ پنهنجن ڳوڙهن جو پاڻي ڏيندي هئي، يا تہ گلاب يا نارنگيءَ جي گلن جو عطر ڏيندي هئي. هن جي اهائي مرضي هوندي هئي تہ سارو وقت انهيءَ ڪونڊيءَ جي ڀرسان ويٺي هجي، ۽ انهيءَ کي تڪيندي رهي. جڏهن ڪيس اتي ويٺي ويٺي گهڻو وقت ٿي ويندو هو، تڏهن هو ڪونڊيءَ جي مٿان جهڪي ايترو تہ روئيندي هئي، جو نازبوءِ جو ٻوٽو هُن جي ڳوڙهن سان ڌوپجي ويندو هو.

اهڙيءَ سار سنڀال ڪان پوءِ، ڪونڊيءَ ۾ پيل سر جي ڪري مٽيءَ ۾ ايتري تہ قوت ۽ طاقت پيدا ٿي، جو نازبوءِ جو ٻوٽو جلدي جلدي وڌندو ويو. ۽ هڪ خوبصورت وڻ ٿي پيو ۽ ان مان ڏاڍي خوشبوءِ اچڻ لڳي. هوڏانهن لزابيتا بہ ڀاڙيسرين ۾ اچڻ وڃڻ بند ڪري ڇڏيو هو، جنهنڪري وقت بوقت هنن ۾ چوڪچو ٿيندي هئي. لزابيتا جي سونهن برباد ٿيندي ويئي ۽ هن جون اکيون ٻنهي ڏرا ڏيئي وئيون هيون.

پيءُ جي اهڙي حالت ڏسي، پائرن کي ڏاڍو عجب ٿيو ۽ پنهنجن پاڙيسرين کي اهوئي چوندا رهيا ته ”اسين به ڏسندا رهون ٿا، هاڻي ته اِها سندس عادت ٿي ويئي آهي.“ هنن، پيءُ کان سندس اهڙيءَ حالت بابت هڪ-ٻه ڀيرا پڇا به ڪئي، جنهن تي هُن ڪين ڪو به جواب ڪونه ڏنو. نيٺ هو انهيءَ نتيجي تي پهتا ته چوڪريءَ جي تباهيءَ جو سبب ڪ اِها ڪونڊي ئي آهي. اهو ويچار ڪندي، هنن اِها ڪونڊي غائب ڪري ڇڏي. لزابيتا جو ڪونڊيءَ کي نه ڏٺو، سو وٺي هاءِ گهوڙا ڪرڻ لڳي. هن گهڻو ئي پائرن کي ليلايو ته ڪونڊي واپس ڏيو، پر هنن صاف انڪار ڪري ڇڏيو، جنهن تي هوءَ ايترو ته رُني ۽ رڙي جو ڪمٽ وٺي پئجي رهي. بيماريءَ جي حالت ۾ به هوءَ اهوئي چوندي رهي ته مون کي نازبوءِ جي ڪونڊي آڻي ڏيو. انهيءَ تي پائرن کي ڪجهه شڪ پيو ۽ هنن سوچيو ته انهيءَ ڪونڊيءَ ۾ آهي ڇا؟ تنهنڪري هو ڪونڊيءَ مان مٽي ڪڍڻ لڳا ته ڪين ڪپڙو نظر آيو. جنهن ۾ منڍي هئي جوڪا اڃا خراب نه ٿي هئي. مٿي جا گهنڊيدار وار ڏسي، هنن سُڃاتو ته اهو لورينزو جو مٿو هو. هنن جي حيرت جي ڪا حد ئي نه رهي ۽ خوف ٿين ته متان ماڻهن کي خبر پوي، سو هڪدم منڍيءَ کي ڪڍ ڪوٺي، پوري

ڇڏيائون ۽ ڇپ ڇاپ ۾ ميزينا شهر کي ڇڏي، نيپلز شهر ڏانهن هليا ويا.

ڇوڪريءَ روئڻ نہ ڇڏيو ۽ ڪونڊيءَ جي گهر ڪندي رهي. آخر اهڙيءَ طرح، روئيندي روئيندي، هن پنهنجا پساهہ پورا ڪيا.

●

پاڻر

اسڪول ماستر جو نالو پارڪ هو، ۽ سندس پاءُ جو نالو ائنڊرسن هو. پيئي هڪڙي جو ڏاڍو خيال رکندا هئا. پيئي گڏجي فوج ۾ ڀرتي ٿيا، شهر ۾ گڏجي رهيا، لڙائيءَ ۾ گڏ وڙهيا. فوج جي ساٿيءَ ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ڪيائون ۽ پيئي، ترقي ڪندا هڪ ئي عهدي تي وڃي پهتا. جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ، جڏهن گهر واپس آيا، تڏهن ماڻهن سندن دليريءَ ۽ بهادريءَ جي ڏاڍي ساراهه ڪئي.

ٿوري پڇڻ کان پوءِ سندن پيءُ وفات ڪئي. هو جيڪا ٿوري گهڻي ملڪيت ڇڏي ويو، تنهن جي ٻن پاڻرن ۾ ورهاست ڏاڍي مشڪل بڻجي پئي. تنهنڪري هنن ٻنهي ڀائرن ۾ فيصلو ڪيو ته انهيءَ ملڪيت تي تڪرار ڪرڻ بدران بهتر ٿيندو ته سموري ملڪيت نيلام ڪرائجي، ۽ جنهن ڀاءُ کي جيڪا شئي گهرجي، اها آن وقت خريد ڪري.

انهيءَ فيصلي مطابق هنن نيلام جو انتظام ڪيو. هنن جي پيءُ وٽ هڪ اهڙي سوني واچ هئي، جنهن جي ٻري تائين ماڻهو واڪاڻ ڪندا هئا،

چاڪاڻ تہ انهيءَ تہ ۾ اهائي هڪڙي سوني واچ هئي، جنهن کي آئي جي ماڻهن پنهنجي زندگيءَ ۾ پهريون دفعو ڏٺو هو. جڏهن انهيءَ واچ جو نيلام ٿيڻ لڳو، تڏهن ڪيترائي شاهوڪار ماڻهو انهيءَ کي خريد ڪرڻ لاءِ واڪ ڏيڻ لڳا. پر هنن پنهي پائرن کي بہ واڪ ڏيندو پڏي، هو چُپ ٿي ويا. بارڊ سمجهيو تہ ائنڊرسن اها واچ مون کي خريد ڪرڻ لاءِ ڏيندو ۽ ائنڊرسن سمجهيو تہ بارڊ انهيءَ تان هٿ ڪڍندو. پر واري واري سان هو واڪ ويا وڌائيندا ۽ هڪٻئي تي چڙهت جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. جڏهن واچ جي قيمت ويهن ڊالرن تائين وڃي پهتي، تڏهن بارڊ کي محسوس ٿيو تہ پاڻس کي ائين ڪرڻ نہ کپندو هو. هن تنهنڪري وڏا وڏا واڪ ڏيڻ شروع ڪيا ۽ واچ جي قيمت وڃي ٽيهن ڊالرن تائين پهتي. انهيءَ تي بہ جڏهن ائنڊرسن واچ تان بہ هٿ نہ ڪنيو، تڏهن بارڊ جي دل ۾ آيو تہ هيءَ ڪهڙو پاءُ آهي، جنهن کي اها بہ يادگيري نہ رهي آهي تہ مون ماڻس ڪهڙا ڀير پريا آهن! انهيءَ کان سواءِ آءٌ ڪائنس وڏو بہ آهيان. مطلب تہ واچ جو واڪ چڙهندو ويو، ۽ ائنڊرسن بہ پنهنجيءَ ڳالهہ تان ڪين لٿو. بارڊ هڪدم چاليهن ڊالرن جو واڪ ڏنو ۽ پنهنجي پاءُ ڏانهن ڏٺائين بہ ڪين. ڪمري ۾ جوڏاري چپ چپات ٿي ويئي. رڳو بيلف هر هر واڪ جي قيمت پئي پڏائي. ائنڊرسن ويچار ڪيو تہ جيڪڏهن بارڊ چاليهن ڊالرن

ڪان مٿي جو واڪ ڏيندو تہ آءٌ بہ ايڏو واڪ ڏئي سگهان ٿو ۽ جيڪڏهن واچ جي ڪري بارڊ مون تان سڙي ٿو تہ آءٌ اها ضرور حاصل ڪندس. اهو سوچي، هن وڏيڪ واڪ ڏنو. بارڊ کي محسوس ٿيو تہ، سندس زبردست بيعزتي ڪئي ويئي آهي. هن آهستي آهستي پنجاهہ ڊالرن جو واڪ ڏنو. چوڌاري ڪيترائي ماڻهو بيٺا هئا. اينڊرسن پڪو پهہ ڪيو تہ آءٌ پاڻ کي هرگز اهڙي اجازت نہ ڏيندس تہ ماڻهن جي اڳيان منهنجي اهڙيءَ طرح بيعزتي ڪري. تنهنڪري هن ويتر وڏيڪ واڪ ڏنو. بارڊ ٿڪ ڏئي ڪلهي ڏنو.

"هڪ سؤ ڊالر ۽ انهن سان گڏ آءٌ پنهنجي پيائپيءَ جو بہ سودو ڪرڻ لاءِ تيار آهيان"، ائين چئي، هن پٺي ورائي ۽ ڪمري مان ٻاهر نڪري هليو ويو.

ٿوريءَ دير کان پوءِ، جڏهن هن نيلام ۾ خريد ڪيل گهوڙي تي زين ٺاهي پٺي رکي، تڏهين ڪمري مان هڪ ماڻهو نڪري وٽس آيو.

"واچ تنهنجي ٿي، اينڊرسن انهيءَ تان دست کڻي ڇڏيو."

انهيءَ خبر پڌڻ شرط هن جي پيشاني شرمندگيءَ ۽ ندامت وچان پگهرجي ويئي. اُن وقت هن جي ذهن ۾ واچ جي بدران پاڻ جو خيال ڦرڻ لڳو. هو گهوڙي تي زين رکي چڪو هو، پر سوچڻ لڳو تہ گهوڙي تي سوار ٿجي يا نہ؟ انهيءَ وچ ۾ ڪيترائي

ماڻهو ٻاهر نڪري آيا، جن ۾ اينڊرسن به هو. اينڊرسن جڏهن گهوڙي تي زين ڏني ۽ پاڻ کي وڃڻ لاءِ تيار ڏٺائين، تڏهن هن کي سمجهه ۾ نه آيو ته پارڊ ڪهڙي ويچار ۾ غرق آهي.

"واچ لاءِ مهرباني پارڊ!" هن پريان رڙ ڪندي چيو، "هاڻي اهو ڏينهن ڪڏهن به ڪونه ايندو، جڏهن آءٌ تنهنجي پٺيان پٺيان هلندس!"

"۽ نه وري تون اهو ڏينهن ڏسندين، جڏهن آءٌ تنهنجي در تي ايندس!" پارڊ جواب ڏنو ۽ لانگ ورائي گهوڙي تي سوار ٿيو. هن جو منهن هارجي ويو هو.

انهيءَ واقعي کان پوءِ، ٻنهي مان ڪنهن هڪ به انهيءَ گهر ۾ قدم نه رکيو، جنهن ۾ هو پنهنجي پيءُ ماءُ گڏ رهندا هئا.

ڪجهه وقت کان پوءِ اينڊرسن هڪ هاريءَ جي گهران شادي ڪئي، پر هن پنهنجي ڀاءُ پارڊ کي شاديءَ جي دعوت نه ڏني ۽ نه وري پارڊ ئي شاديءَ جي رسم ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ديول ۾ ويو. شاديءَ جي پهرئين سال، اينڊرسن پنهنجي پياري ڳئون وڃائي ويٺو. هڪڙي ڏينهن صبح جو گهر جي اتر طرف، جتي ڍڳيءَ کي ٻڌو ويندو هو، هوءَ مئي پئي هئي. ڪوبه ماڻهو چئي نه سگهيو ته ڍڳي آخر ڪيئن مئي! مٿس پيون به ڪيتريون ئي مصيبتون نازل ٿيون ۽ هن جي بد ڪان

جڏهن حالت ٿيندي ويئي، پر سڀ کان وڏي مصيبت مٿس تڏهن نازل ٿي، جڏهن ته سياري ۾ هڪ رات مندس سڄو پانڌو ۽ ان ۾ پيل سڄو اناج وغيره سڙي رک ٿي ويو هو. ڪنهن کي به خبر نه هئي ته باهه ڪيئن لڳي.

”اها حرڪت انهيءَ شخص جي هوندي، جيڪو منهنجو بدخواهه هوندو“، ائنڊرسن چيو، ۽ ساري رات هو روئندو رهيو. هو ويچارو مفلس ۽ محتاج ٿي ويو ۽ پنهنجي ڪم ڪار ۾ ذرو به دل ڪانه ٿي لڳيس.

باهه لڳڻ جي پٺيءَ ڏينهن شام جو، بارڊ پنهنجي پاڙ جي گهر آيو. ائنڊرسن پنهنجي هنڌ تي ليٽيو پيو هو، پر بارڊ کي ڪمري ۾ ايندي ڏسي، ٽپ ڏيئي اٿيو.

”تون هت ڇا لاءِ آيو آهين؟“ هن پڇيو ۽ ٿوري دير تائين ماٺ ڪري پاڙ کي گهوريندو رهيو.

بارڊ جواب ڏيڻ کان اول ٿورو سوچڻ لڳو.

”ائنڊرسن، آءٌ توکي مدد ڪرڻ گهران ٿو. تون تڪليف ۾ آهين.“

”منهنجي حالت اڃان ايتري خراب نه ٿي آهي، جيتري تون چاهين ٿو! هليو وڃ نه ته خبر نه آهي ته آءٌ ڇا ڪندس.“

”تون ڀليل آهين، ائنڊرسن! — آءٌ ته افسوس —“

”هليو وڃ بارڊ! ڌڻي تعاليٰ اسان تي فضل ڪندو.“

بارڊ هڪدم پٺتي هٽي بيٺو.

”جيڪڏهن توکي واچ گهرجي،“ هن ڏکندڙ آواز ۾ چيو، ”تون اها حاصل ڪري سگهين ٿو.“

”هليو وڃ بارڊ!“ ائنڊرسن واڪو ڪندي چيو ۽ بارڊ وڌيڪ ترسڻ مناسب نہ سمجهيو ۽ هليو ويو.

انهيءَ حادثي کان پوءِ، بارڊ جڏهن بہ پنهنجي ياءُ جي تڪليف ۽ ڏکن بابت خبرون پڙندو هو، تڏهن هن کي دلي رنج پهچندو هو. پر پنهنجيءَ عزت جو خيال ڪري، چپ ٿي ويندو هو. ڪيترائي ڀيرا هن کي ديول ۾ وڃڻ جو خيال ٿيو. ۽ ديول ۾ وڃي عبادت ڪندي هن ڪيترائي سٺا ارادا بہ ڪيا پر همت نہ هجڻ ڪري هو پنهنجن ارادن کي پورو نہ ڪري سگهيو. انهيءَ هوندي بہ هو گهڻو ڪري پنهنجي ياءُ جي گهر طرف ويندو هو؛ پر اتفاق سان يا تہ ڪو گهر مان ٻاهر پيو ايندو هو، يا وري ونس ڪي ڏاريا ماڻهو ويٺا هوندا هئا، يا ائنڊرسن گهر جي ٻاهران پيو ڪاٺيون وڍيندو هو ـــ مطلب تہ ڪا نہ ڪا رڪاوٽ، هن جي راهہ ۾ اچي ويندي هئي.

هڪ آچر ڏينهن، جڏهن سياري جي پڇاڙي هئي، تڏهن بارڊ ديول ويو. انهيءَ ڏينهن ائنڊرسن بہ ديول ۾ آيو هو. بارڊ هن کي ڏسي ورتو. هو سڄو هنڊو ۽ ضعيف ٿي ويو هو ۽ هن کي اهي ئي ڪپڙا پيل هئا، جيڪي هو انهيءَ زماني ۾ پائيندو هو، جڏهن ڀائرن ۾ ڪوبہ نفاق نہ هو. اهي ڪپڙا ڦاٽي ويا

هئا ۽ ڪيترن ئي هنڌن تي انهن ۾ چتيون لڳل هيون. عبادت شروع ٿيڻ کان پوءِ، ائنڊرسن سمورو وقت پادريءَ ڏانهن ڏسندو ئي رهيو. پارڊ کي ائين محسوس ٿيو ته هن ۾ ڏاڍي نهٺائي ۽ نماڻائي اچي ويئي هئي. هو هن جي ننڍپڻ جا ڏينهن ياد ڪرڻ لڳو. انهن ڏينهن ۾ ائنڊرسن کهڙو نه ملڇڻو ڇوڪرو هو. انهيءَ ڏينهن پارڊ، حضرت عيسيٰ جي بوتي اڳيان وڃي قسم کنيو ته کڻي ڇا به ٿئي، پر ائنڊرسن سان ضرور صلح صفائي ڪبي. ۽ جڏهن هن نذر جو شراب پيتو، تڏهن سندس اهو ارادو وڌيڪ پختو ٿي ويو. واپس ايندي وقت هو سڌو ائنڊرسن ڏانهن وڌيو ته جئن هن جي پرسان وڃي سگهي، پر ڪو ماڻهو وچ ۾ بيٺل هو، جنهنڪري ائنڊرسن ڪنڌ متي نه کڻي سگهيو. عبادت ختم ٿيڻ کان پوءِ، وري هڪ پي رنڊڪ پيدا ٿي: ديول ۾ ڪيترائي ماڻهو هئا؛ ائنڊرسن سان گڏ سندس زال به هئي، جنهن کي پارڊ ته سڃاڻندو به نه هو. هن فيصلو ڪيو ته ائنڊرسن سان سندس گهر ۾ ملڻ جي ڪوشش ڪبي ۽ اتي ئي ساڻس آرام سان ڳالهه ٻولهه ڪبي.

شام ٿي ته پارڊ گهران نڪتو. هو سڌو پاڻ جي گهر ڏانهن ويو. ۽ در تي اچي بيٺو. اندر وڃڻ کان اول هو ڪجهه ويچارڻ لڳو. گهر ۾ ائنڊرسن جي زال پڻ ڳالهايو.

"اڄ صبح جو هو ديول جي خاص ڪمري ۾ به ويٺو هو،" هن چيو پئي، "مون کي پڪ آهي ته هن توهانجي لاءِ پئي سوچيو."

"نه، هن منهنجي لاءِ نه پئي سوچيو،" اينڊرسن جواب ڏنو، "آءٌ هن کي چڱيءَ طرح ڄاڻان. هو رڳو پنهنجي لاءِ سوچيندو آهي."

وري ڪيتري وقت تائين چپ چپات ٿي ويئي. بارڊ اتي ئي ويٺو رهيو ۽ جيتوڻيڪ رات ڏاڍي ٿڌي هئي، پر هو سڄو پگهر ۾ شل ٿي ويو هو. گهر ۾ اينڊرسن جي زال ڪٽلي پئي گرم ڪئي؛ چلهه مان ڪاٺين جي سڙڻ ۽ باهه جي پٽڪڻ جا آواز پئي آيا؛ ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ٻار جي روئڻ جو آواز ٿي آيو، جنهن کي اينڊرسن ريجهائي پئي. نيٺ اينڊرسن جي زال وري ڳالهايو.

"تون سمجهين يا نه، مون کي پڪ آهي ته اوهين ٻئي هڪبئي بابت سوچيو ٿا."

"ڪا به ڳالهه ڪر،" اينڊرسن جواب ڏنو.

ٿوريءَ دير کان پوءِ، هو ٻاهر وڃڻ لاءِ اٿيو. بارڊ پاڻ لڪائڻ لاءِ ڪاٺين جي مٿنهن ڏانهن ويو؛ پر اينڊرسن به ان طرف ڪاٺيون کڻڻ لاءِ آيو. بارڊ جنهن جاءِ تي ويٺو هو، اتان هو اينڊرسن کي چڱيءَ طرح ڏسي پئي سگهيو. هن آچر ڏينهن وارا ننل ڦاٽل ڪپڙا لاهي ڇڏيا هئا ۽ ڪيس بارڊ جهڙا ڪپڙا پيل هئا. اهي ڪپڙا ساڳيا هئا، جن بابت پنهي پاڻ ۾ انجام

ڪيو هو ته اهي پنهنجن پنهنجن پارن کي ورڻي ۾ ڏيندا سون. اينڊرسن هاڻي آهو اڳوڻو اينڊرسن نه رهيو هو. هو سچو سُڪي سڙي ويو هو. ۽ سندس مضبوط ۽ جانٺو جسم ڪاني ٿي ويو هو. خاموشيءَ ۾ بارڊ کي پنهنجي کيسي ۾ پيل واچ جي ٽڪ ٽڪ صاف پڌڻ ۾ پئي آئي. اينڊرسن مٿي، ڏانهن وڌندو ويو، پر اُتان ڪانيون ميڙڻ لاءِ جُهڪڻ بدران هو ٽوڏيءَ کي ٽيڪ ڏيئي بيٺو ۽ مٿي چمڪندڙن تارن سان ڀريل آسمان ڏانهن نهارڻ لڳو. هن پوءِ هڪ ٿڌو ساهه ڀريو ۽ پنهنجو پاڻ چوڻ لڳو: 'خير — خير — خير — منهنجا خدا، منهنجا خدا!'

جيستائين بارڊ جيئرو رهيو، تيستائين هو اهي لفظ وساري نه سگهيو. هُن، اُن وقت اوٽ مان ٻاهر ڪري اچڻ ٿي گهريو، پر پاڙس کنگهيو ۽ هن لاءِ اڳتي وڌڻ مشڪل ٿي پيو. اينڊرسن ڪاٺين جي ڀري کڻي، ۽ جيئن ئي ٻاهر نڪتو ته پاڙس جي ايترو ويجهو لنگهيو جو ڪاٺين جون ڇيڙيون هن جي مُنهن ٿي لڳيون.

هو اتي ڏهه منٽ کن وڏيڪ اهڙيءَ طرح بيٺو رهيو، جڻ ته سندس ڀير زمين ۾ کُپي ويا هئا. هو اِلائجي ڪيتري وقت تائين اتي بيٺو هجي ها، پر جذباتي ڇڪتاڻ ۽ سخت سيءَ سبب هن کي ڏڪڻي وٺي ويئي ۽ هو گهر ڏانهن روانو ٿيڻ لاءِ ٻاهر نڪتو. هن ڏاڍيءَ ايمانداريءَ سان پنهنجو پاڻ سان قبول

ڪيو ته هاڻي پاڙي جي گهر وڃڻ جي مون ۾ ذرو به همت نه آهي ائين سوچي هن هڪ ٻي ڏٺل رٿي. هو جنهن منهن مان نڪتو هو، اتي چُلهه ٻهڪيل هئي، جنهن مان هن ٻه-ٽي ڪاٺيون ڪڍيون ۽ پانڌي ۾ وجهي اندران دروازو بند ڪري، باهه ٻاريائين. پوءِ هو آها ڪيلي ڳولڻ لڳو، جنهن ۾ اٺندرسن لالٽين ٽنگيندو هو. جلد ئي کيس اها ڪلي نظر آئي ۽ بارڊ پنهنجي موني واچ ان ۾ ٽنگي، باهه کي وسائي ٻاهر هليو ويو. هن پنهنجي من ۾ ايترو ته اطمينان محسوس ڪيو جو رستي تي ڄميل برف تان نوجوانن وانگر ڊوڙون پائيندو تي ويو.

صبح جو هن کي خبر پئي ته رات باهه لڳڻ ڪري سڄو پاڙو سڙي ويو هو. شايد واچ ٽنگڻ وقت ٻرندڙ ڪاٺين مان ڪي چڻنگون آڏامي وڃي ڪٺي پيون هيون جن جو هن کي ڪو سماءُ نه رهيو هو. انهيءَ خبر جو بارڊ تي ايڏو ته اثر ٿيو، جو سارو ڏينهن هو ويڳاڻن ۽ بيمارن وانگر پئي نظر آيو. هن دعائن جو ڪتاب کڻيو ۽ سڄو وقت ان مان دعائون پڙهندو رهيو. ايتريقدر جو گهر جي ٻين ماڻهن کي ڀڪ ٿي ويئي ته هن کي ڪجهه ٿي پيو آهي. پر شام ٿيندي ئي هو گهر کان ٻاهر نڪتو. آسمان تي چوڏهينءَ جو چنڊ ڪڙيو بيٺو هو. هو پنهنجي پاڙي جي گهر ڏانهن ويو، ۽ سڙيل پاڙي جي ڇار ۾ هٿوراڙيون ڏيندو

وڌيو. هتوراڙيون ڏينديءَ، هن کي پگهريل سون جو گنڊو هٿ آيو، جيڪو پڪ سان واچ جو سون هو.
هو پگهريل سون جو گنڊو ڪڍي پنهنجي پاءَ جي گهر ۾ ويو، ته جيئن هن کي سچي حقيقت ٻڌائي صلح ڪري، پر انهيءَ شام به هن سان سٺو ورتاءُ نه ڪيو ويو.

هڪ ننڍي ڇوڪريءَ، هن کي پانڊي جي چار ۾ هتوراڙيون ڏيندي ڏٺو هو؛ ڪن ڇوڪرن جيڪي راند رهڻ پئي ويا، آچر جي ڏينهن شام جو هن کي پنهنجي پاءَ جي گهر ڏانهن ويندي ڏٺو هو. پر جنهن هو پاڙ رهندو هو، آتي جي ماڻهن جو پڻ اهو چوڻ هو ته سومر ڏينهن هن جي حالت ڏسي حيرت ٿيي ٿي، انهيءَ کان سواءِ سڀني کي چاڻ هئي ته ٻئي پاڙر هڪٻئي جا جاني دشمن آهن. مطلب ته اهي سڀيئي ڳالهيون پوليس تائين پهتيون ويون ۽ انهن جي تحقيقات ٿيڻ لڳي. جيتوڻيڪ هن جي خلاف ڪابه ڳالهه ثابت ٿي نه سگهي، پر سڀني جو شڪ مٿس ٿي هو ۽ هاڻي ته پاءَ سان صلح ڪرڻ جا سڀيئي رستا بند ٿي ويا هئا.
جڏهن پانڊي ۾ باهه لڳي هئي، تڏهن ائنڊرسن کي بارڊ جو خيال آيو هو پر هن ڪجهه به نه چيو. پئي ڏينهن شام جو بارڊ کي پنهنجي گهر ۾ پريشان ۽ حيران ڏسي، هن کي پڪ ٿي ته هو پنهنجي ڪيئي تي ڏاڍو پشيمان آهي، پر پاءَ سان هيڏو سارو ظلم

ڪرڻ کان پوءِ معافيءَ جو ڪو سوال ئي نٿو اٿي سگهي. وري ماڻهن به ڪيس پڙهيو ته جڏهن رات باهه لڳي هئي، اُن رات ڪيترن ئي ماڻهن بارڊ کي تنهنجي گهر ڏانهن ايندي ڏٺو هو، ۽ جيتوڻيڪ تحقيقات ۾ ڪابه ڳالهه هن جي خلاف ثابت نه ٿي سگهي هئي، پر پوءِ به اينڊرسن کي يقين ٿي ويو ته سندس پاڻ ئي ڏوهاري هو.

معاملو عدالت تائين وڃي پهتو. شنوائيءَ تي پيشي پاڻ عدالت ۾ پهتا. بارڊ کي سٺا ڪپڙا پيل هئا ۽ اينڊرسن جيڪو سٺو وڳو پائي آيو هو، سو ڦاٽو ٽٽو ۽ ليڙون ليڙون ٿيو پيو هو. بارڊ جيئن ئي عدالت ۾ آيو ته پنهنجي پاڻ ڏانهن نهارڻ لڳو. اينڊرسن چاتو ٿي، بلڪ هن جي دل پئي چيو ته بارڊ جي اکين مان التجا ۽ پشيمانيءَ ليئا پائي رهي آهي. اينڊرسن کي خيال آيو. ته هو اهو ئي گهري ٿو ته آءٌ ڪيس ڪجهه به نه چوان. جڏهن ڪانئس پڇيا ڪئي ويئي ته ڇا تنهنجو شڪ پنهنجي پاڻ ۾ آهي؟ تڏهن هن پوري يقين سان وڏي آواز ۾ چيو، ”نه“!

انهيءَ ڏينهن کان پوءِ اينڊرسن شراب پيئڻ شروع ڪيو ۽ جيئن پوءِ تيئن هن جي اها عادت وڌندي ويئي. بارڊ جيتوڻيڪ هن سان سٺا پير ڪنيا، پر هن جي حالت ويتر خراب ٿيندي وئي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي هو ايترو ته بدلجي ويو جو سڃاڻڻ ۾ به نٿي آيو.

هڪڙيءَ شام جو هڪ غريب عورت، بارڊ جي انهيءَ ننڍڙي ڪمري ۾ آئي، جيڪو هن مسواڙ تي

ورتو هو. هن عورت، بارٻ کي پاڻ سان گڏ هلڻ لاءِ چيو. بارٻ کي هن سڃاتو، هوءَ مسز ٻياچائي هئي. بارٻ هڪدم سمجهي ويو ته هن جو ڪهڙو مقصد هو. هو سچو هندو ٿي ويو ۽ جلدي جلدي ڪپڙا بدلائي، هڪڙي لفظ ڪچڻ کان سواءِ ٿي هن سان گڏجي ويو. ائنڊرسن جي ڪمري جي دريءَ مان زرد روشنيءَ جا ڪرڻا نڪري ٻاهر برف سان ڍڪيل زمين تي پئي پيا ۽ انهيءَ ٽمڪندڙ ۽ اجهامندڙ روشنيءَ تي هو ڳس تان هلندا هلندا اچي گهرجي در تي پهتا. ائنڊرسن جي گهر مان هڪ عجيب قسم جي بوءِ پئي آئي، جنهن کان پارٻ جو متو ڦرڻ لڳو. آخر هو ٻيئي اندر ويا. هڪڙو ننڍڙو ٻار ڪمري جي چلهه جي ويجهو ويٺو هو ۽ هن ڪوئلا پئي ڪاڙا. هن جي سڄي مُنهن تي ڪارنٺ لڳي پئي هئي، پر هنن کي ڏسي هن منهن مٿي ڪنيو ۽ کلڻ لڳو ۽ پنهنجا اڇا اڇا ڏند ڏيکارڻ لڳو. اهو ائنڊرسن جو ٻار هو.

هند تي ائنڊرسن ڪپترن ٿي ڪپڙن ۾ ويڙهيو سيڙهيو ليٽيو پيو هو. هو مڪي مڙي ڪنڊا ٿي ويو هو ۽ مُنهن تي چڙ ته هيڊ هاري پئي هئس. هن جي پيشاني نڪري آئي هئي ۽ اکيون ڏرا ڏئي ويون هئس. هن پاڻ ڏانهن نهاريو ۽ بارٻ جون ڳنگون ڏڪڻ لڳيون. هو پاڻ جي ڪٽ جي پيرانديءَ کان تي ويهي رهيو ۽ روئڻ ۾ پڏي ويو. ائنڊرسن پنهنجي

پاڻ کي ڏاڍي سٺي سان ڏٺو، پر سندس زبان مان ڪو به لفظ نه نڪتو. گهڻي دير کان پوءِ، هن پنهنجي زال کي ٻاهر وڃڻ لاءِ چيو، پر هن ٻارڙ کي منع ڪئي، نه وڃڻ لاءِ اشارو ڏنائين. پوءِ ٻنهي ڀائرن هڪٻئي سان ڳالهائڻ شروع ڪيو. هنن هڪٻئي کي سڀڪجهه ٻڌايو؛ نيلام واري ڏينهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين جڏهن هو وري هڪٻئي سان مليا هئا، انهن ورهين جي عرصي ۾ جيڪي ڪجهه وهيو واپريو، اهو سڀڪجهه هنن هڪٻئي کي ٻڌايو. آخر ۾ ٻارڙ پنهنجي کيسي مان سون جو اهو گهنڊو به ڪڍي پاڻ کي ڏيکاريو، جيڪو هو هر وقت پاڻ سان گڏ رکندو هو. انهيءَ سچيءَ ڳالهه ٻولهه مان ظاهر ٿيو ته انهن جدائيءَ وارن سمورن سالن ۾ ڪڏهن به اهڙو ڏينهن نه آيو هو، جڏهن کين حقيقي خوشي حاصل ٿي هجي.

ائنڊرسن ضعف ۽ ڪمزوريءَ سبب وڌيڪ ڳالهائي نه سگهيو. پر هو جيترو وقت بيمار هو ته ٻارڙ، پاڻ جي ڪٽ کان پري ڪين ٿيو ۽ سارو وقت هن جي سار سنڀار ڪندو رهيو.

"هاڻي آءٌ بلڪل ٺيڪ آهيان، هڪ صبح جو جڏهن ائنڊرسن جي اک کلي ته هن چيو، " ادا! هاڻي اسين هميشه گڏ رهندا سون، جيئن ٻهرين رهندا هئاسون ۽ وري ڪڏهن به هڪٻئي کان جدا نه ٿينداسون."

پر پوءِ انهي ڏينهن ٿي شام جو ائنڊرسن مري ويو.

بارٻ، ٻاڻ جي بيوھ، ۽ ٻار کي پنھنجي گھر ۾ وٺي آيو ۽ ھن جي چڱيءَ طرح سار سنڀار ڪرڻ لڳو. ھر انھيءَ رات پنھنجي ٻائرن جي وچ ۾ جيڪا ڳالھ، ٿي ھئي، آھا سڄي ڳوٺ ۾ پکڙجي ويئي ۽ ھرھڪ ماڻھوءَ کي ان جي خبر پئجي ويئي ۽ انھي سببان بارٻ کي ڳوٺ جا سڀئي ماڻھو ڏاڍي عزت ۽ آبرو ڏيندا ھئا. ھو سمجھندا ھئا تہ ھن ويچاري ڏاڍا ڏک ڏٺا ۽ مس مس سک جو ساھ پٽيو اٿس. ماڻھو ھن کي اھڙيءَ طرح مانُ ڏيندا ھئا، ڄڻ تہ ھو گھڻي وقت کان پوءِ ڳوٺ ۾ موٽي آيو ھو. ماڻھن جي محبت ۽ پيار ڏسي بارٻ جو من مظبوط ٿيو ۽ ھو ھڪ نيڪ شخص وانگر ھر وقت اھوئي چاھيندو ھو تہ شل ڪنھن جي خدمت ڪرڻ جو وجھہ مليم. فوج جو اھو ننڍڙو عملدار، پوءِ ٻارن کي پڙھائڻ لڳو. ھو ٻارن کي اھوئي سيکاريندو ھو تہ ھرھڪ سان پيار ۽ محبت سان پيش اچڻ گھرجي. ھو پاڻ بہ ٻارن سان اھڙيءَ ريت پيش ايندو ھو، جو ٻار بہ ھن کي پنھنجو سائي ۽ ڀيءُ سمجھي، پيار ڪندا ھئا.

سربيا جي هڪ رات

رات جا يارهن ٿيا هئا. انهيءَ وقت پيرس جي ٿئيٽرن جا دروازا بند ٿي ويندا آهن. اڌ ڪلاڪ کن اڳ شهر جي مشهور هوٽلن پنهنجن مهربانن ۽ گراهڪن کي الوداع چئي، پنهنجن گهرن ڏانهن روانو ڪري ڇڏيو هو.

اسان جو ٽولو، هڪ ڪشادي رستي جي ڪناري تي منجهيو بيٺو هو. تفريحگاهن مان ماڻهن جا انبوهه نڪري، اسان جي پرسان لنگهندا، پاڇولن ۾ گم ٿيندا پئي ويا. گهٽيءَ ۾ هيٺ هئي ڊڪيل بلبن مان پوائتي روشني نڪرندي، جلدي جلدي اونداهيءَ ۾ گم ٿيندي پئي ويئي. ڪاري آسمان ۾، ٽمڪندڙ تارن جي روشني کي ڏسڻ مان خوف پئي ٿيو. ڪنهن زماني ۾ آسمان تي رڳو تارا هوندا هئا، پر هاڻي سرچ لائيٽ جي اوچتي وڌندڙ زرد روشنيءَ تي، زيپيلن (١) جي هئڻ جي سگار هجڻ جو گمان ٿي سگهيو ٿي.

اسان جي اهائي خواهش هئي ته ساري رات جاڳندا رهون. اسين ڪل چار ڄڻا هئاسون: هڪ فرينچ اديب، ٻه سربيا جا ڪپتان ۽ آءٌ. اسين هين اداس پيرس جي شهر ۾

---

(١) جرمن هوائي جهاز جو هڪ قسم.

ڪيڏانهن وڃون؟ هتي ته سڀ دروازا بند ٿي چڪا آهن. اسان جي هڪ سربيائي دوست، هڪ فئشني هوٽل جو ذڪر ڪيو. اهو هوٽل ساري رات پنهنجي مهمانن لاءِ کليل هوندو هو. جيڪي آفيسر پيرس ۾ رهڻ گهرندا هئا، اُهي انهيءَ هوٽل کي پنهنجو گهر ڪري سمجهندا هئا. مختلف قومن جا فوجي پاڻ جڏهن پئرس ۾ ڪي ڏينهن رهڻ لاءِ ايندا هئا، تڏهن هڪ ٻئي کي انهيءَ راز مان ضرور واقف ڪندا هئا. اسين به انهيءَ شاندار ۽ روشن هوٽل ۾ خبرداريءَ مان داخل ٿيا سون. اونداهين گهٽين مان اچڻ کان پوءِ، اوچتو ۽ گهڻي روشنيءَ ۾ پهچڻ سبب اسان جي اکين اڳيان ترورا ڦري ويا. هوٽل جو اهو ڪمرو " لائيٽ هائوس " جي انهيءَ ڪشادي ڪمري وانگر پئي لڳو، جتي چوڌاري لڳل بيشمار آئينن مان بلبن جي تيز روشني نڪري پکڙجي ويندي آهي. اسان کي ائين پئي لڳو ڄڻ ته اسين به سال اڳ واري پيرس ۾ پهچي ويا هئاسون. فئشني ۽ هار سينگار ڪندڙ عورتون شئمپين، وائلن تي حبشي ناچ جون ڏڪائيندڙ ڌنون ۽ جذباتي ۽ دل ڏاريندڙ گيت ـ اهو سارو نظارو جنگ کان اڳ وارن ڏينهن جو پئي معلوم ٿيو. پر اتي جيڪي مرد ويٺل هئا، تن مان ڪنهن هڪ کي به شام جو لباس پهريل نه هو! فرينچ ماڻهو، بيلجم جا رهاڪو، انگريز، روسي ۽ سربين؛ مطلب ته سڀئي فوجي وردين ۾ هئا، جيڪي ڦاٽل، ٽٽل ۽

پراڻيون هيون. ڪن انگريز سپاهين واٽن پئي وڃائي ۽ پڌندڙن جي داد جو جواب سنگمرمر جهڙيءَ ٿڌيءَ مرڪ سان پئي ڏنو. انهن انگريزن ڳاڙهي صدري پهريندڙ خانه بدوشن جي جاءِ اچي والاري هئي. ويٺل عورتن، انهن انگريزن مان هڪ ڏانهن اشارو ڪيو ۽ جهيڻي آواز ۾ هن جي پيءُ جو نالو ورتو، لارڊ ـــ جيڪو پنهنجي حسب نسب ۽ دولت ڪان مشهور هو.

"خوشيون ملهايو دوستو، سپاهي اسان ڪي مرڻو آهي"

اهي سيئي ماڻهو، جن پنهنجي زندگي جنگ جي ظالم ديويءَ جي قربانگاه تي اچي پيتا رکي هئي، هو هڪبئي جي زندگيءَ جا جاهن مٿان جام پيئندا ٿي ويا، هو کلندا ٿي رهيا، ڳائيندا ٿي رهيا، پيار ڪندا ٿي رهيا - هڪ اهڙي ملاح جي اندي جوش سان جنهن ڪي سڄي رات سمنڊ جي ڪناري تي رهي صبح جو سوير طوفان جي مقابلو ڪرڻ لاءِ سمنڊ ڏانهن وڃڻو هجي.

اسان جا ٻه سربين دوست بلڪل جوان هئا. اهي پيئي بلڪل خوش پئي نظر آيا ته سندن ملڪ جون نعمتون کين پيرس ۾ وٺي آيو هيون؛ اهو خوابن جو شهر، جنهن جي خيال سندن فوجي شهر جي هڪجهڙيءَ خوفناڪ زندگيءَ ۾ رونق آندي هئي.

آهي پئي چاڻندا هئا ته ڪهاڻي ڪيئن پڌائجي ۽ انهيءَ سرزمين جي اها معمولي ڏات هئي؛ چاڪاڻ ته گهڻو ڪري سيئي ماڻهو شاعراڻي طبيعت جا هوندا آهن. مني صدي هتي

جڏهن لامرتن سربيا جي ترڪي صوبي مان لنگهيو، تڏهن ڏنارن ۽ بهادرن جي انهيءَ ملڪ ۾ شاعريءَ جي اهميت جو پڌي دنگ رهجي ويو هو. انهيءَ ملڪ ۾ جتي فقط ٻه-ٽي ماڻهو پڙهي لکي ٿي سگهيا، اتي خيال ۽ يادگيريون رڳو بتين جي وسيلي پهچايون وينديون هيون. شاعرن کي قومي تاريخ نويسن جو درجو حاصل هو ۽ اهي سپيشي بروقت نوان نوان گيت لکي سربين اليڊ جي عمر ۾ اضافو ڪندا هئا.

ششمپين پيش وقت هنن کي آهي مصيبتون ياد آيون، جيڪي ڪيترائي مهينا اڳ جنگ ۾ پاڄ ڪائڻ سبب مٿن نازل ٿيون هيون: بک ۽ سيءَ سان چڪتاڻ، برفباريءَ ۾ جنگ، ڏهن سپاهين جي مقابلي ۾ هڪ سپاهيءَ بيشمار انسانن ۽ اڪيچار جانورن جي پاڄ وقت پوائتي ڪشمڪش، پريان قطارن ۾ بيٺل دشمن جي مشين گنن ۽ رائلفن مان گولين جي مينهن جو وسڪارو، باهه جي آلن ۾ پرندڙ ۽ سڙندڙ ڳوٺ، ۽ گهاءَ مٿان گهاءَ ڪاڏلن زخمين جا واڪا ۽ دانهون، وڍيل ۽ ڪپيل عضون سان لاشا ۽ انهن مٿان لامارا ڏيندڙ ڪانو، سنڌن جي سور جي مريض پوڙهي پيءُ بادشاهه جي پاڄ، جنهن جو سواءِ هڪ ورن وڪڙن واري اڪٹ جي پيو ڪوبه سهارو نه هو ۽ هن جو پنهنجي نگهبان رسالي سان، برف وارين پهاڙين تان چپ چاپ ڪندي جهڪائي

شيڪسپيئر جي ڪنهن فرضي بادشاهه وانگر راضي برضا پيئندو وڃي.

منهنجي انهن پنهي سربين دوستن جڏهن ڳالهايو پئي ته مون کين ڌيان ڏنو. هو پيئي جانٺا، مضبوط پر سنها هئا ۽ سندن نڪ طوطي جي چهنب وانگر وريل هئا. سندن مڇون سخت ۽ نوڪدار هيون ۽ سندن منهن ۾ پهل سلامي واري ٽوپين مان ڪنن وٽان وارن جا چڳا پئي ظاهر ٿيا. هو اهڙن فنڪارن جهڙا پئي لڳا، جن لاءِ ڇاليهه سال اڳ، جذباتي نوجوان عورتون واجهائيندڙيون هيون. پر هنن کي خاڪي ورديون پيون هيون. ۽ سندن چهرن جي مرداني موڙهين پڌايو پئي ته هو ڪيترائي پيرا موت سان مقابلو ڪري چڪا آهن.

هو ڳالهائيندا رهيا. هنن انهن ڳالهين بابت به ذڪر ڪيو، جيڪي پهرين مهينا اڳ ٿيون هيون ۽ ائين ٿي معلوم ٿيو ته هنن سربيا جي هڪ مشهور سردار، مارڪو ڪرياووچ جي ڪارنامن جو ذڪر پئي ڪيو، جيڪو پالي جي بدران نانگ کنيو پيو هلندو هو ۽ جنهن جهنگ جي خوفناڪ آزدها سان جنگ جوٽي هئي. اهي ماڻهو جن پيرس جي هن هوٽل ۾ هينئر پنهنجن تجربن جون ڳالهيون پئي ڪيون، زندگيءَ جون شديد بيرحم گهڙيون گذاري آيا هئا.

اسان جو فرينچ دوست موڪلائي هليو ويو. پر سربيائي دوستن ڳالهيون پئي ڪيون، ۽ انهن مان

هڪ ڪپتان پنهنجي ڳالهه وچ ۾ روڪي، هر هر ويجهيءَ ميز ڏانهن پئي نهاريو. ٻه ڊيڪيل ڪاريون اکيون، جن جي مٿان ڪارن سان ۽ ريشمي پتر لڳل ٿلهو نوپلو پيل هو، هن ۾ ڪنهون پيون هيون. انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ ڪرڻ هو ته انهن اکين هن جي ڏيان کي پاڻ ڏانهن سو گهو ڪري ڇڏيو هو. آخرڪار هو ڪنهن اندروني خواهش کان لاچار ٿي، اسان جي ميز تان اٿيو. ۽ انهيءَ ميز وٽ وڃي ويٺو. ٿوريءَ دير کان پوءِ، هو غائب ٿي ويو ۽ هن سان گڏ اهي اکيون به گم ٿي ويون.

هينئر فقط آءٌ هوس ۽ انهن ڪپتان مان ننڍيءَ عمر وارو ڪپتان، جنهن پنهنجي ساٿيءَ جي پيٺ ۾ گهٽ ڳالهايو هو. هن شراب جو ڊڪ پيتو ۽ ڪاؤنٽر جي مٿان پيت تي ٽنگيل گهڙيال ڏانهن ڏٺو. هن شراب جو پيو ڊڪ پيتو ۽ مون ڏانهن اهڙين نگاهن سان ڏسڻ لڳو، جن ۾ گنڀير اعتماد سمايل هو. مون کي يقين ٿيو ته هو مون ٿائين اهڙي ڏڪشي قسم جي ڳالهه ٻڌائڻ گهري ٿو، جيڪا هن جي ذهن ۾ ڏنگ پيئي هئي. هن وري گهڙيال ڏانهن نهاريو، آن وقت رات جو هڪ ٿيو هو.

”بس اهوئي وقت هو“ — هن اوچتو ڳالهائڻ شروع ڪيو ۽ پنهنجي خود ڪلاميءَ کي لفظن جو لباس پهرائڻ لڳو— ”اڄ کسان، چار مهينا اڳ،“

هن جيئن ڳالهائڻ شروع ڪيو، ته منهنجن نظرن اڳيان اونداهي رات، برف پريل ماٿري ۽ مفيد جبل ڦري ويا، جتي صنوبر ۽ شاهه بلوط جي بيشمار وڻن جي ٽارين تان هوا جي جهوٽن سببان ڪپهه جي پوٽين وانگر برف آڏامندي ٿي ويئي. مون هڪ ڳوٺ جا سڙيل پريل کنڊر ڏٺا ۽ انهن کنڊرن ۾ انڊريانڪ ڏانهن ياج ڪائينڊڙ سربيائي فوج جي هڪ ڊويزن جو باقي بچيل حصو به ڏٺو.

منهنجي دوست انهيءَ لشڪر جي آخري جٿي جي اڳواڻي پئي ڪئي، جيڪو ڪنهن وقت فوج جو هڪ دستو هو، پر هينئر اتي چڙواڳ ماڻهن جي انبوهه کان سواءِ ڪجهه به نظر نٿي آيو. اتي هارين کي پرتي ڪري فوج جي انهيءَ حصي کي وڌايو ويو هو، پر اهي هاري ٻپ ۽ خوف وچان پنهنجا هوش و حواس ٻنهه وڃائي وينا هئا. ۽ بيجان مورتين وانگر پئي ڇُريا پُريا ۽ ڪين اڳتي وڌائڻ لاءِ ساڻن جانورن جهڙو سلوڪ ڪيو ٿي ويو. ننڍن ٽولن ۾ زالون روئنديون رڙنديون ۽ ٻار ڪهلينديون پئي ويون. پيون عورتون جيڪي ڪاريون، ڏکيون ۽ سڙيل سُڪل هيون، سي ڏاڍيءَ ڏکائتيءَ خاموشيءَ سان هلنديون رهيون ۽ رستي ۾ جيڪڏهن ڪو مئل سپاهي نظر ٿي آين ته هيٺ جهُڪي، انهيءَ جي بندوق ۽ ڪارتوسن جو ٿيلو ڇوڙي، پاڻ سان کڻي ٿي ويون.

گولن ڦاٽڻ ڪري ڪنڌرن مان ڳاڙهيءَ روشنيءَ جا آلا نڪري اونداهيءَ کي رنگي رهيا هئا. رات جي اونهائين مان جوابي حملي جا آواز ٻڌڻ ۾ پئي آيا. ڪاريءَ هوا ۾ گوليون رات جي نظر نہ ايندڙ جيتن وانگر سوسات ڪنديون ٿي رهيون.

صبح ٿيندي ئي هڪ زبردست ۽ پيانڪ حملو ٿيندو. هنن کي ڪابہ خبر نہ هئي تہ سندن خلاف ڪهڙو دشمن رات جي اونداهيءَ ۾ لڪو ويٺو هو. اهي دشمن جرمن هئا، آسٽرين هئا، بلگيرين هئا يا ترڪ؟ .... هنن کي ڪيترن ئي دشمنن مان منهن ڏيڻو هو.

”اسان کي پٺتي هٽڻو پيو“، سربيائي ڪپتان ڳالهہ جاري رکندي چيو، ”اسان انهن ماڻهن کي اتيئي ڇڏي ڏنو، جن اسان کي دير ٿي ڪرائي. اسان کي صبح ٿيڻ کان اڳ ئي جبل اڪري وڃڻا هئا.“

رات وچ ۾ ئي عورتن جون ڏکيون ۽ وڏيون قطارون، ٻار، ڪراڙا مرد ۽ عورتون ۽ جانورن جا ڌڻن جا ڌڻ، مري، ڪپي ۽ فنا ٿي ويا. ماٿريءَ ۾ رڳو اهي ماڻهو بچيا هئا، جيڪي ڪنڌرن جي پٺا هڳاڻن مان گوليون هلائي رهيا هئا. انهن مان بہ هڪ حصي، پٺتي هٽڻ شروع ڪيو.

ڪپتان جي ذهن ۾ اوچتو ڪنهن ڦٽڪائيندڙ ياد پاسو ورايو.

”زخمي ۽ ڦٽيل! اسين هنن کي ڇا ڪنداسون؟“

هڪ متنهن، جنهن جي ڇت ٻمگولن لڳڻ ڪري پروڻ پروڻ ٿي وئي هئي، ان ۾ سڪل گاهه تي زخمن ۽ ڦٽن ۾ رتو ڇاڻ ٿيل پنجاهي کن انساني جانيون لڇي ڦٿڪي ۽ تڙڦي رهيون هيون. هيءَ آهي ئي ماڻهو هئا، جيڪي هڪ ڏينهن اڳ جنگ ۾ زخم کائي ڪنهن نه ڪنهن نموني سان پاڻ گهليندا هن جاءِ تائين پهتا هئا، هنن ۾ اهي ماڻهو به هئا، جيڪي تازو رات جو زخمي ٿيا هئا ۽ جن رت کي روڪڻ لاءِ پنهنجن ڦٽن تي پراڻيون سڙيون اگهڙيون پٽيون چڙهيون هيون؛ هنن ۾ آهي عورتون به هيون، جيڪي ڦانندڙ ٻمگولن جي تيز ٽڪرن جي لڳڻ ڪري، ويڄي ۽ زخمي ٿي پيون هيون.

ڪپتان انهيءَ پناهگاهه ۾ آندر ويو، جتي ڇوڏاري سڙيل گوشت، سڪل رت ۽ غليظ ڪپڙن جي دماغ ڏاريندڙ بدبوءِ پکڙيل هئي. ڪپتان جي لفظن پٽڻ شرط اهي سڀئي ماڻهو جن ۾ اڃان ٿوري گهڻي سگهه هئي، هڪ لالٽين جي لڙانئيل روشنيءَ ۾ بيقراريءَ ۽ بيچينيءَ سان هن ڏانهن ڇرڻ لڳا. دانهون ۽ ڪوڪون بند ٿي ويون ۽ ڇوڏاري حيرت ۽ خوف ڀريل خاموشي پکڙجي وئي. ائين ٿي لڳو ڄڻ ته اهي مرندڙ ماڻهو ڪنهن اهڙيءَ شيءِ کان ڏنا هجن، جيڪا موت کان به وڌيڪ ڏهڪائيندڙ هئي.

هنن کي جڏهن اها خبر پيئي ته ڪين دشمن جي رحم ڪرم تي ڇڏيو پيو وڃي، تڏهن سڀني آٿڻ جي

ڪوشش ڪئي، پر هن مان ڪيترائي آڻ ڪان اڳ ڪري پيا.

ڪپتان ۽ سندس سپاهين جو آواز، نااميديءَ جي ڦڙين ميڙن منڻ ۽ مايوس التجائن جي آواز ۾ دبجي ويو.

"ادا! اسان کي ڇڏي نه وڃو. ادا! مسيح جي صدقي-" پوءِ هن کي آهستي آهستي اها ڳالهه سمجهه ۾ وئي ته ڪين آئي ڇڏي وڃڻ ڇو ضروري هو. هنن پڻ کي مقدر جي حوالي ڪري ڇڏيو. پر دشمن جي هٿ چڙهڻ، صديون پراڻن دشمن بلغيرين ۽ ترڪن جي رحم تي ڇڏڻ ڪهڙي نه عجيب ڳالهه هئي! ٻه جيڪا ڳالهه پنهنجي زبان مان نٿي چئي سگهيا، آها سندن اکين مان عيان هئي. جيڪڏهن ڪنهن سربيائيءَ کي گرفتار ڪيو وڃي ته انهيءَ کان وڌيڪ هن جي ڪهڙي بدقسمتي ٿي سگهي ٿي. ڪيترائي ماڻهو جن جو آخري وقت اچي ويجهو پيو هو، آهي پنهنجي آزاديءَ تي ڏاڙو لڳندو ڏسي، ڏڪي ويا.

بلڪان جي رهاڪن جو ويڙ، موت کان به وڌيڪ خوفناڪ هوندو آهي.

"او آدا، او ياءِ-".

انهن دانهن ۽ واڪن ۾ لڪل خواهش کي محسوس ڪندي، ڪپتان پنهنجو ڪنڌ ڪٽي وراڻيو.

"اوهان ڪهرو ٿا ته آءُ بهه؟" هن ڪيترائي پيرا پڇيو.

سيني پنهنجا ڪنڌ هاڪار ۾ لوڏيا. جيئن ته هنن سيني کي اتي ڇڏي وڃڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبه چارو نه هو، تنهنڪري هن اتان وڃڻ کان اڳ اهو نٿي ڳهريو ته اتي ڪو سربيائي جيئرو رهجي وڃي. جڏهن هو پاڻ هنن جي جاءِ تي هجي ها، ته ڇا هو پاڻ به اها ڳالهه نه چاهي ها؟

پنهنجي هٿڻ سبب گولي بارود جي جيڪا گهٽتائي ٿي هئي، ان جي ڪري سپاهي پنهنجا ڪارتوس ڏاڍيءَ خبرداريءَ سان سنڀالڻ لڳا. ڪپتان پنهنجي تلوار ميان مان ڪڍي ٻاهر ڪئي. ڪن سپاهين ته پنهنجو ڪم شروع ڪري ڇڏيو. هنن سنگينون استعمال ڪيون، پر هو سوچڻ سمجهڻ کان سواءِ ڏاڍي بيدردگيءَ سان وار ڪري رهيا هئا، جنهنڪري ڇڙواڙي نه ختم ٿيندڙ جسماني عذاب ۽ رت جا ريلا ظاهر هئا. سيئي قتيل ۽ زخمي ماڻهو پاڻ گهليندا، ڪپتان ڏانهن وڌندا ٿي ويا. ڪپتان جي عهدي جي ڪشش ۽ هن جي هٿان موت جي مزي چکڻ جي عزت ۽ هن جي تيز، وار هنن لاءِ موت جي منزل آسان ڪري ڇڏي هئي.

”ادا! پهرين مون کي، ٻاءَ! پهرين مون کي....“.

ڪپتان جي تيز ۽ نوڪدار تلوار هڪ ئي وار ۾ هنن جا ڪنڌ ڪپيندي، شهه رڳون وڍيندي ۽ کين ختم ڪندي ٿي ويئي.

”تڪ، تڪ،“ ڪپتان جيو ۽ منهنجي اکين اڳيان عذاب ۽ هيبت وارو نظارو ڦرڻ لڳو.

ڦو سيٺي هٿن پيرن تي رڙهندا رڙهندا ڪپتان ڏانهن وڌندا آيا ۽ هن جي ننگن جي چوڌاري ماڪوڙن وانگر ميڙ ڪري بيٺا. پهرين ته ڪپتان پنهنجي منهن ڦيرائڻ جي ڪوشش ڪئي، جيئن هو اهو نه ڏسي سگهي، جيڪي هو ڪري رهيو هو. هن جي اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا هئا. پر انهيءَ جو نتيجو هيءُ نڪتو جو هن جي وار ۾ اها تيزي ۽ سختي نه رهي، جنهنڪري هن جي پيهر وار ڪرڻ سبب مرندڙن جي عذاب ۾ اضافو ٿي ويو هو. ”صبر ڪر، دل ڏاڍي ڪري زور سان وار ڪر“! نڪ، نڪ....

”ادا! پهرين مون کي، ياهَ! پهرين مون کي....“

هو پهرين واري ملڻ لاءِ پاڻ ۾ وڙهڻ لڳا، انهيءَ لاءِ ته سندن انهيءَ برادرانه قرباني ختم ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي دشمن نه اچي ڪڙڪي. هن کي پوريءَ طرح احساس ٿي ويو هو ته بهتر صورتحال کهڙي آهي. هن مان هرهڪ پنهنجو پنهنجو ڪنڌ هڪ طرف ڪري جهليو، جيئن ڳچي سخت ٿئي ۽ تلوار جي وار لاءِ نڙگهٽ ظاهر ٿي بيهي.

”ادا! پهرين مون کي!“ ۽ جيئن ئي رت جو ريلو ڦوهارو ڏئي ٿي نڪتو، تيئن هڪ وڌيڪ جسم پين جسمن جي مٿان ڪري ٿي پيو، جيڪي ڳاڙهي شراب جي ساندارن وانگر آهستي آهستي خالي ٿي رهيا هئا.

....

هوٽل خالي ٿيڻ لڳي. عورتون پنهنجي پٺيان عطر ۽ پائوڊر جي خوشبوءِ جو انبار ڇڏينديون، وردي پهريل پانهن تي ٽيڪ ڏينديون، ٻاهر وڃڻ لڳيون. انگريزي وائلن هلڪڙن ٽهڪڙن جي وچ ۾ پنهنجا آخري پساهه کنيا.

منهنجو سربياڻي دوست، جنهن جي هٿ ۾ زرد رنگ جو هڪ ننڍو ساغر هو، ٿنهن هڪ اهڙي شخص وانگر جيڪو ڪڏهن به وساري نٿو سگهي ۽ جيڪو ڪڏهن به وساري نه سگهندو، هڪ مشين وانگر ميز تي ڌڪ هڻندو ويو .... ٺڪ! .... ٺڪ!

بلڪل آزاد

بيگم هيناڻر ۽ بيگم گرائم بلڪل آزاد هيون. ٻئي گڏجي ڪري انهيءَ حقيقت جي هڪٻئي کي يادگيري ڏياريندي هيون ۽ هميشه فخر سان پنهنجن دوستن سان به ان باري ۾ ڳالهيون ڪندي هيون. گهڻو گهمسان وارن موقعن تي بيگم هيناڻر پنهنجي ڌيءَ ۽ ناٺيءَ کي چوندي هئي (جيئن بيگم گرائم پنهنجي پٽ ۽ نُنهن کي چيو هو)، ته ”اوهان منهنجي ڳڻتي نه ڪريو. ڪنهن کي به منهنجي لاءِ پريشان ٿيڻ جي ضرورت ڪانهي. آءٌ بلڪل آزاد آهيان“.

ٻر رڳو ان پاڪ آزاديءَ جي ڪري هو هڪٻئي جون سهيليون نه ٿيون هيون ۽ اهو به سچ آهي ته پنهنجي پنهنجي طبيعت کي بيزاريءَ کان بچائڻ لاءِ ٻئي هڪٻئي کان مختلف هيون؛ انهيءَ هوندي به ٻنهي جي زندگين ۾ گهڻيون ئي ڳالهيون هڪجهڙيون هيون. مثال طور ٻئي رنون زالون هيون؛ ٻئي سينٽرل پارڪ جي اڳيان هڪ قيمتي هوٽل ۾ آرام سان رهنديون هيون. هوٽل ۾ هرهڪ جي حوالي ٻه ڪمرا ۽ هڪ غسلخانو هوندو هو؛ ٻئي عمر جا سٺ ورهيه

گذاري ستر ورهيہ جي چمار کي اچي ويجهو ٿيون هيون. پڻي ماهہ جونگ ۾ برج راند ڪرڻ جون شوقين هونديون هيون ۽ راند ڪندي هڪٻئي تي اهڙيءَ طرح کلي نوڪبازي ڪنديون هيون، جو ٻيءَ حالت ۾ انهيءَ تي خون خرابو ٿي پوي. پڻي هڪٻئي کي پنهنجي بچاءَ لاءِ استعمال ڪنديون هيون. بيگم هيناٽر پنهنجي ڌيءَ ۽ پنهنجي نانيءَ بابت بيگم گرائم جي اڳيان لاف هڻندي هئي ۽ شڪايت ڪندي هئي. ساڳي ڳالهه وري بيگم گرائم جي طرفان پنهنجي پٽ ۽ نُهن لاءِ ٿيندي هئي.

خوشيءَ جي موقعن تي پڻي هڪٻئي کي چونديون هيون، ”تون پڪ چاڻ تہ مون کان سواءِ هو ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهندا. اها ماءُ آهي، جيڪا .... خير مون هنن کي چٽي ڏنو، تہ اوهان مون جهڙي ڪُراڙي عورت سان گڏ رهڻ پسند نہ ڪندؤ. پر هنن جواب ڏنو، ’جيڪڏهن تون نہ هلندينءَ تہ اسين بہ ڪونہ ويندا سون.......‘ ايڊ مون ڏانهن مٽني شو ڏسڻ لاءِ بہ ٽڪيٽون موڪليون، ڳالهہ هيءَ هئي تہ مون کين چيو تہ ”آءُ لي آنو رالرڪ‘ ڏسڻ گهران ٿي، چاڪاڻ جو ان ۾ آهي سڀ ڳالهيون ڏيکاريل آهن، جن جو ذڪر ڪرڻ مناسب ڪونهي. ٿوريءَ دير کان پوءِ ٽڪيٽ مون کي پهچي ويئي .... برنائس ائٽلانٽڪ شهر مان هي رومال آڻي ڏنا. جيڪڏهن مون کي

هڪ رومال جي کھرج هوندي آهي ته هو سوين رومال آڻي ڏيندا آهن. مون چيو مان ته 'تون ۽ جو هفتي جي آخر ۾ ٻاهر ويندؤ ۽ منهنجي لاءِ ڪا سوکڙي نه آڻيندؤ؟' هن جواب ۾ چيو، 'چو آمان! ڀلا اڻين ٿي سگهي ٿو. تون ته اسان جي منڊي ماءُ آهين.' هنن ته مون کي ڪاري چڏيو آهي. ايمانداريءَ سان ٻڌاءِ ته ....

انهيءَ جو جواب ٻڌي پهه پٺي طرفان ملندو هو: مون هنن کي ٻڌايو! جيڪڏهن آءٌ هنن کي سچ نه چوندس ته پيو ڪير چوندو؟ مون چيو مان ته مون کي ٻڌايو ته اڄڪلهه جا شادي شده جوڙا ڪهڙين ڳالهين بابت سوچين ٿا؟ آءٌ ته اهڙي عورت ڪين آهيان جو زال مڙس جي وچ ۾ نفاق پيدا ڪريان ۽ اسٽيلا ڪڏهن به نه چوندي ته مون ڪو اهڙو لفظ استعمال ڪيو آهي، جنهن جي ڪري ايڊ سائس مٺو هلي مون کي پڪ آهي ته انهيءَ معاملي ۾ آءٌ هڪ آزاد خيال مس آهيان. پر ڪالهه مون ايڊ کي چيو، 'ايڊ! منهنجا لفظ ياد رک....' البت هو ٻارن کي ڪارن ٿا، پر اها ڳالهه ته ڪين به پسند نه آهي.... خير، مون هنن کي وڌيڪ ڪجهه به نه چيو ۽ نه وري آءٌ هنن سان وڙهيس. آءٌ ته مُنهن وراڻي ٻاهر نڪري آيس، پر پنهنجي ڪمري ۾ مس پهتس، ته ٽيليفون جي گهنڊي وڳي ۽ هن فون تي ڳالهايو.

هن پشيماني ظاهر ڪندي چيو ته ’آءٌ تورو پريشان هئس، تنهنڪري تورو تڪو ڳالهائي ويٺس.‘ مون جواب ڏنو ته، ’مڙوئي خير آهي. پر آءٌ اهڙيون ڳالهيون هرگز نه ٻڌنديس، پوءِ ڪٿي اهي ڳالهيون منهنجي ڏيءَ چوي يا ڪو پيو. آءٌ ڪڏهن به اهي ٻڌڻ نٿي گهران. آءٌ بلڪل آزاد آهيان“

بيگم هيناڈر ۽ بيگم گرائم پنهنجي خاندان جي ڪنهن به ڪوتاهيءَ تي افسوس نه ڪنديون هيون ۽ نه وري ان جي باري ۾ ڪنهن تنقيد وغيره ڪي به پسند ڪنديون هيون. اها سندن چڱ ته عادت هوندي هئي. ”اڙي! اهو ان ڪري آهي، جو تون برنائس کي سچ پچ ته نه سڃاڻين. هوءَ انهن عورتن مان نه آهي، جيڪي عام ماڻهن ۾ ويهي ڪڙڪو ڪن. هوءَ ته سمهڻ واري ڪمري جي پردن لاءِ ڇيٽ جو ڪپڙو به ايستائين خريد نه ڪندي، جيستائين مون کي پاڻ سان وٺي هلي اڳواٽ ڏيکاري ۽ پسند نه ڪرائي.“

ذاتي آزاديءَ بابت ٻنهي ڪن هٿڻ سان گڏ ساڳئي وقت سندن هيءَ خيالي عقيدو به هو، ته سڄي خاندان جو بار مٿن هو. ”پر چون ٿا ته سياري جي موسم ۾ آءٌ هوٽل ۾ اڪيلي رهان ته سٺو آهي. آءٌ ته هرويرو ضد ڪريان ٿي. البت آرهڙ ۾ ڪجهه به نه ٿيندو. هو جتي به ويندا، اتي آءٌ به ساڻن گڏ ضرور وينديس.“

بيگم هيناڈر ٻڌايو ته ڊيٽس جو ڪٽنب هر سال جبلن

ٿي ويندو آهي. پر سندس طبيعت ڪي سمنڊ جي هوا اصل ڀانءِ ئي ڪين پوي. بيگم گرائم وري پنهنجي پٽ جي ڪٽنب سان گڏ آرهڙ جا مهينا سمنڊ جي ڪناري گذاريا: چاڪاڻ تہ جبلن جي هوا سندس دل لاءِ خطرناڪ هئي.

هوٽل ۾ سندن رهائش جا ڪمرا هڪ ٻئي قطار ۾ هوندا هئا. پر بيگم گرائم جو ڪمرو بيگم هيناٽر جي ڪمري ڪان مٿي پنجين ماڙ تي هو ۽ ٿورو گهري مسواڙ وارو هو، چاڪاڻ تہ هوءَ شاهوڪار هئي. سندن مختلف ڪمرن جي شين وغيره مان ذوق ۽ زماني جو هڪ پريشان ڪندڙ فرق ظاهر هو: ڪجهہ هوٽل جو سامان، ڪجهہ پراڻي وقت جو فرنيچر، سنڌيس ڏيءَ ۽ نانيءَ جو بيحد جديد پسند ڪيل سامان. ٻئي زالون مڙسن جي وفاتيءَ ڪان اڳ نيويارڪ جي سوڙهين ۽ ڊگهين عمارتن ۾ رهنديون هيون. انهن ڏينهن ڪان ئي ٻنهي کي ڪنهن نہ ڪنهن سامان يا وڪٽورين نموني جي ڪنهن ناياب شيءِ کي حاصل ڪرڻ جو شوق هوندو هو. انهن شين کي بيگم هيناٽر هاڻي گهاڙهي پٽر واري زماني جي يادگار ڪري سڏيندي هئي.

ڪنهن زماني ۾ هنن وٽ پلش مان مڙهيل، وڏيون وڏيون ڪرسيون هونديون هيون ، جن کي هيئر خوبصورت ۽ وڻندڙ چيٽ مان مڙهائي نئين جواني ڏني وئي هئي. هڪ ڪارو ۽ گندو ڏيٺو بہ هو ،

جنهن تي ملڪ جو شيڊ ڏنل هو. ڪمرن ۾ شوخ رنگ جا وهاڻا هئا ۽ خوبصورت تصويرون هيون، پراڻين ميزن تي رکيل رنگ برنگي پٿن سان ڪتاب هئا، پراڻا ٿانوَ هئا ۽ وڏيون ميزون هيون. هڪ بيحد پراڻي قسم جي بخاري تي هڪ قيمتي ۽ خوبصورت دٻو رکيل هو، جنهن تي مينا ڪاريءَ جو ڪم ٿيل هو. انهن نادر ۽ ناياب شين جو پاڻ ۾ ڪوبه ميل ميلاپ ڪونه هو، البت انهن جو اصل مقصد رڳو آسودگي ظاهر ڪرڻ هو. هڪ ننڍڙي الماڙي سائي پڙدي سان ڍڪيل هئي، جنهن ۾ چينيءَ ۽ چانديءَ جا قيمتي ٿانوَ قطارن ۾ رکيا ويا هئا. اهي شيون ڏسي تعجب ٿيندو هو، ڇاڪاڻ ته هنن زالن کي انهن ڪمرن ۾ گهر ڪري رهڻو نه هو. پر بيگم هيناٽر ۽ بيگم گرائيم وضاحت ڪندي دير ئي نه ڪنديون هيون: آءٌ پنهنجي ڪمري ۾ ڪابه شيءِ ڪين پچايان. ان جهنجهٽ ۾ ڪير پوندو؟ هفتي ۾ ٻه راتيون ته آءٌ ٻارن سان گڏ گذاريندي آهيان. هو ته چاهين ٿا ته آءٌ سدائين ساڻن گڏ رهان، پر اها ڳالهه مون کي پسند نه آهي. مون وٽ اهي ئي شيون آهن، ڇاڪاڻ ته چانهه لاءِ هيٺ ماٺهو ڊوڙائڻ بدران آءٌ پاڻ هڪڙو ڪوپ ٺاهي سگهان ٿي. انهيءَ ڪانسواءِ هوٽل تي جيڪو ڪاڌو ملي ٿو اهو به ظاهر آهي! منهنجي نُنهن ته انهيءَ ڪاڌي کي اوپاريل بوسو چوندي آهي.

۾ چاڀن جون رڪابيون، پاچين ۽ ميون جا وڏا وڏا ڊيش ۽ ٿالهيون ڏسي، مهمان انهن جي استعمال بابت ضرور پڇا ڳاڇا ڪندا هئا.

سهڻي واري ڪمري ۽ گول ڪمري جي ٻخارن تي، چانديءَ جي فريمن ۾ ننڍن ٻارن جون تصويرون رکيل هيون. بيگم هينائر ۽ بيگم گرائيم، مهمانن جو هميشه انهن تصويرن ڏانهن ڌيان ڇڪائي، چونديون هيون: 'منهنجو اولاد.'

"ڪهڙا نه وڻندڙ آهن! سندن عمر ڇا هوندي؟"

"ننڍڙو پندرهن ورهين جي ڄمار جو آهي ۽ پيٽس جو ٻارهين سال ۾ پير پوڻ وارو آهي."

"ته پوءِ هي تصويرون گهڻا سال اڳ جون ورتل هونديون! هيءَ ته ٻارڙا آهن!"

"هائو، اهي پراڻيون تصويرون آهن. پر آءٌ تـه هنن کي گهڻو پسند ڪريان ٿي. آءٌ سدائين هنن کي ٻار ڪري سمجهندي آهيان. سون هنن جهڙا تيز ۽ چالاڪ ٻار ڪڏهن به نه ڏٺا!"

"اوهان کان به تيز ۽ چالاڪ؟"

"اڙي! ايڊ جهڙو شڪل جو بيڙو ۽ ڪارو، تو ڪڏهن به ڪوله ڏٺو هوندو! هو رات ڏينهن رڙيون ڪندو هو. جنهن زماني ۾ منهنجي شادي ٿي هئي، ان وقت ڪنوارين ڇوڪرين کي شاديءَ ڪرڻ کان اڳ ٻارن جي ڪابه خبر نه هوندي هئي. اڄڪلهه ته سورهن ورهين جون ڇوڪريون به اهڙيون ڳالهيون ڄاڻن ٿيون،

جن جي باري ۾ اڌڙوٽ عمر جون زالون ڳالهائينديون به شرم محسوس ڪنديون آهن."

اهو پويون فقرو ته بيگم ڪرائيم ئي چئي سگهي ٿي، هن ڪي پنهنجي آزادي خياليءَ تي ڏاڍو فخر هوندو هو، پر حقيقت ۾ سندس انهن ڳالهين ڪي نئين نسل ۾ پسند نه ڪيو ويندو هو. هوءَ پين معاملن وانگر ان معاملي ۾ به بيگم هينائر کان گهڻي مختلف هئي. سندس تيز حرڪتن، ڪڙاڪيدار گفتگو ۽ اندر پيٺل تيز اکين کي ڏسي، اوهان جو هڪدم ڌيان هڪ نيڙي، ڪاري، خوفائتي پر چالاڪ بافدر ڏانهن هليو ويندو. هوءَ جيتوڻيڪ عمر ۾ وڏي هئي، پر سندس وار اڃا تائين گهاٽا ۽ ڪارا هئا ۽ رڳو ڏونڌڙين وٽ هيتان هُتان اڇن وارن جون ڇڳون هيون. سندس پرون به ڪارا ۽ چست نظر ٿي آيا. هوءَ جڏهن ڪاوڙبي هئي، تڏهن سندس منهن جي هيٺين رنگ ۽ پارن جيتري بندري قد سببان وڌيڪ پوائتي ٿي پوندي هئي. هوءَ طبيعت جي تيز ۽ گستاخ هئي ۽ ڪنهن ڳالهه تي ناراض ٿي ڪاوڙجڻ کان پوءِ، هوءَ بنهه هڪ شڪاري ڪتي جهڙي ٿي پوندي هئي.

"هن ڇوڪريءَ ڏانهن ڏس! آءٌ شرط رکان ٿي ته هن پنهنجو ويس چاڙهي واٽي ڪاليل رکيو آهي. اهڙي ڪهڙي نه نفرت جوڳي ڳالهه آهي!"

"آءٌ ته انهيءَ ڳالهه کي ڏاڍو سٺو سمجهان ٿي،" بيگم هينائر وراڻيو.

”انهيءَ ۾ ڀلا ڪهڙي مُنائي آهي؟ آءٌ ته نه ٿي ڇڏيان!“

”صحتمنديءَ ۽ چُستيءَ جو اظهار!“

”هينائر! هيءَ ايمان جي ڳالهه آهي ته تون ڪنهن ڪنهن وقت پنهنجو عقل وڃايو ويهين.“
بيگم هينائر اهو جواب ڏيڻ پسند ڪانه ٿي. حقيقت ۾ هن جي راءِ کي ڪا اهميت ڪانه هئي. بيگم ڪرائيو ته ڪاوڙ ۾ آئين ٿي سمجهيو هو. هوڏانهن بيگم هينائر ورڻ ٿي هيءَ ٿي چون گهريو ته آءٌ تو وانگر ٻان ڪي ٻوڙهي عورت سمجهڻ پسند نٿي ڪريان.

صوفي هينائر، هڪ مشين سڏي عورت هئي. هوءَ نه ڪنهن جي آئيءَ ۾ هوندي هئي، نه ڪنهن جي وئيءَ ۾. هوءَ جيتوڻيڪ عمر ۾ پنهنجي مهيليءَ کان وڏي هئي ۽ سندس وار اڇا هئا، پر ڏسڻ ۾ هن کان ٻه ڏهه ورهيه ننڍي نظر ٿي آئي. سندس ڳوريءَ ۽ ڀرائيءَ هانيءَ کي، نرم نرم ۽ ٿلهن ڳاڏيلن تي ويهڻ کان پوءِ، ڏاڍي آسيس محسوس ٿيندي هئي. ڇوڪرائيءَ وهيءَ ۾ سندس رنگ ڏاڍو ڪُليل ۽ وڻندڙ هوندو هو ۽ هينئر به ان ۾ ڪو ٿورو ئي فرق آيو هو. هوءَ پنهنجن سفيد وارن کي چلڪائڻ لاءِ ڪيس ته استعمال ڪانه ڪندي هئي؛ پر مرڳو انهن سفيد وارن تي فخر محسوس ڪندي هئي. هينئر به بازار ۾ سينگار-دڪان تي جڏهن هوءَ پنهنجا وار ٺهرائڻ لاءِ ويندي آهي، تڏهن ڏاڍي پيئي وڻندي آهي.

مندس نانيءَ، هن کي ’سمجهو‘ ڪري مڃيندو هو. هو سدائين پنهنجن دوستن يارن کي هڪ خاص ڳالهه ٻڌائيندو هو: هڪڙي پيري بيگم هيناٿر، پنهنجين سهيلين کي هوٽل واري گهر ۾، رات جي مانيءَ کائڻ جي دعوت ڏني هئي. مهمان عورتون، مندس عمر جيڏيون هيون، جن ۾ گهڻو ڪري رنڊون زالون هيون. اهي سڀئي هار سينگار ڪري آيون هيون ۽ سڀني کي پنهنجي آزاد خيال هجڻ تي ڏاڍو فخر هو. اهو ڏسي، بيگم هيناٿر جي نانيءَ چيو، ”ماني کائڻ کان اڳوات آءٌ شراب موڪليندس. پوءِ هڪ گلاس ساڄي پاسي واريءَ پهرينءَ ڇوڪريءَ کان شروع ٿيندو.“ بيگم هيناٿر کي شراب ڏاڍو وڻندو هو.

”اڙي چورا!“ بيگم هيناٿر ڏاڍيءَ نفرت سان چيو، ”هنن کي شراب پيئارڻ چڱو ڪونهي، هي سڀئي هاءِ بلڊ پريشر جون مريض آهن.“ انهيءَ تي هن هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو.

”ٻڌ،“ هو گهڻو ڪري خوشيءَ سان چوندو هو، ”جيڪڏهن تنهنجي ڏيءَ تنهنجي اڌ جيتري به خوشمذاق هجي ها، ته پوءِ سواءِ ڪنهن ٻيءَ ڳالهه جي منهنجي انتخابي نظر، ڪنهن پوڙهيءَ تي پوي ها.“

بيگم هيناٿر ۽ بيگم گرائيم انهن ڪيترين ئي خوشحال وڏيءَ عمر وارين عورتن مان هيون، جيڪي پنهنجي زندگي، هوٽل جي فرحتي ۽ بيپرواهه ماحول ۾ گذاريندڙيون هيون؛ جتي انهن هوٽلن جي وڏن وڏن ڪمرن ۾،

ڳاڙها غاليچا وڇايل هوندا هئا، جتي ناسي رنگ جي سنگمرمر جا دالان هوندا هئا، ۽ جتي هر وقت دربان ۽ لفٽون موجود هونديون هيون، هو سدائين هوٽل جي ڪاڏي جي شڪايت ڪري، خوش ٿينديون هيون. هو گهڻو ڪري سمنڊ- پار ملڪن ۾ هڪ-ٻه سال سئر ڪرڻ جا پروگرام تيار ڪنديون هيون، ۽ وڏي بحث مباحثي کان پوءِ چونديون هيون، ته "ڇا ڪريون، ٻارن کي اسان جي ضرورت آهي." مينهوڳيءَ جي موسم ۽ سياري جي سرد مهينن ۾، هو ڪڏهن به محفل يا تماشي ۾ وڃڻ پسند نہ ڪنديون هيون. اهڙين موسمن ۾ گهڻو ڪري ٻنپهرن يا شام جي وقت، روشن يا ڪشادہ ڪمرن جو سڪوت ماهجونگ راند، جي آواز کان ٽٽي پوندو هو: ڪليل درين مان اهڙو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو، جنهن ۾ راند جا شاگرد ۽ واهيات نالا ورتا ويندا هئا: "هڪڙو بام! ويسٽ ونڊ! چار ڪُل!"

هو هڪٻئي سان ٽيليفون تي به ڳالهائينديون هيون. ان وقت هو هڪٻئي کي خالي نالي سان به سڏينديون هيون، "هلو! تون آهين، هينائر؟ ڇا پيئي ڪرين؟"

"اڙي! مون کي ٿورو ڪم آهي ___"

"ڪم کي ڪٿي ڪڏ ۾ اڇلاءِ. بيگم رينر آئي آهي. مون خيال ڪيو ته جيڪڏهن توکي اعتراض نہ هجي ته پاڻ ٽيئي گڏجي راند ڪريون."

هنن جا ڏينهن ڏاڍا مصروف گذرندا هئا. هو مينگار ـ گهر ۾ ڏاڍيءَ خبرداريءَ سان هٿن پيرن جا ننهن لهرائيندا هئا. هو ڏينهن جو فلمون ڏسڻ ويندا هئا؛ ڪڏهن ٿيئٽر ۾ به ويندا هئا ۽ راڳ جي محفلن ۾ به حصو وٺندا هئا. هو سماجي اصلاحي ليگ جون ڪارڪن به هيون ۽ اتي وچي تقريرون ٻڌنديون هيون. آتي انگريزي ناول نگار، انگريزي يونيورسٽين جا پروفيسر ۽ انگريزي ايڊيٽر ايندا هئا ۽ نهايت توهين آميز آڪسفورڊ لهجي ۾ 'زر جي غلام'، 'ماديت پسند آمريڪا'، وغيره، جهڙن موضوعن تي تقرير ڪري ڪان پوءِ، جلدي جلدي پنهنجي في وصول ڪري، شڪاگو ڏانهن ڀڄي ويندا هئا، جتي 'پينٽين ڪلب' جي ميمبرن جي مشتاق منهن تي ثقافت جون آليون وجي ڪندا هئا. هو نئوان نئوان ڪتاب پڙهي، انهن تي وڏا وڏا بحث ڪنديون هيون. آمريڪا جي وچولي طبقي جي چالاڪ، خواهشمند ۽ سونجهڻين پوڙهين عورتن ۾، هي پيٺي خوش مزاج ۽ عاقل عورتون سمجهيون وينديون هيون. زرد رنگ جي جورابن، تيز ۽ شوخ رنگ جي ٽوپلن ۽ فئشني زيورن تي ڳالهائيندي، سندن زبان مان عجيب ۽ غريب مذاق وارا گفتا ظاهر ٿيندا هئا. هنن جو هرهنڌ ڪٺليءَ دل سان آڌرڀاءُ ڪيو ويندو هو.

هو هفتي ۾ ٻه ڀيرا، پنهنجن پنهنجن يارن سان گڏ رات جي ماني کائيندا هئا. اهڙن موقعن تي اِها ڪوشش ڪندا هئا ته ميزبان جي فضول خرچيءَ تي ڪابه نُڪتچيني نه ڪن. انهيءَ هوندي به ڪڏهن ڪڏهن تنقيد ڪرڻ کان سواءِ رهي نه سگهندا هئا.

”اسٽرا بيريز، هان؟ جنوري ۾! توبهه آهي! انهيءَ ڪاڏي تي خرچ ڪرڻ لاءِ ايترو پئسو ڪٿان ٿو اچي؟“

ايڊيا جو ڀڪل گوشت جو ڪو سٺو ٽڪرو ويندا هئا، ته چوندا هئا: ”جيڪڏهن اهو منهنجي لاءِ آهي ته پوءِ انهيءَ جو اڌ ٽڪرو ڪافي ٿيندو.“

هو يارن کي به رات جي مانيءَ کائڻ لاءِ دعوت ڏيندا هئا، ”پر، اما! ڪهڙي نه بيوقوفيءَ جي ڳالهه ڇنڊي! اسين ته گهر گهاٽ واريون آهيون، تو کي هت اچڻ ۾ ڪابه تڪليف نه ٿيندي.“

”هت ته آءٌ هر هفتي ٻه گهمرا ايندي آهيان. هاڻي ته مهينو اچي پورو ٿيو آهي جو تو مون وٽ ماني نه کاڌي آهي.“

”پر اسين ته چار ڄڻا آهيون تون اڪيلي آهين.“

”پر، ماڻهو سمجهندا ته آءٌ ڪا فقيرياڻي آهيان. جيڪڏهن آءٌ اهو بار کڻي سگهان ته پوءِ اوهان سان انڪار نه ڪريان ها. آءٌ ته بلڪل آزاد آهيان.“

هئو به واقعي ائين. - معاشي طور آزاد، جسماني طور چست ۽ سماجي طور شوقين! هن کي ڪاڏي

هتي، ڪپڙي لٽي، گهر گهاٽ، دوستيءَ ۽ سير تفريح جي هر ڪا سهوليت ميسر هئي. هو فقط هڪڙيءَ ڳالهه لاءِ پنهنجي اولاد جون محتاج هيون، يعني هڪ اهڙيءَ ڳالهه لاءِ، جنهن کان سواءِ هنن جو زنده رهڻ محال هو: اهو هو پيار ۽ انساني محبت.

اهڙين دعوتن جي موقعن تي، آرهڙ ۾، ٻارن جي دستوري سير سفر جي پروگرام جي بيگم هينائر ۽ بيگم گرائيم کي خبر پئجي ويندي هئي. اها انو کي ڳالهه هوندي ته عجب جهڙي ڳالهه ڪانه هئي. سندن اولاد جي اولاد ۾ قد آور، بت جا سنها ۽ رانديگر ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون هونديون هيون. اهي انچا تائين پاڻ کي ٻارڙا ڪري سمجهندا هئا. جيتوڻيڪ هنن جا ٻار به وڏيءَ ڄمر آيا هئا، جن جا وار اڇا ٿيڻ تي هئا ۽ جڏهن اهي کيلندا هئا، تڏهن اکين جي ڪُنڍن وٽ گهنج پئجي ويندا هئن.

هو پاڻ کي اڃا به ٻار سمجهندا هئا: ٻنهي ٻار، جن کي اڃا به رهبريءَ ۽ رهنمائيءَ جي ضروت هئي. اهي ٻار جيئن ته گهڻو ڪري آزاديءَ بابت پڙاڪون پڏندا هئا، تنهنڪري شايد هنن اهو محسوس ڪرڻ ضروري ڪين ڄاتو، ته سندن همت پري، مستعد ۽ اثرائتي صورت تي پوري قبضو ڪندي ٿي ويئي ۽ جنهن جي موجودگيءَ سبب گهڻو ڪري گهرو انتظام ۾ نااتفاقي اچي ويندي آهي.

زال مڙس انهيءَ ڳالهه تي صلاح مشورو ڪندا هئا: اهو ٻارن لاءِ چڱو ڪونهي. هوءَ به ته اسان وانگر ئي مضبوط ۽ سگهاري آهي. جيڪڏهن مون کان پڇين تو ته مون ۾ هينئر به پيٽي سگهه آهي. پر ڏس ته سهي، آرهڙ ۾ ڇوڪرو ۽ ڇوڪري ذرو به ڪين ڇُريا، ڇاڪاڻ ته هوءَ بيمار هئي. سچ پچ ته هاڻي ٻار وڏا ٿي ويا آهن، تون اهو هرگز نه چاهه ته هو اڃا به ٻار آهن. هو پنهنجي آزاديءَ جا حقدار آهن. انهيءَ هوندي به سڄو سيارو اسان کي خبردار رهڻ گهرجي. اسان کي ٻارن جو خيال رکڻو آهي.

آرهڙ ويجهو پهچندو ويو. ايرفندي طرف پنجاهه ۽ ست نمبر گهٽيءَ وارين جاين شروع ٿي ويون. ماڻهو جاين جي ڇانوَ ۾ هلڻ لڳا. ثقافت جا ماهر انگريز، آمريڪي ڊالر ميڙي، پنهنجي گهر (تصوريت پسند يورپ) ڏانهن روانا ٿي ويا. سج جي گرم روشنيءَ ۾ موليئر، شا، ابسن، ورفيل ۽ اونيئل جا ڊراما ڀڳهرجي ويا ۽ انهن جي جاءِ تي ڙاڳ جي محفلن جي بي لطف تذڪار پکڙجي ويئي.

”اما!“ - بيگم ڪرائيم جي ننڍهن نورو تيز ڳالهائيندي ۽ مڙس ڏانهن مهواءِ نهارڻ جي ڇيو، ”گذريل سال ايڊ جو بخار البت خطرناڪ هو ۽ آگسٽ ۾ ننڍڙي کي جيڪا تڏ لڳي هئي، آها تڏ ڪين هئي، پر بخار هو. آءٌ سمجهان ٿي اهو هن کي ورثي ۾ مليو آهي.“

”سراسر بيوقوفي!“ بيگم گرائيم وراڻيو.

هن جا چپ زور سان پڪوڙجي ويا ۽ پوءِ وري اڳئين کان به تيز ڳالهائڻ لڳي. ”ڊاڪٽر بار، چوي ٿو ته هنن پنهي ڪسي ساون ۽ کليل ميدانن جي آب و هوا ملڻ گهرجي. حقيقت ۾ هن جو به انهيءَ ڳالهه تي ضد هو. مون کي خوف آهي ته هن سال هاڻ رڳو جبلن تي هلنداسون. جيڪڏهن توکي جبلن جي هوا پائڻ پوي ۽ تون اسان سان گڏجي اتي هلين ته اسان کي ڏاڍي خوشي ٿيندي . هن ڀيري اسين جبلن تي تمام مٿي ويندا سون- ڪينڊل ڏانهن. اتي واري جاءِ جيتوڻيڪ ننڍڙي آهي، پر تون شايد ان جي ويجهو ڪنهن سراءِ ۾ سهڻ ۽ اسان سان گڏ ماني کائڻ تي اعتراض نه ڪندين. بورچيءَ به اسان سان گڏ هلڻ جو واعدو ڪيو آهي.... جون پنهنجين پن سهيلين کان به پڇيو آهي ته....“

”نه، نه،“ بيگم گرائيم خوفائتي آواز ۾ چيو، ”ن، منهنجو ڪوبه فڪر نه ڪجو. اهو نه ڪنهن کي ڪڏهن ٿيو آهي ۽ نه ڪنهن کي وري ٿيندو. ماڻهو اهوئي سمجهندا ته، آءٌ بار آهيان. مون کي ته ڪابه خبر نه آهي ته هن آرهڙ ۾ آءٌ ڇا ڪنديس! شايد آءٌ ڪنهن ٻئي ملڪ وڃان.“

ايڊ ونان هڪدم جواب آيو، ”آءٌ توکي يورپ ۾ اڪيلو نه ڇڏيندس.“

”ڇو، ڇو ٿو ته آءٌ اڪيلي ويندس؟ آءٌ ته

ڪنهن نه ڪنهن کي هڙوُن پاڙو پيري پاڻ سان وٺي ويندي‌س. آءٌ ته بلڪل آزاد آهيان."

"آما! هاڻي اٿين نه چؤ. تون چاڻين ٿي ته آءٌ ۽ ايڊ ...."

"هائو، آءٌ چاڻان ٿي." بيگم گرائيم جواب ڏنو.

بيگم هيناٿر جي ڏيءَ ته پيشانيءَ ۾ گٺي گُهنڊ پاتو. "توکي خبر آهي ته گذريل سڄي آرهڙ ۾ ڊوروٿي کهڙي نه هنڊي ۽ ڏڪل نٿل پئي نظر آئي! خير، بورس جو چوڻ آهي ته هن کي سمونڊ جي هوا فائدي واري ٿيندي ۽ هن کي ڪاري پاڻيءَ ۾ وهنجڻ گهرجي. نيويارڪ کان فقط ٻن ڪلاڪن جو رستو آهي. جوُ لاءِ ته اها مزيدار ڳالهه ٿيندي. هو هر جمعي تي ايندو ۽ سومر تائين اتي رهي سگهندو. آگسٽ جي مهيني ۾ جڏهن ڪم جهڪو هو، ته پوءِ هو خميس جي ڏينهن به اچي سگهندو. آءٌ سمجهان ٿي ته ساموندي هوا تنهنجي ٻچيءَ جي سوچ لاءِ نقصانڪار آهي، پر مون کي ٻارن جو ۽ جوُ جو به خيال رکڻو آهي."

"منهنجو خيال ڪنهن کي به ڪونهي"، بيگم هيناٿر ناراض ٿيندي چيو. هن پنهنجي آگر سان ڪرسيءَ تي نندڙا ۽ گول گول چڪرا ناهيندي چيو، "ماڻهو سمجهندا ته آءٌ ٻار آهيان."

"آما! اٿين نه چؤ. اها ڳالهه ته نهي ئي نٿي. توکي خبر آهي ته آرهڙ ۾ جڏهن تون اسان سان گڏ هوندي آهين، تڏهن اسان کي ڏاڍي خوشي ٿيندي آهي

تنهنجي لاءِ ته امان وٽ گهڻي جاءِ آهي - ڊوروٿي
تنهنجي لاءِ ...."

"نه، نه، مون کي ته ڪا به خبر ڪانهي ته هن آرهڙ ۾ آءٌ ڇا ڪنديس، شايد آءٌ يورپ وڃان."

"آءٌ توکي اڪيلو ڪونه ڇڏينديس."

"مون اهو ڪيو چيو، ته آءٌ اڪيلي وينديس؟ منهنجون ته گهڻيون ئي سهيليون آهن، جيڪي هر سال يورپ وينديون آهن ۽ مون کي پاڻ سان وٺي هلڻ لاءِ منٿون ڪنديون آهن. آءٌ ته ڪنهن کي ياڙو ڏئي به پاڻ سان وٺي وڃي سگهان ٿي. آءٌ بلڪل آزاد آهيان."

ٻنهي مان ڪا به هڪڙي مان سچ نه ڳالهائيندي هئي. بيگم هينائر، بيگم گرائيم جي اڳيان وڏي ۾ وڏو ڪوڙ ڳالهائيندي هئي ۽ بيگم گرائيم وري بيگم هينائر کي منهن تي رکائي ويندي هئي: آءٌ سامونڊي هوا کان بيزار آهيان، آءٌ جبلن مان ڪڪ آهيان. سڄو سيارو شهر ۾ ساڳيا ساڳيا ماڻهو ڏسجن ٿا. ڪهڙي تبديلي آئي آهي! ڏوري آب و هوا. اها ڇا آهي؟

"تون هوا بدلائڻ لاءِ جبلن تي ڇو نٿي وڃين؟" بيگم هينائر پڇيو.

"جبلن جي هوا مون کي ٺهي پانءِ نٿي پوي، ان جو منهنجيءَ دل تي خراب اثر ٿيندو آهي، تون سمونڊ جي ڪناري ڀلا ڇو نٿي وڃين؟"

"ڊاڪٽر منع ڪئي آهي. سامونڊي هوا منهنجي ڳچيءَ جي ناڙين لاءِ نقصانڪار آهي."

پنهنجي گهڙيءَ ڪن لاءِ هڪڙي جي نظرن ۾ بيپرواهيءَ سان ڏٺو. بيگم گرائم پڇڙين ڳالهايو. هن جي آواز ۾ ٿوري لطافت هئي. ”اڄ يورپ وينديس. اڄ اڪيلي وڃڻ ته نه ٿي چاهيان، پر تمام ٿورا ماڻهو هوندا آهن، جن سان سفر ڪرڻ مناسب هوندو آهي.“

”منهنجي لاءِ ڪهڙي راءِ آهي؟“ بيگم هينائر خوشطبعيءَ سان صلاح ڏني.

”چرچو ته نٿي ڪرين، هينائر؟“

انتظام ٿي ويو. اڳي به مرحوم گرائم ۽ مرحوم هينائر جي حيات هوندي، پيئي ٻاهرين ملڪن مان ٿي آيون هيون؛ بيگم هينائر هڪڙو پيرو وئي هئي ۽ بيگم گرائم ڪيترا دفعا.

گرائم پريل بت جو هڪ نهايت خوبصورت واپاري هو ۽ ٻاهرين ملڪن مان مال گهرائيندو هو. بيگم گرائم وري پنهنجي وفاداري ثابت ڪرڻ لاءِ ماڻس گڏجي ٻاهرين ملڪن ڏانهن وڃڻ تي ڏاڍو اصرار ڪندي هئي. مسٽرس شام جو پنجين بجي گهر ايندو هو ۽ اعلان ڪندو هو، ته سڀاڻي صبح جو ڏهين بجي ڪنهن ٻاهرئين ملڪ ڏانهن سفر تي وڃڻو آهي. اهو ٻڌي، بيگم گرائم روزا دارٿل وانگر عجب مان نهاريندي هئي ۽ تڙ تڪڙ ۾ سامان جون پيتيون بند ڪرائي، اهڙي ڪنهن لائق ذاتيءَ جي حيراني ڪري،

ڏاڍي ڪاميابيءَ ۽ ڪامرانيءَ سان سفر تي رواني ٿيندي هئي.

”آءٌ ڇهه پيرا سمونڊ پار ويئي آهيان“، بيگم گرائم ٿوري ئي ڪاوڙ ڏيارڻ تي چوندي هئي: ”آءٌ ته پيرس ۽ لنڊن ۾ به ائين محسوس ڪندي آهيان، جڻ نيويارڪ ۾ آهيان“.

بيگم گرائم اهو ئي گهريو ٿي ته آءٌ بيگم هينائر جي رهنمائي ڪريان. پنهنجي سهيليءَ لاءِ سنديس روبي ۾ ڏاڍي وسعت ۽ ڪشادگي هئي. بيگم گرائم کي هميشه پئسن جي ضرورت رهندي هئي، تنهنڪري هوءَ اهڙي سياڻپ سان خرچ هلائيندي هئي، جو ڪيس ڪنجوس سمجهيو ويندو هو. پئي پاسي بيگم هينائر ٻارن وانگر فضول خرچ هوندي هئي ۽ هميشه مٺائيءَ جو ڇپو هٿ ۾ هوندو هوس. هن ويچاريءَ ڪيترين ئي تڪليفون سٺيون هيون. ڪنهن زماني ۾ مڙس، مسٽر هينائر، هن لاءِ هڪ جاگير خريد ڪئي هئي، ۽ ٿيو ائين جو وڪري جي دستاويز تي سنديس نالو انهيءَ ملڪيت کي هڪ سڙي وانگر ڪاٽي ويو. هوءَ اوپر طرف شهر ۾ ڪا ملڪيت خريد ڪندي هئي، ته آتي جا رهاڪو اولهه طرف پڄي ويندا هئا، جڻ ته آتي ڪا وبا آئي هجي! هن جيڪڏهن آتر طرف ڪا خريداري ٿي ڪئي، ته ترقي ۽ واڌارو وري ڏکڻ طرف ٿي ٿيو. هينائر جي اوچتي وفات کان پوءِ، پراڻيون جايون ۽ اوپر درياءَ

وٽ خالي پلاٽ، جيڪي هو پنهنجي ٻيوهم لاءِ ڇڏي
ويو هو ۽ جن مان ڪنهن به آمدنيءَ جي اميد نه هئي،
انهن مان هڪ تي ٻاويهه ماڙ عمارت ٺهي راس ٿي. اها
عمارت پوءِ نوانوي سالن جي ٺيڪي تي ڏني ويئي ۽
بيگم هينائر پنهنجا ٿوپلا ستونجاهه نمبر گهڻيءَ مان خريد
ڪرڻ لڳي. اهي ڏک ڏولاوا هن کي ذرو به پريشان
ڪري نه سگهيا. انهن جي ڪري ته هن جي طبيعت
۾ وڌيڪ شيريني ۽ صبر اچي ويو هو. ”ڪهڙو فرق
ٿيندو!“ هوءَ پاڻ کي چوندي هئي، ”توکي فقط هڪ
پيرو زنده رهڻو آهي.“ هن چئي ته هڪ وڏي حقيقت
ڳولي لڌي هئي.

سفر جي سنبت ۾ هنن سادگيءَ کان ڪم ورتو.
سندن بااصول زندگيءَ ۾ ترڙتڪڙ جي ضرورت نه هئي.
بيگم گرائم ته سفر جي ڳڪي ۽ تجربيڪار هئي، يعني
’خالي پيتيون کڻي هلو ۽ آنان ڀري اچو .... آمريڪي
ملڪ جا جوراب کڻي هلو، اتي جا جوراب هڪ پيرو
به پائي نه سگهندؤ .... فرحتي بوٽ ضرور کڻجانءِ ....
ڪافي پنهنجي کڻ .... جهاز تي جنهن طرف آس هجي
ان طرف رهڻ گهرجي .... ٿلهو ڪوٽ .... آمريڪي پئسا....‘
جهاز ۾ هنن ٻه گڏيءَ مسواڙ وارا ڪمرا بُڪ
ڪرايا هئا، جن جي وچ ۾ غسلخانو هو. ”چوريون،
اوهين ته گپائٽين وانگر سفر ٿيون ڪريو!“ بيگم هينائر
جي نانيءَ چرچو ڪندي چيو. ۽ هن جي اها راءِ

هن جي ڪمرن مان صاف ظاهر هئي: گل، ڪتاب، مٺايون، ميوا، ٽيليگرام.

”ماڻهو ائين ڇو ٿا ڪن؟“ بيگم گرائم ڏند پڪوڙي آهستگيءَ سان پنهنجي ناراضپي کي ظاهر ڪندي، رڙ ڪئي. ڪيتري نه فضول خرچي آهي! هن وڏي ڇپي ۾ ته نهار، جيڪو مسٽر گرائم جي اڳوڻي پائيوار موڪليو آهي.“ هن بيگم هينائر جي اڻوندڙ گلن واري ڪپڙي ڏانهن پيار ڀرين نظرين سان ڏٺو.

”هينئر يا هينار——“

”هينائر“، صوفيءَ سواءِ ناراض ٿيڻ جي نهاريو.“ اڙي! هي وڏيون ناسپاتيون ته ڏس! هڪ ويلي جي ڪاڏي جيتريون آهن.“

اهي وڏيون ناسپاتيون گهڻو ڪري سخت هونديون آهن. مون کي ته خبر ئي نٿي پوي ته ماڻهو ائين ڇو ٿا ڪن. آءٌ گرائم کي مداتين ڇوندي هيس ۽ اسين ڇٽيهه پيرا سمونڊ پار ويا آهيون، ته جيڪڏهن ماڻهو رڳو تارون پيا موڪليندا ۽ نه ٻي ڪا شئي، ته پوءِ انهيءَ ڪان وڌ ٻي ڪهڙي عقل جي ڳالهه ڇئبي“.

مون کي ته اها ڳالهه پسند آهي.“ بيگم هينائر چيو. هن جي لهجي مان پاراڻو جوش ظاهر هو: ”آءٌ سمجهان ٿي ته اها هڪ چڱيءَ ڳالهه آهي. انهيءَ مان مون کي ته ائين ٿو لڳي ته آءٌ هردلعزيز آهيان.“

”منهنجي لاءِ ته اها پراڻي ڳالهه آهي.“ بيگم گرائم راءِ ڏني.

جهاز رواني ٿيڻ وقت هو ٻئي جهاز جي ڪنهڙي وٽ بيٺيون هيون. بندر تي ڏيءَ، پٽ، ننهڻ نائي ۽ ٻار بيٺا هئا، جن هٿن جي اشارن سان ڪين الوداع پئي چيو. انهن جون شڪليون پري ڪان ڪين ائين پئي نظر آيون، ڄڻ ته خلا ۾ سفيد ٽشٽريون پئي ڦريون. ڪنهڙي وٽ بيٺل انهن ٻن جيون لاءِ اهي ٽشٽريون ڄڻ ته سندن دنيا هئي، سندن شمسي نظام هو، زندگيءَ ۾ سندن حاصلات جي علامت هئي ۽ خود زندگيءَ سان سندن زنده تعلق هو.

”هينئر ئي لڪ! زمين تي لهڻ شرط تار ڪج. وسارج نه! پنهنجو خيال رکج!“ هو انهيءَ خلا کي آخري بار سوگهو جهلڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا، جيڪو سندن وچ ۾ وسيع ۽ ڪشادو ٿيندو پئي ويو. اوچتو جهاز جي ڪنهڙي وٽ هڪبئي جي پرسان ننڍڙي هٿڙي ۾ ڪارين اکين واري ڇهري ۽ پريل، سرخ ۽ نيرين اکين واري ڇهري تي هڪ اهڙي ڪيفيت طاري ٿي ويئي، جنهن کي محسوس ڪرڻ کان پوءِ ڪُل جي بدران رحم ٿي آيو. سفيد ٽشٽريون، سمونڊ جي نيري پاڻيءَ ۾ ترڻ لڳيون.

بيگم هينائر جي ڏيءَ برنس، پنهنجي مڙس جي ٻانهن کي سوگهو جهليو. سندس ٻنهي هٿن جون آڱريون وات تي اهڙيءَ طرح ته ڏنل هيون، ڄڻ ته هوءَ ڪا ٻار هئي، جنهن کي ڪنهن خوف اچي وڪوڙيو هو. ”اڙي جڙ! هوءَ ته رڙيون پيئي ڪري! ڏس ته

سهي! منهنجي خيال ۾ اهين هن کي وڃڻ ئي نه ڏيون ها. مون کي ته ڪجهه به سمجهه ۾ نٿو اچي. هوءَ ائين پئي نظر اچي.... ائين پئي ڏسجي ــــ".

"اڙي! برني! هوءَ هينئر بلڪل ٺيڪ آهي" بيگم هينار جي نانيءَ، جلدي جلدي چيو. "هوءَ ته هڪ رؤنشو آهي. هن جو وقت ڏاڍي مزي سان گذرندو. اڙي! تنهنجي روبي مان ماڻهو سمجهندا ته تون ماءُ آهين ۽ هوءَ ڌيءَ آهي."

بيگم گرائم جي بٽ ايئي، جنهن جو منهن جهاز جي ڪنهڙي وٽ سڪل ۽ ڪاري چهري ڏانهن مڙيل هو، اهڙيءَ طرح پنهنجا ڏند پڪوڙيا، جو سندس چاڙيءَ جا پيئي پاسا آپري آيا. هن ڏاڍيءَ بيوقوفيءَ سان هوا ۾ پنهنجون ٻانهون لوڏيون ۽ ٽوپلي سان اشارا ڪيا.

"اسٽيل! هيڏانهن ته ڏس! هوءَ رڙيون پيئي ڪري. مون کي ڪجهه به سمجهه ۾ نٿو اچي. تون ڇا ٿي سمجهين؟ هن کي اهڙيءَ طرح اڪيلو ڇڏڻ نه کپندو هو. هوءَ ته ائين پئي ڏسجي.... ائين پئي ــــ".

"هوءَ اڪيلي نه آهي، جؤ! تو کي ڇا ٿي ويو آهي؟ جؤ! آءٌ ته تو کي اڳيئي چوندي هيس ته تنهنجي ماءٌ وڏي ڪمزوري آهي. تو هن کي سچ ته ڪاري ڇڏو آهي."

هو پيئي شاندار سياح هيون. ڏينهن ۾ ٽي - ٽي ڀيرا ڪاڏو ڪائينديون هيون، پر بيگم هينار جوڙون ڀيرو

شام جو بہ ڏاڍي چاھہ سان چانھہ ۽ ڪيڪ کائيندي ھئي.

”آءُ جهاز ۾ چانھہ کي ڪڏھن بہ ھٿ نہ لايان“، بيگم گرائمہ اھا ڳالھہ اھڙيءَ طرح ڪئي ڄڻ تہ ان پرھيزگاريءَ ۾ خاص حڪمت ھئي.

جيتوڻيڪ ھو ٻيئي ھڪٻئي جي ڏاڍو ويجهو ھيون، پر ڪين انھيءَ ڪاوڙائيندڙ سھيلپ جو اڃا تائين احساس نہ ٿيو ھو، جيڪا سفر ۾ پيدا ٿيندي آھي. بيگم ھينائر ھڪ اھڙي قسم جي عورت ھئي، جيڪا ڏندن جي پيسٽ جي ٽيوب کي زور سان پوچ ڏيڻ پسند نہ ڪندي ھئي. پر بيگم گرائمہ وري اھڙي قسم جي عورت ھئي، جنھن کي اھا ڳالھہ ڪاوڙائي ڇڏيندي ھئي. ٻيئي صبح جو سوير اٿنديون ھيون ۽ پنھنجن پنھنجن ڪمرن ۾ ٿي نيرن ڪنديون ھيون. البت، بيگم ھينائر نيرن کائڻ کان پوءِ، ھنڌ مان نڪري، ڪپڙا مٽائي، ڪمري مان ٻاھر ايندي ھئي ۽ بيگم گرائمہ ٻنپھرن تائين ھنڌ ۾ پئي ھوندي ھئي.

”ڏينھن ڏاڍو وڏو ٿئي ٿو“، ھن چيو. ”انھيءَ کان سواءِ آرام ڪرڻ لاءِ ھھڙو موقعو وري ٿورو ئي ملندو. جيڪو ماڻھو سفر جو عادي آھي، تنھن کي اھا ڳالھہ ڪڏھن بہ پسند نہ ايندي تہ صبح جي وقت جهاز ۾ ٽپا ڏيندو پيو گھمجي.“

سندن نيرن جا طشت بہ ھڪٻئي کان گھڻو مختلف ھوندا ھئا. ڳاڙھي ۽ ٿلھي متاري بيگم ھينائر بلو

ڪمبل ڪلهن تي ڪري، هڪ روشن ۽ ننڍڙي ڪمري ۾ ڏاڍي اطمينان ۽ آرام سان ويڙهي سيڙهي ويٺي هوندي هئي. سندس گوڏن تي جدا جدا ڍڪڻن سان پيريل طشت رکيو هوندو هو ۽ هوءَ ايترو کاڌو کائيندي هئي، جنهن سان ڪينساس جي ڪو هاري پنهنجي ڏينهن جي شروعات ڪندو آهي. انهيءَ ايتري ساري کاڌي کائڻ کان پوءِ، ڪافيءَ جا پتا، ڪوپ ۽ سفر لاءِ مليل تحفن مان خالص ملائيءَ جي پيالي به استعمال ڪندي هئي. بيگم هينائر انهن سيني شين جا نالا وٺي، نوڪرياڻيءَ کي حڪم ڪندي هئي ته جلد کڻي اچ. اهو ٻڌي، بيگم گرائم ڏاڍي سختيءَ سان انهيءَ حڪم کي ناپسند ڪندي، ملامت آميز لهجي ۾ پنهنجيءَ نيرن لاءِ حڪم ڏيندي هئي: ڪافي، گرم پاڻي، خشڪ توس.

"تعجب!" بيگم هينائر پنهنجي ڪمري مان روٽيءَ جي گرم گرم ٽڪري تي مکڻ جو چاپوڙو ۽ نارنگيءَ جو مربو هڻي! اهو مسرور ٽڪرو پنهنجي وات ۾ وجهندي رڙ ڪندي هئي، "تعجب آهي، بيگم گرائم! اهو ڪي سبب آهي جو تون سڙي سُڪي پئي آهين!"

ڪاري ۽ ننڍڙي بيگم گرائم، پنهنجي بستري ۾ اهڙي پيئي لڳندي هئي، جهڙي ڪير جي ڏانوڻ ۾ مک. بيگم هينائر جي وهنجڻ جو آواز ٻڌي هوءَ ڪاوڙجي پوندي هئي. بيگم هينائر ته ڍڳ دماغ سان وهجندي هئي.

"بيگم هينائر! مهرباني ڪري دروازو بند ڪر. مون

ساري رات اک نہ پوني آهي. جيڪڏهن وقت مليو تہ آءٌ هيٺئر پہ - ني منٽ ننڊ ڪري وٺنديس."

جڏهن هو پيٽي کلهو ڪنهي سان ملائي، لڙيون ويڙهي، آرام ڪرڻ ۽ سوچڻ ويچارڻ لاءِ، جهاز جي عرشي تي ويهنديون هيون، تڏهن ڳالهہ ٻولهہ ڪندي پنهنجي پٽ ۽ پنهنجي ڏيءَ طرفان پهتل ڪنهن تڪيف جو ذڪر ضرور ڪنديون هيون. ڳهٽيءَ ڳهٽيءَ دير جي مات ۽ چپ ڪان پوءِ، ننڍڙا ننڍڙا ۽ اجايا رايا جيڪي بلڪل غير شعوري ڄيا ويندا هئا ۽ ائين پيو لڳندو هو تہ ڳالهائيندڙ وڏي آواز سوچي رهيون هيون: خير، آءٌ سمجهان ٿي تہ زندگي انهيءَ جو نالو آهي.... تو هن کي پنهنجن پيرن تي بيهڻ لاءِ پنهنجي زندگي قربان ڪري ڇڏي ۽ هاڻي هن کي تنهنجي ڪابہ ضرورت ڪانهي.... هڪ ڏيءَ سموري عمر ڏيءَ تي رهندي، پر پٽ فقط ان وقت تائين پنهنجو پٽ آهي، جيستائين هن جي شادي نہ آهي.... هون، مون کي انهيءَ بابت ڪابہ خبر نہ آهي. ڪڏهن ڪڏهن وقت آءٌ سوچيندي آهيان تہ منهنجو ناٺي جو منهنجي پنهنجي پٽ جاٺيءَ کان وڌيڪ لحاظ وارو آهي.... ايترو آءٌ چئي سگهان ٿي تہ جيتري مون کي سندن ضرورت آهي، انهيءَ کان وڌيڪ هنن کي منهنجي ضرورت آهي.

هو وچهہ وٺي هڪٻئي کي وچي جهليندي هيون ۽ هڪٻئي کي سختيءَ سان اکيون پڇنديون هيون.

هو جهاز جي عرشي تي سير ڪندڙ همسفر مردن خواهه عورتن تي ٽوڪون ڪنديرن هيون ۽ انهن بابت مزيدار رايا ڏينديون هيون. جهاز ۾ سندن ملاقات هڪ پراڻن خيالن واريءَ عورت سان ٿي، جيڪا پوءِ يورپ ڪنڊ جي سير ۾ سندن ساٿياڻي هئي. انهيءَ عورت جي ڪري هنن ۾ خوشيءَ ۽ نفرت جا چڱا خاصا جذبا اڀريا. اهي پراڻي زماني جون آمريڪي عورتون هيون يا انگريزي شريف عورتون، جيڪي تاريخي ناولن، ڪپڙي سان سڙهيل ۽ بڪل لڳل وڏيون ڪاريون جتيون ۽ شاندار ڪاري ڪپڙي جا لباس پايو پيون هلنديون هيون، جن جي صورت شڪل سندن شڪستن جو آئينو هئي يا ته سندن ساٿي اهڙا هوندا هئا، جيڪي پنهنجي سموري پورنجي زندگيءَ جي جوا ۾ هارائي ويٺا هئا. اهي عورتون سڀ جي ڇانوَ ۾ هلندي شرم ۽ حيا محسوس ڪنديون هيون. اهو نظارو ڏسي، بيگم هينائر ۽ بيگم گرائم جي دل ۾ ڪا نه ڪا شرارت سُجهي ايندي هئي.

”منهنجو خيال آهي ته آءٌ پئرس پهچي، پنهنجا وار گهنڊيدار ٺهرائينديس“، بيگم هينائر اعلان ڪندي چوندي. ”برنيس جو خيال آهي ته اهي وار ٺهي سگهندا.“

”بيوقوف نه ٿيءُ! هُن عورت ڏانهن ڏس! جُون ۽ هُن ڪارا گيٽر پاتا آهن. اهي ڪارا گيٽر ڏسي مون کي قبر کوٽڻ وارا اچهو ياد پون. آءٌ شرط سان

چوان ٿي تہ هوءَ ڪنهن براڻي خاندان مان آهي، خير!"

لنڊن، پئرس، ڊيول، فرينڪفرٽ، بروسيلز، ليومرن. هنن جي قوّت ۽ طاقت خوفناڪ هئي. ائين ٿي لڳو ڄڻ تہ وقت جي واري تيزيءَ سان منڊن هٿن مان وهندي پئي ويئي. اهڙي تيزي سان جو هنن کي پنهنجي آرام ۽ ننڊ ۾ وچايل وقت تي بہ رشڪ پئي آيو. هنن پنهنجي سر تہ اهو ٿي سوچيو هو تہ کين سمهڻ لاءِ گهٽو ٿي وقت ملندو، پر پوءِ هنن پنهنجي ذهن مان اهو خيال ڪڍي ڇڏيو. هو آڌيءَ رات ٽيڻ ڪان اڳ بہ بستري ۾ ويندي ئون ٿي نہ هيون. وري ڪيتري وقت تائين هنڌ ۾ ئي ڪتاب پيون پڙهنديون هيون، پر صبح جو ڇهہ وڄندا ٿي نہ هئا تہ منڊن اک کلي ويندي هئي. ان وقت هو پنهنجي پنهنجي هنڌ ۾ پيون سوچينديون هيون؛ بيگم گرائم پنهنجي ڪمري ۾ ۽ بيگم هيمائر پنهنجي ڪمري ۾. هو پنهنجي زندگيءَ جا سٺ - سٺ سال گذاري، مٿي چڙهيون هيون. هو رڳو ماضيءَ ۽ حال بابت سوچينديون هيون، پر مستقبل جو کين ڪوبہ فڪر نہ هو.

نيٺ هنن جو پاڻ ۾ جهيڙو بہ ٿي پيو، اهڙو جهيڙو، جيڪو هلندو ٿي رهيو. شايد هڪٻئي جي ويجهو هجڻ ڪري، هرهڪ کي هر وقت پنهنجو پاڇو هڪٻئي جي چهري ۾ نظر ايندو هو. هو سفر جي ٿڪاوٽ، ننڊ جي گهٽتائي، ذهني مونجهہ، اڪيلائيءَ ۽ سفر جي تڪليفن وغيره کي ڪڏهن بہ هڪٻئي

تي ظاهر نہ ڪنديون هيون؛ مورگو پيئي هڪبئي کي قصوروار سمجهنديون هيون. هوٽل جي ورانڊي ۾، ريل گاڏيءَ ۾، پارڪن ۾، دڪانن ۾، مطلب تہ جتي بہ ۽ جنهن وقت بہ سندن ڪا نئين چال سڃاڻ ٿي، تہ نهہ ـ پهہ. لڪ چپ ۾ هڪبئي جي انهيءَ مان شڪايت ڪنديون هيون.

بيگم گرائم چڙ تہ ڪنهن پکيڙي وانگر هئي، جنهن جي ڪاوڙ جو خاص سبب بيگم هيمائر جي شاندار بک هوندي هئي. انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ ٿلهي متاري، نازڪ مزاج ۽ دلڪش بيگم هيمائر، جي سڀ کان وڏيڪ پسند جي شيءِ کاڌو ئي هوندو هو. هوءَ گانگٽ، مڇيون، ميوا ۽ هر قسم جي کتاڻ کائيندي خوش ٿيندي هئي. هن کي رات جي مانيءَ کائڻ وقت هلڪي اڇي شراب جو هڪ گلاس ڏاڍو وڻندو هو. هوءَ پنهنجي جو کاڌي جا پنج ـ ڇهہ قسم هڪ ئي وقت گڏڪائي ڪري ويندي هئي، جنهن کان پوءِ پنير جو وڏو ٽڪرو ۽ ميوو کائڻ بہ نہ وساريندي هئي. انهيءَ هوندي بہ سمهڻ وقت سندس ڪمري مان ڪاغذ جي پڙي جو آواز ضرور پڌڻ ۾ ايندو هو.

بيگم گرائم پنهنجا چپ پڪوڙي، پنهنجي ناراضپي جو اظهار ڪندي هئي: توکي خبر بہ آهي تہ تون مڇي پلو هضم نٿي ڪري سگهين. وري تون پڪريءَ جو گوشت ڇو ٿي کائين؟ جڏهن تون چاڻين ٿي تہ

اهو تنهنجي لاءِ فائدي وارو ڪونهي. منهنجي نُنهَن
تہ ڪڏهن بہ اهو گوشت گهر ۾ نہ رڌيندي. منهنجا
لفظ پڌي ڇڏ! تون بيمار ٿي پوندين؟. پوءِ مون وٽ
دانهن نہ ڪٽي اچجانءِ. جيڪڏهن تون ڪِري پئينءَ،
تہ تنهنجي سار سنڀال لاءِ ڪنهن کي تڪليف
ڪرڻي پوندي؟

بيگم هينائر ڏاڍي نرمائيءَ سان ۽ اچرج وچان
هن کي ڏسندي چوندي هئي: ”چو، آءٌ ڀاڻ پنهنجي
سار لهندس.

”تون! نہ!“ بيگم گرائم جواب ۾ چوندي. ”آءٌ!
اها سار سنڀال مون کي ئي لهڻي پوندي.“

”بيگم گرائم! منهنجي ڪنهن کي بہ ڳڻتي ڪرڻ
نہ گهرجي. آءٌ تہ بلڪل آزاد آهيان.“

هينئر جيئن تہ هنن کي پنهنجي ڀارن جي ياد ڏاڍو
پريشان ڪندي هئي، تنهنڪري پٺي هڪ ٻيءَ جي
پرواهہ ڪرڻ کان سختيءَ سان انڪار ڪنديون هيون.

البت سفر ڪندي ڪنهن نئينءَ سهيليءَ سان پنهنجيءَ
دل جي ڳالهہ ضرور ڇوريندِيون هيون، ”مون کي
اميد آهي تہ سيپٽمبر تائين تہ آءٌ اهو سڀڪجهہ سهي
سگهنديس“، بيگم گرائم نيويارڪ جي ڪنهن سهيليءَ
سان ذڪر ڪندي، ”پر هاڻي تہ منهنجي صبر جو
پيمانو ڇاڻ تہ ڇلڪيو. آءٌ توسان ٿي ڳالهہ ڪريان
تہ مون سٺو سبق سکيو آهي. منهنجي ڀيٽ ۾ نُنهَن

ته مون کي منٿون ڪيون هيون، ته هن آرهڙ ۾ آءٌ هنن سان جبل تي وڃان، پر مون سمجهيو ته هن طرف اچڻ ۾ ئي چڱائي هئي. خير، جيترو رهڻو آهي ته سيکڻو به آهي."

بيپرواهه بيگم هينائر وري ڏاڍي اچرج وچان ۽ نرمائيءَ سان دانهون ڏيندي هئي. "هوءَ ته، هر ڳالهه تي ونئي هُل هنگامو ڪندي آهي. هوءَ هر ڪنهن سان وڙهي ٿي، ڪٿي اهي مزور هجن، هوٽل جا نوڪر يا نوڪرياڻيون هجن يا ريلوي اسٽيشن جا ملازم هجن. آءٌ سيپٽمبر مهيني جي انهيءَ ڏينهن جو ايمانداريءَ سان انتظار پئي ڪريان، جڏهن اسين پنهنجي ملڪ واپس وينديونسون. ڏهين سيپٽمبر تي گهر پهچڻو آهي. جيڪر سياڻي ئي ڏهين سيپٽمبر هجي! منهنجي ڌيءَ مون تي ڏاڍو زور رکيو هو، ته آءٌ به ساڻن گڏجي سمونڊ جي ڪناري گهمڻ وڃان، پر مون آب و هوا جي تبديليءَ لاءِ يورپ اچڻ مناسب سمجهيو ۽ سچ پڇين ته اها ئي منهنجي غلطي هئي. آءٌ هميشه چوندي آهيان ته جيستائين ڪو سفر ۾ ساٿ نٿو رهي تيستائين ان کي سمجهڻ ڏاڍو اوکو آهي."

بيگم گرائم جي شهري چالاڪ سدائين بيگم هينائر جي ٿوري ڪاوڙيل چهري تي چٽرون ڪندي پئي نظر ايندي هئي. "تون هوٽلن ۾ نوڪرن کي هميشه وڌيڪ خرچي ڏيندي آهين. اهڙيءَ طرح تون هنن جون عادتون خراب ڪرين ٿي. جنهن ماڻهوءَ

ڇهرڻ پيرو به سفر ڪيو هوندو، اهو به هڪ شرابي ملاح وانگر ائين نه ڪندو. هو نه رڳو توکان پئسا وٺن ٿا، پر توکي به پئسي-پئسي لاءِ محتاج ڪري ڇڏيندا."

"مون کي انهيءَ جي ذري به ڪاڻ نه آهي ته هو مون کي محتاج ڪندا. مون کي ته پنهنجو آرام ۽ سک گهرجي. جيڪڏهن هر هفتي جي آخر ۾ ٻه-ٽي پئسا انهيءَ لاءِ خرچ ڪجن ته چانهه سان گڏ گرم پائي ملي، هڪ وڏيڪ وهاڻو ملي، وهنجڻ جا ٻه وڏا ۽ صاف ٽوال ملن، ته پوءِ مون کي ڪابه پرواهه نه آهي، ته هو منهنجي پرپٺ ڇا ٿا چون!"

"هنن کي ڇا آهي؟ هو ته توتان ڪلندا آهن."

"ڀلي پيا کلن. جيڪڏهن هو پندرهن سينٽن لاءِ کلي سگهن ٿا، ته ايترا پئسا ڏيندي مون کي خوشي ٿيندي."

"نه، نه! اها پئسن جي ڳالهه ڪانهي، پر آءٌ ته هڪ اصول جي ڳالهه ڪريان ٿي."

ڪنهن ڪنهن وقت ڏسبو هو ته شام جو هو ٻئي ڪنهن هنڌان گهمي ڦري اچڻ وقت گڏ نه، پر ڪن حرڪتي ٻارن جيان آداس ۽ بيزار هڪٻئي جي پٺيان پيون اينديون هيون.

بيگم هيماٿر جي ناني‌ءَ سچ تي ڪيس روڻشي جو لقب ڏنو هو. هوءَ هئي به هڪ روڻشو! منجهس ڇوا رهڻ جي به عادت هئي ۽ سچ پڇو ته هوءَ ڪنندي پس هئي؛ پر جيتري رقم ڪنندي هئي، انهيءَ

ڪان وڏيڪ هارائيندي هئي. فرانس ۾ هر رات ماني کائڻ کان پوءِ هوءَ ڪنهن نہ ڪنهن ڪئسينو ۾ گهڙي ويندي هئي ۽ پنهنجي سموري پونجي وڃي داءَ تي رکندي هئي. جُوا کرڻ واريءَ ميز جي مٿان ۽ ان جي چوڌاري محسوس ٿيندڙ هڪ عجيب و غريب آپاريندڙ ڪشمڪش سبب هن جي جسم جا وار آيا ٿي ويندا هئا ۽ هوءَ ڏڪڻ لڳندي هئي. اتي هوءَ انهن پراسرار ۽ ڏارين عورتن سان هڪدم رلي ملي ويندي هئي، جيڪي ڪرائيءَ کان وٺي نوٽ تائين هيرن جواهرن جا قيمتي ڪنگڻ پائينديون هيون. آهي عورتون ڪڏهن ڪڏهن هن کان پئسا آڌارا وٺنديون هيون؛ ڏاڍي معمولي رقم، پنجاهہ فرانڪ، ويهہ فرانڪ، ڏهہ فرانڪ! جُوا جي ميز مٿان چميل جهرڻ جهڙن لڙڪندڙ جهاڙن مان گاڙهي، نيري، ليارڻي ۽ سائي روشنيءَ جا هزارين ڪِرڻا نڪري، هيٺ آيل ٿيندڙ ٻانهن ۾ پيل هيرن جواهرن کي چرڪائي ڇڏيندا هئا.

بيگم گرائم تہ ورلي جُوا رهندي هئي. ”مون پنهنجيءَ چمار ۾ گهٽو ئي ڪجهہ ڏٺو آهي.“ هوءَ بيزاريءَ مان چوندي هئي، ”منهنجي جُوا سان ڪابہ دلچسپي نہ آهي. منهنجو مڙس گرائم هڪ منٽ ۾ پنج سؤ فرانڪ کٽي ويندو هو، تہ ٻئي منٽ ۾ وري اها سموري رقم هارائي ڇڏيندو هو. آن زماني ۾ پنج سؤ فرانڪ هڪ وڏي رقم سمجهي ويندي هئي.“ ڪنهن ڪنهن وقت

هوءَ بيگم هيناڻر سان رات جو گهمڻ ڦرڻ لاءِ گڏجي
وڃڻ کان بنهه انڪار ڪري ڇڏيندي هئي. ”توکي
خبر آهي ته گذريل رات ڪئسينو ۾ تو پنهنجي پرسان
بيٺل جنهن عورت سان پئي ڳالهايو آها ڪير آهي؟
تازو وراڻيو ۾ مون کي هڪ عورت مليء جنهن
ڳالهه ڪئي ته هوءَ اهائي فرينچ مادام بي، خان هئي جنهن
هڪ ترڪ سان شادي ڪئي هئي ۽ جنهن کي هن
پوءِ لنڊن جي هڪ هوٽل ۾ قتل ڪري ڇڏيو هو.
سڀني اخبارن ۾ انهيءَ قتل جي خبر ڇپي هئي.“

”مون سمجهيو ته ايتري جواڻ جماڻ ٿي ڪري
هوءَ ڇو اداس هئي؟“ بيگم هيناڻر رحم کائيندي چيو.

”خير ڪئسينو ڏانهن ڊوڙڻ ۽ قاتلن سان ڳالهائڻ
بدران پيا به ڪيترائي اهڙا چڱا ڪم آهن، جيڪي
ڪري سگهجن ٿا.“

”ڇا؟“ بيگم هيناڻر تيزي سان پڇيو.

”ڇا وري ڇا؟“ بيگم گرائم ڀڄندي رواڻيو.

”آهي ڪهڙا چڱا ڪم آهن؟“

”خير، نيڪ آهي. مون کي رڳو ايترو پتاءِ ته
اعصابي بدهضميءَ سبب يا ايتري کاڌي کائڻ ڪري
جيڪو هڪ گهوڙو به هوند نه کائي يا ٿورن فرانڪن
حاصل ڪرڻ سبب جيڪڏهن تون بيمار ٿي پوين ته
پوءِ ان جو ڪير ذميدار ٿيندو.

پر ٿيو ائين جو بيگم هيناڻر جي بدران پهرين
بيگم گرائم بيمار ٿي پئي. دراصل فرئنڪفرٽ کان بروسيلز

ويندڙ ريل گاڏيءَ ۾ ٿوري ڳڙٻڙ ٿي پئي هئي. ريل ڇُٽڻ کان صرف هڪ منٽ اڳ هنن کي خبر پئي، ته ڏهه سؤ ڇهين نمبر ريل گاڏيءَ بدران هو ڏهه سؤ ڇويهه نمبر ريل گاڏيءَ ۾ چڙهي ويٺيون هيون. هنن جون پيٽيون ۽ بيشمار ٿيلها به ريل گاڏيءَ ۾ رکجي چڪا هئا. اهو سڀڪجهه، هنن کي انهيءَ هوش حواس اڏائيندڙ منٽ ۾ معلوم ٿيو، جنهن جي گذرڻ کان پوءِ خبر نه آهي ته اها گاڏي هن کي ڪٿي وڃي ڇڏي ها. بس پوءِ ته اهو سڀڪجهه ٿيڻ لڳو، جيڪو ڪنهن ڌارئين ملڪ جي ريلوي اسٽيشن تي ڪنهن غلطيءَ ڪرڻ سبب ٿيندو آهي: مزور، مسافر، ريلوي جا ماڻهو، دانهون رڙيون، واڪا، هٿن جا اشارا، سامان جي اٿل پٿل وغيره. ڪلوني! پر اسان سمجهيو ٿي ته هيءَ گاڏي ڪلوني تي بيهندي. اها سرحد آهي ۽ اتي اسان کي ٻي گاڏيءَ ۾ چڙهڻو هو پر آها ٻي گاڏي آهي ڪٿي؟ اسان کي هڪدم لهڻ گهرجي. جلدي ڪري لهي وڃون. اسين آمريڪي شهري آهيون.

هو ٻئي غلط ريل گاڏيءَ مان لهي صحيح ريل گاڏيءَ ۾ چڙهي ويٺيون. سندن منهن ڳاڙها ٿي ويا هئا، جن تي گهرو هئڊو رنگ ظاهر هو ۽ ٻنهي جون پيشانيون پگهر ۾ شل هيون ۽ ٻئي پئي ڏڪيون. نيٺ فرسٽ ڪلاس جي ڊٻي ۾ هنن کي جايون مليون ۽ ٻئي آداس اکين ۽ ٿڪل ٽٽل جسمن سان پنهنجين پنهنجين ڪرسين تي ڪري پيون.

ڪلاڪ کن ڪان پوءِ جڏهن هنن کي ٿوري آٿت محسوس ٿي، تڏهن انهيءَ واقعي تي هڪٻئي سان چرچا ڪرڻ لڳيون. پوءِ مس مس هو ڊائننگ ڪار ۾ به وڃڻ جهڙيون ٿيون، ۽ اتي اهو گرم ۽ ٺوڪندڙ کاڌو کائي سگهيون، جيڪو يورپ جي ريل گاڏين ۾ مسافرن جي مٿان ڀرن وانگر اڇلائيندا آهن - گهاٽو ۽ روغني شوروو، ٻڪريءَ جو گوشت، روغني پٽاٽا، اوٻاريل ترڪاريون، ڪچومبر، پنير ۽ ميوو. بيگم گرائم ڪچومبر، پنير ۽ ميوو کاڌو ۽ اتي ٿي ڪانئس غلطي ٿي هئي. ٿورو وقت اڳوات جي خوف ۽ پريشانيءَ سندس ڪمزور جسم ۽ ذهن کي ڏونڌاڙي ڇڏيو هو. سفر پوري ٿيڻ تي جڏهن هوءَ هوٽل ۾ پهتي، ته اڌيءَ رات جو چيرينڌڙ ۽ ڏڪائيندڙ سور کان تڪليف محسوس ڪرڻ لڳي.

”آءٌ ڪڏهن به ڊاڪٽر کي نه گهرائينديس. آءٌ ته هنن ڌارين ڊاڪٽرن کي پنهنجي ويجهو به اچڻ نه ڏينديس. هڪ ڀيري وائنا ۾ هنن مرحوم مسٽر گرائم کي ذري گهٽ ماري ئي وڌو. اهي ڊاڪٽر سڀئي هڪجهڙا هوندا آهن.“

”بيوقوف نه ٿيءُ، ڪي نه ڪا دوا ضرور واپرائڻ گهرجي.“

”ارنڊيءَ جو تيل ۽ گلاب جون ڪليون، انهيءَ سور لاءِ اهائي دوا استعمال ڪبي آهي. ڏاڍو ٺگرو

سور آهي! مون ته توکي اڳ ۾ ئي پئي چيو ته آءٌ انهيءَ ريل ڳاڏيءَ ۾ ڪڏهن به ڪاڏو نه ڪائيندس. پر تنهنجي ڪچ ڪچ لڳي پئي هئي ۽ مجبور ٿي مون کي ٿورو ڇڪڻو پيو. هاڻي ڇا ڪريان!" ويهاڻي تي پيل ننڍڙو ۽ سڪل چهرو سائو ٿي ويو هو.

"آءٌ ڪنهن ڇوڪريءَ کي ٻوڙايان، هوٽل ۾ ڪون ڪو ضرور جاڳندو هوندو. اڃا ته ٻارهن به مس ٿيا آهن."

"پيرن ۾ جتي نه پاءِ، تون ته پيرن اگهاڙي پئي ڦرين، توکي ٿڌ لڳي-اڙي هاءِ!" هوءَ سور وچان سڄي مروڙجي سروڙجي وئي.

نيٺ در تي هوٽل جو ڳاڙهو-اکيو نوڪر آيو. پر هن ٻاهر وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. نه، پيو به ڪير ڪونه هو، جنهن کي ڪٿي موڪلي ها. آڌي رات به ٿي وئي هئي. ظاهر آهي ته دوائن جا دڪان به بند ٿي ويا هوندا. هن کي ڪابه خبر نه هئي، ڪابه خبر نه هئي، ڪابه خبر نه هئي! وهاڻي تي پيل ڇهري جون اونداهيون اکيون سور وچان روشن ٿي پيون.

"آءٌ ويندس،" بيگم هيناٽر چيو. "آءٌ ڪنهن نه ڪنهن کي وٺي آڻينديس. منهنجا خدا! جنگ جي زماني ۾ اسان هنن ماڻهن لاءِ ڇا ڪجهه نه ڪيو هو!" هن لبادي جي مٿان پڙو پاتو ۽ ان جي مٿان وري ڪوٽ پاتو.

”اڙي! مٺو ته ڏڪ!“ بيگم گرائم ڪمزور آواز ۾ رڙ ڪندي چيو.

”جهنم ۾ وڃي پوي مٺو! بيگم هينائر جواب ڏنو. ويهن منٽن کان پوءِ هوءَ واپس آئي. هن جي هٿ ۾ ارنڊيءَ جي تيل جي بوتل، هڪ نارنگي، هڪ چمچو ۽ هڪ پڙي گلاب جي ڪلين جي هئي.

”پنهنجو نڪ جهلي تيل پيءُ، هاڻي هن ٽوال سان پنهنجو منهن اگهه، نارنگيءَ جي هيءَ ڦري چوس، هاڻي گلاب جون ڪليون ۽ وري صبح جو.“ بيگم هينائر ساري رات پڻ تي ڦري گذاري، هوءَ هر هر ان سُسيل ۽ سڪل چهري کي ڏسندي رهي، جيڪو ڏاڍي نماڻائيءَ سان سندس طرف ڦريل هو. ”هائو، توکي شايد ٿورو بخار به آهي، پر صبح تائين توکي خبر به نه هوندي ته تون ڪا بيمار هئينءَ.“

”پيرن ۾ جُتي ته پاءِ،“ بيگم گرائم ڪاوڙ وچان رڙ ڪندي چيو. ”هاڻي وڃي سمهي رهه.“ پر صبح ٿيڻ تائين ڪمري جي فرش تي ويهه پيرا ڪن اگهاڙن پيرن جو کڙڪو ٿيندو رهيو. صبح جو بيگم گرائم ٿوري ڪمزور ته هئي، پر سور جي تڪليف گهٽي گهٽ ٿي وئي هيس. پنهنجن تائين هن گرم گرم کير جون چسڪيون پريون. سنديس اکيون ذرا ڏئي ويون هيون، پر سندس چهري تي سور ۽ تڪليف جا جيڪي آثار هئا، سي چٽ ته غائب ٿي ويا هئا. شام ٿيڻ تائين بيگم گرائم آهستي آهستي نڪ به

سنڪي رهي هئي. ٻئي ڏينهن زڪام ۽ نڙيءَ ليس جي ماريل بيگم هيناڻر لاءِ ڪمزور هوندي به گرم ليما، اسپرين ۽ گرم پاڻيءَ جون ٿيلهيون تيار ڪري رهي هئي.

هفتو کن ته انهيءَ خوشي ڏيندڙ تڪليف ۾ لنگهي ويو، جنهن ۾ ٻئي هڪٻئي سان ڏاڍي نرمائيءَ ۽ نزاڪت سان پيش اينديون هيون.

”منڙي! توکي هاڻي ڪابه تڪليف ڪرڻي نه پوندي. آءٌ هاڻي تندرست آهيان.“

”صوفي! ايمان سان ٿي چوانءِ، ڪڏهن ڪڏهن ائين لڳندو آهي ته تنهنجي منهن تي آها اڳوڻي رونق نظر نٿي اچي! جيڪڏهن نڙي ليس سان ڦري توکي نمونيا ٿي پوي، ته انهيءَ لاءِ ڪنهن کي تڪليف سهڻي پوندي؟“

”توکي،“ بيگم هيناڻر نهڻ پهه جواب ڏنو ۽ ٺهڪ ڏئي گهٽيل آواز ۾ کلڻ لڳي. هو ٻئي شربرگ کان ساموفڊي جهاز ۾ چڙهيون. ٻه‌رس پهچڻ تائين ڏهن ۾ جيڪي ڏاڍيون خوشمزاج ۽ آزاد رهڻ جون عادي ٿي ويون هيون، وڏو ڦيرو اچي ويو هو، جاڪاڻ ته جيتوڻيڪ جسماني ۽ روحاني طور مدد لاءِ ٻئي هڪٻئي تي ڀروسو ڪنديون هيون، پر انهيءَ لاءِ ٻنهي وٽ مجوتي هرگز نه هئي.

“تون انهيءَ لائق ئي نه آهين ته بازار ۾ اڪيلي سر وڃي خريداري ڪرين. اڄا ڪالهه جي ڳالهه آهي،

جيڪڏهن آءٌ توکي ٻانهن کان ڇڪي پاسي نہ ڪريان ها، تہ هوند اها ٽئڪسي تنهنجي مٿان چڙهي وڃي ها."

"ماڻهو ائين سمجهندا تہ تنهنجي اڳيان آءٌ ٻهراڙيءَ جي ڪا عورت آهيان. جيڪڏهن آءٌ نيويارڪ جهڙي شهر ۾ گهمي ڦري سگهان ٿي، تہ پئرس بہ مون کي گهمڻ اچي ٿو. آءٌ پئرس کي تڏهن کان سڃاڻان، جڏهن تو اڃا ان جو نالو بہ نہ ٻڌو هوندو."

شهر جي پوائنٽين ۾ بيقرار ڪندڙ گهٽين جي زندگيءَ ٻنهي کي چڪرائي ڇڏيو هو. هو ٻئي مٿايل سٽهن وانگر هر رڪاوٽ کي ٽوڙينديون، انهن تان ٽپا ڏينديون اڳتي وڌنديون ويون. "خير، آءٌ تہ انهيءَ خريداريءَ مان بيزار ٿي پئي آهيان. مون برنس لاءِ هڪ وڳو ڪپڙن جو، ۽ جو لاءِ رومال تہ اڳواٽ ئي خريد ڪري ڇڏيا آهن. انهيءَ کان سواءِ پيءُ لاءِ ڪنگڻ ۽ ننڍڙي لاءِ عينڪ بہ خريد ڪئي اٿم. آءٌ سمجهان ٿي تہ هو انهن شين جي ملڻ ڪري ضرور خوش ٿيندا."

ٽڪل پر آڻ شڪستيون، مٿا ڳاڙها پر آڻ جهڪيل.

بندر تي ڪين يار وٺڻ لاءِ آيل هئا. پٽ، ننهن، ڌيءَ ۽ ناٺي. هنن رسم و رواج مطابق يارن کي پيار ڪيو، پر پنهنجين پوٽين ۽ ڏهٽين کي هنجن ۾ ڪٽي ڪين چُمين ڏيڻ مان ٿڪيون ئي نہ.

"اڙي ڇوڪرا! انسپيڪٽر منهنجي سامان جي چڪاس پيو ڪري. تون تہ مهرباني ڪري هتان ٻري

ٿي بيهه، منهنجو ته ساهه پيو ٻوساٽجي. ته ايڊ! هن کي سگار ته نه ڏي، اهڙيءَ طرح هن کي اجايو شڪ ٿيندو. آءٌ توکي ٻڌايان ٿي ته مون هر ڪا شئي ظاهر ڪري رکي آهي. پر خير، منهنجو ته ساهه پيو ٻوساٽجي.“

”تنهنجو مطلب ڇا آهي؟ آءٌ ٺيڪ نٿي ڏسجان!“

بيگم گرائم پنهنجي نڙيءَ کان پڇيو: ”مون کي جسم ۾ سور جي ٿوري تڪليف ٿي پئي هئي، پر يورپ ۾ ته هر ڪنهن کي اها بيماري ٿيندي آهي.“

”ساڳي ڳالهه آهي،“ مندس پٽ ايڊ وراڻيو. ”ايندڙ اونهاري ۾ توکي امان سان گڏ رهڻو پوندو. آءٌ نٿو گهران ته تون اڪيلي سر يورپ ۾ گهمڻ وڃين، مون کي اها ڳالهه نٿي وڻي.“

”آءٌ اهو ٻڌڻ گهران ٿي ته آخر ڇو!“ بيگم گرائم ڪاوڙ ۾ سرخ ٿيندي پڇيو ”ڪنهن کي به منهنجي سنڀال ڪرڻ جو حق ڪونهي. آءٌ ته بلڪل آزاد آهيان.“

”امان!“ بيگم هيناٽر جي ڌيءَ برنس دانهن ڪئي، ”تنهنجو منهن لال آهي! تون سنهڙي ٿي وئي آهين! تون بيمار هئين ڇا؟“

”اڙي ڇوڪري! آهائي نڙيءَ ليس جي پراڻي جهيڙ. خير، آءٌ ته ڏاڍي ٺلهي هيس.“

”ڇگو اڳئين سال تنهنجي نڙيءَ ليس جو علاج گهر ۾ ٿي ڪنداسون. آءٌ نٿي گهران ته تون اڪيلي سر يورپ ۾ پئي گهمندي وتين.“

”بيوقوفيءَ جهڙي ڳالهه نه ڪر!“ بيگم هينئر وراڻيو. هن پنهنجي ڌيءَ ڏانهن پيار ڀرين نظرن سان ڏٺو، جن ۾ ٿوري ٿوري سختي به هئي. ”خدا جي واسطي اهو ته ٻڌاءِ ته تو هيءَ ٽوپ ڪٿان هٿ ڪيو آهي! اڄڪلهه ته ڪوبه وريل ڪنارن سان ٽوپ ڪونه ٿو پائي. هن سال ٻهرس ۾ هر ڪا شئي هيٺ تي وريل آهي.“

جادوءَ جو گهوڙو

پراڻي زماني ۾ ايران ولايت تي هڪ زبردست بادشاهه وڏي جاهه وجلال ۽ دٻدٻي سان حڪومت ڪندو هو. انهيءَ بادشاهه کي ٽي نياڻيون هيون، جن جي سونهن تان چنڊ ۽ گلاب جا گل به گهوري ڇڏجن. بادشاهه پنهنجي ملڪ ۾ هر سال ٻه جشن ڪرائيندو هو: هڪڙو نوروز جو جشن ۽ ٻيو سرءُ جي منڊ جو جشن. اهڙن موقعن تي بادشاهه جو دستور هوندو هو، ته پنهنجون سڀئي محلاتون کليل رکندو هو، انعام ورهائيندو هو، سلامتيءَ ۽ امن جا اعلان ڪندو هو ۽ پنهنجي فوج جي عهديدارن ۽ عملدارن کي اضافا ڏيندو هو. ملڪ جا ماڻهو به اهڙن موقعن تي بادشاهه جي سلامي پريندا هئا، جشن جون مبارڪون ڏيندا هئا ۽ هن جي حضور ۾ تحفا ۽ سوکڙيون پيش ڪندا هئا. بادشاهه هڪ عالم ۽ فيلسوف هو ۽ اقليدس کي گهڻو پسند ڪندو هو. هڪ پيري اهڙي ئي موقعي تي بادشاهه تخت تي ويٺو هو، ته ٽي سياڻا دربار ۾ لنگهي آيا. انهن مان هڪ وٽ سونو مور هو، ٻئي وٽ پتل جي نفيل (نفير) هئي ۽ ٽئين وٽ عاج ۽ آبنوس جو گهوڙو

هو. بادشاهہ اهي شيون ڏسي هنن کان پڇيو تہ: اهي کھڙي ڪم جون آهن؟ مور واري سياڻي ٻڌايو، تہ ڏينهن ۽ رات جي هر هڪ ڪلاڪ کان پوءِ مور پنهنجا پَرَ پکيڙيندو ۽ ڪوڪون ڪندو. پتل جي نفيل واري داناءَ چيو، تہ جيڪڏهن هيءَ نفيل شهر جي وڏي دروازي تي رکي ڇڏجي، تہ اها شهر جو بچاءُ ڪندي؛ ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن ڪو دشمن شهر تي حملو ڪندو تہ هيءَ نفيل مان آواز نڪرندو ۽ دشمن جي حملي جي خبر پئجي ويندي. گھوڙي جي مالڪ وري ٻڌايو تہ ”اي بادشاهہ سلامت! هن گھوڙي جو ڪم هيءُ آهي تہ جڏهن ڪو مٿس سوار ٿيندو تہ جنهن ملڪ ۾ چاهيندو، آتي هيءُ وڃي پهچائيندس.“ انهيءَ تي بادشاهہ چيو تہ: آءٌ ايستائين اوهان تي ڪابہ مهرباني نہ ڪندس، جيستائين آءٌ پاڻ هنن شين جي استعمال جي آزمائش نہ وٺندس. پوءِ بادشاهہ مور جي آزمائش لاءِ ۽ جيئن آن جي مالڪ ٻڌايو هو تيئن ئي ٿيو. وري نفيل جو بہ امتحان ورتو ويو ۽ انهيءَ جي مالڪ جي ڳالهہ سچي ثابت ٿي. انهيءَ تي بادشاهہ ٻنهي سياڻن، مور ۽ نفيل جي مالڪن کي چيو، تہ هاڻي جيڪي گھُرڻو هجيوَ سو گھرو. هنن جواب ڏنو: اي بادشاهہ سلامت! اسان جو فقط هيءُ عرض آهي تہ اسان ٻنهي کي اوهان جي ٻن شهزادين سان شاديءَ ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي. بادشاهہ اها ڳالهہ قبول ڪئي

۽ پنهنجون ڏيئرون انهن سان پرڻايائين. پوءِ ٽيون سياڻو، گهوڙي جو مالڪ اڳتي وڌيو ۽ بادشاهه جي اڳيان فرش تي جهڪي ڏنائين، عرض ڪيائين، ته ”اي بادشاهه سلامت! اوهان جيئن منهنجن ساٿين تي مهرباني ڪري پنهنجون ڌيئرون هنن سان پرڻايون آهن، تيئن مون تي به ساڳيو ئي احسان ڪريو.“ بادشاهه وراڻيس ته ”اڻين فقط تڏهن ٿيندو، جڏهن آءٌ تنهنجي گهوڙي جو امتحان وٺندس.“ انهيءَ تي بادشاهه جو پٽ وليعهد شهزادو اڳتي وڌي چوڻ لڳو: بابا! آءٌ هن گهوڙي تي سوار ٿي، هن جي آزمائش لهي ۽ هن جي استعمال جو ثبوت ڏيندس.

بادشاهه پٽ کي اجازت ڏني ۽ شهزادو گهوڙي تي سوار ٿي ان کي هڪلڻ لڳو. پر گهوڙو پنهنجيءَ جاءِ تان چُريو به ڪين. اتي شهزادي چيو ”اي داناءَ شخص! تو ته ٺاڪون هنيون ٿي.“ سياڻو شخص شهزادي جي ڳالهه ٻڌي هُن جي ويجهو آيو ۽ کيس گهوڙي ۾ لڳل هڪ سُئي ڏيکاريائين، جنهن جي ڦيرائڻ ڪري گهوڙو آسمان ڏانهن اڏامندو هو. شهزادي به انهيءَ سُئيءَ کي ڦيرايو ته گهوڙي ڦڙڦڙ ڪئي ۽ آسمان ڏانهن اڏامڻ لڳو. گهوڙو جيئن پوءِ تيئن آسمان ڏانهن ويو اڏامندو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي نظرن کان غائب ٿي ويو.

شهزادو اهو حال ڏسي گهبرائجي ويو ۽ پڇتائڻ لڳو ته اجايو گهوڙي تي چڙهيس. هن سوچيو ته ان ڏاهي مون کي نقصان پهچائڻ لاءِ ضرور ڪا حرفت

هلائي آهي ۽ هاڻي سواءِ خدا جي ٻي ڪابہ طاقت مون کي بچائي نہ سگهندي. ايتري ۾ هن گهوڙي جي ڳچيءَ تي ڇوڏاري هٿ گهمايا تہ ڪيس ساڄي توڙي کاٻي طرف ڪڪڙ جي منڍيءَ جيڏيون، ڦرڻيون جهڙيون ٻہ شيون هٿ ڪي لڳيون. هُن انهن مان ساڄي پاسي واريءَ ڦرڻيءَ کي ڦيرايو تہ گهوڙو وڌيڪ تيزيءَ سان اڏامڻ لڳو. انهيءَ تي هن جهٽ کاٻي طرف واري ڦرڻيءَ کي ڦيرايو تہ گهوڙي جي رفتار گهٽجڻ لڳي ۽ هو زمين ڏانهن لهڻ لڳو.

شهزادو جيئن زمين کي ويجهو ايندو ويو، تيئن هن کي ڇوڏاري اهڙا تہ شهر ۽ ڳوٺ ڏسڻ ۾ آيا، جيڪي هن ڪڏهن بہ ڪين ڏٺا هئا. انهن مان هڪ شهر تہ ڏاڍو شاندار نموني ۾ اڏيل هو، جنهن جي ڇوڌاري سهڻا باغ، ٻنيون پارا ۽ درياءَ هئا. شهزادي خيال ڪيو تہ ان شهر جو نالو معلوم ڪرڻ گهرجي ۽ ڏسجي تہ اهو ڪهڙيءَ ولايت جو شهر آهي. هن پوءِ شهر جي مٿان ڪيترائي چڪر هنيا ۽ ساڄي کاٻي طرف ڊگهيءَ طرح ڏٺو. سج بہ لهڻ تي هو ۽ شهزادي سوچيو تہ هن شهر کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي جاءِ هوندي، جتي رات جا چار پهر گذاري سگهجن. اڄوڪي رات تہ هت گذاريان ٿو، سڀاڻي پنهنجي ملڪ ڏانهن هلبو ۽ بادشاهہ ۽ پيءُ کي سڄي روئداد هلي ٻڌائبي. پوءِ هو اهڙي جاءِ ڳولڻ لڳو، جتي سلامتيءَ سان گهوڙي سوڌو لهي سگهي ۽ ڪيس ڪو ڪير بہ ڏسي نہ سگهي. ارڇتو

سندس نظر شهر جي وچ ۾ ٺهيل هڪ عاليشان محل تي وڃي پيئي، جنهن جي چوڌاري وڏن وڏن برجن واري عالم پناهه ڏنل هئي. هن کي پڪ ٿي ته اهائي موزون جاءِ آهي.

شهزادي ڦرڙيءَ کي گهمايو، ته گهوڙو به هيٺ لهڻ لڳو ۽ آهستي آهستي اچي محلات جي ڇت تي لٿو. شهزادي گهوڙي تان لهي پهريون شڪراني جي نماز پڙهي ۽ گهوڙي جي چوڌاري ڦري، ان کي ڇڪاسڻ لڳو ۽ دل ۾ چيائين: "خدا جو سنهن، جنهن تو کي جوڙيو آهي، سو ڪو وڏو ڏاهو شخص آهي. جيڪڏهن حياتيءَ مون سان وفا ڪئي ۽ آءٌ سلامتيءَ سان پنهنجي ملڪ ۾ پهچي ماءُ-پيءُ سان مليس، ته انهيءَ ڏاهي تي هر قسم جي مهرباني ڪندس ۽ هن کي تمام گهڻو فائدو پهچائيندس." پوءِ شهزادو محل جي ڇت تي ماٺ ڪري ويهي رهيو ۽ جڏهن خبر پيس ته گهر جا ڀاتي هاڻي سمهي رهيا هوندا، تڏهن هيٺ وڃڻ جون تياريون ڪرڻ لڳو. هن کي پڪ به ڏاڍو ستايو هو ۽ کيس پڪ هئي ته هڙيءَ محلات ۾ کائڻ پيئڻ جون شيون به ضرور موجود هونديون. تنهنڪري گهوڙو اتي ئي ڇڏي، ڏاڪڻ تان هيٺ لٿو، جتي هن دربار جهڙو هڪ وڏو ڪمرو ۽ ان جو سنگمرمر جو فرش ڏٺو. هو انهيءَ ڪمري جي خوبصورت اڏاوت کي ڏسي حيرت ۾ پئجي ويو. اتي ڪوبه بني-بشر موجود نه هو، جنهنڪري شهزادو منجهي پيو ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳو ته ڪيڏانهن وڃان! نيٺ خيال ڪيائين ته

واپس مٽي وڃي رات جا چار پهر اتي گذاري صبح جو روانو ٿجي.

شهزادي اچا اهوئي پئي سوچيو، ته پرين هڪ روشني ويجهو ايندي معلوم ٿيس. هُن روشني ڏانهن چتائي ڏٺو ۽ خبر پيس ته هڪ مدا ملوڪ ڦداور عورت، جنهن جي سونهن اڳيان چنڊ به جهڪو پاسجي ڪيترين تي پانهين جي وچ ۾، ڏانهنس وڌندي پئي آئي اها دوشيزه اتي جي بادشاهه جي ڌيءَ هئي. بادشاهه هن کي تمام گهڻو پيائيندو هو ۽ سندس آرام ۽ تفريح لاءِ ٿي اها محلات ٺهرائي هئائين. شهزاديءَ جي دل جڏهن بيزار ٿيندي هئي، تڏهن هوءَ پانهين سميت انهيءَ محل ۾ ايندي هئي ۽ ٻه-ٽي ڏينهن اتي رهي، واپس شاهي محلات ۾ موٽي ويندي هئي. اتفاق ڏسو ته انهيءَ رات شهزادي به وندر خاطر انهيءَ محل ۾ آيل هئي. ساڻس گڏ هڪ خواجه سرا به هو، جنهن جي هٿ ۾ هڪ اگهاڙي ترار هئي. ايتري ۾ پانهين محلات جو سامان ٺيڪ ٺاڪ ڪيو ۽ عطر عنبر جي ڇنڪار ڪيائون. هنن کي دم ۾ رڌل ڏسي، شهزادي جهٽ ڪري وڃي خواجه سرا کي سوگهو جهليو ۽ هن جي هٿ مان ترار ڦري وڃي پانهين تي ڪڙڪيو ۽ هنن کي ساڄي ڪابي چڙو چڙ ڪري ڇڏيائين. شهزادي جو اهو ڏٺو ته پهرين ٿورو ڏڄي ويئي، پر پوءِ هُن جي خوبصورتيءَ کي ڏسي، چيائين: ”شايد تون اهو ساڳيو شخص آهن، جنهن ڪالهه منهنجي پيءُ کان منهنجي سڱ جي گهر

ڪئي هئي ۽ بابي انهيءَ ڪري انڪار ڪيو، جو تنهنجي صورت هن کي ڪانه وڻي. پر خدا جو سنهن، منهنجو پيءُ غلط هو، جو انڪار ڪيائين. دراصل تون ته هڪ خوبصورت شخص آهين.“

حقيقت ۾، هندوستان جي ڪنهن بادشاهه جي پٽ، شهزاديءَ جي مڱ لاءِ گهر ڪئي هئي ۽ بادشاهه هن جي بدصورتيءَ سبب انڪار ڪيو هو. شهزاديءَ انهيءَ سببان خيال ڪيو ته هيءَ شايد اهو ئي شهزادو آهي، جنهن مڱ لاءِ گهر ڪئي هئي. اهيو خيال ڪري، هوءَ شهزادي جي ويجهو آئي، هن کي پاڪر پائي چمي ڏنائين ۽ هن کي ساڻ ڪري تخت تي اچي ويٺي. انهيءَ تي پانهين عرض ڪيو ته ”اي سائڻ! هيءُ اهو شخص نه آهي، جنهن اوهان سان شادي ڪرڻ لاءِ بادشاهه سلامت کي درخواست ڪئي هئي، ڇاڪاڻ ته اهو شخص بدصورت هو ۽ هيءُ خوبصورت آهي. آهو بدصورت شخص ته هن جي جُتيءَ برابر به نه هو. اسان جي سائڻ! سچ پچ ته هيءُ شخص ڪنهن شاهي گهراڻي جو ٻار آهي“. پوءِ پانهيون ڊوڙي پٽ تي پيل خواجه سرا ڏانهن ويون ۽ وڃي اٿاريائونس. هو خوف وچان ڏڪندو ڏڪندو اٿيو ۽ پنهنجي هٿ ۾ ترار نه ڏسي، ان کي ڳولڻ لڳو. اهو حال ڏسي، هڪ پانهيءَ ٻڌايس ته جنهن تنهنجي ترار ڦري، تو کي ڪيرائي وڌو هو، سو ته شهزاديءَ سان گڏ ويٺو آهي. بادشاهه انهيءَ خواجه سرا کي شهزاديءَ

جي حفاظت لاءِ مقرر ڪيو هو، تنهن جو اها ڳالهه ٻڌي ته آئي آن طرف ويو ۽ پردي کي هٽائي جان ڪئي ڏسي ته شهزادي هڪ غير شخص سان ويٺي ڳالهيون ڪيون. اهو ڏسي، خواجه سرا، شهزادي ڏانهن منهن ڪري چوڻ لڳو: ”اي منهنجا مالڪ! تون اسان جو مالڪ آهين يا ڪو جن؟“ شهزادي جواب ۾ وراڻيس: ”حيف آهئي اي بدبخت غلام! تون ائين ڪيئن ٿو چوين ته ڪسريٰ جو فرزند، انهيءَ لعنتي مخلوق مان هوندو!“ پوءِ ترار هٿ ۾ جهلي چيائين: ”آءٌ هتي جي بادشاهه جو ناٺي آهيان. هن پنهنجي ڌيءَ جي مون سان شادي ڪئي آهي ۽ مون کي حڪم ڏنو ائس ته آءٌ پاڻ هن سان اچي ملاقات ڪريان. خواجه سرا اهو جواب ٻڌي ٻاهر نڪتو ۽ ڪپڙا ڦاڙي، مٽيءَ ۾ پاڻ پيوت ڪري، گهوڙا ڪندو بادشاهه وٽ ويو.

بادشاهه جڏهن هن جون دانهون ٻڌيون، تڏهن چيائينس ته: ”توتي ڪهڙي مصيبت نازل ٿي آهي، جو منهنجو اچي آرام ڦٽايو ائٿي؟ پنهنجي ماجرا جلد بيان ڪر، پر مختصر لفظن ۾.“ خواجه سرا دانهن ڪري چيو: ”اي بادشاهه سلامت! جلدي شهزاديءَ جي مدد لاءِ پهچو، جو ڪنهن راڪاس، انساني روپ ڌاري پاڻ کي ڪنهن بادشاهه جو پٽ سڏائي، اچي شهزاديءَ کي پنهنجي قبضي ۾ ڪيو آهي.“ اهو احوال ٻڌي بادشاهه ڪاوڙ ۾ تپي سرخ ٿي ويو ۽ پهرين ته خيال ڪيائين ته هڪ ئي ڌڪ سان هن جي سسي ڌڙ کان

ڏار ڪري ڇڏيائين، پر پوءِ ڪجهه ڏيرج ڪري هن
کان پڇيائين: ”تو کان اهڙي بيپرواهي ڪيئن ٿي جو
شهزادي اهڙيءَ مصيبت ۾ وڃي ڦاٿي؟“ خواجه سرا وٽان
ڪوبه مناسب جواب نه ٻڌي، بادشاهه اٿيو ۽ ان محلات
ڏانهن روانو ٿيو، جتي شهزادي رهيل هئي. بادشاهه
محلات ۾ پهچي ٻانهين کان پڇيو ته: ”ماجرا ڇا آهي؟“
ٻانهين آدب سان جهڪي عرض ڪيو ته ”اي بادشاهه
سلامت! اسين هت ڪم ۾ رڌل هيوسين ته اوچتو اهو
چنڊ جهڙو سهڻو جوان، اگهاڙي ترار هٿ ۾ ڪٽي، اندر
ڏوڪي آيو. اسان هن کان اندر اچڻ جو مقصد پڇيو،
جنهن تي چيائين ته ’بادشاهه سلامت شهزاديءَ جي مون
سان شادي ڪئي آهي‘. وڌيڪ اسان کي ڪابه خبر ڪانهي.“

بادشاهه اهو جواب ٻڌي غيرت وچان ڏڪڻ لڳو
۽ مياڻ مان ترار ڪڍي، پردو مٿي ڪٽي، اندر ويو ۽
هن جي مٿان واچوڙي وانگر وڃي ڪڙڪيو. شهزادي
بادشاهه کي ڏسي، شهزاديءَ کان پڇيو: ”هيءُ تنهنجو
پيءُ آهي؟“ شهزاديءَ جواب ڏنو: ”هائو، هيءُ منهنجو
والد آهي.“ اهو ٻڌي شهزادو پيرن پر آيو ۽ بيٺو ۽
ترار هٿ ۾ کڻي، بادشاهه کي پريائين اهڙي ته هڪل
ڪيائين، جو هو دهلجي ويو. پاڻ تي حملو ٿيندو
ڏسي، بادشاهه خيال ڪيو ته شهزادو ڏسڻ ۾ گهڻو
مگهارو آهي، تنهنڪري ترار مياڻ ۾ وجهي اتي ئي
ويهي رهيو. اتي شهزادي به پاڻ سنڀاليو ۽ اٿي وڌي
اچي بادشاهه کي ادب سان مليو. بادشاهه چيس: ”اي

نوجوان! تون انسان زادو آهين يا ڪو جن؟" شهزاديءَ
جواب ڏنو: "جيڪڏهن منهنجو شهزاديءَ سان واسطو نه
هجي ها ته آءٌ تنهنجي ادب ڪرڻ ۽ تنهنجي ڌيءَ جي
عزت رکڻ بدران، توکي هڪدم قتل ڪري ڇڏيان ها.
تون مون کي ڪيئن ڪو جن جو اولاد سمجهين؟ جڏهن
آءٌ ڪسريٰ جي بادشاهه جو فرزند آهيان. هيءُ اهو
زبردست بادشاهه آهي، جو جيڪڏهن چاهي ته تنهنجي
بادشاهت اونڌي ڪري ڇڏي ۽ تنهنجو سمورو شان ۽
شوڪت مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏي." بادشاهه به جواب ۾
شهزادي کي اهڙا ئي ساڳيا لفظ چيا ۽ هن کي ڌمڪي
ڏنائين ۽ چيائين: "جيڪڏهن تون سچ پچ ڪو شهزادو
آهين، ته پوءِ منهنجيءَ اجازت کان سواءِ تون هن محلات
۾ ڪيئن آئين؟ تو چو منهنجيءَ عزت تي حملو ڪيو؟ ۽
ڪيئن بهانو ڪري منهنجي ڌيءَ کي چيئي ته مون هن
جي توسان شادي ڪئي آهي ۽ هوءَ هاڻي تنهنجي زال
آهي؟ مون ته ڪيترن ئي بادشاهن ۽ شهزادن کي رڳو
انهيءَ ڪري قتل ڪري ڇڏيو آهي، جو هنن مون کان
شهزاديءَ جي سڱ جي گهر ڪئي هئي."

شهزادي، بادشاهه جي واتان اهي لفظ ٻڌي، چيو:
"سچ پچ ته توتي ۽ تنهنجي عقل جي ڪوتاهيءَ تي
عجب ٿو ٿئيم، اوهان پنهنجي ڌيءَ لاءِ مون کان وڌيڪ
مان مرتبي واري خاوند جي ڳولا ڪئي ۽ مون کان
وڌيڪ بهادر، عالي نسب ۽ راڄ ڀاڳ جو ڪو ٻيو

مالڪ ڏنو؟" بادشاهہ جواب ڏنس: ”نہ پر اي نوجوان! منهنجي مرضي آهي تہ تون دستور مطابق شهزاديءَ سان شادي ڪرڻ لاءِ مون کي درخواست ڪر ۽ آءٌ توکي پنهنجي ڌيءُ جو سڱ ڏيندس. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن آءٌ شهزادي جي شادي لڪ ڇپ ۾ ڪندس تہ انهيءَ ۾ منهنجي بيعزتي ٿيندي." شهزادي جواب ۾ چيو: ”اوهان جو چوڻ بجا آهي. پر اي بادشاهہ! جيڪڏهن تنهنجا غلام ۽ تنهنجو لشڪر مون تي حملو ڪري ۽ مون کي قتل ڪري ڇڏي تہ انهيءَ ۾ بہ تنهنجي بدناموسي ٿيندي ۽ تنهنجي سڄي رعيت، توتي لعنت ملامت ڪندي. منهنجي هيءَ صلاح آهي تہ انهيءَ خيال کي ڪٿي ڦٽو ڪر ۽ جيئن آءٌ چوان ٿو، تيئن ڪر." بادشاهہ چيو: ”ڀلا، مون کي اها ڳالهہ قبول آهي." شهزادي چيس: ”آءٌ اهو چوڻ ٿو گهران تہ يا تہ تون اڪيلي سر مون سان وڙهہ ۽ اسان مان جيڪو ٻئي کي قتل ڪري، اهو بادشاهيءَ جو مالڪ آهي. يا تہ مون کي اڄوڪي رات اجازت ڏي ۽ صبح جو مون تي پنهنجو سڄو لشڪر چاڙهي اچ ۽ ان لشڪر جي تعداد جو مون کي اڳواٽ اطلاع ڪر." بادشاهہ جواب ڏنو: ”مون وٽ چاليهہ هزار گهوڙيسوار آهن ۽ ٻيا ايترا نوڪر چاڪر بہ آهن." ”شهزادي چيو: ”خير، جڏهن ڏينهن ٿيندو، تڏهن انهن سڀني کي مون ڏانهن موڪل. هن کي چئجانءِ تہ هي شخص مون کان ڌيءُ جو سڱ گهريو آهي.

۽ دعوا ڪئي ائس تہ اوهان سان اڪيلي سر جنگ جوٽيندو ۽ ڇوي ڏو "تہ اوهان سيني کي ماري مچائيندو ۽ اوهين ڪڏهن بہ مٿس فتح حاصل نہ ڪري سگهندؤ، پوءِ مون کي ڇڏي ڏجو تہ آءٌ اوهان جي سڄي لشڪر سان جنگ ڪندس. جيڪڏهن هن مون کي قتل ڪيو تہ هيءَ ڳالهہ راز ۾ رهندي ۽ اوهان جي عزت بہ رهجي اينديءَ. پر جيڪڏهن آءٌ هن تي غالب ٿي ويس، تہ پوءِ مون کي حق حاصل ٿيندو تہ آءٌ اوهان جو ناٺي ٿيان." بادشاهہ شهزادي جي اها صلاح قبول ڪئي. هو انهيءَ تي عجب کائڻ لڳو ۽ شهزادي جي پختي ارادي کي ڏسي، ٿورو گهبرائجي بہ ويو.

پوءِ بادشاهہ خواجہ سرا کي گهرائي حڪم ڏنو تہ هڪدم وزيرن کي حاضر ڪيو وڃي ۽ هن کي ٻڌايو وڃي تہ سيني فوجن کي گڏ ڪري، هٿيارن پنوهارن سان تيار ٿي، گهوڙن تي چڙهي اچي، حاضر ٿين. خواجہ سرا سڌو وزير وٽ ويو ۽ ٻهتو ۽ بادشاهہ جو حڪم ٻڌايائينس. وزيرن هڪدم فوجي عملدارن کي گهرايو ۽ لشڪر گڏ ڪري، گهوڙن تي رواني ٿيڻ جو حڪم ڏنو. انهيءَ وچ ۾ بادشاهہ نوجوان شهزادي سان گفتگوءَ ۾ مصروف رهيو ۽ هن جي ڳالهين ۽ صحبت سان ڏاڍو خوش ٿيو. سڄي رات رهاڻيون ڪندي گذري. صبح ٿيو تہ بادشاهہ اٿيو ۽ دربار ۾

وڃي حڪم ڪيائين ته سمورو لشڪر گهوڙن تي چڙهي تيار ٿئي. پوءِ حڪم ڪيائين ته هڪ شاندار گهوڙو سهڻن منجن سان سينگاري وڃي شهزادي کي ڏيو ته هو انهيءَ تي سوار ٿي اچي. حڪم جي تعميل ڪئي ويئي، پر نوجوان شهزادي چيو: اي بادشاه! آءٌ ايستائين گهوڙي تي سوار نه ٿيندس، جيستائين آءٌ اوهان جو سمورو لشڪر نه ڏسندس. ” بادشاهه چيس ته توکي اجازت آهي.“ اهڙيءَ طرح بادشاهه پاڻ شهزادي کي وٺي هليو ۽ اچي لشڪر وٽ پهتا شهزادي لشڪر ڏسي، ان جي تعداد جي خاطري ڪئي انهيءَ تي بادشاهه لشڪر ڏانهن منهن ڪري بلند آواز ۾ چيو: منهنجا بهادرو! هيءُ نوجوان ڪنهن ٻيءَ ولايت مان آيو آهي ۽ مون کان ڌيءُ جي سڱ جي گهر ڪري ٿو. مون هن جهڙو خوبصورت ۽ بهادر جوان اڃا تائين نه ڏٺو آهي. هيءُ دعوا ڪري ٿو ته اوهان سڀني کي اڪيلي سر شڪست ڏئي پنهنجي پچائيندو. پر ياد رکجو ته جنهن وقت هيءُ مقابلي لاءِ اوهان جي ويجهو اچي، ته اوهين به ترارن ۽ ڀالن جي نوڪن سان هن جو استقبال ڪجو، ڇاڪاڻ ته هن تمام وڏي هام هنئي آهي.“ ان بعد نوجوان کي چيائين: اي پٽ! هاڻي جيئن تنهنجي مرضي هجي تيئن ڪر.“ پر نوجوان جواب ڏنو: تو مون سان انصاف نه ڪيو آهي. آءٌ هنن سان ڪهڙيءَ طرح جنگ ڪري سگهندس، جڏهن ته آءٌ پيرين پيادو آهيان ۽ هي گهوڙن

تي سوار آهن؟" بادشاهه وراڻيس ته "مون ته تو کي اڳ ۾ ئي گھوڙي تي سوار ٿيڻ لاءِ چيو هو، پر تو انڪار ڪيو. تون هن گھوڙن مان ڪوبه گھوڙو چونڊ ۽ ان تي سوار ٿيءُ." شهزاديءَ جواب ڏنس ته "مون کي تنهنجن گھوڙن مان ڪوبه گھوڙو پسند ڪونهي. آءٌ ته ان گھوڙي تي سوار ٿينديس، جنهن تي آءٌ چڙهي آيو هئس." بادشاهه پڇيس ته "اهو گھوڙو ڪٿي آهي؟" شهزاديءَ جواب ڏنو ته "اهو گھوڙو محلات جي ڇت تي بيٺو آهي." بادشاهه عجب وچان پڇيو: "منهنجي محلات جي ڇت تي؟" شهزاديءَ چيو: "هائو، تنهنجيءَ محلات جي ڇت تي." اهو ٻڌي بادشاهه چيو ته "تنهنجي بيوقوفيءَ ۽ چريائپءَ جو اهو پهريون مثال آهي. مون کي تو تي افسوس ٿو ٿئي. ڀلا گھوڙو ڇت تي ڪيئن وڃي سگھندو؟" پوءِ بادشاهه هڪ ماڻهوءَ کي محلات جي ڇت ڏانهن اماڻيو، جنهن وڃي ڏٺو ته گھوڙو واقعي اتي بيٺو هو. هن اهڙو سهڻو گھوڙو اڳ ڪڏهن به نه ڏٺو هو، تنهنڪري ويجهو وڃي چڱيءَ طرح ڏٺائين ته اهو عاج ۽ آبنوس جو ٺهيل هو. انهيءَ ماڻهوءَ جي پٺيان پيا به ڪيترائي امير امراءَ ويا ۽ جڏهن هن گھوڙي کي ڏٺو، تڏهن سڀئي کلڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا ته "نوجوان هيءَ گھوڙي جو ذڪر ڪيو آهي؟ اسين سمجهون ٿا ته هو ڪو ديوانو آهي، پر جلد ئي خبر پئجي ويندس. ممڪن آهي ته ان ۾ ڪو نڪل ڳجهه به هجي!" پوءِ هن ڳجهي گھوڙي کي

ڪنهن ۾ آڏي بادشاهه جي اڳيان رکيائون. ماڻهو، گهوڙو ڏسي ان جي چوڏاري ڦري ويا ۾ ان جي ستنجن ۾ بناوت وغيره ڏانهن نهاري، حيرت ۾ پئجي ويا. بادشاهه شهزادي کي چيو، "اي نوجوان! تنهنجو گهوڙو ڪهڙو آهي؟" شهزادي چيو "هائو، اهوئي منهنجو گهوڙو آهي. تون جلد ئي هن جا حيرت ۾ وجهندڙ ڪم ڏسندين." بادشاهه چيس ته "پوءِ پنهنجي گهوڙي تي جلد سوار ٿي"، پر هُن جواب ڏنس ته "آءٌ ايستائين سوار نه ٿيندس، جيستائين ماڻهو گهوڙي کان هٽي پري نه ٿيندا." پوءِ بادشاهه سيني بيٺل ماڻهن کي پري پري هٽي وڃڻ جو حڪم ڏنو.

نوجوان شهزادي چيو: "اي بادشاهه! هاڻي آءٌ گهوڙي تي سوار ٿيان ٿو ۽ تنهنجي سموري لشڪر کي اڪيلي ۾ پڪيڙي ٿو ڇڏيان." بادشاهه چيس ته "جيئن وڻئي تيئن ڪر. تون هنن تي ڪوبه رحم نه ڪجانءِ ۽ هي به توتي ڪا ڪهل نه ڪندا." شهزادو گهوڙي تي ٽپ ڏيئي چڙهيو ۽ ان کي اڏائڻ لاءِ ڦرڪيءَ کي ڦيرايائين. پوءِ ته ڏسندڙن جو اکيون ڦاٽي ويون! گهوڙي ۾ چڻ ته ڪا اوچتي سگهه اچي ويئي هئي ۽ هو تيزيءَ سان حرڪت ڪرڻ لڳو ۽ هنڪارون ڪري ڊڙها هڻي، آسمان ڏانهن چڙهڻ لڳو. شهزادي کي آسمان ڏانهن اڏامندو ڏسي، بادشاهه لشڪر ڏانهن منهن ڪري چيو: "حيف آهي اوهان تي! وارو ڪري

جهلي وٺوس نه ته ڀڄي ويندو." اهو حڪم ٻڌي وزير ۽ سپهه سالار چيو ته "اي بادشاهه ڪو آڏاٺندڙ پکيءَ کي جهلي سگهي ٿو؟ هيءَ ته ڪو وڏو جادوگر ٿو ڏسجي. اوهان کي خدا بچايو آهي، تنهنڪري پنهنجي چوٽڪاري لاءِ خدا جو شڪر ڪريو."

بادشاهه مايوس ٿي محلات ۾ موٽي آيو ۽ ڏيءَ کي اچي سموري روئداد ٻڌايائين. پر شهزادي وڇوڙي ۽ جدائيءَ جي غم کان بيقرار ۽ بيچين ٿي پنهنجي هنڌ تي ليٽي پئي هئي. ڏيءَ جي اها حالت ڏسي بادشاهه هن کي سيني سان لائي، پيشانيءَ تي چمي ڏيئي چيو ته "منهنجي مٺڙي ڏيءَ! خدا جو شڪر ڪر جو پاڻ کي انهيءَ حرفتي جادوگر کان پناهه ملي آهي." پوءِ بادشاهه هن کي اهو سمورو احوال ٻڌايو جيڪو، هن پاڻ اکين ڏٺو هو، پر شهزادي ان ڏانهن ڪو به ڌيان نه ڏنو ۽ ذرو به ڪان نه ڪيائين. هوءَ روئندي پئي رهي ۽ دل ۾ پڪو پهه ڪيائين ته 'خدا جو سُنهن، آءٌ نه ڪجهه کائيندس ۽ نه ڪجهه پيئنديس، جيستائين آءٌ هن سان نه وڃي ملان'. بادشاهه ڌيءَ جو اهو حال ڏسي گهڻيءَ ۾ پئجي ويو ۽ اندر ئي اندر ڪڙهڻ لڳو.

هوڏانهن شهزادو پنهنجي ملڪ ڏانهن آڏامندو پئي ويو. ساڳي وقت هن کي به شهزاديءَ جي خيال ڏاڍو ستايو هو. ڪيس ماڻهن کان ته اڳواٽ ئي خبر پئجي وئي هئي، ته بادشاهه جو نالو-کهڙو آهي ۽ اهو

’سينا‘ جو ملڪ هو. هو تيزيءَ سان پنهنجي ملڪ ڏانهن سفر ڪندو رهيو. نيٺ هو پنهنجي ملڪ جي ويجهو اچي پهتو ۽ گهوڙي کي هيٺ لاهيندي اچي محلات جي ڇت تي لٿو. گهوڙي کي اتي ڇڏي، هو پيءُ وٽ آيو، جيڪو سندس جدائيءَ ۾ آداس ۽ ملول ويٺو هو. بادشاهه جو پٽ کي ڏٺو، سو خوشيءَ وچان ڊوڙي اچي ڇاتيءَ سان لاتائينس. شهزادي پهرين پيءُ کان پڇا ڪئي ته ”آءٌ و داناءُ شخص ڪٿي آهي، جنهن گهوڙو ٺاهيو هو؟“ بادشاهه جواب ڏنس ته ”خدا نه ڪري جو اهڙو وري ان شخص جو منهن ڏسان، ڇاڪاڻ ته هن جي ڪري ئي تون اسان کان وڇڙي وئين. تنهنجي وڃڻ کان پوءِ هن کي گرفتار ڪري قيد ۾ وڌو ويو آهي.“ پر پوءِ شهزادي جي زور ڀرڻ تي بادشاهه حڪم ڏنو ته داناءَ شخص کي هڪدم حاضر ڪيو وڃي.“ جڏهن اهو داناءُ حاضر ٿيو، تڏهن بادشاهه هن کي سروپا ڏيکائي ڪيترو ئي مال ملڪيت انعام ۾ ڏنائين. البت پنهنجي ڌيءَ سان شادي ڪرائڻ کان انڪار ڪيائين. انهيءَ تي اهو داناءُ شخص سخت ناراض ٿي پيو ۽ پنهنجي ڪئي تي پڇتائڻ لڳو، ڇاڪاڻ ته کيس خبر پئي ته شهزادو گهوڙي کي هلائڻ واري راز مان واقف ٿي ويو هو. هوڏانهن بادشاهه پٽ کي نصيحت ڪئي ته ”تون هاڻي انهيءَ گهوڙي جي ويجهو به نه وڃجانءِ، ڇا لاءِ ته تو کي

اُن جي سيني پرزن جي ڪاٻه ڇاڻ ڪانهي". شهزادي انهيءَ تي ڪو ڌيان نه ڏنو ۽ پيءُ کي پنهنجي سموري سفر ۽ شهزاديءَ واري واقعي جو سمورو احوال ٻڌايو. بادشاهه احوال ٻڌي چيس: "جيڪڏهن بادشاهه چاهي ها ته توکي قتل ڪرائي ڇڏي ها، پر تنهنجي ڪا حياتي وڏي آهي."

پوءِ هنن سيني گڏجي ڏاڍيون خوشيون ملهايون. محلات جي ٻانهين مان هڪ نهايت خوبصورت ٻانهي، سارنگي وڄائي ۽ هجر ۽ فراق جا دردناڪ گيت ڳايا، جن شهزادي جي دل تي ڏاڍو اثر ڪيو ۽ هو شهزاديءَ جي وڇوڙي جي درد ۽ ڏک وچان ڦٿڪڻ لڳو. ٿوريءَ دير کان پوءِ، هو آٿان اٿيو ۽ گهوڙي تي چڙهي، ڦرڻيءَ کي ڦيرايائين ته گهوڙو هوا ۾ آڏامندو آسمان ڏانهن چڙهندو ويو. صبح جو جڏهن بادشاهه شهزادي جي پڇا ڪئي ته هو غائب هو. چوڪيداري ماڻهو پکڙجي ويا، پر شهزادي جو نڪو پار نڪو پتو. نيٺ محلات جي ڇت تي ڏٺائون ته گهوڙو به غائب هو. بادشاهه هڪدم ڳالهه سمجهي ويو ۽ پڪو پهه ڪيائين ته شهزادو جيڪڏهن واپس آيو ته گهوڙي کي گم ڪرائي ڇڏبو.

هوڏانهن شهزادو هوا مان ڳالهيون ڪندو جهٽ پٽ اچي 'سينا' جي انهيءَ شهر مٿان پهتو. پوءِ گهوڙي کي محلات جي ڇت تي لاهي پاڻ هيٺ محل ۾ آيو ۽ شهزادي جي ڪمري ڏانهن ويو. پر هن اتي نڪي شهزاديءَ

کي ڏٺو، نڪي ٻانهيون ڏٺائين ۽ نه وري اهو خواجه سرا نظر آيس، جيڪو انهن جو پهريدار هو. اهو حال ڏسي هن کي ڏاڍو ڏک پهتو. آخر محلات جو هڪڙو ڪمرو جاچيندو جاچيندو، جان ڪٿي ڏسي ته هڪ ڪمري ۾ شهزادي هند تي ليٽي پئي آهي ۽ چوڌاري ٻانهيون ويٺيون آئس. شهزادو ڪمري ۾ هليو ويو ۽ وڃي شهزاديءَ کي جهڪي سلام ڪيائين. شهزاديءَ جو، هن جو آواز ٻڌو، سو ٽپ ڏئي اٿي ويٺي ۽ ڊوڙي اچي شهزادي کي ڀاڪر پائي روئڻ لڳي. شهزادي چيس ته ”اي شهزادي! تنهنجي وڇوڙي منهنجي جان جلائي ڇڏي.“ شهزاديءَ ورائيو ”منهنجو ٻه اهو حال آهي. جيڪڏهن تون نه اچين ها، ته يقين آهي ته آءٌ لڇي لڇي مري وڃان ها.“ شهزادي پوءِ ڳالهه کي بدلائيندي پڇيو: ”تنهنجي پيءُ جي مون سان روش بابت تنهنجو ڪهڙو خيال آهي؟ اهو سڀ تنهنجي پيار خاطر سٺم. آءٌ ته هن کي قتل ڪري ڇڏيان ها، پر تنهنجي ڪري آءٌ هن جي عزت ڪريان ٿو.“

شهزاديءَ چيو ”تون مون کان ڇو جدا ٿي وئين؟ تنهنجي وڃڻ کان پوءِ مون کي حياتي وهه ٿي آئي.“ هن جواب ڏنس: ”ڇا تون منهنجي هڪڙي خواهش پوري ڪندينءَ؟“ شهزاديءَ چيو ته ”جو جيڪي چوندو ائين. آءٌ ته دل و جان سان تنهنجي هر خواهش پوري ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“ شهزادي چيو ته ”تون مون سان گڏجي منهنجي ملڪ ڏانهن هل.“

شهزاديءَ خوش ٿي چيو ته ”آءٌ ضرور رهنديس.“

شهزادي جو جواب ٻڌي، شهزادو خوشيءَ وچان ڪپڙن ۾ نه ٿي ڪونه ٿي ماپيو، ۽ هن جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺي انجام ورتائين. پوءِ ٻئي گڏجي ڇت تي ويا ۽ گهوڙي تي چڙهي آسمان ڏانهن اڏامڻ لڳا. اتي ٻانهي وٺي ڏانهن ڪوڪون ڪيون ۽ وڃي بادشاهه ۽ راڻيءَ کي ڏانهن ڏنائين، جنهن تي آهي به تڪڙا تڪڙا ڊوڙندا محلات جي ڇت تي چڙهي آيا. بادشاهه آسمان ڏانهن نهاريو ۽ ڏٺائين ته آبنوسي گهوڙو، هوا کي چيريندو اڳتي وڌندو پئي ويو. اهي حال ڏسي، بادشاهه ڪاوڙ ۾ سرخ ٿي ويو ۽ ڏانهن ڪري چيائين: ”اي شهزادا! خدا جي واسطي مون تي ۽ منهنجيءَ راڻيءَ تي رحم ڪر ۽ امان کي پنهنجي ڌيءَ جي وڇوڙي جو داغ نه ڏي.“ شهزادي بادشاهه کي ته ڪو جواب نه ڏنو، پر دل ۾ خيال ڪيائين ته شايد ماءُ پيءُ کان جدا ٿيڻ ڪري شهزادي پڇتايو هوندو. تنهنڪري شهزاديءَ کان پڇيائين: ”اي حسن جي ديوي! تنهنجي مرضي آهي ڇا ته آءٌ توکي واپس تنهنجي ماءُ پيءُ تائين پهچايان؟“ جنهن تي هن جواب ڏنو: ”اي منهنجا سرتاج! خدا جو قسم، منهنجي اها هرگز مرضي ناهي. آءٌ ته چاهيان ٿي ته جتي تون هجين اتي آءٌ به تو سان گڏ هجان. ڇاڪاڻ ته تنهنجي پيار سبب آءٌ سڀڪجهه وساري ويٺي آهيان ۽ ماءُ پيءُ به وسري ويا اٿم.“ شهزاديءَ جو اهو جواب ٻڌي، هو ڏاڍو خوش

ٿيو ۽ گهوڙي کي ويتر تيز اڏائيندو، اچي پنهنجي ملڪ ۾ پهتو. هن جي دل ۾ اها خواهش ٿپا ڏيڻ لڳي ته آءٌ شهزاديءَ کي پنهنجو راڄ ڀاڳ ۽ پيءُ جي حڪومت ڏيکاريان ۽ ٻڌايانس ته تنهنجي پيءُ کان منهنجو پيءُ زبردست بادشاهه آهي. پر هن محلات ۾ وڃي وڃڻ کان اڳ، شهر جي ٻاهران هڪ خوبصورت محل ۾ وڃي شهزاديءَ کي لاٿو. هن آبنوسي گهوڙو به اتي ئي بيهاريو ۽ شهزاديءَ کي چيائين: "تون هن جي سنڀال ڪر ۽ ايستائين هت ويهه، جيستائين منهنجو ڪو ماڻهو توکي وٺڻ اچي. آءٌ پنهنجي پيءُ وٽ وڃان ٿو ۽ توکي شاهي محلات ۾ وٺي هلڻ لاءِ بندوبست ڪرايان ٿو."

پوءِ شهزادو جلد ئي وڃي شاهي محلات ۾ پهتو ۽ پيءُ سان مليو. بادشاهه، پٽ کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ آئي هن جو آڌرڀاءُ ڪيائين. شهزادي پيءُ کي ٻڌايو: "مون جنهن شهزاديءَ جو ذڪر ڪيو هو، تنهن کي آءٌ پاڻ سان وٺي آيو آهيان. مون هن کي في الحال شهر جي باغ ۾ ترسايو آهي ۽ اوهان کي اطلاع ڪرڻ آيو آهيان ته اوهان پنهنجي شاهي شان شوڪت سان هن جو آڌرڀاءُ ڪريو." بادشاهه چيو ته "آءٌ اکين سان هلندس."

پوءِ بادشاهه حڪم ڪيو ته سڄي شهر کي سينگاريو وڃي ۽ پوءِ نوڪر چاڪر ۽ لشڪر ساڻ ڪري وڏي ڌام ڌوم سان باغ ڏانهن روانو ٿيو. هوڏانهن شهزادي، شهزاديءَ جي سواريءَ لاءِ هڪ ٻلي آٽ جو حڪم ڏنو،

جنهن تي هيرن جواهرن وارو قيمتي ڪاٺو وجهي، ڪيترين ئي سهڻين پانهين جا پاڻ سان ٽولا وٺي روانو ٿيو. باغ ۾ پهچي شهزادي آٺ کي محلات جي در تي بيهاريو ۽ پاڻ اندر ويو. پر جلن اندر نهاري ته نڪي شهزادي هئي، نڪي ڪهوڙو هو. هن اهو حال ڏسي منهن مٿو پٽڻ شروع ڪيو ۽ ڪپڙا ڦاڙي، چرين وانگر سڄي باغ ۾ ڊوڙڻ لڳو. نيٺ ڪجهه ساماڻ ۾ آيو ۽ سوچڻ لڳو ته شهزاديءَ کي ڪهوڙي جو راز ڪيئن معلوم ٿيو؟ جڏهن ته مون هن کي ڪجهه به نه ٻڌايو هو! شايد ڪهوڙي ٺاهيندڙ، ايراني ڏاناءَ، ڪهوڙو ڏسي ورتو هوندو ۽ اسان کان وير وٺڻ لاءِ هن کي فريب ڏئي پاڻ سان وٺي ويو آهي. شهزادي، مالهيءَ کان پڇا ڪئي ته "تو باغ ۾ ڪنهن کي ايندي ۽ محلات ۾ ويندي ته ڪين ڏٺو؟" مالهيءَ جواب ڏنو: "سائين! مون ايراني ڏاناءَ کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي به هن باغ ۾ ويندي نه ڏٺو آهي."

قسمت جا رنگ ڏسو ته جڏهن شهزادو، شهزاديءَ کي باغ واري محل ۾ ترسائي هليو ويو، تڏهن ايراني ڏاناءَ ڪن خاص جڙين ٻوٽين گڏ ڪرڻ لاءِ باغ ۾ آيو. ان وقت سڄو باغ ڪستوري ۽ عنبر جي خوشبوءِ سان واسيو پيو هو. اها خوشبوءِ سنگهندي، ڏاناءَ ان طرف ويو، جتان خوشبوءِ پئي آئي. نيٺ هو اچي محل جي خاص ڪمري تائين پهتو ۽ ڏٺائين ته دروازي تي سندس ٺاهيل ڪهوڙو بيٺو هو. پنهنجي وڃايل ڪهوڙي

کي اڪيلو ڏسي، هن جي دل خوشيءَ وچان نچڻ لڳي؛ ڇاڪاڻ تہ ان جي همان نڪري رهڻ کان پوءِ، هن جي زندگي ڏاڍي ملول گذرندي هئي. هو گهڙي جي ويجهو ويو ۽ ان جي هر هڪ حصي کي چڱيءَ طرح ڏسڻ لڳو. پر اڃا گهوڙي تي سوار ٿيڻ وارو هو، تہ خيال آيس تہ اندر ڏسجي تہ شهزادي پاڻ سان گهڙي شيءِ آندي آهي، جيڪا هت گهوڙي سان گڏ ڇڏي ويو آهي؟ اهو خيال ڪري هو محل جي خاص ڪمري ۾ ويو ۽ اتي هڪ چنبڙ جهڙي حسين دوشيزه کي ويٺل ڏٺائين. شهزاديءَ کي ڏسي هو سمجهي ويو تہ اهو ڪنهن شاهي خاندان جو ٻار آهي، جنهن کي شهزادو پاڻ سان وٺي آيو آهي ۽ هن کي هت ويهاري، پاڻ هن جي استقبال جون تياريون ڪرڻ ويو آهي. دانا شخص، اندر شهزاديءَ وٽ ويو ۽ کيس جهڪي ادب سان سلام ڪيائين. شهزاديءَ اکيون مٿي ڪري هن ڏانهن ڏٺو ۽ هن جي بدصورت شڪل ڏسي ڊڄي وئي ۽ پڇيائينس تہ "تون ڪير آهين؟" هن جواب ڏنو. "اي شهزادي! آءٌ شهزادي جو قاصد آهيان. مون کي حڪم مليو آهي تہ آءٌ اوهان کي شهر جي هڪ ٻئي باغ ۾ وٺي هلان." شهزاديءَ اهو جواب ٻڌي، وراڻيو: "شهزادو ڪٿي آهي؟" جنهن تي هن جواب ڏنو تہ "شهزادو بادشاهہ سان گڏ شهر ۾ آهي ۽ جلد ئي هڪ وڏو جلوس وٺي اچي حاضر ٿيندو." آخر تي شهزاديءَ چيس، "تو کان سواءِ ٻيو ڪو قاصد

ڪونه هو، جنهن کي شهزادو هيڏانهن آڻيندو هو؟“
اهو جواب ٻڌي، داناءَ کلي ڏنو ۽ جواب ڏنائين: ”اي شهزادي! منهنجي بدصوراڻيءَ ڏانهن نه وڃ. شهزادي کي جيڪو مون فيض پهچايو آهي، ان جي جيڪڏهن توکي خبر پوي ته تون هوند اهي لفظ ڪين چوين.“
شهزاديءَ کي انهيءَ تي ڪجهه اطمينان ٿيو ۽ آٿي هُن جي هٿ ۾ هٿ ڏئي هلڻ لڳي. پوءِ داناءَ کي چيائين: ”تو منهنجي سواريءَ لاءِ ڇا آندو آهي؟“ هن ٻڌايس ته ”شهزادي! تون جنهن گهوڙي تي چڙهي آئي آهين، ان تي ئي توکي سواري ڪرڻي آهي.“ شهزاديءَ چيو، ”آءٌ ته اڪيلي ان گهوڙي تي سواري ڪانه ڪري سگهنديس.“ داناءُ اهو جواب ٻڌي مرڪڻ لڳو ۽ پڪ ٿيس ته شڪار ڄار ۾ ڦاسي ويو. پوءِ چيائين: ”آءٌ پاڻ تو سان گڏ انهيءَ گهوڙي تي سوار ٿيندس.“ پوءِ اهو داناءُ، گهوڙي وٽ پهچي، پهرين ان تي پاڻ سوار ٿيو ۽ پوءِ شهزاديءَ کي پنهنجي پٺيان ويهاريائين. ايتري ۾ هن گهوڙي جي ڦرڻي ڦيرائي. گهوڙي جي سڄي بُت ۾ هوا ڦوڪجي ويئي ۽ هو آسمان ڏانهن آڏامڻ لڳو ۽ ڏسندي ڏسندي انهيءَ شهر کان تمام گهڻو پري نڪري ويو. اهو حال ڏسي شهزاديءَ رڙ ڪري چيو: ”تو شهزادي لاءِ جيڪي چيو هو، ان جو ڇا مطلب هو؟ توکي شهزادي موڪليو هو؟“ داناءُ جواب ڏنس: ”خدا ڪندو ته هن کي ڪاٻه چڱائي نصيب ڪانه ٿيندي.

هو ڏاڍو ذليل ۽ ڪميڻو آهي." اهو جواب ٻڌي، شهزاديءَ وٽي دانهون ڪيون ۽ چيائين ته "حيف اٿئي! تو ته پنهنجي مالڪ جي حڪم عدولي ڪئي آهي." داناءَ جواب ۾ چيو: "هو منهنجو مالڪ هرگز ڪونهي. تو کي خبر آهي ته آءٌ ڪير آهيان؟" شهزاديءَ وراڻيس: "تنهنجي باري ۾ رڳو ايتري خبر اٿم، جيڪا تو مون کي ٻڌائي آهي." داناءَ وري چيو: "مون جيڪي تو کي ٻڌايو، اها ته حرفت هئي. آءٌ گهڻي وقت کان هن گهوڙي کي حاصل ڪرڻ لاءِ حيران هئس؛ ڇاڪاڻ ته هيءُ منهنجو ئي ناهيل آهي. پر شهزادو هيءَ گهوڙو مون کان ڦري، ان جو مالڪ ٿي ويٺو هو. هاڻي ته مون پنهنجو گهوڙو به هٿ ڪيو ۽ تو کي به حاصل ڪيم. جيئن شهزادي منهنجي دل ڏکوئي هئي، تيئن هاڻي هن جي دل به جلندي ۽ ڪامندي هوندي. هاڻي هو ڪڏهن به هيءُ گهوڙو حاصل ڪري نه سگهندو. باقي رهيو تنهنجو سوال، سو تون ڪو به غم نه ڪر، خوش ٿيءَ جو هُن کان وڌيڪ مون مان تو کي فائدو پهچندو." اهي ڳالهيون ٻڌي، شهزادي پنهنجو منهن مٿو پٽڻ لڳي ۽ دانهون ڪري چوڻ لڳي: "افسوس! آءٌ نڪي پنهنجي محبوب جي ٿيس ۽ نڪي ماءُ پيءُ جي." انهيءَ وچ ۾ داناءَ شخص پنهنجي گهوڙي کي تيز آڏائيندو، يونان ملڪ جي مٿان اچي پهتو ۽ هيٺ هڪ ڇهچ ساوڪ ڏسي اُتي لٿو. اهو چراگاهه، انهيءَ شهر جي گهٽو ويجهو

هو، جتي هڪ زبردست بادشاهه حڪومت ڪندو هو.
انهيءَ ڏينهن اتفاق سان بادشاهه به چراگاهه ۾ شڪار
ڪرڻ لاءِ آيو هو، جتي شڪار ڪندي هو اوچتو اتان
لنگهيو، جتي داناءَ ۽ شهزادي لٿل هئا. داناءَ کي
بادشاهه جي اچڻ جي ڪابه خبر ڪانه هئي. بادشاهه
جي غلامن اوچتو حملو ڪري، داناءَ کي جهلي ورتو.
هنن شهزاديءَ ۽ گهوڙي کي به سوگهو ڪيو ۽
سڀني کي بادشاهه جي روبرو وٺي آيا. بادشاهه، داناءَ
شخص جي بدصورتي ڏسي، جڏهن شهزاديءَ جي سونهن
سوڀيا کي ڏٺو، تڏهن چيائين: "اي خاتون! هن شخص
جو تو سان ڪهڙو لاڳاپو آهي؟" داناءَ هڪدم جواب
ڏنو: "هيءَ منهنجي زال آهي ۽ منهنجي چاچي جي
ڌيءَ آهي." شهزاديءَ اهو ٻڌي بادشاهه کي هن جي
ڪوڙ کان واقف ڪندي ٻڌايو ته "بادشاهه سلامت!
خدا جو سُنهن، اڄ ته هن مردود کي سڃاڻان به ڪونه.
هيءَ منهنجو خاوند ڪونه آهي. هن ته زبردستيءَ ۽
چالاڪيءَ سان مون کي هت ڪٺي آندو آهي." شهزاديءَ
جي اها ڳالهه ٻڌي، بادشاهه داناءَ شخص کي مارڻ جو
حڪم ڏنو ۽ شاهي نوڪرن هن کي ايترو ته ماريو
جو هو مرڻ ڪنديءَ تي وڃي پهتو. نيٺ بادشاهه
جي حڪم سان هن کي ڪٺي وڃي قيد ۾ بند ڪيائون.
پوءِ بادشاهه شهزاديءَ کي ساڻ ڪري ۽ گهوڙي کي
ڪٺائي، پنهنجي محل ۾ آيو.

هو ڏانهن شهزادو ويس بدلائي، سفر جو سامان ڪٺي، شهزاديءَ جي ڳولا ۾ شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ پڇائيندو رات ڏينهن هلندو رهيو. هو جتي به ويندو هو، ته اتي جي ماڻهن کان پهرين آبنوسي گهوڙي جي پڇا ڪندو هو ۽ ماڻهو عجب ۽ اچرج وچان هن جي منهن ۾ ڏسندا رهندا هئا. اهڙيءَ طرح، ڪيتري وقت تائين شهزادو سفر جون تڪليفون سهندو رهيو ۽ گهڻيءَ پڇا ڳاڇا کان پوءِ به پنهنجي منزل مقصود تي پهچي ڪين سگهيو. لاچار ٿي شهزاديءَ جي ملڪ 'سينا' ڏانهن ويو، پر اتي به گهڻيءَ ڳولا ڪرڻ کان پوءِ به خبر ڪانه پيس ۽ بادشاهه کي به ڌيءَ جي وڇوڙي ۾ غمگين ڏٺائين. شهزادو اتان به نااميد ٿي نڪتو ۽ يونان ملڪ ڏانهن روانو ٿيو. انهيءَ ملڪ ۾ پهچي، هو هڪ سراءِ ۾ ويو، جتي ڏسي ته ڪيترائي سوداگر ڪچهري ڪيو ويٺا هئا. شهزادي به وڃي هنن جو پاسو ورتو. ڳالهيون ڪندي، هڪڙي سوداگر چيو: ”يارو! مون هڪ عجب جهڙي شيءِ ڏٺي آهي.“ انهيءَ تي سڀني پڇا ڪئي ته ”اها ڪهڙي شيءِ آهي!“ هن جواب ڏنو ته ”آءٌ فلاڻي ملڪ جي فلاڻي شهر ۾ هئس. اتي جي رهاڪن کان هڪ عجب جهڙي ڳالهه ٻڌڻ ۾ آئي. اها هيءَ، ته هڪڙي ڏينهن بادشاهه پنهنجي لشڪر سميت شڪار تي ويو. شڪار ڪندي هو هڪڙي چراگاهه وٽان اچي لنگهيو. اتي هن جي ماڻهن کي هڪڙو غير ملڪ جو رهاڪو ڏسڻ ۾ آيو

جنهن جي پرسان آبنوس جو ٺهيل گهوڙو بيٺو هو ۽ هڪ پريءَ جهڙي حسين عورت هيٺ پٽ تي ويٺي هئي. اهو شخص ڏاڍو بدصورت هو ۽ سندس منهن ڏسڻ سان خوف ٿي ٿيو. پر جيڪا عورت هن سان گڏ هئي، تنهن جي سونهن سوڀيا ڏسي، چنڊ به شرمائجي ٿي ويو. هوءَ صورت شڪل ۽ ويس وڳي مان ڪا شهزادي ٿي ڏسڻ ۾ آئي. ٻئي طرف، آبنوسي گهوڙو به اهڙي عجب جهڙي شئي ڏسڻ ۾ ٿي آئي، جنهن جهڙي اڳ ڪنهن به نه ڏٺي هوندي." اتي پين سوداگر پڇيو: "پوءِ بادشاهه انهن سان ڪهڙو ورتاءُ ڪيو؟" سوداگر جواب ڏنو: "بادشاهه انهيءَ بدصورت شخص کان انهيءَ دوشيزه بابت پڇا ڪئي، جنهن تي هن ٻڌايو ته 'اها منهنجي زال آهي ۽ منهنجي چاچي جي ڌيءَ آهي.' پر دوشيزه بادشاهه کي ٻڌايو ته 'اهو شخص سراسر ڪوڙ ٿو ڳالهائي.' انهيءَ تي بادشاهه آن شخص کي ڏاڍي مار ڏياري قيد ۾ بند ڪرائي ڇڏيو ۽ دوشيزه ۽ گهوڙي کي پاڻ سان وٺي ويو. هاڻي خبر نه آهي ته آنهن سان ڪهڙي ويڌن ٿي!" سوداگر جي اِها ڳالهه ٻڌي شهزادو دل ئي دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ اها رات انهيءَ سراءِ ۾ سمهي آرام ڪيائين.

ٻئي ڏينهن شهزادو فجر جو، انهيءَ طرف روانو ٿيو. رات ڏينهن سفر ڪندو نيٺ اچي انهيءَ شهر ۾ پهتو، جنهن جو سوداگر ذڪر ڪيو هو. شام اچي ٿي هئي

۽ شهر جي دروازي تي پهريدار بيٺا هئا. شهزادي سوچيو ته پهريدارن کان لڪي شهر ۾ وڃجي، پر دروازي مان لنگهڻ وقت پهريدارن جي مٿس نظر پئجي ويئي ۽ هن کي ڌاڙيو ماڻهو ڏسي ڪٺي جهليائون ۽ وڃي قيد ۾ بند ڪيائونس. قيد خاني جو داروغو ڪو سياڻو شخص هو. تنهن جو هڙڪي حسين نوجوان کي قيد ۾ ڏنو، سو هن کي پنهنجي گهر ۾ وٺي آيو ۽ چڱيءَ طرح کارائي پيئاري ڀڙ ڪرايائينس. ماڻيءَ کائڻ کان پوءِ ٻئي جڻا ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ لڳا. داروغي شهزادي کان پڇيو ته ”تون ڪير آهين ۽ ڪٿان آيو آهين؟“ شهزادي جواب ڏنو: ”آءٌ ايران ملڪ جو رهاڪو آهيان، جتي ڪسريٰ بادشاهه حڪومت ڪندو آهي.“ اهو احوال ٻڌي اتي ٻيا ويٺل ماڻهو کلڻ لڳا. انهن مان هڪڙي چيو: ”اي خسروي! مون به ماڻهن کان گهڻو ئي ڪجهه ٻڌو آهي، انهن جون تاريخون پڙهيون اٿم ۽ انهن جون حالتون ڏٺيون اٿم، پر هن قيد خاني ۾ هڪ اهڙو خسروي بند آهي، جنهن جهڙو ڪوڙو مون ڪٿي ڪونه ڏٺو.“ شهزادي انهيءَ ماڻهوءَ کان پڇيو ته ”انهيءَ ڪهڙو ڪوڙ ڳالهايو آهي، جنهن جو ايترو چرچو آهي؟“ هن ورائيو: ”اهو قيدي چوي ٿو ته آءٌ وڏو داناءُ شخص آهيان. بادشاهه شڪار ڪندي هڪڙي هنڌ مون کي ڏسي ورتو. مون سان گڏ هڪ پري پيڪر ۽ حور جهڙي عورت به هئي ۽ آبنوس جو هڪ عجيب گهوڙو به هو.

اُها حور جهڙي عورت ته هيئر بادشاهه جي محلات ۾ آهي ۽ بادشاهه جو مٿس ڏاڍو پيار آهي، پر هوءَ چري آهي. جيڪڏهن اهو شخص سچ پچ داناءُ آهي، ته پوءِ اُن عورت جو چونه ڏو علاج ڪري؟ بادشاهه ڪيترائي حڪيم طبيب گهرايا آهن، پر ڪوبه هن کي انهيءَ مرض مان شفاياب نٿو ڪري سگهي. باقي آبنوسي گهوڙو، بادشاهه جي خزاني ۾ آهي ۽ اهو بدصورت شخص قيد خاني ۾ گرفتار پيو آهي.“ اهي ڳالهيون ٻڌي، شهزادي جي ذهن ۾ پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيتريون ئي تجويزون سُجهي آيون. پوءِ جڏهن سمهڻ جو وقت آيو، تڏهن شهزادي کي قيد خاني ۾ آماڻيو ويو، جتي هن انهيءَ بدصورت داناءَ کي فارسي ٻوليءَ ۾ آهه و فرياد ڪندي ٻڌو: ’حيف آهي مون تي جو مون پاڻ تي ۽ شهزادي تي ڏسي وائسي ظلم ڪيو.‘

انهيءَ ملڪ ۾ رواج هوندو هو ته جڏهن به شهر ۾ ڪو ڌاريو شخص ايندو هو ته هن کي سپ ڪان پهرين بادشاهه وٽ پيش ڪندا هئا، جيڪو اُن شخص کان حال احوال وٺندو هو. شهزادو شهر ۾ شام جو پهتو هو، تنهنڪري صبح ٿيو ته هن کي بادشاهه وٽ وٺي ويا. بادشاهه شهزادي کان پڇيو: ”اي مسافر! تون ڪهڙي ملڪ جو رهاڪو آهين؟ تنهنجو نالو ڇا آهي؟ تون ڪهڙو هنر يا ڌنڌو ڄاڻندو آهين ۽ هت ڪهڙي ارادي سان آيو آهين؟“ شهزادي جواب ڏنو: ”بادشاهه سلامت! منهنجو نالو ’حرجه‘ آهي ۽ آءٌ

پارس ملڪ جو رهاڪو آهيان. منهنجو ڏنڌو حڪمت آهي ۽ آءٌ بيمارن ۽ ديوانن جو علاج ڪندو آهيان. تنهنڪري آءٌ هر ملڪ ۽ هر شهر ۾ خدا جي خلقت جي خدمت ڪرڻ لاءِ ويندو آهيان ۽ اهڙي طرح، پنهنجي علم ۽ ڄاڻ ۾ به اضافو ڪندو آهيان." بادشاهه اهو جواب ٻڌي، ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائينس: "اي داناءَ حڪيم! تون اسان وٽ اهڙي وقت تي پهتو آهين، جڏهن اسان کي تنهنجي سخت ضرورت آهي." پوءِ بادشاهه هن کي انهيءَ عورت (شهزاديءَ) جي سربستي ڳالهه ڪري ٻڌائي ۽ چيائينس ته "جڏهن تون هن جو علاج ڪندين ۽ هن کي تندرستي ڏياريندين، تڏهن اسين تنهنجي هر خواهش پوري ڪنداسون." شهزادي جواب ڏنو: "خدا اوهان جو تخت ۽ بخت سلامت رکي. اوهان هن جي جيڪا حالت ڏٺي آهي، تنهن کان مون کي واقف ڪريو ۽ اهو به ٻڌايو ته هن کي ڇڙي ٿيندي ڪيترو عرصو ٿيو آهي؟" انهيءَ تي بادشاهه هن داناءَ شخص، کي آبنوسي گهوڙي جو قصو شروع کان وٺي آخر تائين ٻڌايو. شهزادي اهو قصو ٻڌي، بادشاهه کان پڇيو ته "بادشاهه سلامت! هن وٽ جيڪو گهوڙو هو، سو ڪٿي آهي!" بادشاهه ٻڌايو ته "اهو گهوڙو اڃا تائين مون وٽ آهي ۽ منهنجي خزاني ۾ رکيو آهي." اُتي شهزادي دل ۾ ويچاريو ته ٻيءَ هر ڳالهه کان اڳ بهتر ٿيندو ته انهيءَ گهوڙي کي ڇڪاسجي، جيڪڏهن اهو سلامت آهي ۽ ان جا سمورا پرزا

درست آهن ته پوءِ منهنجيءَ دل جي مُراد ضرور پوري ٿيندي. پر جي گهوڙي جي پرزن ۾ ڪا خرابي آهي، ته پوءِ مون کي پنهنجي جان بچائڻ لاءِ ڪا ڪِيڏ ڪيڏٽي پوندي. اهو سوچي بادشاهه کي چيائين: ”بادشاهه سلامت! پهرين مون کي اهو گهوڙو ڏيکاريو، جنهن جو اوهان ذڪر ڪيو. ان جي ڏسڻ ڪري شايد انهيءَ خاتون جي علاج ۾ ڪا مدد ملي سگهي.“ بادشاهه چيو ته ”بيشڪ، تون پهرين گهوڙو ڏس.“ ائين چئي، هن کي هٿ کان وٺي محلات جي انهيءَ خاص ڪمري ڏانهن ويو، جتي گهوڙو رکيل هو. شهزادي گهوڙي جي چوڌاري ڦري، ان کي چڱيءَ طرح ڇڪاسيو ۽ ڏٺائين ته سمورو صحيح سلامت هو. انهيءَ تي شهزادي کي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ بادشاهه کي چيائين: ”اي بادشاهه سلامت! خدا اوهان جي بادشاهي سلامت رکي! هاڻي مهرباني ڪري مون کي اها دوشيزه ڏيکاريو. ته آءُ هن جي علاج لاءِ ڪا تجويز ڪريان.“ بادشاهه اهو گهوڙو نوڪرن جي سنڀال هيٺ ڇڏي شهزادي کي هڪ خاص ڪمري ۾ وٺي آيو، جتي شهزادي ويٺي هئي. ان وقت شهزاديءَ پنهي مُنهن مٿو پٽيو ۽ پاڻ کي هر هر پٽ تي پئي اڇلايائين. شهزادي اهو حال ڏسي صحيح ڪيو ته هوءَ چري ڪين آهي، پر هوءَ رڳو ان ڪري اهي حرڪتون ڪري ٿي ته جيئن ٻيو ڪير سندس ويجهو وڃي نه سگهي. انهيءَ تي شهزادي ڏاڍيءَ نرمائيءَ سان ڳالهائڻ

شروع ڪيو ۽ ايستائين ڳالهائيندو رهيو، جيستائين شهزاديءَ کيس سڃاتو. آخر جڏهن شهزاديءَ هن کي سڃاتو، تڏهن خوشيءَ وچان رڙ نڪري ويس ۽ هوءَ مٿان ٿي ڪري پئي. بادشاهه سمجهيو ته شايد هوءَ حڪيم جي خوف کان بيهوش ٿي ويئي آهي. ان مهل شهزادو اڳتي وڌي شهزاديءَ جي ڪن ۾ چوڻ لڳو: ”شهزادي! منهنجي ۽ پنهنجي جان بچاءِ، صبر ڪر ۽ ڏيرج کان ڪم وٺ؛ چاڪاڻ ته پاڻ اهڙي هنڌ آهيون، جتي اسان کي صبر ڪرڻ گهرجي - جيئن هن ظالم بادشاهه جي چنبي مان آزاد ٿيڻ لاءِ ڪا اٽرائتي تجويز سوچي سگهجي. منهنجيءَ تجويز مطابق آءٌ پهرين هُن وٽ ويندس ۽ چوندوسانس ته تون ان ڪري بيمار آهين، جو تو تي ڪنهن جن جو سايو آهي ۽ آءٌ انهيءَ جن کي پڇائي توکي شفاياب ڪندس. انهيءَ لاءِ آءٌ هن تي اهو شرط رکندس ته هو توکي آزاد ڪري. آءٌ کيس اهو به يقين ڏياريندس ته اهو جن وري تنهنجي ويجهو به نه ايندو. تنهنڪري جڏهن هو تنهنجي ويجهو اچي، ته هن سان نرمائيءَ، سان ڳالهائجان. جيئن هن کي معلوم ٿئي ته منهنجي علاج سبب تون صحتياب ٿي آهين، اهڙيءَ طرح اسان کي پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ ۾ به ڪاميابي حاصل ٿيندي.“ شهزاديءَ جواب ڏنس: ”آءٌ سمجهي ويس ۽ هاڻي اوهان جي حڪم جي تعميل ڪنديس.“ پوءِ هو بادشاهه وٽ موٽي آيو ۽ خوشيءَ وچان چوڻ لڳو: ”اي

خوش قسمت بادشاهہ! اوهان جي مهربانيءَ سان مون
هن جو علاج ڳولي لڌو آهي. اوهان آئو ۽ هن وٽ
اندر ويجهو. مون هن کي صحتياب ڪيو آهي. اوهان
هن سان نرمائي ۽ پيار سان ڳالهائجو ۽ هن سان
ڪنهن اهڙيءَ ڳالهہ جو واعدو ڪريو، جنهن جي
ڪري هن کي وڏيڪ خوشي ٿئي. پوءِ جيڪي اوهان
گهرندا، آهوئي ٿيندو.“ اهو احوال ٻڌي بادشاهہ اٿيو
۽ شهزاديءَ ڏانهن ڪمري ۾ ويو. بادشاهہ کي ڏسي،
شهزادي اٿي بيٺي ۽ اڳتي وڌي فرش کي چمي ڏئي،
هن جو استقبال ڪيائين.

پوءِ شهزاديءَ کي شاهي غسلخاني ۾ وٺي ويا،
جتي وهنجاري سهنجاري هن کي شاهي لباس پهرايو
ويو ۽ ڳچيءَ ۾ قيمتي هيرن جواهرن جو هار پارايو
ويو. شهزادي جڏهن غسلخاني کان ٻاهر آئي تہ ڄڻڙو
چوڏهينءَ جو چنڊ هو. هوءَ پوءِ بادشاهہ وٽ وئي ۽
هن کي سلام ڪري، فرش کي چمي ڏنائين.

بادشاهہ شهزاديءَ کي اهڙيءَ طرح تندرست ڏسي
بيحد خوش ٿيو ۽ شهزادي کي چيائين: اهو سڀڪجهہ
تنهنجي فيض سبب حاصل ٿيو آهي. خدا ڪري تہ تنهنجا
اهي فيض سدائين جاري رهن.“ شهزادي جواب ڏنو:
”بادشاهہ سلامت! هن جي پوري شفايابيءَ ۽ مڪمل
علاج لاءِ اجا بہ ڪجهہ ڪرڻو آهي. ان لاءِ اوهان پنهنجن
سڀني نوڪرن چاڪرن ۽ لشڪر سميت انهيءَ هنڌ هلو،
جتي اوهان پهريان هن کي ڏٺو هو. هن سان گڏ جيڪو

آبنوسي گهوڙو هو، اهو به اوهان پاڻ سان ڪٺائي هلو، پوءِ اتي آءٌ شهزادي مان جِنّ کي ڪڍندس ۽ جن کي ماريندس ته جيئن پيهر وري ان جو سايو نه پوي."
بادشاهه انهيءَ ڳالهه جي اجازت ڏني ۽ انهيءَ چراگاهه ڏانهن آبنوسي گهوڙو موڪليو ويو، جتي بادشاهه دوشيزه، ايراني داناءَ ۽ گهوڙي کي پهرين ڏٺو هو، پوءِ بادشاهه، شهزادي ۽ لشڪر کي ساڻ ڪري گهوڙي تي سوار ٿيو ۽ ان طرف روانا ٿيا. چراگاهه وٽ پهچي، شهزادي (جنهن پاڻ کي حڪيم ۽ طبيب پئي سڏايو) حڪم ڏنو ته دوشيزه ۽ گهوڙي کي بادشاهه ۽ سندس لشڪر کان ايترو پري بيهاريو وڃي جو هنن کي رڳو ڏسي سگهجي. پوءِ بادشاهه کي عرض ڪيائين: "اي بادشاهه سلامت! هاڻي آءٌ اوهان جي حڪم ۽ اجازت سان لوبان ٻاري ۽ ڪجهه پڙهي جن کي قيد ڪندس، جيئن هو وري ڪڏهن به هن دوشيزه وٽ وڃي نه سگهي. انهيءَ کان پوءِ آءٌ آبنوسي گهوڙي تي سوار ٿيندس ۽ دوشيزه کي به پنهنجي پٺيان گهوڙي تي ويهاريندس. جڏهن اسين ٻئي گهوڙي تي سوار ٿينداسون، تڏهن گهوڙو تيزيءَ سان چرپر ڪندو ۽ ڊڙها هڻندو ۽ اوهان وٽ هلي ايندو. پوءِ سمجهو ته سڀ معاملو نيڪ ٿي ويو ۽ جيئن اوهان چاهيو ٿي، ائين ٿي ٿيو." ائين چئي، شهزادو گهوڙي ڏانهن ويو ۽ ان تي سوار ٿيو ۽ شهزاديءَ کي به پنهنجي پٺيان گهوڙي تي سوار ڪيائين. بادشاهه

۽ سندس لشڪر اهو تماشو ڏسندو رهيو. شهزادي انهيءَ وچ ۾ شهزاديءَ کي پاڻ سان سوگهو ڪري جهليو ۽ گهوڙي جي ڦرڪي ڦيرائي، جنهن تي گهوڙو نهايت تيزيءَ سان مٿي چڙهڻ لڳو.

شهزادي، گهوڙي جو رخ سڌو پنهنجي پيءُ جي ملڪ ڏانهن رکيو ۽ ڏاڍو خوش خورم سفر ڪندو اچي پنهنجي محلات جي مٿان پهتو. پوءِ گهوڙي کي هيٺ لاهيندي اچي محل ۾ لٿو ۽ شهزاديءَ کي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي وڃي ويهاريو. شهزادو پوءِ هڪدم پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ وٽ ويو ۽ کين سلام ڪري شهزاديءَ جي اچڻ جو اطلاع ڏنائين. اها خبر پڌي، هو ڏاڍا خوش ٿيا.

هوڏانهن يونان جو بادشاهه پي ڪا راهه نه ڏسي، پنهنجي شهر ۾ موٽي آيو ۽ محلات ۾ غمگين ۽ اداس رهڻ لڳو. بادشاهه جو اهو حال ڏسي سندس وزير وٽس آيا ۽ کيس تسلي ڏيئي چوڻ لڳا ته ”حقيقت ۾ اهو شخص، جيڪو دوشيزه کي وٺي ويو، هڪ جادوگر ۽ دغاباز هو. خدا جا شڪرانا آهن، جنهن انهيءَ حرفتيءَ جادوگر کان اوهان جي جان بچائي.“ هوڏانهن شهزادي ڪاميابيءَ بعد خوشيءَ ۾ پنهنجي شهر جي رهاڪن جون شاندار دعوتون ڪيون، ۽ سڄو مهينو ماڻهو اهڙيءَ طرح خوشيون ملهائيندا رهيا. آخر هڪ ڏينهن، شهزادي ۽ شهزاديءَ جي پاڻ ۾ شادي ٿي ۽ هو اڳتي کان به وڌيڪ خوش گذارڻ لڳا. بادشاهه انهيءَ وچ ۾ آبنوسي گهوڙو

گهرائي، ان کي پچرائي ڇڏيو ۽ ان جون ڪتاون پرزا پرزا ڪري ڇڏيائين. پوءِ شهزادي پنهنجي سهري ڏانهن خط لکيو، جنهن ۾ پنهنجي حال بيان ڪرڻ کان پوءِ اطلاع ڏنائين ته شهزاديءَ جي مون سان شادي ٿي ويئي آهي ۽ هوءَ مون سان بيحد خوش آهي. شهزادي اهو خط هڪ قاصد هٿان آماڻيو ۽ ان سان گڏ قيمتي تحفا ۽ سوکڙيون به موڪليون. قاصد جڏهن آن بادشاهه جي ملڪ، "اليمن" جي شهر "سينا" ۾ پهتو، تڏهن خط ۽ تحفا بادشاهه جي حضور ۾ پيش ڪيائين. بادشاهه خط پڙهي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ تحفا ۽ سوکڙيون قبول ڪري، قاصد کي وڏي عزت ڏنائين.

شهزادي ۽ شهزاديءَ جي زندگي وڏين خوشين ۽ مزن ۾ گذرندي رهي، تان جو بادشاهه هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيو ۽ نوجوان شهزادو پيءُ جي حڪومت هلائڻ لڳو. هن پنهنجي رعيت تي وڏي انصاف سان راڄ ڪيو ۽ شان شوڪت سان حڪومت ڪئي. ملڪ جا ماڻهو هن جي هر حڪم جي تعميل ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح، شهزادو وڏي شان شوڪت ۽ اطمينان سان آرام واري زندگي گذارڻ لڳو.

ايڊٿ وارٽن
آمريڪي

آڌار داتا

شارلوٽ آشبي، دروازي تي اچي بيٺي. مارچ مهيني جي هڪ ڏينهن، ٽن بجن جي تاريڪ فضا روشنيءَ ۾ تبديل ٿيندي پئي ويئي ۽ شهر جي گٽيل ۽ گهٽيل آباديءَ ۾ جتي ته ماهه پهچي ويو هو. هوءَ ڪلف ۾ ڪنجي وجهڻ ڪان اڳ رستي ڏانهن پٺ ڏيو، پراڻي نموني جي سنگمرمر واريءَ ڏيڍيءَ ۾ گهڙيءَ ڪن لاءِ بيٺي رهي. اندرئين دروازي جي طاقن تي چڙهيل ساٽين جي نرم پردن، ڏينهن جي روشنيءَ کي جهڪو ڪري ڇڏيو هو، جنهنڪري اندر ڪجهه به نظر نٿي آيو. ڪيٽ آشبي سان شادي ڪرڻ ڪان پوءِ، پهرين ڏينهن ۾، هوءَ ان سانتيڪي گهٽيءَ جي جاءِ ۾ اچڻ ڏاڍو پسند ڪندي هئي، جتان فيشن ۽ واپار گهڻو اڳ ختم ٿي ويو هو. نيويارڪ جي بيروح گوڙ گهمسان، اتي جي بتيمن جي هلاڪ ڪندڙ روشنيءَ آمدرفت جي پيهه، پيهان ۽ سوڙهه، گٽيل گهرن ۽ انهن جي زندگيءَ ۽ هن نويڪلي ۽ پرسڪون گهر جي وچ ۾ جيڪو تفاوت هو، سو هميشه مٿس گهرو اثر ڇڏيندو هو. جڏ ته هن کي سينهن

۽ طوفان ۾ ننڍڙو پيٽ هٽ اچي ويو هو. پر هاڻي گذريل مهينن ۾، هر ڪا شيءِ بدلجي ويئي هئي. گهر جي ڏاڪڻ تي چڙهندي ٿي هن جا قدم ڏڪي ويندا هئا، ۽ هوءَ دل تي پٿر رکي، گهر ۾ پير پائيندي هئي.

هوءَ اچا اتي ئي پهتي هئي، ته سندس اکين اڳيان گذريل واقعا ڦرڻ لڳا- وڏو ڪمرو، جنهن ۾ چوڌاري پراڻيون تصويرون ٽنگيل هيون، اپي ڏاڪڻ ۽ ڪاٻي طرف مڙس جو وڏو ڪتب خانو، جنهن جا بيشمار ڪتاب، تماڪ ڇڪڻ جو پائيپ ۽ وڏيون چمڙي جون ڪرسيون هميشه غور ۽ فڪر جي دعوت ڏينديون هيون. هوءَ انهيءَ ڪمري کي ڪيترو نه پسند ڪندي هئي! وري ماڙيءَ تي سندس رهڻ جو ڪمرو، جنهن ۾ ڪينٽ جي ڀيڻ زال جي وفات ڪان پوءِ فرنيچر ۽ تصويرون به ڪين بدلايون ويون هيون، جاڪاڻ ته ٿين مينگار لاءِ ايتري رقم ڪانه هئي. پر شارلوٽ، فرنيچر ۾ قير قار ڪئي، هن ڪتاب ۾ به ڪجهه اضافو ڪيو، ۽ ٻيءَ سوڙي ٿين ميز آڻي، انهيءَ کي پنهنجي رهڻ جو ڪمرو بنايو هو. جڏهن هن ڪينٽ جي اڳوڻي خود غرض ۽ ڪنڌيءَ زال مان، جنهن کي هوءَ ٿورو سڃاڻيندي هئي (ڀيڻيون ۽ آخري پيرو ملاقات ڪئي هئي)، تڏهن هن پاڙائيءَ ريس مان اهو محسوس ڪندي سندس چوڌاري نهاريو هو، ته اهو ئي ويهڻ جو ڪمرو هو، جيڪو هوند هوءَ پنهنجي لاءِ پسند ڪري. ۽ هاڻي

هڪ سال کان به گهڻو عرصو ٿيو هو، جو اهو ڪمرو سندس، حوالي هو ۽ جنهن ۾ هوءَ پنهنجي مرضيءَ مطابق هر ڪا ڦيرڦار ڪري سگهي ٿي. سياري جي ڏينهن ۾، شام ٿيندي ئي هوءَ انهيءَ ڪمري ۾ اچي ويهندي هئي ۽ ايستائين بخاري جي پرسان ويٺي پڙهندي هئي، يا ميز تي ويهي خطن جا جواب لکندي هئي، يا مائيجي پارن جي اسڪولي ڪمن جون ڪاپيون پئي ڏسندي هئي، جيستائين مڙس جي قدمن جو کڙڪو ٿيندو هو.

ڪڏهن ڪڏهن ته دوست به ايندا هئا، ڪڏهن ـ ۽ گهڻو ڪري ـ هوءَ اڪيلي هوندي هئي، ۽ اڪيلائي کيس ڏاڍي وڻندي هئي، ڇاڪاڻ ته ان حالت ۾ هوءَ پاڻ کي ڪيمنٽ سان گڏ محسوس ڪري اهو سوچيندي هئي، ته صبح جو وڃڻ وقت هن کيس ڇا چيو، ۽ جڏهن هو واپس ايندو، تڏهن کيس اڪيلو انتظار ۾ ڏسي ڇا چوندو.

هائي انهيءَ جي بدران هن کي فقط هڪ شيءِ جو خيال هو ـــ خط، جيڪو وڏي ڪمري واريءَ ميز تي پيل هجي يا نه؟ جيستائين هوءَ پاڻ کي پڪ نه ڏياريندي هئي ته اهو ميز تي پيل آهي يا نه، تيستائين هن جي ذهن ۾ پيو ڪابه ڳالهه ڪين ايندي هئي. لفافو به هميشه ساڳئي ئي نموني جو هوندو هو ـــ ڇورس خاڪي لفافو، جنهن تي ”جناب ڪيمنٽ آشبي“، پڪ ا کرن ۾ چڙهيءَ مس

سان لکيل هوندو هو. شارلوت شروع کان ئي ان ڳالهہ کي اهميت ڏيندي پئي آئي تہ ڪهڙيءَ پختيءَ تحرير لکڻ وارو ڪيئن ٿي جهڙڪا لفظ لکي سگهيو! ائڊريس بہ ائين لکيل هوندي هئي، ڄڻ تہ قلم ۾ پوري مس ئي ڪين هئي، يا تہ لکندڙ جو هٿ اهڙو تہ ڪمزور هو جو قلم کي جهلي ئي ڪونہ ٿي سگهيو. هي عجب جهڙي ڳالهہ هوءَ هئي، تہ حرفن ۾ مرداني لکڻيءَ جي ڍنگ جي باوجود، تحرير ظاهر ظهور زناني پئي لڳي. ڀيرينءَ نظر ۾ ڪا تحرير زناني لڳندي آهي تہ ڪا مرداني؛ پر خاڪي لفافي جي تحرير، پنهنجي سموريءَ پختگيءَ ۽ خاطريءَ هوندي بہ بنا ڪنهن شبهہ جي، زناني هئي. لفافي تي خط ولندڙ جي نالي کان سواءِ، پيو ڪجهہ بہ لکيل ڪونہ هوندو هو ـــ نہ ٽڪلي نہ لکندڙ جو پورو پتو. خط يقيناً هٿون هٿ پهچايو ويندو هو ـــ پر ڪير پهچائيندو هو؟ اها ڪل ڪانہ هئي ـــ اهو خط پيٽيءَ ۾ وڌو ويندو هو، جتان نوڪرياڻي ٻتين پارڻ وقت در جا طاق بند ڪري، ڪڍي ايندي هئي. بهرحال اهو هميشہ شام جي وقت ٿيندو هو، جڏهن اونداهہ ٿي ويندي هئي، ۽ شارلوت ميز تي لفافو پيل ڏسندي هئي. هن انهيءَ خط کي هڪڙو ئي خط ڪري سمجهيو هو، چاڪاڻ تہ جيتوڻيڪ سندس شاديءَ کان پوءِ ڪيترائي ـــ يقيناً ست خط آيا هئا، پر اهي ڏسڻ ۾ ايترو تہ هڪجهڙا هئا، جو هن جي ذهن ۾ اهي سڀ ڳڙجي هڪ ئي خط ٿي پيا هئا.

پهريون خط ان ڏينهن پهتو هو، جڏهن هوءَ شاديءَ
کان پوءِ، ٽن مهينن کان به وڌيڪ عرصو ويسٽ انڊيز
جو سير سفر ڪري، مڙس سان گڏ نيويارڪ واپس
آئي هئي. هُن ان ڏينهن شام جو مڙس سميت پنهنجيءَ
مس وٽ رات جي ماني کاڌي هئي، ۽ گهڻيءَ گهڻيءَ
دير کان پوءِ، جڏهن پنهنجي گهر واپس آئي، تڏهن
گهر ۾ داخل ٿيندي ئي وڏي ڪمري واريءَ ميز تي
هڪڙو لفافو پيل ڏٺو. هُن ڪينٽ جي ڏسڻ کان اڳ
۾ ئي لفافو ڏسي ورتو، ۽ سندس پهريون خيال هيءُ
هو ته 'شايد مون هيءَ تحرير اڳ به ڏٺي آهي؛ پر
ڪٿي؟' هوءَ اهو ياد نه ڪري سگهي. هوءَ انهيءَ خاڪي
لفافي جي جهڪيءَ تحرير کي پريان ڏسي هڪدم
سڃاڻي ويئي هئي ۽ جڏهن مڙس جي ان تي نظر
پيئي، تڏهن هن جون اکيون چمڪڻ لڳيون. هوءَ انهيءَ
خط بابت ڪو وڌيڪ ويچار ڪونه ڪري ها، جيڪڏهن
کيس پنهنجي مڙس جي لفافي تي نظر پوڻ واري روش
پروڙڻ جو موقعو نه ملي ها. اهو سڀڪجهه اک-چنبي
۾ ٿي گذريو — مڙس جو خط ڏسڻ ۽ ان کي کڻڻ
لاءِ هٿ وڌائڻ، ۽ پوءِ اهو کڻي مٿس لکيل تحرير
کي پڙهڻ لاءِ پنهنجي ڪمزور اکين ويجهو آڻڻ
۽ پوءِ اوچتو شارلوٽ جي ڪلهن تان ٻانهن هٽائي،
روشنيءَ جي هيٺان وڃي؛ شارلوٽ کي پٺ ڏئي بيهڻ.
هن انتظار ڪيو — آواز يا دانهن ٿيڻ لاءِ انتظار ڪيو.

هن اهو انتظار ڪيو ته خط کولي؛ پر پوءِ سواءِ ڪنهن حرف چوڻ جي خط کڻي پنهنجي کيسي ۾ وڌو ۽ زال جي پٺيان ڪتبخاني ڏانهن هليو ويو. اتي هو پيٽي بخاري جي پرسان وڃي ويٺا، ۽ سگريٽ دکائي پيئڻ لڳا. هو بلڪل خاموش ويٺو رهيو. هن جو ڪنڌ آرام ڪرسيءَ تي جهڪيل هو ۽ اکيون ڇَتَ ۾ کتل هُيس، ۽ انهيءَ وقت هن پنهنجو هٿ پيشانيءَ تي ڦيرائيندي چيو: ”اڄ رات آما جي گهر ڏاڍي گرمي هئي. منهنجو مٿو سور ڪان ڦاٽي ٿو. جيڪڏهن آءُ وڃي سمهان ته توکي اعتراض ته ڪونه ڏيندو؟“

اهو پهريون ڀيرو هو. انهيءَ وقت ڪان وٺي شارلوٽ خط پهچڻ جي موقعي تي ڪڏهن به موجود ڪانه رهي. دستور مطابق مڙس جي آفيس مان اچڻ کان اڳ خط ايندو هو، جيڪو هوءَ کڻي وڃي مٿي چڙهندي هئي. پر جيڪڏهن هوءَ خط نه به ڏسندي هئي، ته رات جي ماني کائڻ وقت پنهنجي مڙس جو ڦريل منهن ڏسي، هڪدم سهي ڪندي هئي ته خط آيو آهي. ظاهر آهي ته خط ۾ ڇا لکيل هوندو هو، پر ڪينٿ آشبي پنهنجي سر انهيءَ کي حل ڪرڻ چاهيندو هو؛ ۽ جڏهن هو موٽي ايندو هو، تڏهن ائين لڳندو هو ڄڻ ته هو پنهنجي ڇهن جا ڪيترائي سال گذاري چڪو آهي، ۽ منجهس نه زندگي آهي نه همت. ايتريقدر جو هن ڪسي پنهنجي زال جو

موجودگيءَ جو به احساس ڪونه رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ته هو شام جو سمورو وقت چپ چاپ گذاري ڇڏيندو هو، ۽ جڏهن ڳالهائيندو به هو ته مندس گفتگوءَ ۾ گهرو انتظام بابت ڪي تنقيدي اشارا ۽ گهر جي بندوبست ۾ ڦيرڦار ڪرڻ بابت ڪي رايا هوندا هئا، يا ٿورو پريشان ٿي پڇندو هئس: ”تون سمجهين نٿي ته جوائس جي ڪمري جي سنڀاليندڙ عورت، جوان ۽ وهمي آهي.“ يا ”تو هميشه اهو خيال رکيو ته پيٽر ـــ جنهن جو گلو نازڪ هو، اسڪول وڃڻ وقت گلاءِ کي چڱيءَ طرح مفلر سان ويڙهيو هو.“ اهڙن موقعن تي شارلوٽ کي پنهنجن دوستن جا اهي تاڪيدي جملا ياد ايندا هئا، جيڪي ڪينٿ آشبيءَ سان شاديءَ ڪرڻ وقت چيا هئا: ”تنهنجي دل رنڙ سان شادي ڪرين ٿي! اهو جوکائتو ڪم نه آهي؟ توکي خبر آهي ته ايلسي آشبيءَ جو مٿس ڏاڍو اثر هو.“ ۽ پوءِ ڪيئن هوءَ چرچن مان جواب ڏيندي هئي ته ”هن کي ته انهيءَ تبديليءَ ۽ آزاديءَ تي خوشي ٿيڻ گهرجي“، ۽ انهيءَ باري ۾ هوءَ واقعي سچي هئي. شروعاتي مهينن ۾ ڪيس انهيءَ ڳالهه پڌائڻ جي ضرورت ٿي ڪين هئي ته ڪو مندس مڙس ڪانئس پوريءَ طرح راضي هو. شاديءَ کان پوءِ، جڏهن هو پنهنجي وڏي سفر تان موٽي آيا، تڏهن ساڳين دوستن پڇايس: ”تو ڪينٿ کي ڇا ڪيو آهي؟ هو ته ويهن ورهين جو نوجوان پيو ڏسجي.“ ۽ هن

پيري هُن خوش ٿيندي، بيپرواهيءَ سان جواب ڏنو: "آءٌ سمجهان ٿي ته مون هن کي هڪ نئين راهه ڏيکاري آهي."

پر خاڪي لفافي جي اچڻ کان پوءِ، هُن هڪ پريشان ڪندڙ ۽ ڪڙي نڪتہچيني محسوس ڪئي، جيڪا انهن خطن مان ڪنهن به هڪ خط ملڻ بعد جڏهن هو پاڻ ۾ گڏبا هئا، ۽ هڪٻئي جي نگاهن ۾ نهاريندا هئا تڏهن ائين لڳندو هو ته هو پنهنجي مرضيءَ جي خلاف نهاري رهيو آهي. اهي نگاهون پيار کان خالي ڪين هيون، نه وري منجهن بيپرواهي هئي؛ پر اهي نگاهون هڪ اهڙي ماڻهوءَ جون هيون، جيڪو غير معمولي حالتن کان ايترو ته پري ٿي ويو هو، جو جڏهن هو چاتل سڃاتل شين ڏانهن موٽي ٿي آيو، تڏهن اهي هن کي ڌاريون پئي لڳيون.

جيتوڻيڪ شروع کان ٿي هن کي يقين هو ته خاڪي لفافن تي ڪنهن عورت جي هٿن جي تحرير آهي، پر گهڻي وقت گذرڻ کان پوءِ، هوءَ انهن پراسرار خطن کي هڪ راز ڪري سمجهڻ لڳي. ڪيس پنهنجي مڙس جي پيار جو پورو پورو يقين هو ۽ اهو به پڪ هوس، ته پاڻ هُن جي خشڪ زندگيءَ ۾ رونق آندي هئائين. اهو وڏيڪ وسهڻ ۾ پئي آيو ته اهي خط، جيڪي سچ پچ ته هن کي ڪنهن به قسم جي جذباتي خوشي ڏيڻ کان ٿي سگهيا، ڪنهن خانگي ماڻهوءَ جي بدران هڪ مصروف وڪيل ڏانهن لکيل هئا.

يقيناً اهي ڪنهن ڪمزور اصيل عورت جا هوندا، ڇالاءِ ته مڙس ڪيس اڪثر ڪري ٻڌائيندو هو ته اهي خط به اصيلن جهڙائي ڏيکاريندڙ ۽ پريشان ڪندڙ هئا، ۽ لکندڙ اهو ڪونه چاهيندا هئا ته سندن خط هن جو منشي کولي پڙهي. اهوئي سبب هو جو هو اهي خط پاڻ سان گهر کڻي ايندو هو. هائو، پر اهڙيءَ حالت ۾ اها لکندڙ عورت، پنهنجن خطن جي پيدا ڪيل اثر مطابق ته پاڻ وڌيڪ تڪليف پهچائيندڙ هئڻ گهرجي. انهيءَ کان سواءِ جيتوڻيڪ پنهنجي ڏنڌي ۾ هن جي قابليت مثالي هئي، پر عجب ته هن ڪڏهن به بي صبريءَ وچان انهن تي ڪا راءِ ڪين ڏني، هن ڪڏهن به شارلوت کي مخاطب ٿي اها شڪايت ڪين ڪئي، ته هڪ پريشان ڪندڙ عورت مقدمي هارائڻ ڪري ڪيس تڪليف پهچائيندي ٿي رهي. البت سواءِ ڪنهن ذلي وٿڻ يا تفصيل ٻڌائڻ جي، هن ٻئي ڳهرا انهيءَ بابت اشارن ئي اشارن ۾ ڪجهه چيو هو، پر انهيءَ پراسرار لکپڙهه بابت سندس زبان تي مهر لڳل هئي.

هڪ پيو به امڪان هو، جنهن کي نرم ۽ هلڪن لفظن ۾ ”پراڻي پريشاني“ کڻي چئجي ته مناسب آهي: شارلوت آشبي هڪ وڏ- گهراڻي عورت هئي. هوءَ اڳ ۾ ئي انساني دل جي ديوارين بابت ڳمراهه ٿيل هئي، ۽ کيس اها به ڄاڻ هئي ته اڪثر ڪري پراڻيون پريشانيون هونديون آهن. پر هن جڏهن ڪينٿ آشبيءَ سان شادي ڪئي، تڏهن سندس دوستن انهيءَ امڪان

ڏانهن اشاري ڪرڻ بدران چئي ڏنو هو ته ”تو پنهنجي لاءِ ڪم تيار ڪري رکيو آهي. ڊان جوان * سان شادي ڪرڻ، هڪ اهڙي عهدي حاصل ڪرڻ برابر آهي، جنهن تي ڪوبه ڪم ڪرڻو ڪونه ٿو پوي.“ ڪينٽ جڏهن پهرين پهرين ايلسي ڪاربر کي ڏٺو هو، ان کان پوءِ هن ڪنهن ڏانهن به اک کڻي ڪونه نهاريو هو. سندن شادي ٿيڻ کان پوءِ ممورو عرصو، هو هڪ بيزار پيار ڪندڙ، خاوند نظر پئي آيو. هو ڪڏهن به ڪنهن آرام ڪرسيءَ کي ڦيرائي رکڻ يا ڪنهن بلب مٽائڻ جي توکي اجازت ڪونه ڏيندو؛ ۽ تون جيڪي ڪجهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪندينءَ، هو ذهني طور اهو سمجهندو ته جيڪڏهن تنهنجي جاءِ تي ايلسي هجي ها ته اُها چا ڪري ها.

پارن جي پرکهور لهڻ بابت سندس قابليت جي باري ۾، سواءِ هڪ پيري پيدا ٿيل ذهني بدگمانيءَ جي، سندس خوش-مزاجيءَ ۽ پارن لاءِ پيار، سڀني غلط فهمين ۽ بدگمانين کي رفتي رفتي ميٽي ڇڏيو هو. انهن اڳ - ڇتائن مان ڪـابه صحيح ثابت ڪين ٿي. بد نصيب ۽ اُداس رنڙ، جنهن لاءِ سندس ويجها دوست چوندا هئا، ته هن جي پهرين زال جي وفات کان پوءِ مصروفيت واري ڏنڌي هن کي پاڻ مارڻ کـان بچايو آهـي. پهرين زال جـي مرڻ کان

* ڊان جوان (Don Juan) لارڊبائرن جي هڪ نظم جو ڪردار

ٻه ـ سال پوءِ هو، شارلوٽ گورن جي عشق جي دام ۾ ڦاسي پيو، ۽ ڪجهه وقت جي پرجوش محبت کان پوءِ ساڻس شادي ڪيائين ۽ ڪيس وٺي گرم ملڪن جي سير تي روانو ٿي ويو هو. انهيءَ وقت کان وٺي سندس پيار ۾ آهائي اوائلي ڏينهن واري گرمي ۽ جوش هوندو هو. شارلوٽ کي پاڻ سان شاديءَ لاءِ چوڻ کان اڳ، هن نهايت فراخدليءَ ۽ سچائيءَ سان پنهنجي اڳوڻي زال لاءِ بيپناه محبت ۽ هن جي اوچتي موت کان پوءِ سندس نااميديءَ بابت کيس ٻڌايو هو؛ پر انهيءَ هوندي به هن ڪو به سخت قدم ڪونه کنيو ۽ نه وري زندگيءَ ۾ اڳوڻي لطف نه هجڻ بابت ڪا شڪايت ٿي ڪئي. هن جي روش ڏاڍي سادي ۽ فطري پئي رهندي آئي، ۽ هن پنهنجي شاندار مستقبل جي اميد جو شارلوٽ جي اڳيان اقرار ڪيو هو. شادي ٿيڻ کان پوءِ جڏهن هو انهيءَ گهر ۾ واپس آيا، جتي هن زندگي جا ٻارهن سال اڳئينءَ زال سان گڏ گذاريا هئا، تڏهن هن شارلوٽ کي ٿورو پهه چئي ڏنو هو ته "مون کي افسوس آهي جو آءٌ سموري جاءِ تنهنجي حوالي ڪري نٿو سگهان." انهيءَ چاڻ هوندي به ته گهرو انتظام ۽ سامان سڙي جي باري ۾، هر هڪ عورت جا جدا جدا خيال هوندا آهن، جيڪي هڪ مرد ڪڏهن به ڪونه سمجهي سگهندو آهي. تنهنڪري هن کي گذارش ڪئي هئائين ته "مون سان صلاح مشوري ڪرڻ کان

هواءِ، جيڪا به قيرقار توکي مناسب لڳي، سا بيشڪ ڪر.“ پر انهيءَ پراڻي ماحول ۾، هنن جي نئين زندگي شروع ڪرڻ جو طريقو ايترو ته سنئون سڌو هو، جو جلد ئي هوءَ پاڻ کي آسودو سمجهڻ لڳي. البت هن کي اهو ڏسي، ڏاڍو ڏک پهتو هو ته ڪتبخاني ۾ مڙسس جي ميز مٿان ٽنگيل ايلسي آشبيءَ جي وڏي تصوير، سندس غير حاضريءَ ۾ لاهي، ٻارن جي ڪمري ۾ ٽنگي ويئي هئي. اهو خيال ڪندي ته تصوير جي لهڻ جو اڻسڌو سبب هوءَ پاڻ هئي، هن انهيءَ باري ۾ مڙس سان ڳالهه ڇوري، پر هن وراڻيو: ”هون، منهنجو خيال هو ته ٻار پلي سندس نظرن هيٺ پلجي وڏا ٿين.“ انهيءَ جواب شارلوت کي ڏاڍو متاثر ڪيو ۽ کيس تسلي ٿي. پوءِ جيئن وقت گذرندو ويو، تيئن کيس اقرار ڪرڻو پيو ته جڏهن کان ڪتبخاني واري مرد ۽ خوبصورت ڇهري جي جاچيندڙ اکين ڏانهنس نهارڻ ڇڏي ڏنو هو، تڏهن کان هوءَ پنهنجي گهر ۾ وڌيڪ آسائتي هئي ۽ مڙسس جو مٿس گهڻو اعتبار ۽ پيار هو. ائين ٿي لڳو ڄڻ ته ڪينٿ جو پيار انهيءَ راز جي ته، تائين پهچي ويو هو، جنهن کي سندس دل قبول ڪرڻ لاءِ تيار ڪين هئي، راز ـ پاڻ کي هن جي ماضيءَ جي ملڪ سمجهڻ جي جوشيلي خواهش جو راز.

انهن سڀني خوشين ميسر هوندي به اها هڪ عجيب ڳالهه هئي ته گهڻي وقت کان پوءِ هن پاڻ کي هڪ ذهني تشويش ۾ محسوس ڪيو. پر اتي ته اهو

خوف هو، ۽ انهيءَ خاص ٽن- پهرن جو— چاڪاڻ تہ شايد هوءَ گهڻو ٿڪل هئي، يا نئين بورچيءَ کي هٿ ڪرڻ جي پريشانيءَ ڪان، يا ٻئي ڪنهن اجائي سبب، اخلاقي يا جسماني سبب ڪاڻ— انهن احساسن جي خلاف ڪم ڪرڻ لاءِ، هن پاڻ کي بيوس سمجهيو. ڪنجين جو ڇڳو هٿ ۾ ئي هئس، ۽ پنيان خاموش گهٽيءَ ڏانهن نهاريندي، هن پريان عام شاهراه جي بي‌انداز روشنائين ڏانهن ڏٺو ۽ وري آسمان ڏانهن نهاريو، جيڪو اڃان بہ روشن هو. هن سوچيو، ”هڪ طرف بيشمار وڏيون وڏيون عمارتون، اشتهار، ٽيليفون، تارون، هوائي جهاز، فلمون، موٽرون ۽ ويهين صديءَ جون سڀئي شيون آهن، ۽ ٻئي طرف دروازي جي هن طرف جيڪي آهي، انهيءَ کي نہ واضح ڪري سگهان ٿي ۽ نہ بيان ڪرڻ جي سگهہ اٿم. ايترو قديم جهڙي دنيا، زندگيءَ جهڙو پراسرار.....واهيات خيال! مون کي آخر فڪر ڪنهن ڳالهہ جو آهي؟ ٽن مهينن کان خط ڪونہ ٿو اچي، انهيءَ ڏينهن کان جڏهن ڪرسمس ملهائي گهوٽان آياسين.....عجب جو اهي مدائين اسان جي موڪل ملهائي اچڻ کان پوءِ ئي اچن ٿا!... آءٌ ڇا لاءِ سمجهان تہ اڄ رات بہ ڪو خط آيو هوندو!“

ڪوبہ سبب ڪونهي تہ ڇو، پر اهو تہ پاڻ وڏيڪ خراب هو— بيحد خراب! آهي بہ ڏينهن هئا، جڏهن هوءَ پردن چڙهيل طاقن جي هن طرف ناقابل برداشت اڻ- چئتائن کي منهن ڏيڻ لاءِ، اتي ئي بيٺي ڏڪندي

۽ ٽڙڪندي هئي ۽ جڏهن دروازو کولي اندر ويندي هئي، تڏهن آتي ڪجهه به ڪين هوندو هو: پر پين ڏينهن تي هوءَ اڳ-چنتا واري سردي محسوس ڪندي هئي، جيڪا خاڪي لفافي کي ڏسي سچ ثابت ٿيندي هئي. تنهنڪري آخري خط اچڻ کان وٺي هر شام جو هوءَ هڪ قسم جي ڏکئي ۽ گهٽي محسوس ڪندي هئي، چاڪاڻ ته هن ڪڏهن به انهيءَ ڳالهه سوچڻ کان اڳ دروازو ڪونه کوليو هو، ته اندر ڪو خط پيو هوندو.

خير، اها حقيقت هئي ته هن کي گهڻو ئي ڪجهه برداشت ڪرڻو پيو هو. پر هاڻي هوءَ وڌيڪ برداشت ڪري ڪين ٿي سگهي. خط اچڻ واري ڏينهن تي جيڪڏهن مڙس جو منهن لهي ويندو هو ۽ مٿي ۾ سور پوندو هوس، ته ٿوريءَ دير کان پوءِ هو بالڪل ٺيڪ ٿي ويندو هو، پر سندس حالت ته مورگهو اُبتڙ ٿي ويندي هئي. اهو بار هينئر پاڻ گهڻو وڌي ويو هو. انهيءَ جو سبب ظاهر هو. مڙس کي خبر پوندي هئي ته خط ڪٿان ٿو اچي ۽ ان ۾ ڇا لکيل هوندو؛ ۽ هو اڳ ۾ ئي هر خراب حالت کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار هوندو هو؛ ليڪن هوءَ پنهنجي گمانن ۽ قياسن سميت اڇا تاڻين اونده ۾ هئي.

”مون کان وڌيڪ سنو ڪونه ٿيندو! مون کان وڌيڪ سنو ڪونه ٿيندو!“ هن ڪلف ۾ ڪنجي وجهندي، رڙيون ڪندي چيو. هن ڪنجي ڦيرائي ۽ ڪلف لاهي اندر داخل ٿي ته اتي، ميز تي، لفافو پيو هو.

[۲]

اهو ڏسي هوءَ ڏاڍي خوش ٿي. ائين ٿي لڳو ڄڻ ته هر ڳالهه سچي پئي ثابت ٿي، ۽ سمورو لِڪل ۽ پوشيده معاملو واضح ٿي رهيو هو. مِڙس لاءِ خط، هڪ عورت وٽان ــــ يقيناً ”پراڻيءَ پريشاني“ جو هڪ پيو واهيات معاملو. انهيءَ ۾ شڪ ڪندي هن ڪيتري نه بيوقوفي ڪئي! هڪ معموليءَ ڳالهه لاءِ ايتري مٿاماري! هن نفرت وچان خط کي ڪٽي هٽ ۾ سوگهو جهليو ۽ ان تي لکيل جهڪن اکرن کي غور سان ڏسڻ لڳي ۽ وري ان کي روشنائيءَ اڳيان جهليو، اندر پيل ڪاغذ کي چڱيءَ طرح ڏٺائين. هن ائين سمجهيو ته جيستائين ڪاغذ جي تحرير کي نه ڏسنديس، تيستائين آرام ڪونه ايندو.

مِڙس اڃا ڪونه آيو هو، هو آفيس مان ساڍي ڇهين يا ستين بجي ڌاران اڳ ورلي ڪو ايندو هو، ۽ اڃا ته ڇهه به ڪين ٿيا هئا. هن وٽ ڪافي وقت هو ته خط ڪٽي مٿي ويهڻ واري ڪمري ۾ وڃي، چانهه جي ڪٽليءَ جي پرسان، جيڪا سندس انتظار ۾ هميشه ان وقت پئي ٽهڪندي هئي، ان کي جهلي بيهي، انهيءَ اسرار کي حل ڪري، ۽ وري جتي خط پيو هو اتي ئي رکي ڇڏي. ڪنهن کي به ايترو عقل ڪونه ايندو، ۽ سندس پريشاني ختم ٿي ويندي. پر وات اها به هئي، ته انهيءَ باري ۾ پنهنجي مِڙس

سان سوال جواب ڪري، پر اهو ته پاڻ وڏيڪ مشڪل هو. هن خط کي آڱوٺي ۽ آڱر جي وچ ۾ جهلي توريو، روشنائيءَ اڳيان جهلي ان کي ڏٺائين، ۽ پوءِ کٽي ڏاڪڻ چڙهڻ لڳي—پر وري هوءَ هيٺ لهي آئي ۽ لفافو ميز تي رکي ڇڏيائين.

”نه، آءٌ ڪڏهن به ائين ڪين ڪري سگهنديس،“ هن ناراض ٿيندي چيو.

پوءِ ڪيس ڇا ڪرڻ گهرجي؟ هوءَ مٿي آرام ده ڪمري ۾ اڪيلي به وڃي ڪين ٿي سگهي، نه ڇانهه پي ٿي سگهي، نه پنهنجي لکپڙهه ٿي ڏسي سگهي، نه ڪتاب رسالي کي نظر مان ڪڍي ٿي سگهي ۽ نه وري هيٺ پيل لفافي ڏانهن اک کڻي نهاري ٿي سگهي. انهيءَ خيال کان ته ڪجهه دير ۾ مڙس ايندو ۽ دستور مطابق لفافو کولي خط پڙهندو ۽ ڪتبخاني ڏانهن اڪيلو هليو ويندو.

اوچتو، هن فيصلو ڪيو. هوءَ ڪتبخاني ۾ ترسندي ۽ پنهنجي سر ڏسندي، ڏسندي ته هن جي ۽ انهيءَ خط ۾ ڇا ٿو ٿئي، ۽ جڏهن هن کي ڪابه خبر ڪين هوندي ته ڪيس ڪير ڏسي پيو. ڪيس عجب لڳو ته ههڙو خيال اڳ ڪڏهن به ڪين آيو هو. هوءَ دروازو پيڪڙي، ان جي پنيان ڪنڊ ۾ ويهي؛ هن کي ڏسي سگهندي. هن ڪرسي ريڙهي ڪنڊ ۾ رکي ۽ ان تي ٿي ويٺي، ۽ پوءِ اکيون

دروازي جي سِير ۾ ڪپائي، انتظار ۾ ويهي رهي. جيتريقدر کيس ياد هو، اهو پهريون ڀيرو هو، جو هن ٻئي شخص جي مخفي معاملن ۾ دخل ڏيڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي. پر کيس پشيمانيءَ جو ڪوبه احساس ڪونه ٿي ٿيو. هن رڳو ايترو محسوس ڪيو ته هوءَ هڪ ڪِهڙي ڏنڊ ۾ ڦاٿل هئي، جنهن مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ هن سخت ڪوشش پئي ڪئي.

آخرڪار هن ڪيبنٽ جي ڪنجيءَ جو کڙڪو ٻڌو ۽ ٽپ ڏئي اٿي بيٺي. جلدي ٻاهر نڪري ساڻس ملڻ جي خواهش هن کان اها ڳالهه بنهه وساري ڇڏي ته هوءَ اتي ڇو ويٺي هئي. پر عين وقت تي هن کي يادگيري آئي ۽ هوءَ وري ويهي رهي. هن پنهنجيءَ جاءِ تان مڙس جي هر حرڪت کي پئي جاچيو— هن ڏٺو ته هو وڏي ڪمري ۾ آيو، هن دروازي مان ڪنجي ڪڍي، مٿي تان ٽوپ لاٿو ۽ پوءِ اوور ڪوٽ لاٿو. جنهن وقت هو دستانن لاهڻ لاءِ ميز ڏانهن مُڙيو، ته ته سندس نظر وڃي لفافي تي پيئي. بلب جي روشني هن جي مُنهن تي هئي، ۽ شارلوٽ، جيڪا پهرين ڳالهه محسوس ڪئي، سا هيءَ ته سندس چهري تي تعجب جا آثار هئا. ظاهر آهي ته کيس خط جي بنهه اُميد ڪانه هئي— ۽ نه اهو خيال هئس ته انهيءَ ڏينهن خط اچڻ جو ڪو امڪان هو. پر انهيءَ هوندي به جيئن ته هينئر هُن خط ڏسي ورتو هو، ۽ کيس ڇڳيءَ طرح معلوم هو ته ان ۾ ڇا لکيل هوندو،

تنهنڪري هن لفافي کولڻ جي ڪابہ تڪليف ڪانہ ڪئي، ۽ بي حرڪت اُتي ئي بيٺو رهيو. سندس مُنهن جو رنگ آهستي آهستي ڦرندو ويو. ائين ٿي لڳو ڄڻ تہ لفافي کي هٿ لائڻ جي همٿ ڪانہ پئي ٿيس. پر نيٺ هن پنهنجو هٿ وڌايو، لفافو کڻي کوليائين ۽ روشنيءَ ڏانهن ويو. ائين ڪندي، هن پنهنجي پُٺ شارلوٽ ڏانهن ڪئي، ۽ هوءَ رڳو سندس جهڪيل ڪنڌ ۽ ٿورا وريل ڪلها ڏسي سگهي. هن اندازو لڳايو تہ جيڪي ڪجهہ آهي، سو هڪ ئي صفحي تي لکيل آهي؛ ڇاڪاڻ تہ هن ڪاغذ ورايو ئي ڪونہ، بلڪ ان کي اهڙيءَ طرح پئي ڏٺائين، ڄڻ تہ ڪيس ڪيترائي ڀيرا انهيءَ جي پڙهڻ جي ضرورت هئي — يا شايد انهيءَ عورت کي ائين معلوم ٿيو، جنهن ساهہ روڪي هن کي پئي ڏٺو. نيٺ هن ڪيس اتان چُرندي ڏٺو، هن خط کي اکين جي وڌيڪ ويجهو آندو، ڄڻ تہ هو پوريءَ طرح تحرير ڪونہ ٿي پڙهي سگهيو. پوءِ هن ڪنڌ جهڪايو ۽ شارلوٽ ڪيس ڪاغذ کي چُمي ڏيندي ڏٺو.

”ڪينٿ!“ هن دانهن ڪئي، ۽ ٻاهر وڏي ڪمري ڏانهن ويئي. مڙس، جنهن جي هٿ ۾ خط سو گهو هو، مُنهن ورائي ڏانهنس نهاريو. ”تون ڪٿي هئينءَ؟“ هن گهٽيل ۽ ڏڪندڙ آواز ۾ هڪ اهڙي شخص وانگر چيو، جيڪو ننڊ مان ڇرڪ ڀري اٿيو هجي.

”ڪتب خاني ۾، تنهنجي لاءِ منتظر“، هن پنهنجو آواز مضبوط ڪندي چيو: ”ڇا ڳالهه آهي؟ خط ۾ ڇا لکيل آهي؟ تون هئڊو ڇو ٿي ويو آهين؟“

زال جي حيراني ڏسي، هن کي ڪجهه آٿت ملي، ۽ هن ٿورو مرڪندي لفافو ڪڍي کيسي ۾ وڌو. ”هئڊو؟ مون کي افسوس آهي. آفيس ۾ اڄوڪو ڏينهن ڏاڍو ڏکيو گذريو — ٻه ٽي ڏاڍا مونجهاري وارا مقدما هئا. سمجهان ٿو ته ڏاڍو ٿڪل آهيان.“

”اڄ وقت ته اهڙو ٿڪل ڪونه ٿي نظر آئين، پر لفافي کولڻ مان تنهنجي منهن جو ٿورو رنگ بدلجي ويو آهي. هي ٻهريون ٿي پيرو آهي جو مون کي اڄين نظر آيو آهي.“

هن مڙس کي وڪيلن واري مٺي ۽ هلڪي آواز ۾ چڙندو ڏٺو: ”اوهو، تو ۾ به اها عادت آهي ته ٻين کي پنهنجا خط پڙهندي لڪي ڏسين ۽ هو تنهنجي انهيءَ حرڪت کان بلڪل بي خبر هجن.“

”مون ۾ اها عادت ڪانهي. مون اهڙي حرڪت اڳ ڪڏهن به ڪانه ڪئي آهي. پر مون کي اهو معلوم ڪرڻو هو ته هوءَ تو کي باقاعدگيءَ سان انهن خاڪي لفافن ۾ ڇا ٿي لکي.“

انهيءَ تي هن ٿورو غور ڪيو، ”پر اهي باقاعدگيءَ سان ته ڪونه ٿا اچن“، هن ورائيو.

”اوهو، آءٌ چئي سگهان ٿي ته مون کان وڌيڪ تو تاريخن جو حساب رکيو آهي.“ هن ٻٽالاند ورتو. مڙمس جي لهجي هن جي وڏائيءَ تي ضرب هڻندي هئي. ”مون کي ايتري خبر آهي ته هر دفعي اها عورت ٿي توکي خط موڪليندي رهي ٿي.“

”تون چو ٿي سمجهين ته اها عورت آهي.“

”اهي هٿ اکر عورت جا ٿي آهن. تون انهيءَ کان انڪار ڪرين ٿو؟“ هُن مرڪيو. ”نه، آءٌ انڪار ڪونه ٿو ڪريان، مون رڳو انهيءَ ڪري پڇيو ته عام طرح ائين سمجهيو وڃي ٿو ته اها تحرير مردانهي آهي.“ شارلوت انهيءَ تي ڪو ڌيان ٿي ڪونه ڏنو. ”۽ اها عورت — پوءِ تنهنجو مُنهن ڇو نه لهي ويو؟“

مڙمس، سندس ٻنهيان ڪتب خاني ۾ ويو، ۽ پيئي هڪٻئي کي گهوري نهارڻ لڳا. شارلوت سهي ڪيو ته ڪيئن نه مڙس پاڻ سنڀالي ورتو هو. هن جي ڏندي ڪيس پنهنجي ڇهري ۽ آواز کي مختلف صورتن ۾ آڻڻ جي سُٺي سکيا ڏني هئي. هن هڪدم محسوس ڪيو ته مڙس جي راز تي اوچتو حملو ڪري، هوءَ پاڻ کي نقصان ۾ وجهندي، پر ساڳئي وقت ڪاؤنس اهي سيئي انڪلون به وسري ويون، جن جي وسيلي هوءَ اها پرولي سلي ٿي سگهي. تنهن هوندي به انهيءَ ڳُجهه جي تَهه تائين پهچڻ لاءِ اچا به سندس خواهش هئي، پر فقط ايتريقدر ته مڙس تي جيڪو بار هو

تنهن کي هلڪي ڪرڻ لاءِ هوءَ ڪيس مدد ڪري سگهي. ”ڪٿي اها ڪا ٻي عورت ئي هجي“، هن سوچيو.

”ڪينٽ“، هن جي دل زور زور سان ڀڃي ڌڙڪي، ۽ نيٺ چيائين، ”آءٌ هت انهيءَ لاءِ منتظر هئس ته توکي ايندو ڏسان. مون توکي خط پڙهڻ مهل غور سان جاچڻ ٿي چاهيو.“

هن جو منهن، جيڪو هنڌيو هو، گهرو سرخ ٿي وري هنڌيو ٿي ويو. ”اهو خط؟ ڇو خاص اهو خط؟“

”چاڪاڻ ته مون ڏٺو آهي ته جڏهن ب انهن مان ڪو خط اچي ٿو ته توتي انهيءَ جو عجيب و غريب اثر ٿيندو آهي؟“

ڪاوڙ وچان هن جي اکين ۾ اهڙي لالاڻ ڦري ويئي، جيڪا هن اڳ ڪڏهن به ڪانه ڏٺي هئي؛ ۽ هن پنهنجي دل ۾ چيو: ”هوءَ توکي ڇا جي باري ۾ لکندي آهي؟“

گهڙيءَ کن لاءِ ائين معلوم ٿيو ڄڻ ته هو وري فڪر ۾ پئجي ويو هو. ”ڪاروبار بابت.“

”قانوني ڪاروبار؟“

”هائو، عام ڪاروبار.“

”هن جي پاران منڊس ڪاروبار تون منهائين ٿو ڇا؟“

”هائو.“

”تو وٽ اهو ڪم وڏي عرصي کان آهي؟“

”هائو، گهڻي وقت کان.“

”منڙا ڪينٽ، تون اهو ڪونہ ٻڌائيندين تہ هوءَ ڪير آهي؟“

”نہ، آءٌ ڪونہ ٻڌائي سگهندس.“ هو ڪجهہ دير خاموش رهيو ۽ دل ۾ هٽڻ کان پوءِ چوڻ لڳو: ”اهو اسان جو ڏندڙو آهي.“ شارلوٽ جي دل مان خون مٽي چڙهيو ۽ لتوندڙين تائين پهچي ويو.

”ائين نہ چئو — ائين نہ چئو!“

”چو نہ چوان؟“

”مون توکي خط چمندي ڏٺو.“

انهن لفظن جو اثر ايترو تہ پريشان ڪندڙ هو، جو هوءَ پڇتائڻ لڳي. مڙسس، جنهن نفرت ڏياريندڙ اطمينان سان گڏ کيس آڏي پڇا ڪرڻ لاءِ پاڻ سپرد ڪيو هو، چڻ تہ هڪ ضدي ٻار مان پئي جرحا ڪيا هن ڪاوڙ ۽ رنج وچان منهن ورائي کيس ڏٺو، ۽ ڪوشش ڪري پاڻ سنڀالي، هٻڪندي چيائين: ”تحرير صاف لکيل ڪين آهي، تو مون کي خط چڱيءَ طرح پڙهڻ لاءِ پنهنجي اکين جي ويجهو آڻيندي ڏٺو هوندو؟“

”نہ، مون توکي اهو چمندي ڏٺو.“ هو خاموش رهيو. ”مون توکي اهو چمندي ڪونہ ڏٺو؟“

هو ورڻي بي خياليءَ ۾ ٻڌي ويو. ”شايد“.

”ڪينٽ! تون اڄي بيٺو آهين ۽ ائين ٿو چوين — مون کي؟“

”انهيءَ کان توکي ڪهڙو اهنج ٿو پهچي؟ جيئن مون توکي ٻڌايو، خط ڪاروبار بابت آهي. تون سمجهين ٿي ته آءٌ تو سان ڪوڙ ڳالهائيندس؟ خط لکندڙ منهنجو هڪ قديمي دوست آهي، جنهن کي ڏاڍي ڪيترائي ڏينهن گذري ويا آهن.“

”ماڻهو ڪاروباري خط ڪونه چمندا آهن، ڪٿي اهي سندن قديمي دوست عورتن جا ڏي چونه هجن. اهو فقط تڏهن ٿيندو آهي، جڏهن اهي سندن محبوبائن جا هوندا آهن.“

هن پنهنجي ڪلهن کي لوڏيو ۽ ڪاوڙ وچان منهن ورائي هلڻ لڳو. ڇڻ ته هن بحث کي اتي ئي ختم سمجهيو هو.

”ڪينٽ!“ شارلوٽ اڳتي وڌي، هن کي ٻانهن کان جهليو.

هو بيهي رهيو. هن جي منهن مان ٿڪاوٽ پڌري ظاهر ٿي. هن زال جي هٿ ۾ هٿ ڏنو، ”توکي مون تي اعتبار ڪونهي؟“ هن ڏاڍيءَ نرماڻيءَ سان چيو.

”اعتبار ڪيئن ٿيندو؟ آءٌ ڏسان ٿي ته تو وٽ اهي خط ايندا رهن ٿا — مهينن کان پيا اهي اچن؛ جڏهن کان ٻاڻ ويسٽ انڊيز مان آيا آهيون — ته پهرئين ڏينهن ئي انهن مان هڪڙي اچي ٿڪو ڪيو. انهن مان هرهڪ جي اچڻ بعد تنهنجي عجيب حالت ٿيو وڃي. آءٌ توکي پريشان ۽ غمگين ڏسان ٿي.

ائين ٿو لڳي ڄڻ تہ ڪو توکي مون کان جدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي."

"نہ، منهنجي نہ نہ! ڪڏهن بہ نہ!"

هوءَ پنهنجي هٿ مڙس جي ڪاوڙ مان گهورڻ لڳي.

"خير، پوءِ اهو ثابت ڪري ڏيکار. اهو تہ آسان آهي!"

هن زوريءَ مُرڪيو. "هڪ عورت، جنهن جي ذهن ۾ ڪا ڳالهہ گهر ڪري ويئي هجي، تنهن کي اها ڳالهہ ثابت ڪري ڏيڻ سهنجو ڪم ڪونهي."

"تون رڳو مون کي اهو خط ڏيکار."

هن جو هٿ جوئس جي هٿ مان کسڪي ويو ۽ هو پنهنجي ڪنڌ لوڏڻ لڳو.

"تون ڪونہ ڏيکاريندين؟"

"تہ پوءِ اها عورت، جيڪا توکي خط لکي ٿي، تنهنجي سُريت آهي."

"نہ پياري، نہ!"

"شايد هيئن نہ هجي. آءٌ سمجهان ٿي تہ هوءَ توکي واپس حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهي، ۽ تون هن جو همدرد هئڻ ڪري وڏيءَ چڪتاڻ ۾ مبتلا آهين— منهن جا ڪينت!"

"آءٌ قسم مان چوان ٿو تہ هوءَ ڪڏهن بہ منهنجي سُريت ڪانہ هئي."

شارلوٽ کي محسوس ٿيو ته سندس اکين ۾ لڙڪ ڀرجي آيا هئا، "هاءِ، پوءِ ته اها خراب ڳالهه ڇٽي-- هاڻ ته ڪابه اُميد ڪانه رهي! اهي اهڙيون ته چالاڪ ۽ حرفتي ٿين ٿيون، جو هميشه مرد کي پنهنجي قبضي ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن. اها ميني کي خبر آهي." هن ٻيئي هٿ کنيا ۽ پنهنجو مُنهن ڪٽي اُنهن ۾ لڪايو.

مڙسس خاموش رهيو. هن نه ته ڪو دلاسو ڏنس ۽ نه وري انڪاري ٿيو. هوءَ آخر پنهنجا ڳوڙها اُگهندي، مڙس جي اکين ۾ نهاري چوڻ لڳي.

"ڪينٿ، خيال ڪر! اسان کي شادي ڪئي ڏورونئي عرصو گذريو آهي. آخر مون کي ايترو ڏک ڇالاءِ ٿو پهچائين؟ تون چوين ٿو ته آءٌ تو کي اهو خط ڪونه ڏيکاريندس. تون مرڳو انهيءَ کي ظاهر ڪرڻ کان انڪار ڪرين ٿو."

"مون تو کي ٻڌايو ته اهو ڪاروباري قسم جو خط آهي. انهيءَ لاءِ آءٌ قسم به کڻي سگهان ٿو."

"هڪ عورت کي لڪائڻ خاطر، مرد هر قسم لاءِ تيار ٿيندو. جيڪڏهن تون چاهين ٿو ته آءٌ تنهنجي ڳالهه تي اعتبار ڪريان، ته گهٽ ۾ گهٽ مون کي هن جو نالو ٻڌاءِ. آءٌ انجام ڪريان ٿي ته پوءِ خط ڏسڻ لاءِ هرگز مجبور ڪانه ڪنديس."

ڪيترو ئي دير تائين پيئي حيرت ۾ ٻيٺا رهيا. هن جي دل زور زور سان پئي ڌڙڪي، ڇو ته ان ڪيس انهيءَ خطري کان آگاهه پئي ڪيو، جنهن ۾ هوءَ قائل هئي.

”آءٌ ڪونه ٿو ٻڌائي سگهان!“ هن آخرڪار چيو.

”هن جو نالو به نه؟“

”نه.“

”ڪجهه وڌيڪ به ڪونه ٻڌائيندين؟“

”نه.“

وري ٿوري وقت لاءِ خاموشي ٿي ويئي ۽ هاڻي ائين ٿي لڳو ته ڄڻ ته ٻيئي پنهنجي بحث جي انتها تي پهچي، هڪٻئي کي نااميديءَ سان نهاري رهيا هئا.

شارلوٽ پيئي هٿ پنهنجي سيني تي رکيو، تڪڙا تڪڙا ساهه پئي کنيا. هن کي ائين معلوم ٿيو ڄڻ ته هن هڪ وڏي ڊوڙ پاتي هئي، پر منزل اڃا گهڻو پري هئي. هن پنهنجي مڙس تي اثر ويهارڻ ٿي چاهيو، پر هوءَ رڳو هن کي ناراض ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهي هئي. ۽ انهيءَ غلطيءَ جي ڪري هو هڪ ڌاريو پئي لڳو، هڪ اهڙو اسرار ڀريو ۽ سمجهه کان مٿي شخص، جنهن کي سندس التجا ۽ محبت به پهچي ڪين ٿي سگهي. عجب جهڙي ڳالهه هيءَ هئي ته هوءَ رڳو هن کي ناراض ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهي هئي، ۽ انهيءَ غلطيءَ جي ڪري هو هڪ ڌاريو ٿي لڳو.

هڪ اهڙو اسرار پريو ۽ سمجهه کان مٿي شخص، جنهن کي مسز التجا ۽ محبت به پهچي ڪين ٿي سگهي. عجب جهڙي ڳالهه هئي ته هوءَ پنهنجي مڙس جي بردباري ۽ تحمل مان پوريءَ طرح واقف هئي، پر پنهي جي وچ ۾ هڪ فاصلو، پهچ کان ٻاهر فاصلو هو، جنهن کي ختم ڪرڻ بيحد مشڪل پئي لڳو. هن پاڻ کي مڙس جي زندگيءَ کان جدا ۽ پري محسوس ڪيو. پر هڪ ٻن گهڙين گذرڻ کان پوءِ، ڪيس ڪجهه ڌيرج آئي ۽ هن ڏٺو ته هو به ايترو ئي دکي ٿي نظر آيو، جيتري هوءَ پاڻ هئي. هن جي گنڀير چهري مان ڏک پئي ٽميو. خاڪي لفافي جي اچڻ ڪري جيتوڻيڪ هو ڪجهه پريشان ٿيندو هو، پر زال مان انهيءَ بحث ڪرڻ کان پوءِ جيڪو مٿس اثر ٿيو، اهڙو اڳ ڪڏهن به ڪونه ٿيو هو.

شارلوٽ همت ڪئي، شايد مسز دل ۾ اچا به ڪا اميد جي چڻنگ روشن هئي. هوءَ ٿورو وڌي هن جي ويجهو ويئي ۽ پنهنجو هٿ هن جي ٻانهن تي رکيائين. ”ڪينٿ! جيڪر توکي معلوم ٿئي ته مون کي ڪيترو نه افسوس آهي.“

انهيءَ همدرديءَ جي اظهار ڪرڻ تي هن محسوس ڪيو ته هو ڏکي ويو هو، پر مڙس مسز هٿ ونئي، آن کي زور ڏنو.

”انهيءَ کان وڌيڪ بدتر ٻيو ڇا ٿيندو ته آءٌ

ڪنهن به پيار ڪرڻ جي لائق نه آهيان،“ هوءَ چوندي رهي، ”۽ نه هڪ پاڪ محبت جي خوبصورتيءَ ۽ ان جي مقدس جوابداريءَ جي بار سهڻ جي قابل آهيان.“

هُن ملامت ڀريل نظرن سان ڏانهنس نهاريو. ”آڙي، منهنجي لاءِ ائين نه چئو.“

آخرڪار هن پاڻ کي صحيح راهه تي محسوس ڪيو. هن وري ڳالهايو ته سندس آواز جوش کان ڏڪڻ لڳو: ”پوءِ مون ۽ انهيءَ پيءَ عورت بابت ڇا ٿيندو؟ تو ايلسيءَ کي اڳي ئي ڪونه وساري ڇڏيو آهي؟“

مڙسس جي اڱوٺيءَ زال جو نالو هوءَ ڪو ورلي وٺندي هئي، اهو هن جي زبان تي ايندو ئي ڪونه هو. پر هيئنر اهو سندس زبان مان نڪري ويو. ڄڻ ته هن هڪ نڪاءُ ڏئي ڦاٿندڙ شيءِ کي لت هڻي هئي ۽ پوءِ هڪ قدم پٺتي هٽي، انتظار ڪرڻ لڳي ته اها ڪڏهن ٿي ڦاٽي.

مڙسس ڇِرڪيو به ڪونه: هن جي صورت مان پاڻ وڌيڪ رنج ظاهر ٿيڻ لڳو، پر ان تي ناراضپي جو ذرو نشان به ڪونه هو. ”مون ايلسيءَ کي ڪڏهن به ڪين وساريو آهي،“ هن چيو.

شارلوٽ پنهنجي ٿورڙيءَ مُرڪ کي روڪي ڪين سگهي، ”پوءِ، پيارا، تون اسان ٻن جي وچ ۾ ––“

”نه ––“، هن چيو، پر پوءِ وڌيڪ ڪجهه چئي ڪونه سگهيو ۽ پنهنجو هٿ کڻي پيشانيءَ تي رکيائين.

”نہ چا؟“
”مون کي افسوس آهي، خبر نہ آهي آءٌ ڇا ٿو چوان، مون کي مٿي ۾ سخت سور آهي.“
انهيءَ مهل ڳالهائڻ تي هو سچو هئڊو ٿي ويو، پر هن جا اهي حيلا بهانا ڏسي، هوءَ بنهہ ڪاوڙجي پئي.
”هائو! خاڪي لفافي جو مٿو درد!“
هن پنهنجي مڙس جي نگاهن ۾ تعجب کي ليٽا پائيندي ڏٺو. ”مون کي اهو وساري ڇڏڻ گهرجي تہ ويجهڙائيءَ کان ڪنهن ڇتائي پئي ڏٺو،“ هن جهيڻي آواز ۾ چيو. ”جيڪڏهن تون مون کي اجازت ڏين تہ آءٌ مٿي وچي اوندهہ ۾ ڪلاڪ اڌ ڪوشش ڪري ڏسان تہ من هن اعصابي درد کان ڇوٽڪارو ملي سگهي.“
هن پهرين دل من هنيو، پر پوءِ پختي ارادي سان چيائين: ”مون کي تنهنجي مٿي جي سور لاءِ ڏاڍو افسوس آهي. پر تون وڃين، انهيءَ کان اڳ آءٌ اهو چوڻ چاهيان ٿي، تہ اڄ يا پوءِ اسان جي وچ ۾ هن سوال جو فيصلو ٿي وڃڻ گهرجي. ضرور ڪو آهي، جيڪو اسان کي جدا ڪرڻ جي ڪوشش پيو ڪري. مون کي ڪابہ پرواهہ ڪانهي ته چاهي مون کي ڪيتري بہ قيمت ادا ڪرڻي پوي، پر آءٌ آن کي ڳولي لهنديس.“ هن مڙس جي اکين ۾ گهوري ڏٺو. ”جيڪڏهن انهيءَ لاءِ تنهنجي پيار تان بہ هٿ کڻڻو پيو تہ بہ مون کي پرواهہ ڪانهي! جيڪڏهن

مون کي تنهنجو اعتبار نه مليو، ته پوءِ تو کان بي
ڪابه شيءِ نه گهرجي."

هن اچا به سستيءَ مان ڏانهنس نهاريو. "مون کي وقت ڏي."

"ڇا جو وقت؟ تو کي فقط هڪ لفظ چوڻو آهي."

"وقت انهيءَ لاءِ ته تو کي ثابت ڪري ڏيکاريان ته تو منهنجو پيار ۽ ڀروسو ڪونه وڃايو آهي."

"ڇگو، آءٌ انتظار ڪريان ٿي."

هو دروازي ڏانهن مڙيو، ۽ پوءِ مُنهن ورائي پٺيان ڏٺائين.

"انتظار ڪر، منهنجي مڙي،" هن چيو ۽ ڪمري مان ٻاهر نڪري ويو.

هن پنهنجي مڙس جي تڪل قدمن جو آواز ڏاڪڻ تي چڙهندي ٻڌو. ۽ ڪمري جي دروازي بند ٿيڻ جو به. هن پاڻ کي آرام ڪرسيءَ تي ڪٽي اڇلايو ۽ پنهنجو منهن پنهي ٻانهن ۾ لڪائي ڇڏيائين. هن جي ٻهريءَ حرڪت مان ٿي پشيماني ۽ افسوس ظاهر هو. هن خيال ڪيو ته "منهنجون حرڪتون نهايت سخت، غير انساني ۽ گمان کان پري آهن. ٿورو سوچ ته مون هن کي چيو ته تنهنجي محبت جي به پرواهه ڪين آهي! سراسر بڪواس!" هوءَ پنهنجا اهي لفظ واپس وٺڻ لاءِ هن جي پٺيان مٿي وڃڻ لڳي، پر پوءِ ڪنهن خيال کان ويهي رهي. نيٺ هن کي به ته پنهنجيءَ راهه تي هلڻو هو، هن پنهنجي

راز کي هر حملي کان بچايو هو ۽ هاڻي هو انهيءَ پيءَ عورت جي خط پڙهڻ لاءِ پنهنجي ڪمري ۾ اڪيلو پوريو ويٺو هو.

[۳]

هن اچا انهيءَ تي ئي پئي ويچاريو، ته نوڪرياڻي کيس ڳوليندي اچي اتي نڪتي. ”نه“، شارلوٽ چيو، ”آءٌ رات جي ماني‌ءَ کائڻ لاءِ ڪپڙا ڪونه مٽائينديس. مسٽر آشبي‌ءَ جي ماني کائڻ تي مرضي ڪين آهي. هو ڏاڍو ٿڪل آهي ۽ آرام ڪرڻ لاءِ مٿي پنهنجي ڪمري ۾ ويو آهي. ٿورو سهي، پوءِ ڪجهه کاڌو پليٽ ۾ وجهي ڳول ڪمري ۾ کڻي اچ.“ هوءَ پنهنجي سمهڻ واري ڪمري جي ڏاڪڻ چڙهڻ لڳي. رات جي ڇانئڻ جو وڳو بستري تي پيو هو، جنهن کي ڏسي کيس پنهنجي خاموش ۽ پرسڪون گهرو زندگي‌ءَ جي خيال اچي ورايو. هوءَ ائين محسوس ڪرڻ لڳي ته سندن اها گفتگو ضرور پيءَ دنيا ۾ ڪن ٻين ٻن جيون جي وچ ۾ ٿي هوندي، جيڪي يقيناً شارلوٽ گورزي ۽ ڪينٿ آشبي نه، بلڪ سندن بيچين خيالن جون بنايل تصويرون هونديون. هُن شادي‌ءَ کان پوءِ وارو زمانو ياد ڪيو — مڙس جي پرخلوص وفاداري، ثابت قدمي، بيحد نرمائي ۽ ڪن موقعن تي هن جو کيس ڏياريل احساس ته هو دل و جان سان سندس تابعدار آهي، حد کان وڌيڪ قريب آهي؛ ڇڻ ته پنهنجي

جي جسمن ۾ هڪ ئي روح سمايل هو. اهو سڀڪجهه ياد ڪندي، کيس پنهنجي انهيءَ بيهودگيءَ جو احساس ٿيو، جو کي اهڙيون اڳ مڙسس کي پيءَ عورت جو آشنا هئڻ ڪري، گهٽ وڌ ڳالهايو هئائين! پر، پوءِ ڇا ــ.

مٿي هلڻ جي خواهش وري کيس ڏونڏاڙيو، ته هلي هن کان معافي وٺجي ۽ ڪوشش ڪري انهيءَ غلطفهميءَ کي دور ڪجي. پر هن جي خانگي معاملن ۾ دخل ڏيڻ جي خوف کيس اڳتي وڌڻ نه ڏنو. هو ڏکي ۽ رنجايل هو، ڪنهن خوف يا غم جو ستايل ۽ هن ائين ئي ڏيکاءُ ڏني هئي ڄڻ ته اها جنگ هو اڪيلي سر فتح ڪندو. وڏيڪ عقلمنديءَ ۽ بلند همتيءَ جي ڳالهه هيءَ ڇئبي ته هُن جي خواهش جو احترام ڪجي. هن جي ڪمري ۾ هلڻ ڪهڙي نه انوکي ۽ اڻ سهائيندڙ ڳالهه ٿيندي، هوءَ ته مرڳو دنيا جي پڇڙي تي پهچي ويندي! انهيءَ ذهني پريشانيءَ ۾ هن کي ڏاڍو افسوس ٿيو ته مڙسس جي اچڻ کان اڳ هن خط کولي، پڙهي واپس ميز تي رکڻ جي ڇو همت ڪين ڪئي. گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ راز جي ته کيس به خبر پئجي وڃي ها ۽ پوءِ اها سموري شيطانگيري ختم ٿي وڃي ها. چاڪاڻ ته هاڻي هوءَ سمجهڻ لڳي هئي ته انهيءَ راز ۾ ضرور ڪا بدخواهي ۽ بدباطني آهي ۽ هڪ مخفي سزا، جنهن جي خيال کان هو ڏکي ٿي ويو، پر انهيءَ هوندي به هو پاڻ کي

انهيءَ کان بچائي ڪونه ٿي سگهيو. هن به-ٿي گهرا مڙمس جي نناڻينڊز اکين ۾ مدد ڪرڻ جي خواهش ۽ اقرار ڪرڻ جي ڏبيل تمنا کي محسوس ڪيو هو. ائين ٿي لڳو ته ڪيس ڄاڻ هئي ته جيڪڏهن جوڙس انهيءَ راز مان واقف هجي ها، ته يقينا سندس مدد ڪري ها! پر انهيءَ هوندي به هو ڪيس ڪجهه به ڪونه ٻڌائي سگهيو هو.

اوچتو سندس دل ۾ پنهنجيءَ پوڙهيءَ مس وٽ هاڻ جو خيال آيري آيو، جنهن کي هوءَ ڏاڍو پائيندي هئي. مسز آشبي، مضبوط چمڙيءَ ۽ چمڪندڙ اکين واري هڪ معزز خاتون هئي، جنهن جي نهجي ۾ شارلوٽ جي طبيعت جهڙي خشڪي ۽ سختي هئي. جنهن ڏينهن پوڙهي مسز آشبي، پنهنجيءَ ننهن وٽ پهريون پيرو پنهرن جي ماني کائڻ لاءِ آئي هئي. تڏهن شارلوٽ ڪتبخاني ۾ سندس آدر ڀاءُ ڪيو هو، ۽ هن پنهنجي پٺ جي ميز جي پر واريءَ خالي ديوار کي ڏسي نهايت اثرائتي ۽ پر معنيٰ لفظن ۾ چيو هو ته ”ايلسي ويٺي هلي، هان؟“ ۽ شارلوٽ جي مرڻ مرڻ واري سمجهاڻيءَ جو جواب ڏيندي، هن چيو هو ته ”بيوقوفي، ڪيس وري هتي نه آڻيو. پن جي رفاقت ڪافي آهي.“ ۽ شارلوٽ هن جو مطلب سمجهي مرڪڻ کان سواءِ رهي ڪين سگهي هئي. انهيءَ ڏينهن کان وٺي هنن ٻنهي جي وچ ۾ هڪ خاموش اقرار ٿي چڪو هو. پر هينئر ڪيس ائين پئي لڳو ته

مسز آشبيءَ جي اها خوفناڪ صاف گوئي، ضرور انهيءَ نئين راز کي گولي پڌرو ڪندي. پر وري هوءَ دل من هٺ لڳي، جو انهيءَ خيال مان بيوفائيءَ جي بوءِ پئي آيس. کيس ڪهڙو حق هو جو پين کي سڌي انهيءَ راز تي اوچتو حملو ڪري، جنهن کي مڙسس ظاهر ڪرڻ ڪونه ٿي چاهيو؟ "ممڪن آهي ته هو رفتي رفتي پنهنجي ماءُ مان انهيءَ باري ۾ ڳالهه ڇوري." هن سوچيو، "پر انهيءَ جي اهميت ٿي ڪهڙي آهي؟ اسان کي پاڻ ۾ ضرور ڪو فيصلو ڪرڻ گهرجي."

اڃان هن انهيءَ مسئلي تي پئي منصوبا سٽيا ته دروازي تي کڙڪو ٿيو، ۽ مڙسس اندر لنگهي آيو. هن کي رات جي سمهڻ وارا ڪپڙا پيا هئا، ۽ سندس منهن مان ائين ٿي معلوم ٿيو ته زال کي اتي ويٺل ۽ ڪپڙن کي هڪ طرف پيل ڏسي، هو پاڻ عجب ۾ پئجي ويو هو.

"تون هيٺ ڪين ٿي هلين؟"

"مون سمجهيو ته اوهان ناچاق هوندؤ،" هن لاچاريءَ مان جواب ڏنو. مڙسس زوريءَ مرڪيو، "منهنجي طبيعت واقعي ڪجهه خراب آهي، پر بهتر آهي ته پاڻ هيٺ هلون."

هن جو منهن جيتوڻيڪ اڃا تائين ميٽيل هو، پر ڪلاڪ اڳ جڏهن مٽي ويو هو، تڏهن کان البت سانتيڪو ٿي ڏسڻ ۾ آيو.

"اجهو هي آهي: هو چاڙهي ڏنو ته خط ۾ ڇا لکيل آهي، ۽ ڪٿي ڇا به هجي، هو وري انهيءَ مشڪلات کي منهن ڏئي آيو آهي،" هن سوچيو. "۽ هيڏانهن آءٌ اڃا به اوندهه ۾ آهيان." هن ڪهنڊڙي وڄائي ۽ حڪم ڏنو ته رات جي ماني هڪدم آندي وڃي- ٽوروئي ڪاڏو، پر جلد تيار ٿي سگهي: چاڪاڻ ته هوءَ ۽ مسٽر آشبي البت ٿڪل هئا ۽ بڪ ڪين هئن.

ماني آئي ۽ پيئي ڪائڻ لاءِ ويٺا. پهرين ته پنهي مان ڪنهن کي به ڇوڻ لاءِ ڪو لفظ ڪونه ٿي سجهيو: پر پوءِ آشبيءَ هڪ فرضي اطمينان سان گفتگو شروع ڪئي، جيڪا مندس خاموشيءَ کان وڌيڪ گران هئي. "ڪيترو نه ٿڪل آهي! حد کان وڌيڪ ٿڪل!" شارلٽ دل ۾ چيو، ۽ هو ميونسپل سياست، هوائي جهازراني، فرانس جي جديد تصويري نمائش، پنهنجي پوڙهي چاچيءَ جي صحت ۽ خود هلندڙ ٽيليفون لڳارائڻ بابت بيڪار ڳالهيون ڪندو رهيو.

"هاءِ الا، هي ڪيترو نه ٿڪل آهي!"

ماني کائڻ کان پوءِ هو پيئي دستور مطابق ڪتبخاني ۾ ويا. شارلوت پٺ واريءَ ڪرسيءَ تي چڙهي ڪپڙا اُڻڻ لڳي ۽ هو پائيپ دکائي بتيءَ جي هيٺان پيل آرام ڪرسيءَ تي ٿي ويٺو. پر اڇوڪي شام هنن انهيءَ ڪمري ۾ وڃڻ کان پاسو ڪيو، جنهن ۾ سندن اها گفتگو ٿي هئي، ان جي بدران شارلوت جي گول ڪمري ۾ ويا.

هو بخاري جي ويجهو ٿي ويٺا، ۽ جڏهن ڪرڙڪ ڪافي پي پوري ڪيائون، تڏهن شارلوٽ چوڻ لڳي: ”تنهنجو پائيپ؟“

هن پنهنجو ڪنڌ لوڏيو. ”نه اڄ رات نه.“

”تون جلدي وڃي آرامي ٿيءُ، تون بنهه ٿڪل ٿو ڏسجين. مون کي پڪ آهي ته هو توکي آفيس ۾ گهڻو ڪم ڪرائين ٿا.“

”آءٌ سمجهان ٿو ته ڪڏهن اسين سڀئي گهڻو ڪم ڪندا آهيون.“

هوءَ اٿي ۽ ڪنهن اوچتي ارادي سان مڙس جي اڳيان ٿي بيٺي.

”خير، آءٌ توکي وڌيڪ اجازت ڪانه ڏيندس ته تون اهڙيءَ طرح پنهنجي قوت ضايع ڪندو رهه. اها واهيات ڳالهه چئبي. آءٌ چڱيءَ طرح ڏسان ٿي ته تون بيمار آهين.“ هوءَ مڙس جي مٿان جهڪي ۽ هن جي پيشانيءَ تي پنهنجو هٿ رکيائين. ”منهنجا پيارا ڪينٿ! جلد تياري ڪر ته ڪجهه عرصي لاءِ ڪا وڏي موڪل ملهايون.“

هن چرڪ پرينديءَ، ڏانهنس نهاريو، ”موڪل؟“

”يقيناً، توکي ياد ڪونه رهيو ته مون توکي ايسٽر تي پاڻ سان وٺي هلڻ ٿي چاهيو؟ پن هفتن اندرئي ڪنهن نه ڪنهن پاسي هڪ مهيني جي بحري سفر تي هلنداسون. ڪنهن وڏي ساموندي جهاز تي!“

هُن مات ڪئي ۽ ٽورو ويچهو ٽي منڊس پيشانيءَ تي پنهنجا چپ رکيائين. ”آءٌ پاڻ به ڏاڍي بيزار آهيان ڪينٽ!“

ائين ٿي لڳو ڄڻ ته هُن آخري لفظن تي ڪو ڌيان ئي ڪونه ڏنو، بلڪ ٽورو پنهنجي هٿي هن کي سمجهڻ لاءِ ڪيس غور سان ڇتائڻ لڳو.

”وري؟ منڙي پاڻ ڪونه ڏا هلي سگهون. ممڪن آهي آءٌ پاهر نه وڃي سگهان.“

”آءٌ سمجهي نٿي سگهان ته تون ’وري‘ ڇو ٿو چوين. ڪينٽ، هن سال پاڻ ڪاٻه سچي موڪل ڪانه ملهائي آهي.“

”ڪرسمس تي جو هفتو ڪن پاڻ ٻارن سان گڏ ڳوٺ ۾ گذاريو هو؟“

”هائو، پر هن ڀيري منهنجو مقصد آهي ته ٻارن، نوڪرن ۽ گهر ڪان پري هليا هلون؛ هر انهيءَ شيءَ کان پري جيڪا مانوس ۽ ٽڪائيندڙ آهي. جيڪڏهن جانس ۽ پيٽر تنهنجي ماءُ وٽ رهندا ته هوءَ پاڻ خوش ٿيندي.“

هو ڪاوڙجي پيو ۽ ڪنڌ ڌوڻڻ لڳو. ”نه، منڙي! آءٌ هنن کي اما وٽ ڪونه ڇڏي سگهان.“

”ڇو، ڪينٽ، اما ته اجائي ڳالهه ڇنبي! هوءَ ته پاڻ ٻارن کي پائيندي آهي. جڏهن پاڻ ويسٽ انڊيز

هليا هئاسون، تڏهن ٻن مهينن کان به مٿي وقت ونس ٻار ڇڏيندي تو ته ڪا اهڙي ڳالهه ڪين ڪئي هئي.“

هن هڪ وڏو شوڪارو ڀريو ۽ تڪليف سان آٿي بيٺو. ”آها ٻي ڳالهه هئي.“

”ٻي ڳالهه؟ ڇو؟“

”منهنجو مطلب آهي ته ان وقت مون اهو محسوس ڪونه ڪيو هو —“

هو هٻڪي بيٺو، ڇڻ ته لفظ ٿي چونڊيائين ۽ پوءِ چوڻ لڳو: ”منهنجي ماءُ ٻارن کي پاڻي ٿي، جيئن تو ڇيو؛ پر هوءَ ڪا سدائين انصاف ڪندڙ ڪين آهي. ڏاڏيون هميشه ٻارن کي ڪاري ڇڏينديون آهن. هوءَ ڪنهن وقت ته، سواءِ سوچ ويچار جي جيڪي زبان تي ايندو اٿس، ٻارن جي اڳيان چئي ڏيندي آهي.“ هن زال کي ڏاڍيءَ عاجزيءَ سان مخاطب ڪيو. ”مون کي نه چئو منڙي.“

شارلوت ڳڻتيءَ ۾ پئجي ويئي، واقعي ٻوڙهي مسز آشبيءَ کي جيڪي زبان تي ايندو هو چئي ڏيندي هئي، پر دنيا ۾ هوءَ ئي هڪ اهڙي عورت هئي جيڪا پنهنجي پٽ جي اولاد اڳيان اهو سڀڪجهه چئي ٿي سگهي، جنهن کان هڪ شڪي طبع ماءُ کي رنج پهچي سگهيو ٿي. شارلوت مڙس ڏانهن پريشانيءَ سان نهاريو.

”آءٌ سمجهي ڪين ٿي سگهان.“

هو ماڳيءَ عاجزيءَ ۽ تڪليف مان هن کي ڏسندو رهيو.

”گهڻي پڇار نه ڪر“، هن چپن ۾ چيو.

”پڇار نه ڪريان؟“

”هائي نه — اچا نه.“ هن هٿ ڪڍي لتوندڙين کي زور سان پڪوڙيو.

”توکي خبر نه آهي ته ضد ڪرڻ مان ڪو به فائدو ڪونه پهچندو. آءٌ هتان ڪونه ٿو نڪري سگهان، ڪٿي ڪيترو به ضروري ڇو نه هجي.“

شارلوٽ اچا تائين منجهيل ڳيءَ مان هن کي تڪيندي رهي. ”سوال آئي ٿو ته تنهنجي مرضي آهي؟“

هن، گهڙيءَ کن لاءِ پنهنجي نظر ڦيرائي؛ هن جا چپ ڏڪڻ لڳا، ۽ تمام آهستي چوڻ لڳو: ”منهنجي مرضي — وڏيڪ توکي چا گهرجي.“

”۽ انهيءَ هوندي به —“

”مون کان نه پڇ. آءٌ هتان ڪونه ٿو نڪري سگهان — نه!“

”تنهنجي چوڻ جو مطلب آهي ته تون انهن خطن جي قبضي کان ٻاهر نڪري ٿي ڪونه ٿو سگهين!“

مڙس سخت تڪليف واري حالت ۾ منڊس اڳيان بيٺو هو، ۽ پوءِ اوچتو ڪنڌ ورائي سڄي ڪمري ۾ پتسار ڪرڻ لڳو. هن جو ڪنڌ جهڪيل هو ۽ اکيون غاليچي ۾ کُتل هُيس.

شارلوٽ پنهنجي ناراضپي کي وڌندو محسوس ڪيو. "اڻين آهي"، هن اصرار ڪندي چيو. "تون اهو قبول ڇو نٿو ڪرين؟ انهن کان سواءِ تون زنده رهي ڪونه سگهندين ڇا؟"

هو ڏاڍيءَ تڪليف سان ڪمري ۾ پنڌ ڪندو رهيو، پر وري ويهي رهيو. هن پاڻ کي وري ڪرسيءَ تي ڪيرايو ۽ پنهنجو منهن پنهي هٿن سان لڪائي ڇڏيائين. مندس ڪلهن جي لوڏي مان شارلوٽ سمجهيو ته هو روئي پيو. هن ڪڏهن به ڪنهن مرد ماڻهوءَ کي روئندي ڪين ڏٺو هو. البت ننڍي هوندي، جڏهن ماڻس گذاري ويئي هئي، تڏهن هن پنهنجي پيءُ کي روئندي ڏٺو هو، ۽ هن کي اڃا تائين ياد هو ته انهيءَ نظاري کان هوءَ ڪيترو نه ڊني هئي، ۽ هينئر به هوءَ ڊڄي ويئي هئي. هن محسوس ڪيو ته مڙس کي ڪنهن زوريءَ ڪنهن پراسرار قيد ۾ بند ڪرڻ پئي چاهيو ۽ پنهنجي خاطر هن کي آزاد ڪرائڻ جي ڪشمڪش پر، ڪيس پنهنجي قوت جو آخري ذرو به استعمال ڪري ڇڏڻ گهرجي.

"ڪينٿ-ڪينٿ!" هوءَ مندس پرسان گوڏن ڀر جهڪي، ليلائڻ لڳي، "تون منهنجي ڳالهه ڪين ٻڌندين؟ تون اهو به ڏسڻ جي تڪليف ڪونه ڪندين ته مون سان ڪهڙي ويڌن آهي؟ آءُ ڪا هرويرو وڙيل ڪين آهيان! مڙڻ، سچ پچ ڪين؟ منهنجو ڌيان انهن خطن ڏانهن وڃي ٿي ڪونه ها، جيڪڏهن انهن جو

توتي آيترو اثر نہ ٿئي ها، اهو منهنجو شان ڪونهي جو بين جي مسئلن ۾ پاڻ ڦاسايان؛ ۽ ڪٿي اهو اثر پئي قسم جو هجي ها ــ هائو، منهنجي ڳالهہ ڏيان سان ٻڌ ــ جيڪڏهن آءٌ ڏسان ها تہ خطن جي ملڻ ڪري توکي خوشي ٿئي ٿي، تون انهن جو بيقراريءَ سان انتظار ڪرين ٿو، انهن جي اچڻ جا ڏينهن ڳڻين ٿو، ۽ انهن کي ڏسڻ چاهين ٿو، ۽ اهو تہ انهن جيڪي ڪجهہ توکي ڏنو آهي، اها مون کي خبر ڪانہ آهي تہ ڪهڙيءَ طرح ڏنو وڃي ٿو ــ چو، ڪينٿ، آءٌ اٿين ڪين چوان ٿي تہ انهن کان مون کي بہ تڪليف ڪين پهچڻ کپندي هئي، پر اهڙيءَ حالت ۾ اهو اثر ٻيءَ طرح جو هجي ها، ۽ مون ۾ پنهنجي انهيءَ احساس کي لڪائڻ جي همت هجي ها، ۽ پڻ اها اميد هجيم ها تہ ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن توکي منهنجي لاءِ بہ ساڳيو ئي اهڙو احساس ٿيندو، جهڙو انهن خطن جي لکندڙ لاءِ توکي ٿيو هو. پر جيڪا ڳالهہ منهنجي برداشت کان ٻاهر آهي، سا هيءَ تہ انهن جي ڪري توتي ڪيتري نہ دهشت طاري ٿي ويئي هئي، انهن توکي ڪيترو نہ نقصان پهچايو هو، ۽ انهيءَ هوندي بہ تون ڪيئن انهن کان سواءِ رهي ڪونہ ٿو سگهين ۽ ٻاهر ڪونہ ٿو نڪرين. شايد انهيءَ خوف کان تہ تنهنجي غير حاضريءَ ۾ ڪو خط توکي نہ ملي سگهندو ڍيا شايد،" هن اڳتي چيو ـ سندس آواز شڪايت ڪرڻ سبب پئي ڏڪيو ــ ”شايد انهيءَ ڪري جو سچ پچ

هوءَ توکي ٻاهر وڃڻ کان روڪي ٿي. ڪينٽ، مون کي ضرور جواب ڏي. اهڙو ڪهڙو سبب آهي نه؟ ائين آهي نه، ته هوءَ توکي مون سان گڏجي ٻاهر هلڻ کان منع ڪري ٿي؟"

هوءَ مڙس جي پرسان جهڪندي ويئي، هن پنهنجا هٿ آهستي آهستي هيٺ لاهي ڇڏيا. هوءَ پنهنجي اسرار تي ڏاڍو پشيمان ٿي، انهيءَ پريشان ڪندڙ ۽ ڏوڪو ڏيندڙ شڪل تان نقاب هٽائڻ جي ڪري ڏاڍو شرم پئي ٿيس، پر انهيءَ هوندي به ارادو ڪيائين ته آءٌ پاڻ کي انهن عذرن ۾ ڪين ڦاسائيندس. مڙس جون اکيون جهڪيل هيون ۽ منهن جا پٺا پئي ڏڪيس. شارلوٽ جهڙي پاڻ کي تڪليف پهچائي هئي، انهيءَ کان به وڌ مڙس کي پهچائي هئائين، انهيءَ هوندي به هوءَ پاڻ جهلي ڪين سگهي.

"ڪينٽ، ائين آهي نه؟ هوءَ اسان ٻنهي کي گڏجي ڪنهن طرف وڃڻ هرگز ڪين ڏيندي."

اچا به هن ڪجهه ڪونه ڳالهايو ۽ نه اکيون کڻي ڏانهنس نهاريو؛ هن کي پنهنجيءَ شڪست جو احساس ٿيڻ لڳو نيٺ به، هن سوچيو، انهيءَ ڪشمڪش جو نتيجو هار آهي. "توکي جواب ڏيڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي. مون کي يقين آهي ته آءٌ سچي آهيان"، هن چيو.

اوچتو جيئن ئي هوءَ اٿي ته مُڙسس مُڙيو ۽ کيس جهلي هيٺ ويهاريائين. سندس هٿ مڙسس جي هٿن ۾ اچي ويا هئا ۽ هن اهڙو ته زور ڏنس جو سندس منڊيون هٿ جي آڱرين جي گوشت ۾ کُهڙي ويون. انهيءَ گرفت مان دهشت ۽ خوف پئي ظاهر ٿيو: هڪ اهڙي شخص جو خوف، جنهن پاڻ کي ڪنهن پهاڙيءَ جي چوٽيءَ تان کسڪي ڪِرندي محسوس ڪيو هو. هو پنهنجي مٿان شارلوٽ جي جهُڪيل چهري ڏانهن وٺندو پئي ويو، جنهن انهيءَ چهري ۾ چونڪارو سمايل هو. "بيشڪ پاڻ گڏجي هلنداسون، جتي تون چوندينءَ، اوڏانهن هلنداسون،" هن آهستي ۽ منجهيل آواز ۾ چيو ۽ شارلوٽ کي ڀاڪُر پاتائين. سندس چپن تي پنهنجا چپ کڻي رکيائين.

[٤]

شارلوٽ خيال ڪيو هو ته "اڄ رات آءٌ سمهي ننڊ ڪنديس"، پر انهيءَ جي بدران هوءَ هڪ-ٻي ٻجي تائين بخاري جي پرمان انهيءَ خيال کان ويٺي رهي ته متي مڙسس جي ڪمري ۾ ڪو کڙڪو ته ڪونه ٿو ٿئي. پر شام واري هنگامي کان پوءِ، هو جلدئي سمهي رهيو هو. هن هڪ-ٻه ڀيرا چوريءَ دروازو کولي اندر نهاريو ۽ گهٽيءَ واريءَ دريءَ مان ايندڙ جهڪيءَ روشنيءَ ۾ مڙس کي اگهور ننڊ ۾ سُتل ڏٺو — اهڙي ننڊ، جنهن مان ٿڪاوٽ ۽ ڪمزوري پئي ظاهر ٿي.

”هو بيمار آهي“، هن سوچيو، ”ها، يقيناً هو بيمار آهي، ۽ انهيءَ جو سبب گهڻو ڪم ڪونهي، اها پُراسرار مزا آهي.“

هن اطمينان جو ساهه کنيو. هن ٽڪائيندڙ ويڙهه ڪاڏي هئي ۽ ڪيس فتح حاصل ٿي هئي — پوءِ ڪٿي اها گهڙيءَ پل جي سهي. هو جيڪر هڪدم تياري ڪري سگهن — ڪنهن به پاسي نڪري وڃڻ جي تياري! ڪيس خبر هئي ته موڪلن کان اڳي هن کي هلڻ لاءِ چوڻ بيڪار ٿيندو، ۽ انهيءَ وچ ۾ اهو مخفي اثر — جنهن بابت پاڻ اجا تائين اوندهه ۾ هئي — سندس خلاف ڪم ڪندو رهندو، ۽ جيستائين ڪنهن سفر جو سانباهو ٿئي، تيستائين هر روز انهيءَ مشڪلات کي نئين سر منهن ڏيڻو پوندو. پر پوءِ سڀڪجهه درست ٿي ويندو. ڪيس پڪ هئي ته جيڪڏهن هڪڙو ڀيرو ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ وڃي سگهيا ته يقيناً مڙسس کي انهيءَ بد اثر کان نجات ملي ويندي. انهن خيالن چڻ ته ڪيس آٿت ڏني ڏني. آخر هوءَ پاڻ به سمهي رهي.

صبح جو جڏهن اک کليس، تڏهن گهڻي دير ٿي ويئي هئي. هوءَ بستري ۾ ٿي پئي هئي ۽ پنهنجي گذريل وقت سمهڻ تي افسوس پئي ڪيائين، ۽ عجب پئي کاڌائين. صبح جو سويل اٿي ڪتبخاني واري بخاري وٽ مڙس سان گڏجي نيرن کائڻ ۾ ڪيس ڏاڍو لطف ايندو هو، پر گهڙيال تي نظر ڪرڻ سان خبر پيس،

ته هو گهڻو اڳي آفيس ڏانهن روانو ٿي ويو هو. پڪ ڪرڻ خاطر، هو بستري مان چال ڏيئي اٿي ۽ مسٽر جي ڪمري ڏانهن ويئي؛ پر اهو خالي هو. وڃڻ وقت هن به ڪيس ڏنو هو ۽ اهو ڏسي، ته هوءَ اڃا تائين ستي پيئي آهي، سواءِ هن جي آرام ڦٽائڻ جي، هو چپ چاپ هيٺ لهي ويو هو. صبح جو وقت ائين وڃائيندي، ڪيس ڏاڍو ڏک ٿيو. ائين پئي لڳو، ڄڻ ته سندن ناتا ڪنهن عاشق معشوق جهڙا هئا.

هن گهنڊڙي وڄائي ۽ پڇا ڪئي ته "مسٽر آشبي روانو ٿي ويو آهي ڇا؟" "هائو، ڪلاڪ کن ٿيندو" ٻانهيءَ چيو، "هو تاڪيد ڪري ويو هو ته مسز آشبيءَ کي نه اٿاريو وڃي ۽ نه وري ٻارن کي ڏانهس ڇڏيو وڃي، جيستائين هوءَ پاڻ نه کين سڏائي.... هائو، هو پاڻ ٻارن جي ڪمري ۾ ويو هو ۽ اٿين ڇيائين." اهو ته سڀڪجهه دستور مطابق هو، پر شارلوٽ کي سمجهه ۾ ڪين ٿي آيو ته هن پڇا ڇو ڪئي.

"مسٽر آشبي ڪو نياپو ته ڪونه ڇڏي ويو؟"

"هائو"، ٻانهيءَ چيو، هو نياپو ڇڏي ويو، پر افسوس آهي جو مون کي وسري ويو. وڃڻ وقت چيائين ته آءٌ سفر جو انتظام ڪرڻ وڃان ٿو ۽ مسز آشبيءَ کي ٻڌايو وڃي ته هوءَ سياڻي سامونڊي سفر تي هلڻ جون تياريون ڪري ڇڏي."

نوڪرياڻيءَ جي آواز جو پڙاڏو شارلوٽ وٽان ٿيو، "سياڻي؟" هوءَ نوڪرياڻيءَ کي گهورڻ لڳي، ڄڻ ته

ڪيس اعتبار ئي ڪونہ ٿي آيو. "سپاٽي — توکي پڪ آهي تہ هن سپاٽي هلڻ لاءِ چيو؟"

"سائڻ، آءٌ يقين سان چوان ٿي. مون کي سمجھہ ۾ ئي ڪونہ ٿو اچي تہ مون کان اها ڳالھہ چوڻ ڪيئن وسري ويئي."

"خير، ڪا حرڪت ڪانهي. چڱو، منهنجي غسل جو انتظام ڪر." شارلوت ائين چوندي اٿي کڙي ٿي. ۽ سينگارخاني ۾ گھڙي ويئي. هوءَ جيئن ئي وارن کي ڦٽي ڏيڻ لاءِ ويٺي تہ آئيني ۾ پاڻ کي جھونگاريندي ڏٺائين. پنهنجي ڪاميابيءَ تي هوءَ وري پاڻ کي نوجوان سمجھڻ لڳي. اڳوڻي شارلوت هينئر پري پري غائب ٿي چڪي هئي، ۽ هاڻي هيءَ نئين شارلوت آئيني ۾ پنهنجي چپن ۽ اکين جي عڪس کي ڏسي پئي بهار ٿي. تہ پوءِ، هو ڪيس پانئين تون اڳي وانگر ئي پيار ڪري ٿو. هو سندس پريشانين کي سمجھي ويو آهي، ۽ يقين اٿس تہ امان جي خوشي انهيءَ ۾ آهي تہ اسين هتان نڪري هلون ۽ ڪالھوڪي ڪڙي آزمائش کان پوءِ وري هڪبئي کي ڳولي لهون. سندن وچ ۾ جيڪو اثر ڪم ڪري رهيو هو، تنهن جي هينئر هن کي بنھہ پرواھہ ڪين هئي. هن انهيءَ راڪاس کي منهن ڏنو هو ۽ ڪيس تڙي ڪڍيو هئائين. "همت — اهوئي تہ راز آهي! جيڪي ماڻهو محبت ڪن ٿا، تن کي پنهنجين خوشين جي اکين ۾ اکيون ملائي ڏسڻ جي خطري کان

سدائين خوفزده نه ٿيڻ گهرجي.“ هن جيئن ٿي پنهنجي ريشمي وارن کي برش سان پٺيان ورايو ته اهي سندس مٿي تي کجور جي شاخن* وانگر جهلڪڻ لڳا. خير، ڪن زالن کي خبر آهي ته مردن سان ڪيئن پيش اچجي ۽ ڪن کي ڪانهي. رڳو سليقيمند زالن کي — هن ڏاڍي خوشنمائي سان بيان ڪيو — همت سونهين ٿي. سچ پچ ته هوءَ ڏاڍي خوبصورت پيئي لڳي.

صبح، هڪ سپيءَ وانگر چلڪندڙ سونهن جي اڳيان پٽي نچيو — اهڙو سونهن جيڪو جلد ئي هنن کي پار ڪرڻو هو. اڄ هن خاص ڪاڏو تيار ڪرڻ لاءِ حڪم ڪيو ۽ ٻارن کي اسڪول ڏانهن اماڻيو. سندس ڪپڙن جون صندوقون هيٺ لاٿيون ويون ۽ نوڪرياڻي سان آرهڙ جي ڪپڙن ڪڍڻ لاءِ صلاح مشورو ڪيو — آخر ڪين گرميءَ ۽ تابش ۾ به ته گذارڻو پوندو — هن ويچار ڪيو ته ڪينٽ جا فلانيل جا سوٽ ڪافور مان ٻاهر ڪڍان يا نه. ”پر هي سڀڪجهه ڪيترو نه اجايو ڪم آهي.“، هن سوچيو، مون کي ته اچا به خبر نه آهي ته اسين ڪيڏانهن ٿا وڃون!“ گهڙيال کي ڏنائين ته ٻپهر ٿيڻ وارا هئا، ۽ نيٺ فيصلو ڪيائين ته هن سان آفيس ۾ هلي ملجي. انهيءَ ۾ ڪا ٿوري دير ٿي ويئي، ۽ پوءِ مڙس جي منشيءَ کي چوندي ٻڌائين - مسٽر آشبي صبح سويل،

* کجور جي وڻ کي فتح جي نشاني سمجهيو ويندو آهي.

گهڙي کن لاءِ آيو هو، پر وري هڪدم موٽي ويو — اوهو، خير، شارلوٽ پوءِ هن کي فوراً ڪندي. هو ڪيتري وقت ۾ واپس ايندو؟ منشيءَ ٻڌايو: ”آءٌ چئي ڪونه ٿو سگهان، آفيس ۾ سيٺي کي فقط ايتري خبر آهي ته هو جڏهن ويو ٿي، تڏهن چيائين ته ’آءٌ تمام تڪڙو آهيان جو مون کي شهر کان ٻاهر وڃڻو آهي.‘“

”شهر کان ٻاهر!“ شارلوٽ رڙيو ۽ ڪٿي ڦٽو ڪيو ۽ ويهي رهي. سندس اکين اڳيان اونداهه اچي ويئي. هو شهر کان ٻاهر ڇو ويو؟ هو ڪيڏانهن ويو؟ هيترن ڏينهن ۾ هن پنهنجي اوچتي روانگيءَ لاءِ هي موقعو ڇو چونڊيو؟ خوف کان هن ڪجهه ڏڪڻ محسوس ڪئي. شايد هو انهي عورت سان ملڻ ويو هوندو — يقيناً هن کان اجازت وٺڻ ويو هوندو. هو پوريءَ طرح هن جي قبضي ۾ آهي ۽ شارلوٽ جي اِها مور کپائي هئي جو هن پنهنجي پيشانيءَ تي ڪجور جي شاخن جا نشان ڏٺا. هن کان ٽهڪ نڪري ويو، ۽ سچو ڪمرو لتاڙي هوءَ وري آئيني جي اڳيان تي ويٺي. هن ڪيڏي نه ڦڏل صورت ڏٺي! سندس ڦکن ڇپن جي مرڪ ڇڏ ته ٻيءَ شارلوٽ جي گلابي رخ تان ڇڙ پئي ڪئي. پر آهستي آهستي سندس رنگ روپ موٽ ڪاڏي. آخر هن کي به ته ڪاميابي جي هام هڻڻ جو حق هو. مڙسس ته سندس ئي مرضي مطابق ميڪجهه تي ڪيو ۽

ته ٻيءَ عورت جي چوڻ موجب، تنهنڪري پڻ ڏينهن سفر تي هلڻ جي اوچتي فيصلي ڪرڻ بعد اها ٻي ڳالهه آهي ته هن کي انتظام ڪرڻو پوندو، ڪاروباري ڳالهين کي فيصل ڪرڻو پوندو. تنهن کان سواءِ اهو سمجهڻ به ضروري ڪونه آهي ته هو ڪو انهيءَ خط لکندڙ عورت وٽ ويو هجي. ٿي سگهي ٿو ته هو ڪنهن اصيل وٽ ويو هجي، جيڪو شهر کان ٻاهر رهندو هجي. البت آفيس جا ماڻهو شارلوت کي ڪونه ٻڌائيندا، خود منشيءَ به مسٽر آشبيءَ جي غير حاضريءَ جي معمولي ڳالهه ٻڌائڻ کان پهرين پڇي ڇڏيو. بهتر آهي ته پنهنجي تياري ڪري ڇڏجي، باقي کيس ڪهڙيءَ جنت جو سير ڪرڻو آهي، تنهن بابت شام جو خبر پئجي ويندي.

وقت تيزي سان اڏامندو ويو ۽ هوءَ بيقراريءَ سان تياري ڪندي رهي. آخر جڏهن پنج ٿيا، در ٻاهران ڪنهن چاٻي ڦيري اندر آئي، تڏهن شارلوت پنهنجو پورهيو بند ڪيو. هن کي اهو ڏسي عجب ٿيو ته گهڙيال ۾ پنج وڳا هئا، پر اڃا تائين کيس اها خبر ڪين هئي ته پنهنجي ڏينهن ڪهڙي طرف وڃڻو پوندو. هن، آفيس ۾ فون ڪري مسٽر جي ساٿيءَ جي پڇا ڪئي، پر هو به ڪجهه ڪونه ٻڌائي سگهيو، جو هو پاڻ به ريل گاڏيءَ جي دير سان اچڻ ڪري، گوڻان صبح جو ان وقت آفيس ۾ پهتو هو، جڏهن مسٽر آشبي اڳ ئي واپس هليو ويو هو.

شارلوٽ منجهي ويهي رهي. اوچتو هن پنهنجيءَ مسز
کي فون ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ڪينٽ کي ماڻ
مان ملندي مهينو ٿو ٿئي، ممڪن آهي ته ان کي
ڏسڻ ويو هجي. مندس اجاين اعتراض جي باوجود
ٻارن کي پوڙهيءَ، مسز آشبيءَ وٽ، ڇڏي ويٺو
هو ۽ انهيءَ مان ظاهر هو ته هن کي ڪيترين ئي
ڳالهين بابت ماڻ سان فيصلو ڪرڻو هو. هن کي
اهو به ڏک ٿيو ته انهيءَ صلاح مشوري ۾ ڪيس
شريڪ ڪونه ڪيو ويو هو، پر انهيءَ جو ڪو فڪر
ڪونهي، ڇاڪاڻ ته اڄ ته مندس ڪاميابيءَ جو
ڏينهن هو ۽ مڙس اڄا به مندس هو ۽ نه ٻيءَ ڪنهن
عورت جو. هن وڏي ڇاهم مان مسز آشبيءَ کي فون
ڪيو، هن جو قربائتو آواز ٻڌائين ۽ چيائين: ”خير،
ڪينٽ جون خبرون پڌي ته توکي عجب لڳو
هوندو. اسان جي ٻچي وڃڻ بابت تنهنجو ڇا
خيال آهي؟“

مسز آشبيءَ جي جواب ڏيڻ کان اڳ ئي شارلوٽ
مهي ڪيو ته هوءَ ڇا چوندي. مسز آشبيءَ پٽ کي
ته مورڳو ڏٺو ئي ڪونه هو. ڪيس هُن وٽان ڪو نياپو
به ڪونه پهتو هو ۽ نه وري پنهنجي نُنهَن جو
ئي مطلب ٿي سمجهيائين. اڄرج وڃان شارلوٽ ڇپ چاپ
ويٺي رهي. ”پر پوءِ هو ڪيڏانهن ويو آهي؟“ هن
سوچيو. نيٺ پاڻ سنڀالي، هن پنهنجو اوچتو فيصلو

مسز آشبيءَ کي سمجهايو، ائين ڪندي، هن پاڻ ۾ ڪجهه خود اعتمادي محسوس ڪئي ۽ وري يقين آيس ته ڪينٿ ۽ سندس وچ ۾ وري ڪڏهن ڪوبه ويڇو ڪونه پوندو. مسز آشبيءَ ڏاڍي صبر ۽ اطمينان سان خبر ٻڌي. هن جو پڻ اهو خيال هو ته ڪينٿ پريشان ۽ ٿڪل ٿي ڏسڻ ۾ آيو ۽ هوءَ پاڻ ماڻس شامل راءِ هئي ته اهڙيءَ حالت ۾ ڪنهن طرف نڪري وڃڻ؛ سٺو علاج آهي. "آءٌ ڏاڍي خوش ٿيندي آهيان، جڏهن هو ڪيڏانهن ويندو آهي." ايلسيءَ کي سير سفر پسند ڪونه هو؛ هوءَ هميشه ڪونه ڪو بهانو ڪري هن کي سفر تي وڃڻ کان روڪيندي هئي. شڪر آهي جو تو ۾ اها ڳالهه ڪين آهي. مسز آشبيءَ کي انهيءَ تي به عجب ڪونه ٿيو ته هن، کيس پنهنجي روانگيءَ بابت اڳواٽ ڪونه ٻڌايو. پر جنهن وقت هن اهو فيصلو ڪيو هوندو، انهيءَ گهڙيءَ کان هن کي ڪڙ هوندي؛ پر ممڪن آهي ته رات جي ماني کائڻ کان اڳ هو اچي نڪري. رڳو پنجن منٽن جي ڳالهه پوله. ڪافي هئي. "مون کي اميد آهي ته تون رفتي رفتي ڪينٿ جي انهيءَ سودا جو علاج ڪندينءَ، جنهن جي ڪري هو هر انهيءَ سوال کي اجائي ديگهه ڏيندو آهي، جيڪو چند لفظن ۾ حل ٿي سگهي. اڳي ته ڪڏهن به هو ائين ڪونه ڪندو هو، ۽ جيڪڏهن ڪاروبار ۾ هن پنهنجي اها

عادت جاري رکي ته جلدئي هو پنهنجا اصيل ڦڻائي
ڇڏيندو .... هائو، مڙئي، جيڪڏهن وقت هجيئي ته
بيشڪ ٿوري دير لاءِ مون وٽ هلي آءُ. مون کي
پڪ آهي ته تنهنجي پهچڻ تائين هو به هتي پهچي
ويندو“. مسز آشبيءَ جي همٿائيندڙ آواز جو پڙاڏو
خاموش ڪمري ۾ ٿيندو رهيو ۽ هوءَ تياري ڪرڻ لڳي.
ستين بجي فون آيو ته هوءَ ٽپ ڏيئي اوڏانهن ويئي.
هاڻي ضرور خبر پوندي! پر اهو فون انهيءَ ايماندار
منشيءَ جو هو، جنهن آفيس بند ٿيڻ کان اڳ مسز
آشبيءَ کي واقف ڪرڻ ضروري ٿي سمجهيو ته مسٽر
آشبي اڄا ڪونه واپس آيو هو ۽ نه وري ڪو نياپو
موڪليو هئائين.

”ٺهيو، مڙئي خير آهي. تنهنجي مهرباني،“ شارلوٽ
خوشيءَ واري آواز ۾ چيو، ۽ ڏڪندڙ هٿ سان
رسيور رکي ڇڏيائين. پر هن وقت تائين هن سوچيو،
هو پنهنجي ماءُ وٽ پهچي ويو هوندو. هن خانا بند
ڪري ڪٻٽ جا طاق بند ڪيا ۽ ڪوٽ پائي، مٿي ۾
ٽوپ وجهي، پارن جي ڪمري ۾ اطلاع ڪرڻ ويئي ته
آءُ پارن جي ڏاڏيءَ سان ملڻ لاءِ ٿورو وقت ٻاهر
وڃان ٿي.

مسز آشبي ڪا گهڻو پري ڪين رهندي هئي، ۽
بهار جي ٿڌيءَ شام جي مختصر پنڌ ۾ ڪيس خيال
ٿيو ته ڏانهنس ايندڙ هر پاڇو، سندس مڙس جو پاڇو
هو. پر هو رستي ۾ ڪونه نظر آيس ۽ جڏهن هوءَ

گهر ۾ داخل ٿي ته هن پنهنجي سَس کي اڪيلو ڏٺائين. ڪينٽ نه فون ڪيو ۽ نڪي آيو هو. پوڙهي مسز آشبي، بخاري جي اڳيان ويٺي هئي ۽ منڊس ڦڙتيان هٿن ۾ اٽڻ جون سيون ٽڪڙو ٽڪڙو هلڻ ڪري جرڪيون پئي. پوڙهيءَ کي ڏسي شارلوٽ کي ڪجهه ساهه پيو. هائو، اِها يقيناً عجيب ڳالهه آهي جو مسٽر آشبي سواءِ ڪنهن اطلاع ڪرڻ جي سڄو ڏينهن غائب رهيو هو؛ پر اِها اميد ڪرڻ به ڪپندي هئي ته هڪ مصروف وڪيل جي هٿ ۾ ايترا ته ڍيرا هوندا آهن، جو ڪنهن تجويز ۾ اوچتي ڦيري اچڻ ڪري، انتظام ۽ فيصلي جي سڀني اڻڏٺل نمونن کي ڏسڻ لاءِ مجبور ٿي پوندو آهي. هو شهر جي آسپاس ڪنهن اصيل کي ڏسڻ ويو هوندو ۽ اتي ئي ترسايو ويو هوندو؛ ماڻس کي ياد هو ته هڪ پيري هن ٻڌايو هُئس ته پاڻ نيو جرسي جي هڪ عجيب تارڪ الدنيا، پوڙهي امير جو قانوني صلاحڪار هو، پر اهو امير ايترو ته ڪنجوس هو جو ٽيليفون به هٿائي ڪونه ٿي سگهيو. پڪ هئي، هو انهي مصيبت وٽ ڦاٿل هوندو.

پر، شارلوٽ پاڻ تي پريشانيءَ جو غلبو محسوس ڪرڻ لڳي. جڏهن مسز آشبيءَ ڪاٿونس پڇيو ته ٻئي ڏينهن ڪهڙي وقت جهاز ۾ چڙهندا؟ تڏهن هن اڄاڻائي ڏيکاري ۽ چيائين ته ”ڪيٽ مون ڏانهن نياپو موڪليو هو ته اڄ سفر جي انتظام ڪرڻ لاءِ پيو

وڃان". اهي لفظ چوندي وري به ڪيس حالت جي نرالي هجڻ جو احساس ٿيو. خود مسز آشبي کي به قبول ڪرڻو پيو ته اِها تعجب جهڙي ڳالهه آهي، پر جلدئي هن چيو ته "انهيءَ مان ظاهر آهي ته هن کي ڪيتري نه تڪڙ آهي."

"پر اما، هينئر ته اٺ ٿا وڄن! ڪيس اهو ته سوچڻ کپندو هو ته مون کي اڃا تائين خبر ڪانه آهي ته سڀاڻي اسان کي ڪنهن وقت روانو ٿيڻو آهي."

"اڄ شام تائين جهاز ڪونه ڇٽندو آهي. ڪڏهن ته وير چڙهڻ لاءِ هنن کي آڌي رات تائين به ترسڻو پوندو آهي. پڪ اٿم ته ڪينٽ انهيءَ ڪم پٺيان هوندو. آخر هو به ته سمجهو آهي."

شارلوٽ اُٿي بيٺي."اها ڳالهه ڪانهي، هن مان مڙئي ڪا ويڌن آهي."

مسز آشبي پنهنجي عينڪ لاٿي ۽ اُڻ جو سامان ويڙهي رکيو. "جيڪڏهن تو پاڻ کي اهڙين ڳالهين جي سوچڻ جي اجازت ڏني ــــ"

"توکي ذرو به فڪر ڪونهي؟"

"آءٌ ڪڏهن به ڪونه ڪنديس، جيستائين ڪا اهڙي حالت پيدا نه ٿئي. منهنجي مرضي آهي ته تون رات جي ماني هتي ٿي کاءُ ۽ فون ڪري اهڙو اطلاع گهر ڏئي ڇڏ. مون کي پڪ آهي ته گهر ويندي، هو ضرور هتي ايندو."

شارلوٽ پنهنجي گهر فون ڪيو. ”نہ“، نوڪرياڻيءَ چيو، مسز آشبي ڪونہ آيو هو ۽ نہ وري فون ڪيو هئائين. سندس اچڻ تي ڪيس اطلاع ڪبو تہ مسز آشبي پنهنجيءَ سَس وٽ ماني کائيندي. شارلوٽ، سَس جي پٺيان کاڌي واري ڪمري ۾ ويٺي ۽ پنهنجي سڪل ۽ ٿوٽ نڙيءَ سان خالي پليٽ جي اڳيان ٿي ويٺي. انهيءَ وچ ۾ مسز آشبيءَ چپ چاپ وڏيءَ هوشياريءَ سان مختصر تيار ڪيل کاڌو وٺندي رهي. ”چوڪريءَ چڱو ٿيندو تہ تون ڪجهہ کائين، نہ تہ تنهنجي بہ ڪينٽ جهڙي حالت ٿيندي .... هائو.“

هن شارلوٽ کي انگوري شراب جي هڪڙي گلاس پيئڻ ۽ ڊبل روٽيءَ جي ٽڪري کائڻ لاءِ زور پريو. پوءِ ٻئي گول ڪمري ۾ آيون، جتي باه ٻاري، مسز آشبيءَ جي آرام ڪرسي کي چنڊي صفا ڪيو ويو. اهو سمورو ماحول ڪيترو نہ چاتل ميتاتل ۽ سلامتيءَ وارو ٿي نظر آيو، ۽ هوڏانهن ٻاهر ڪٺي رات جي خاموشيءَ ۽ غير يقينيءَ ۾، ٻن عورتن جي خيالن جو جواب هڪ گولينڊڙ نامعلوم ٻاڇي وانگر اڳ جهليو ويٺو هو.

آخر شارلوٽ اٿي کڙي ٿي ۽ چيائين: ”بهتر ٿيندو تہ آءٌ واپس وڃان. هن وقت ڪينٽ مٽو گهر وڃو هوندو.“

مسز آشبي پيار وچان مرڪڻ لڳي. ”منڙي، ڪا گهڙي دير ڪين ٿي آهي.“

”هاڻي ته فتو به وڃي ويا آهن.“ شارلوٽ گيس
ڇمي ڏيڻ لاءِ هيٺ جهڪي. ”حقيقت هي آهي ته
آءٌ آرام سان ويهي ڪين ٿي سگهان.“

مسز آشبيءَ پنهنجو ڪم هڪ طرف ڪري رکيو ۽
پنهي هٿ آرام ڪرسيءَ جي ٻانهن تي ڪٺي رکيائين.
”آءٌ توسان گڏجي هلان ٿي،“ هن آهستي چيو.

شارلوٽ گهڙيءَ مٿي ڪيس ته ڪافي وقت گذري
ويو آهي، ۽ اهو ڪو ضرور ڪونهي، جنهن وقت
به ڪينٿ آيو ته هوءَ کيس اطلاع ڪندي. پر مسز
آشبي اڳ ۾ ئي ٻانهيءَ کي حاضر ٿيڻ لاءِ گهنڊي
وڃائي چڪي هئي. هوءَ ڪجهه منجهائي هلندي
هئي؛ تنهنڪري جيستائين نوڪرياڻي سندس شال
آڻي، هوءَ لڪڻ کي ٽيڪ ڏئي بيٺي رهي. ”جيڪڏهن
مسٽر ڪينٿ اچي ته چئجانس ته آءٌ سندس گهر
هونديس.“ هن نوڪرياڻيءَ کي هدايت ڪئي ۽ پوءِ
پنهي ڄڻيون ٽيڪسيءَ ۾ چڙهي روانيون ٿيون. واپس
ايندي شارلوٽ شڪر ڪيو ته پاڻ اڪيلي ڪين هئي.
مسز آشبيءَ جي قربت جي احساس ۾ ڪجهه جوش ۽
سچائي هئي ـــ سندس اکين جهڙي صاف ۽ سندس
چمڙي جهڙي مضبوط ۽تازي. جيئن ئي ٽيڪسي رواني
ٿي، هن همت ڪري شارلوٽ جي هٿ تي هٿ رکيو.
”ڏسجانءِ، هتي ضرور ڪو ٺاپو پهتو هوندو.“

شارلوٽ گهنڊي وڃائي ۽ دروازو کليو. پنهي
ڄڻيون اندر ويون. جوش وڃان شارلوٽ جي دل

زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي. منڊس رڳن ۾ مسٽس جي ڊياريل پروسي جو خون ڊوڙڻ لڳو.

"توهين ڏسندين — تون ڏسندين،" مسز آشبي ٻوري وري چيو.

نوڪرياڻي، جنهن دروازو کوليو، تنهن ٻڌايو ته مسز آشبي ڪونه آيو هو، ۽ نه وري ونائونس کو ڦياپو پهتو هو.

"توکي پڪ آهي ته ٽيليفون ته خراب ڪونه آهي؟" مسز آشبيءَ چيو، ۽ پاڻهيءَ جواب ڏنو! "اڌ ڪلاڪ اڳ ته فون ٺيڪ هو، پر اڄ وري وڃي ٽي خاطري ڪريان." هوءَ غائب ٿي ويئي، ۽ شارلوٽ پنهنجو ٽوپ ۽ ڪوٽ لاهي رکيو. انهيءَ وچ ۾ اوچتو منڊس نظر وڏي ڪمري جي ميز تي وڃي پيئي، جتي خاڪي لفافو پيو هو. جنهن تي مڙسس جو نالو چڙيءَ مس سان لکيل هو. "اڙي" هن کان عجب وچان دانهن نڪري ويئي.

"منهنجي مڙس، ڇا آهي؟" مسز آشبيءَ اچرج ۾ پنجي پڇيو.

شارلوٽ کوبه جواب ڪونه ڏنو. هن لفافو کنيو ۽ ٻيهي ان کي ڇتائي نهارڻ لڳي، ڇڻ ته ڏسڻ ٿي گهريائين ته ان ۾ ڇا آهي. اوچتو هن کي کو خيال آيو. هن مُنهن ورائي، اهو لفافو پنهنجيءَ سَس ڏانهن وڌايو.

"هيءَ تصوير تون سڃاڻين ٿي؟" هن پڇيو.

مسز آشبيءَ خط ورتو. هـن ٻئي هٿ سان عينڪ

ٻاتي ۽ لفافو روشني تي جهليي، ڏسڻ لڳي. ”چو!“ هن کان دانهن نڪري ويئي، ۽ پوءِ هوءَ چپ ٿي ويئي. شارلوٽ ڏٺو ته مندس مضبوط هٿ ۾ لفافو ڦٽي ڏڪيو. ”پر هيءَ ته ڪينٽ جي نالي تي آهي“، نيٺ مسز آشبيءَ آهستي چيو، جنهن مان ائين ٿي لڳو، ڄڻ ته ڪٻس ٻنهنجي نُنهَنَ جو اهو سوال ٻاراڻو ٻئي معلوم ٿيو.

”هائو، پر فڪر ڪرنهي.“ شارلوٽ هڪدم فيصلو ڪندي چيو، ”آءٌ ڄاڻڻ گهران ٿي، ته اها تحرير تون سُڃاڻين ٿي؟“

مسز آشبيءَ لفافو واپس ڪيو. ”نـه“، هن صاف جواب ڏنو.

ٻئي زالون ڪتبخاني ڏانهن ويون. شارلوٽ ٻئي ٻاري ۽ دروازو بند ڪري ڇڏيائين. مندس هٿ ۾ اڃا تائين لفافو هو.

”آءٌ هي کوليان ٿي“، هن اعلان ڪيو.

هن ڏٺو ته سسُس جي نظرن مان پريشاني ظاهر ٿيڻ لڳي. ”پر مينڙي ـ خط تنهنجي نالي تي ڪونه آهي. منهنجي ميٺي، تون اهو نٿي کولي سگهين.“

”آءٌ سمجهان ٿي ته مون کي اهائي ڳڻتي هئي!“ هوءَ مسز آشبيءَ جي نگاهن ۾ پيار مان نهاريندي رهي. ”هيءُ خط مون کي پڏائيندو ته ڪينٽ ڪٿي آهي.“

مسز آشبيءَ جي چمڪندڙ گلابي مُنهن تي ڦڪاڻ وري ويئي. مندس مضبوط ۽ پريل ڳٿا ـــ لڙڪي پياه

”ائين ڇو ٿيڻ گهرجي؟ اهو تون ڪيئن ٿي سمجهين- اهو ممڪن ڪونهي.“

شارلوٽ برابر هن جي بدليل چهري ۾ ڏسندي رهي. ”هائو، تہ پوءِ يقيناً تو کي هن تحرير جي ڄاڻ آهي.“ هن جي اکين مان بيخوفي پئي بکي.

”مون کي تحرير جي ڄاڻ آهي؟ مون کي ڪهڙي خبر؟ پنهنجي پٽ جي سموري لکپڙهہ بابت جيڪي ڄاڻان ٿي، سو هي -“ مسز آشبي ڪٿي زبان روڪي ۽ پنهنجي نتنهن ڏانهن بنهہ ٻڇندي ٻڇندي التجا مان ڏسڻ لڳي.

شارلوٽ هن کي اچي ڪرائيءَ کان جهليو. ”آما! تون ڇا ٿي ڄاڻين؟ مون کي ٻڌاءِ! ضرور ٻڌاءِ“

”تہ مون کي پڪ آهي تہ ڪنهن بہ عورت کي پنهنجي مڙس جي پر پٽ سندس خط کولي پڙهڻ مان ڇڳائي ڪين پهچندي آهي.“

شارلوٽ کي ائين لڳو ڄڻ تہ اهي لفظ ڪنهن اخلاقي ڪتاب جو ڪو جملو هو. هوءَ بي صبريءَ مان کلڻ لڳي، ۽ پنهنجي مڙس جي ڪرائي کي چڏي ڏنائين. ”ائين آهي. هي خط ڪٿي کولجي يا نہ، پر هن مان ڪابہ ڇڳائي ڪين ملندي. آءٌ اهو چڱيءَ طرح ڄاڻان ٿي. پر ڪٿي ڪهڙي بہ برائي ٿئي، منهنجو مطلب رڳو هيءُ آهي تہ ان ۾ ڇا لکيل آهي.“ جڏهن هُن لفافو کنيو، تڏهن سندس هٿ پئي ڏڪيا، پر هاڻي اهي مضبوط ٿيندا ويا ۽ سندس آواز بہ صاف

ڏيندو ٿي ويو. هوءَ اجا به مسز آشبيءَ کي چتائي ڏسندي رهي. اسان جي شادي ٿيڻ کان پوءِ هي ناٺون خط آهي؛ جيڪو ساگيءَ تحرير ۾ ڪينٽ جي ڊاليءَ تي پيئي آيو آهي. هميشه ههڙو ئي خاڪي لفافو. آءٌ هنن کي گڏينديي رهي آهيان، چاڪاڻ ته هر خط جي اچڻ کان پوءِ هو هڪ اهڙي شخص وانگر نظر ايندو آهي، جنهن کي ڪو سخت صدمو پهتو هجي، ۽ انهن جي اثر کان پاڻ ڇڏائڻ لاءِ هن کي ڪافي وقت لڳندو آهي. مون هن کي بس اهڙي پڏايو آهي ته خط تون ظاهر ڪر ته اهي ڪنهن وٽان اچن ٿا. آءٌ ڏسان پئي ته هي خط هن جي زندگيءَ کي چٽ ختم ڪندا ڏا رهن. هو منهنجي سوالن جا جواب ئي ڪونه ڏو ڏئي. هو چوي ٿو ته ”آءٌ هنن بابت ڪجهه به پڏائي ڪونه سگهندس. پر گذريل رات هن مون سان پاهر هلڻ جو انجام ڪيو هو — هنن خطن مان جان ڇڏائڻ لاءِ.“

مسز آشبي ڏکندڙ قدمن سان هلي وڃي آرام ڪرسيءَ تي ويٺي. منڊس ڪنڌ جهڪيل هو، ”هاءِ“، هن چپن ۾ چيو.

”هاڻي تنهنجي سمجهه ۾ ڳالهه ويٺي آهي.“

”هن توکي ائين چيو ته هنن خطن مان جان ڇڏائڻ لاءِ پاهر هلون ٿا“؟

”هن چيو هو ته هنن خطن کان جان ڇڏائڻ لاءِ

ـــ جان ڇڏائڻ لاءِ. هن جو آواز ايترو تہ پرجي آيو هو جو ڳالهائي ڪونہ ٿي سگهيو، پر مون پڌايو ماڻس تہ مون کي خبر آهي تہ ائين ڇو آهي."

"۽ هن ڇا چيو؟"

"هن ڪٿي مون کي پنهنجي پاڪر ۾ جهليو ۽ چيائين تہ جتي تون چوندينءَ اوڏانهن هلنداسون".

"آه، شڪر آهي!" مسز آشبيءَ چيو. ٿورو وقت ماٺ ٿي ويئي ۽ هوءَ پنهنجي نُنهن مان نظرون هٽائي، ڪنڌ جهڪايو ويٺي رهي. نيٺ هن مٿي نهاريو ۽ چيائين، "توکي پڪ آهي تہ هيڙا نتو خط آيا هئا؟"

"يقيناً. هي ٽائون خط آهي. آءٌ ڳئيندي آئي آهيان."

"۽ هن تفصيل پڌائڻ کان بنهہ انڪار ڪيو آهي؟"

"صاف انڪار."

مسز آشبيءَ پڪوڙيل ڇپن مان آهستي پڻي ڳالهايو. "ڪڏهن کان اهي اچڻ شروع ٿيا آهن؟ توکي ڪا يادگيري آهي؟"

شارلوت وري مرڪي ڏنو، "يادگيري؟ پهريون خط انهيءَ رات آيو هو، جڏهن اسين هنيمون ملهائي واپس آيا هئاسين."

"انهيءَ وقت؟" مسز آشبيءَ پنهنجو ڪنڌ ڪنيو ۽ ڪنهن اوچتيءَ سگهہ مان ڳالهائڻ لڳي. "پوءِ ـ هائو، ڪولينس."

اهي لفظ ايترا تہ خلاف توقع هئا جو شارلوت

پنهنجي لوندڙين ۾ خون ٻوڙندو محسوس ڪيو ۽ سندس هٿن وري ڏڪڻ شروع ڪيو. هن لفافي ۾ آڱر وجهي وري کولڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اهو اهڙو ته مضبوط چنبڙيل هو جو مجبوراً کيس مڙس جي لکڻ واريءَ ميز ڏانهن عاج جي ڇري کڻڻ لاءِ وڃڻو پيو. انهن ڇاتل سجاتل شين کي گهٽي وقت کان پوءِ پنهنجي آڱرين سان ڇهندي هن پاڻ ۾ ڪنهن تازي مردي جهڙي ٿڌاڻ محسوس ڪئي. هن لفافو کوليو ته ڪاغذ جي ڦاٽڻ جو آواز ڪمري جي گهريءَ خاموشيءَ ۾ ڪنهن انسان جي رڙ وانگر پئي معلوم ٿيو. ڪاغذ ڪڍي، هوءَ بتيءَ جي ويجهو ويئي.

”ڇگو ٿيو؟“ مسز آشبيءَ هوريان ڇيو.

شارلوت نه ڇُري ۽ نه ڪو جواب ڏنائين. هوءَ پيشانيءَ ۾ گهنڊ پايو خط جي مٿان جهڪي بيٺي هئي، ۽ ان کي روشنيءَ جي ويجهو ڪندي رهي. ڪاغذ جي نرم مٿاڇري تي بتيءَ جي عڪس پوڻ سبب سندس اکين اڳيان ترورا اچي ٿي ويا، ۽ گهڻي نظر ڪرڻ کان پوءِ هوءَ صرف ٻه - ٽي جهڪا لفظ سڃاڻي سگهي ۽ اهي به اهڙا ته جهڪا ۽ ڏنگا ڦڏا هئا، جو ٻنهي سڃاڻڻ ۾ ئي ڪو نه ٿي آيا.

”آءٌ ته ڪو مطلب ئي ڪين ٿي ڪڍي سگهان“، هن ڇيو.

”تنهنجو مقصد ڇا آهي، مڙي؟“

”تحرير سچائڻ ۾ ئي ڪين ٿي اچي....ترس.“
هوءَ ميز ڏانهن واپس ويئي ۽ ڪينٽ جي ميز-
بتيءَ جي ويجهو ويهي، خط کي ٿلهي شيشي جي
هيٺان رکي ڏسڻ لڳي. سمورو وقت کيس خبر هئي ته
ڪيٽن نه مسسٽس چتائي پئي نهاريو.
”خير ته آهي؟“ مسز آشبيءَ ساهه کنيو.
”اچا به صاف ڪونهي. آءٌ ڪيٽن ٿي پڙهي سگهان.“
”نهن جو اهو مطلب ته ڪونهي ته سچو ڪاغذ
بنهه اڇو آهي؟“
”نه، ائين نه آهي؛ ڪجهه لکيل ته آهي. آءٌ
مطلب ڪيئي ڪين ٿي سگهان. هي ڇا آهي؟
'منهنجا' — اوهه، ۽ 'اچ' اهو ئي ٿي سگهي ٿو.“
مسز آشبي هڪدم اٿي بيٺي. سندس مُنهن اڳي
کان به وڌيڪ هئڊو ٿي ويو. هوءَ ميز ڏانهن وڌي
آئي ۽ پنهنجا ٻئي هٿ ان تي رکي، هڪ اونهو ساهه
کنيائين. ”مون کي ڏسڻ ڏي،“ ڇڻ ته هن زوريءَ
اها نفرت جهڙي ڪوشش ٿي ڪئي.
شارلوٽ هن جي منهن جي سفيدي ڏسي، دل ۾
چوڻ لڳي ته 'هن کي خبر آهي.' هن خط کسڪائي
ڏانهنس وڌايو ۽ سسٽس ڪنڌ جهڪائي خاموشيءَ سان
ان کي پنهنجين هيڊين آڱرين سان ڇهڻ کان سواءِ
ڏسڻ لڳي.
شارلوٽ به کيس اهڙيءَ طرح جانچي ڏٺو، جيئن

هن ڪيس جانچيو هو. مسز آشبيءَ بيقراريءَ مان عينڪ ڪڍي اکين تي چاڙهي ۽ ڪليل خط تي وڌيڪ جهڪي، غور سان ڏسڻ لڳي. بلب جي روشني سڌي مسز پوڙهي منهن تي ٿي پيئي، ۽ شارلوٽ جاچڻ لڳي ته انهيءَ صاف ۽ کليل خط وخال جي پٺيان ڪهڙو نامعلوم خيال گهات ۾ ويٺو هو. هن ڪڏهن به پنهنجيءَ مس جي مهاندن مان سواءِ معمولي ۽ معقول جذبن جي پيو ڪجهه به ظاهر ٿيندو ڪونه ڏٺو هو ـــ گرمجوشي، خوش مذاقي، همدردي ۽ ڀر هاٿي انهن مان ڪاوڙ ظاهر ٿئي. هينئر اٿين ٿي لڳو ته انهن مان خوف ۽ نفرت پئي نڪتي، نه يقين ايندڙ هراس ۽ سرڪشي پڻ ظاهر ٿي. اٿين پئي معلوم ٿيو ته مسز اندر ۾ وڙهندڙ روح هن جي صورت ٿي بگاڙي ڇڏي هئي. نيٺ هن پنهنجو مٿو کنيو. "آءٌ ڪين ٿي سمجهي سگهان. ـــ آءٌ ڪين ٿي سمجهي سگهان،" هن ڏکوئيندڙ پاراڻي آواز ۾ چيو.

"تون به هن مان ڪو مطلب ڪڍي نٿي سگهين؟"

هن پنهنجو ڪنڌ لوڏيو ۽ شارلوٽ ڏٺو ته هن جي ڳلن تان به ڳوڙها وهي هيٺ ڪريا.

"ڇڻ ته تون هن تحرير مان واقف آهين؟" شارلوٽ پڪوڙيل چپن سان زور ڏيندي چيو.

مسز آشبي اهي لفظ ڏانهن ڪو به ڌيان نه ڏنو "آءٌ ڪجهه به مطلب ڪڍي ڪين ٿي سگهان ـــ ڪجهه به ڪين."

”پر تون هن تحرير کي سڃاڻين ٿي؟“
مسز آشبيءَ ٻڇندي ٻڇندي پنهنجو ڪنڌ ڪنيو؛ ڪيس خاموش ۽ چاتل ڪمرو به خوفائتو پئي نظر آيو.
”آءٌ ڪيئن چئي سگهان ٿي؟ آءٌ ته پهرين گهبرائجي ويس .... “
”گهبرائجي وئينءَ، هڪجهڙائيءَ کان؟“
”خير مون کي خيال آيو --“
”اما! چڱو ٿيندو ته تون چئي ڏي. تو ڏسڻ شرط سهي ڪيو ته اها هن جي تحرير آهي؟“
”ترس، منهنجي مٺڙي — ترس.“
”چا لاءِ ترسان؟“

مسز آشبيءَ مٿي نهاريو، سندس اکيون شارلوت کي ڏسندي آهستي آهستي پٽس جي لکڻ واريءَ ميز جي پٺيان پيت ۾ کتيون.
شارلوت تيز آواز ۾ ٺهڪ ڏيڻ لڳي، جن مان تهمت جي بوءِ پئي آئي. ”مون کي وڌيڪ ترسڻ نه گهرجي! تو مون کي جواب ڏئي ڇڏيو. ديوار تي تون سڌو انهيءَ جاءِ تي پيئي ڏسين، جتي هن جي تصوير ٽنگيل هوندي هئي!“
مسز آشبي احتجاج طور پنهنجو هٿ مٿي کنيو،
”هُش --“
”تون اهو نه سمجهه ته ڪا شيءِ مون کي وري به ٻيچاري سگهندي!“ شارلوت رڙ ڪئي.

مسٽر اڃا تائين ميز تي جهڪي ويٺي هئي. رنج وچان هن جا چپ ڍڪيا پئي. "پر اسين پيئي چريون آهيون — اسان ٻنهي جو دماغ خراب ٿي پيو آهي. اسان کي چڱيءَ طرح خبر آهي ته اهڙيون ڳالهيون ناممڪن آهن."

انهن قياس وچان ڏانهن تڪيندي رهي.

"مون کي گهڻي وقت کان خبر آهي ته هر ڪا ڳالهه ممڪن آهي."

"هيءَ به؟"

"هائو، بلڪل هيءَ به."

"پر هيءَ خط — انهيءَ هوندي به ان خط ۾ ته ڪا اهڙي ڳالهه نه لکيل ٿي ڪين آهي."

"شايد اها هو سمجهي. آءٌ ڪيئن چوان؟ مون کي ياد آهي ته هڪڙي پيري هن مون کي ٻڌايو هو ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن جي تحرير مان واقف هجي ته انهيءَ تحرير جا جهڪي ۾ جهڙڪا لفظ به هن جي سمجهه ۾ اچي ويندا. هيئر خبر پيئي اٿم ته هن جو مطلب ڇا هو. هو هن تحرير مان اڳيئي واقف هو"

"پر پر ٿي لفظ جيڪي سمجهه ۾ اچن ٿا، اهي به ته ٻنهه جهڙڪا لکيل آهن. اهو ممڪن ٿي ڪونهي ته ڪير خط پڙهي سگهي."

شارلوٽ وري نهڪ ڏنو، "آءٌ سمجهان ٿي ته هر ڪا روحاني شيءِ لڙائيل هوندي آهي"، هن تيز آواز ۾ چيو.

”نينگر، ائين نہ چئو!“

”ڇو نہ، ڇوان، جڏهن تہ خالي ديوارون بہ رڙيون ڪري پيون ٻڌائين؟ انهيءَ ۾ فرق پوي ٿو، جيڪڏهن هن جا خط آهن ۽ تون ڪونہ ٿيون پڙهي سگهون. جيڪڏهن تون بہ هن خالي ديوار تي سندس صورت ڏسي سگهين ٿي، تہ پوءِ هو ڇونہ هن خالي ڪاغذ جي تحرير پڙهي سگهندو؟ تون ڏسي ڪين ٿي تہ هن گهر ۾ هوءَ هر هنڌ موجود آهي. ۽ هن جي گهڻو قريب آهي. باقي ٻين جي لاءِ تہ هوءَ غائب ٿي چڪي آهي.“

شارلوٽ پاڻ ڪٺي ڪرسيءَ تي ڪيرايو ۽ ٻنهي هٿن سان پنهنجو منهن لڪائي ڇڏيائين. سڏڪن جي ڪري هوءَ نڍهن ڪان وٺي ڇونيءَ تائين ڏڪي ويئي هئي. ڪجهہ دير ڪان پوءِ احساس ٿيس تہ ڪنهن سندس ڪلهي کي ڇهيو آهي ۽ هن ڪنڌ کڻي مٿي نهاريو تہ پنهنجي مس کي پاڻ تي جهڪيل ڏٺائين. ائين ٿي لڳو ڄڻ تہ مسز آشبيءَ جو منهن ويتر ڳهي ويو هو، پر ان تي هينئر ڪنپيرتا آيل هئي. انهيءَ سموريءَ روحاني جهاڳورن ۾ شارلوٽ انهيءَ مستقل روح جو پاڻ تي گهڻو اثر محسوس ڪيو.

”سياڻي ـ سياڻي. تون پاڻ ڏسندينءَ. انهيءَ جو سبب سياڻي معلوم ٿي ويندو.“

شارلوٽ هن کي وچ ۾ ئي روڪيو. ”سبب؟ مون کي عجب آهي تہ اهو ڪير ٻڌائيندو؟“

مسز آشبي پنهنجي هنڌ تي، همت سان سڌي ٿي بيٺي.
”خود ڪينٽ پڌائيندو،“ هن تيز آواز ۾ رڙ ڪئي.
شارلوٽ ڪجهه به ڪونه چيو، ۽ پوڙهيءَ وڏيڪ چوڻ لڳي: ”پر انهيءَ وچ ۾ پاڻ کي ڪجهه ڪرڻ گهرجي. اسان کي کپي ته پوليس کي اطلاع ڪري ڇڏيون. هينئر سواءِ ڪنهن وقت ضايع ڪرڻ جي، اسان کي سيڪجهه ڪرڻ گهرجي. ـ سيڪجهه“
شارلوٽ آهستي ۽ تڪليف سان آئي؛ سندس سڌاڻ پوڙهين ڏالن وانگر پٺي لچڪيا.
”بلڪل صحيح، جڏهن ته اسان ائين سمجهيو هو ته ڪجهه ڪرڻ سان ڪا ڇڱائي ٿيندي.“
مسز آشبي ڏانهن ڪري چيو: ”هائو!“ ۽ شارلوٽ ٽيليفون ڏانهن وڃي رسيور کنيو.

اميرن جي دربار آهي، جنهن ۾ داخل ٿيڻ جو هر امير
کي حق آهي.

اها ڳالهه ته هر ڪو ڄاڻي ٿو ته جڏهن ڪو ڏرامن
جو انتظار ڪندو آهي، تڏهن اتفاق سان اهي اچڻ
جو نالو ئي ڪونه وٺنديون آهن. يا ته ڪرنٽ ڪنجي
وچ ڪري اڌ رستي ۾ ئي بيهي رهنديون آهن، يا
ڪنهن گاڏيءَ مٿان چڙهي وڃن، يا ڪنهن بدنصيب
راهه ويندڙ کي ڇپائي مارڻ، وڌيڪ پسند ڪنديون
آهن. حقيقت ۾ اهي به اچرج جهڙيون آهن. انهيءَ
صبح جو سيءُ به ڏاڍو هو ۽ اتر جي هوا به سوسات
پئي ڪيا، ۽ گيگي ميٽر پڇن تي آيو ٿي، نئين بند جي
اڻ رنگيل ديوار تان هيٺ سفيد نهر کي ڇتائي پئي
ڏنو، جيڪا پڻ ائين پئي لڳي ڄڻ ته ان ويچاريءَ
کي به ڏاڍو سيءُ لڳو هو.

نيٺ ٽرام به زمين آسمان ڏڪائيندي اچي پهتي،
۽ جيئن ئي گيگي ميٽر ان جي بيهڻ کان اڳ ۾ ئي
ٽپ ڏئي چڙهي پوڻ جون تياريون پئي ڪيون ته
پونئي ڪيور جي نئين پٽل تان ڪنهن رڙ ڪري
سڏ ڪيس:

”گگي، پريا مُڙس! گگي!“

۽ هن هڪ ڇڳي موچاري ماڻهوءَ کي پنهنجي پنيان
ڊوڙندي ۽ هٿن سان اشارا ڪندي ڏٺو. انهيءَ وچ ۾
ٽرام هلي ويئي. ان جي بدران گگي ميٽر پاڻ کي

ليوجي پرانديلو
اٽاليِن

ڊگهي مٽ ڊار

انهيءَ صبح جو گگي ميئر، بنا پانهن واري لبادي ۾ پاڻ کي چڱيءَ طرح ويڙهي سوگهو ڪيو هو (جڏهن ڪنهن شخص جي چمار چاليهن سالن کان مٿي ٿئي ٿي، تڏهن آئر جي هوا ڪا مسخري ڪانهي). گلو بند نڪ تائين ويڙهيل هئس ۽ سندس پنهي هٿن تي انگريزي دستانا چڙهيل هئا. سندس بت ٿلهو متارو، چمڙي نرم ۽ منهن سرخ، جهڙو ٻانسر. هو لنگو ٽيويئر ڊي ميلني وٽ ٽرام لاءِ بيٺو هو، جنڪا دستور مطابق کيس کڻي، وايا پامترينگو، ڪورٽي ڊي ڪونٽي جي سامهون وڃي ڇڏيندي هئي، جتي هو نوڪري ڪندو هو.

هو چائو ته اميراڻي گهر ۾ هو، پر افسوس جو هاڻي نه آهي اميراڻيون ڳالهيون رهيون هيون ۽ نه وري ڳڻپ لاءِ ڪو ڏوڪڙ پئسو. گگي ميئر ننڍپڻ جي مست عالم ۾ ٿي، رياست جي انهيءَ دفتر ۾ نوڪري ڪرڻ جي پنهنجي اعليٰ درجي کان پيءُ کي واقف ڪري ڇڏيو هو، جاڪاڻ ته انهيءَ معصوم آوسا ۾ ٿي هن کي يقين ٿي ويو هو ته ”ڪورٽي ڊي ڪانٽي“،

هڪ اجنبيءَ جي ياڪر ۾ ڏٺو، جنهن جو منهن ريشمي رومال سان ويڙهيل هو. هن ڳگهيءَ کي ياڪر ڀائي ڏاڍا زور ڏنا، ۽ ڳگهيءَ هن کي ڇڳيءَ طرح چتائي ڏسڻ کان پوءِ سمجهيو ته هو سندس ڳڀرو يار آهي.

”مون کي سڃاڻين ٿو، آءٌ توکي ڏسندي ئي سڃاڻي ويس، ڳگهي پيڙا! هڪدم! پر آءٌ هي چا ٿو ڏسان؟ تون ته جلدي پوڙهو ٿيندو ٿو وڃين؟ هي هيترا سارا آچا وار؛ توکي شرم نه ٿو اچي؟ اڄ ته ياڪر پايون ڳگيوني، منهنجا پيارا پيڙا دوست. تو هتي بيٺي اهڙيءَ طرح نهاريو، ڇڻ ته منهنجي راهه پئي ڏٺئي، ۽ جڏهن ٽرام تي چڙهڻ لاءِ توکي اڳتي وڌندو ڏٺم، تڏهن دل ۾ چيم ته ’هي فريب آهي، سراسر دغا آهي.‘“

”ها ٺو“، ميٺر زبردستي مُرڪندي چيو، ”آءٌ آفيس پئي ويس.“

”مهرباني ڪري مون تي رحم ڪر ۽ اهڙيون واهيات ڳالهيون نه ڪر.“

”ڇا؟“

”منهنجو مطلب آهي ـــ دراصل اها منهنجي خواهش آهي.“

”تون ته عجيب احمق آهين، آئئي ڪا ڇاڻ؟“

”ها ٺو، مون کي خبر آهي ته آءٌ عجيب احمق آهيان .... پر مون کي اهو ٻڌاءِ ته هيئر مون سان

ملاقات ڪرڻ جي توکي ڪا اميد هئي؟ تنهنجو چهرو
ٻڌائي ٿو ته توکي ڪابه اهڙي اميد ڪانه هئي“

”آءٌ هت ڪالهه شام جو پهتو آهيان. ياڻي توکي
گهڻا گهڻا سلام چيا آهن. مزي جي ڳالهه ته هن
تو ڏانهن هڪ تعارفي خط به لکي ڏيڻ ٿي گهريو!....
مون پڇيس ’چا! گگيوني ڏانهن تعارفي خط؟ توکي
خبر آهي ته آءٌ هُن کي توکان به گهڻو سڃاڻان.
ننڍپڻ جا دوست روح جي راحت هوندا آهن. اسين
ڪيترائي پيرا پاڻ ۾ ٺڪريا به آهيون. پونو سنئي ءَ ۾
پيئي گڏ شاگرد هئاسون.‘ گگيوني، توکي ياد آهي
اهو مشهور قديم پنڊوڻا؟ اهو وڏو گهنڊ، جنهن جا
ٽڪاءَ تو ڪڏهن به ڪين ٻڌا. تون اهڙيءَ طرح سمجهندو
هئين، (پاڻ چا چوندا هئاسون؟) جيئن ڪوريئڙو سمهندو
آهي، هان؟ جيتوڻيڪ آءٌ سمجهان ٿو ته آءٌ چوندو هئس
ته جهڙو سوئر. خير.... پوءِ جڏهن تو اهي ٽڪاءَ ٻڌا ـ
۽ اهو پهريون ۽ آخري پيرو هو ـــ تڏهن تو سمجهيو
ته اهي ڪنهن باهه وسائڻ واري انجڻ جا ٽڪاءَ آهن....
چڱا ڏينهن هئا آهي به!.... خدا جو شڪر آهي ته ياڻي
مزن ۾ آهي. اسين پيئي هڪڙي خسيس ڪم ۾ اچي
اڙيا آهيون، ۽ انهيءَ ڪري ئي آءٌ هت آيو آهيان.
پر آءٌ تنهنجي هيءَ ڪهڙي حالت ڏسان ٿو؟ تون ته
جهڙو ميت پيو نظر اچين. شادي ڪئي اٿئي؟“

”نہ مهربان!“ ڳگي ميڊٽر ڪاوڙ مان جواب ڏيندي چيو.

”ڪهاڻي ڪنڌين؟“

”چريو تہ ڪونہ ٿيو آهين؟ چاليهن سالن جي عمر ڪان پوءِ؟ يا خدا، آءٌ تہ شاديءَ جو خواب بہ لهي ڪونہ ٿو سگهان.“

”چاليهہ سال! حقيقت ۾ اهي پنجاهہ ورهيہ ٿي سگهن ٿا، ڳگيوني. پر ڇو نہ؟ جيتوڻيڪ مون کي اها ڳالهہ ڇوڻ وسري ٿي وئي.... تنهنجي اها خوبي هوندي آهي، تہ تون ڪنهن بہ شيءِ کي وڃندي يا وڌندي پڙڻ يا ڏسڻ پسند ڪين ڪندو آهين ـــ ڪٿي اهو ڳهنڊ هجي يا سال. پنجاهہ، منهنجا پيارا دوست، پنجاهہ سال! آءٌ توکي يقين ڏياريان ٿو. اسين جيڪڏهن انهيءَ تي ارمان ڪريون تہ مناسب آهي. ڳالهہ وڏيڪ اهميت واري ٿيندي پئي وڃي. ڏس نہ. تون ڇايو هئين، ۱۸۵۱۰۰۰ع جي اپريل مهيني ۾، برابر آهي يا نہ ـــ پارهين اپريل؟“

”معاف ڪر، مئي جي مهيني؛ معاف ڪر، ارڙهن سؤ پاونجاهہ“، مهٽر هُن جي ڳالهہ کي درست ڪرڻ لاءِ هر هڪ حرف تي زور ڏيندي پريشانيءَ مان چيو.

”توکي مون کان بہ گهٽي خبر آهي ڇا؟ ۱۲-مئي، ۱۸۵۲ع، انهيءَ حساب سان تہ اج تائين ۴۹ سال ۽ ڪي مهينا ٿين ٿا.“

”۽ تون اچا تائين ڪونہ پرڻيو آهين! واقعي مزيدار ڳالھہ آهي! آءٌ تہ پرڻيل آهيان، توکي خبر آهي؟ هائو، اهو بہ هڪ درد ناڪ واقعو آهي. آءٌ توکي ڪلائي ڪلائي تنهنجيون ڪکيون ڦاڙي ڇڏيندس. في الحال، پاڻ ڪٺي اها ڳالھہ قبول ڪريون تہ اوهان مون کي پنهنجي ماني کائڻ لاءِ دعوت ڏني آهي. تون اڄڪلھہ ڪٿي کائيندو آهين؟ اچا تائين پراڻي باربا ۾؟“

”مار! ڳگي ميٽر وڏندڙ اچرج مان دانهن ڪندي چيو. توکي باربا جي بہ خبر آهي!“ آءٌ سمجهان ٿو تون اٽان بہ ٿي آيو آهين.“

”باربا مان؟ آءٌ پلا آتي ڪيئن ويو هوندس، جڏهن آءٌ پنڊوٺا ۾ رهان ٿو؟ مون کي تہ اهوئي ٻڌايو ويو هو. مون ٻڌو آهي، تہ تون اتي ويندو آهين ۽ پيا ماڻهو بہ ويندا آهن. انهيءَ پراڻي — آءٌ ان کي سراءِ، ڪوس ڳهر ـ ڳهر يا هوٽل چوان ٿو؟“

”سراءِ چئو، هڪ ڳندي سراءِ“، ميٽر وراڻيو. ”پر جيڪڏهن تون پنهنجي ماني مون سان گڏ کائڻ چاهين ٿو تہ پوءِ هل تہ نوڪرياڻيءَ کي اطلاع ڪريون.“

”اها جوان آهي؟“

”اڙي نہ، پوڙهي، ڇورا پوڙهي! وڏيڪ اهو بہ ٻڌائي ڇڏيانءِ تہ اڄڪلھہ مون باربا وڃڻ ڇڏي ڏنو آهي. ٽن سالن کان وٺي مون ان طرف رُخ بہ ڪونہ ڪيو آهي. هن عمر ۾....“

”چاليهن ورهين کان پوءِ ــــ“

”چاليهن ورهين کان پوءِ، تو ۾ ايتري همت ته پيدا ٿيڻ گهرجي جو تون ان راهه کان منهن موڙي سگهين، جيڪا توکي نهوڙي نيندي. پر جيڪڏهن تون ان تي هلڻ گهرين ٿو ته پوءِ ڏاڍي اطمينان ۽ آهستگيءَ سان هل، جيئن ڪنهن ٿانئڙجي بولائيون ڪاڻيندو، هيٺ نه اچي ڪرين. خير، منهنجي هلي آءٌ اچي پهتا آهيون. آءٌ توکي ڏيکاريان ٿو ته مون پنهنجي هن ننڍڙي گهر ۾ ڪهڙو نه سٺو ۽ ننڍڙو ڪاروبار چالو ڪيو آهي.“

”تمام، تمام آهستي ۽ تدريج سان.... سٺو ۽ ننڍڙو ڪاروبار....تنهنجو ننڍڙو گهر“، گگي ميئر جي دوست، هن جي پٺيان ڏاڪڻ چڙهندي چوڻ شروع ڪيو. ”تو جهڙو ديوقامت بي ڍول جانور، مهڙن جيتامڙن سان! ويچارو گگي! آخر توکي هن ڪيو ڇا آهي؟ تنهنجو پڇ ساڙيو اٿن؟ تنهنجي مرضي آهي ڇا ته آءٌ به ويهي رڙن وانگر رڙان؟“

”خير....“ ميئر وڏي ڏاڪي تي پهچي، دروازي کلڻ جو انتظار ڪندي چيو. ”هن ڏاڪي تي پهچڻ کان پوءِ توتي لازم ٿئي ٿو ته امان جي هن لعنتي مخلوق سان سٺو ورتاءُ ڪرين؛ هن کي پچڪارينس ۽ کيس راضي رکڻ لاءِ سندس خوشامد ڪندو رهجان، نه ته هوءَ توکي به چامڙو ڪري ڇڏيندي. آءٌ ته

ڪنهن به صورت ۾ پاڻ کي اوڙاهه ۾ ڪونه آڇلائيندس- نه، هرگز نه."

"مون انسان جي بہ پيري جانور هئڻ ۾ توکي به پورو يقين آهي". پٽي دوست وچ ۾ ڳالهايو، "چٽو نه ٿي گهرجي. آءٌ ٿي چاهيان ٿو تہ رڳو پن ٽنگن تي بيهڻ لاءِ مون کي ڪيتري نه جهد ڪرڻي ٿي پوي. دوست يقين رک تہ جيڪڏهن اسين فطرت کي هڪ طرف ڦٽو ڪري، پنهنجي راهه وٺون تہ يقيناً اسين سڀ چوپايا ٿي پئون. سدائين معقول ۽ سنجيده نموني پوري توازن سان بيهڻ کان وڌيڪ ٻي ڪابه ڳالهه آرامده ڪينهي. جيڪر اهو وقت اچي، جڏهن آءٌ پاڻ کي پٽ تي اڇلائي، هنن وانگر پنهنجي هٿن سان ريڙهيون پائي سگهان! هيءَ معلون تهذيب، اسان کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. چوپائي جي صورت ۾ آءٌ هڪ شاندار جهنگلي جانور هجان ها، ۽ تنهنجي ڪيل انهن حيواني ڳالهين آءٌ توکي پن پُستين ۾ ٿي ڪيترائي چڙيان ها. مون کي نه زال هجي ها، نه قرض ۽ نه هي پريشانيون. تون مون کي رڙيون ڪرائڻ گهرين ٿو ڇا؟ آءٌ وڃان ٿو."

هن آسمان ماں ڪري پيل دوست جي اها عجيب چرچائي گفتگوءَ، گهگي ميٽر جو دماغ ٿي خراب ڪري ڇڏيو. گهگيءَ هن کي چتائي ڏٺو ۽ پنهنجو ذهن ڇاچولڻ لڳو تہ هن شيطان جو نالو ڇا آهي ۽ ڪيئن ۽ ڪٿي هي پاڻ ۾ گڏيا هئا. ڇا ننڍي هوندي پنڊوڻا ۾ پيا

شاگرديءَ واري زماني ۾ يونيورسٽيءَ ۾. هن خيال ٿي خيال ۾ ان وقت جي سڀني ڳهائن دوستن تي نظر ڦيرائي، پر بيڪار. انهن دوستن مان ڪنهن جو به مهانڊو هن سان ملي ڪونه ٿي آيو. انهيءَ هوندي به ڳڳيءَ پاڻ واقف ٿيڻ لاءِ انهيءَ دوست کان پڇا ڪرڻ جي همت ڪين ساري، ڇاڪاڻ ته جيڪا بي تڪلفي ۽ ياراڻو انهيءَ شخص ڏيکاريو، سو ايترو ۽ اهڙي ته قسم جو هو جو هن کي خوف ٿيو ٿي ته پڇا ڪري اُتي متان ڏوهاري ٿيان. پر هن پڪو پهه ڪيو ته انهيءَ ڳجهه کي حرفت ۽ چالاڪيءَ سان بي نقاب ڪبو.

نوڪرياڻيءَ جواب ڏيڻ ۾ ڏادي دير ڪئي، هن کي پنهنجي مالڪ جي ايترو جلدي موٽي اچڻ جي اميد ئي ڪين هئي. ڳڳي ميٺر ڀيهر کهنڊي وڃائي ۽ مس مس هوءَ پير گسائيندي آئي.

”اچو اُتي آهيان، ڇوڪري“، ميٺر نرڪرياڻيءَ کي چيو، ”پنهنجي سنگتيءَ سان گڏ آيو آهيان. اسان جو انتظام ڪر. پر ڏسجانءِ ته ڪا ڪمي نه رهي. خبرداري ڪجانءِ، جو منهنجو هيءُ دوست، جنهن جو نالو به نرالو آهي ڪو گهٽ درجي جو ڪونهي.“

”ڏَرن ۽ سگن سوڌو ڀڪري ڳڙڪائيندڙ آدمخور!“ پئي ڇرڇي مان چيو، جنهن تي پوڙهي نوڪرياڻي شڪجي پئي ته ان ڳالهه تي کِلڻ گهرجي يا ان کي نظرانداز ڪري ڇڏجي. ”....۽ ڪڏهن به ڪو منهنجي

هن شاندار نالي بابت وڏيڪ ڄاڻڻ ڪونہ چاهيندو، پوڙهي ڇوڪري! اهو نالو ڀڏي ڀڻڪن جي مالڪن جا منهن ڦري ويندا آهن ۽ پئسا ڏيندڙ ڇڪتاڻ ۾ پئجي ويندا آهن. هڪڙي منهنجي زال آهي، جنهن کي اهو نالو ٻڌي ڏاڍي خوشي ٿي هئي. فقط اهو نالو هو، جنهن کي پاڻ وٽ رکڻ جي مون کيس اجازت ڏني هئي، جيتوڻيڪ مون اهو نہ ٿي چاهيو. مون کي سيني بداروادن جو سُنهن، اَءُ ڏاڍو خوبصورت ۽ حسين جوان آهيان! اڳتي هل، گگي! تو ۾ اهائي تہ خامي آهي. هل تہ تنهنجيون غريباڻيون شيون ڏسان ۽ تون پوڙهي ڇوڪري، هلي ڇوڪرين لاءِ ڪنڊ ڪُتڙ جو بندوبست ڪر."

ميٿر پنهنجي تدبير کي هيڙيءَ طرح ناڪام ٿيندو ڏسي، وائڙو ٿي ويو. پر پنهنجي ننڍڙي گهر جي پنجن سينگاريل ڪمرن ڏيکارڻ لاءِ هن کي وٺي هليو، جن کي ڏسڻ مان معلوم ٿيو ٿي، تہ انهن جي مالڪ کي ڪنهن بہ شيءِ جي خواهش ڪانهي. ڇالاءِ تہ جڏهن پاڻ گهر کي ماڪوڙين جي ٻير جهڙو رکڻ گهريو ٿي، تڏهن ان ۾ ڪابہ ضرورت پوري ٿي نٿي سگهي. ويهڻ لاءِ ننڍڙي کوٺي، سمهڻ جو ڪمرو، ۽ پڙهڻ لاءِ ننڍڙو غسلخانو، کائڻ جو هڪ ڪمرو ۽ پڙهڻ لاءِ هڪ کوٺڙي. ويهڻ واري ننڍڙي ڪمري ۾ گهڙندي هن جي حيرت ۽ تڪليف ويتر وڌي ويئي. ٻخاري تي رکيل تصويرون ڏسي، سندس دوست، سندس خاندان

ٿي نهايت ڳجهين ۽ خانگي معاملن بابت ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪيون.

”گگيوني، مون کي تو جهڙو پيٽيو ملي ته ڏاڍي خوشي ٿيم. توکي جيڪر خبر پوي ته آءٌ ڪهڙو نه شرير آهيان!“

”هو تنهنجي پيءُ سان ڇڱيءَ طرح ڪونه ٿو هلي ڇا؟“

”نه، هو مون سان ڇڱي نموني پيش ڪونه ٿو اچي.“ هنن مصيبتن ۾ مدد ڪرڻ هن لاءِ هڪ آسان ڳالهه آهي، پر نه، هو ڪڏهن به ڪونه ڪندو.“

”مون کي معاف ڪندا.“ ميٽر چيو، ”مون کي تنهنجي پيٽيوٽي جو نالو وسري ويو آهي.“

”فڪر ڪونهي، تون ان کي ياد رکي به نٿو سگهين — تون هن کي ڪونه سڃاڻين. پنڊوٽا ۾ هو فقط ٻه سال کن رهيو. توکي خبر آهي هن مون سان ڇا ڪيو؟ تنهنجي پاءُ، جيڪو مون تي ايترو مهربان آهي، مدد ڪرڻ جو انجام ڪيو هو، جيڪڏهن هيءُ ڪمبخت منهنجا بيل مئاڻي ها — پر تون اعتبار ڪندين؟ هو صحي ڪرڻ کان به نابري واري ويٺو. ۽ پوءِ جڏهن سيڪنڊهه جيتوڻيڪ دوستاڻي نموني ۾ ڏي گذريو، تنهنجي پاءُ هڪ غير هوندي به سمورو ڪم پنهنجي هٿ ۾ کنيو اسان جو ڪم ڪافي پختو هو....... پر جيڪر آءٌ پنهنجي پيٽيوٽي جي انڪار جو سبب توکي ٻڌائي سگهان!.... آءٌ اجا به هڪ سهڻو ڪتو

آهيان، تون انهيءَ کان انڪار ڪري نٿو سگهين، ڏاڍو هيچڻي، آءٌ انهيءَ ۾ ڪو وڌاءُ ڪونه ڪندس. خير، پنهنجي پيٽيوٽي صاحب جي همشيره صاحبہ جي قسمت اچي ڦٽي جو هُن مون سان اک اڙائي، وچاري، واقعي چڱو ذوق هئس، پر عقل گهٽ. ٿورو خيال ڪر ته آءٌ.... خير هن ڀاڻ کي زهر ڏنو.“

”مري ويئي؟“ ميئر ٿورو رکي پڇيو.

”نه، هن ٻئي آلٽيون ڪيون، جنهنڪري علاج ٿي ويس. پر تون سمجهي سگهين ٿو ته انهي دکدائڪ واقعي کان پوءِ آءٌ پيٽيوٽي جي گهر ۾ پير به پائي ڪونه ٿي سگهيس. خدايا! هن ڀاڻ کي ڪجهه کائڻ لاءِ ملندو به يا نه؟ آءٌ ٿورو ٻڪ به ڏئي ڪونه ٿو سگهان. آءٌ بگهڙ جهڙو بکيو آهيان!“

ڳگي ميئر تي سندس يار ڳالهين جي ڌرڙي لائي ڏني هئي، پر عجب ته ڪيس آڱر به ڪين لاتائين. هو پنهنجي دوست جي انهيءَ پرخلوص همت کان بيزار ٿي پيو ۽ هُن کان پنڊوتا جي خبرچار ۽ هيڏانهن هوڏانهن جي دوستن بابت پڇا ڳاڇا ڪرڻ لڳو. فقط انهيءَ اميد تي ڪنهن به طرح يا گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي وڌندڙ ڪاوڙ ۽ خيالن جي غلبي کان پريشان ٿي، هو پنهنجو نالو ڀاڻ ونئي.

”هاڻي ڪي خبرون چارون ٻڌاءِ — انهيءَ جي بئنڪ جي ڊائريڪٽر — انهيءَ چوري والوردي جي

ڪهڙي خبر آهي؟ سندس خوبصورت زال ڪو ڳڙوءَ ڄهڙي، اڪين چنيڙي پيٽس جو ڇا حال آهي؟ اهي اڃا تائين هنڌوڻا ۾ رهن ٿا؟"

هن جي انهيءَ سوال تي سندس دوست بي اختيار ٽهڪن ۾ پڏي ويو.

"ڇا هوءَ اڪين چنيڙي ڪيئن؟"

"خدا جي واسطي ٿورو خاموش رهه! پئي دوست التجا ڪئي. هو پنهنجا ٽهڪ روڪي ڪونه سگهيو، جنهنڪري سچو ڏنبو منبو پئي ويو.

"چنيڙي آهي؟" هينئر خيال ٿئي ٿو ته واقعي هوءَ چنيڙي آهي! ۽ سندس نڪ ايترو ته ڦٽل آهي جو توکي رڳو سندس مٿو ڏسڻ ۾ ايندو! اهائي ته عورت آهي."

"ڪهڙي عورت؟"

"منهنجي زال!"

اهو ٻڌي، ڳگي ميئر جا هوش اڏامي ويا، ۽ پنهنجو افسوس ظاهر ڪرڻ لاءِ بيوقوفن وانگر پڙڪڻ لڳو. پر سندس دوست سان پاڻ وڌيڪ ٽهڪن ۾ پڏندو ويو. نيٺ هن ماٺ ڪئي ۽ مُنهن ۾ گهنڊ پائي، ٿڌو ساهه کنيو.

"منهنجا پيارا دوست"، هن چيو، "زندگيءَ ۾ جوانمرديءَ جا ڪيترائي اهڙا ڪارناما ڏيندا رهن ٿا،

جيڪي ڪنهن شاعر جي اڻ کهڙيل تصور ۾ اچي به نٿا سگهن.“

”هائو، واقعي!“ ميٿر ڦورڪارو پريندي چيو. ”تنهنجو چوڻ درست آهي.... آءٌ سمجهان ٿو تنهنجو مطلب ڇا آهي؟“

”تون ڪڏهن به ڪونه سمجهندين“، پٽي اختلاف ڪندي ٽهڪ ڏيئي چيو، ”توکي يقين اچي ٿو ته آءٌ پاڻ مان اشارن ۾ ٿو ڳالهايان؟ رستم داستان آءٌ پاڻ هئس، پر آءٌ خود به شڪار ٿي ويس. سچ پچ، وڏي بهادري ته لوشيو والورديءَ جي زال ڪئي هئي. خدا جي واسطي منهنجي ڳالهه ڪن لائي ٻڌ. انسان ڪهڙو نه اندو بيوقوف ۽ بدماغ آهي!“

”آءٌ؟“

”نه، آءٌ. آءٌ! مون پاڻ کي فريب ڏيڻ خاطر اهو سمجهيو ته لوشيو والورديءَ جي زال مون سان پيار ۾ ايتريقدر ته ٻڏجي ويئي آهي جو هوءَ پنهنجي مڙس سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي بيٺي. ڳڪيوني، اهو ته تون به قبول ڪندين، ته هو انهن سڀني ڳالهين مان واقف هوندي به واقعي انهيءَ جو لائق هو. پر خدا يار سمجهين ٿو ته انهيءَ جي بدران ڇا ٿيو؟ هيءُ هڪ بي غرض روح جي قربانيءَ جو مثال آهي. ٻڌ: والوردي وڃڻ گهري ٿو يا دستور مطابق وڃڻ جو بهانو ڪري ٿو (اهو هوءَ چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿي). انهيءَ وقت هوءَ

مون کي گهر ۾ اچڻ ڏئي ٿي. ۽ جڏهن اسان ٻنهي جي حيران ٿيڻ جي دڪدائڪ گهڙي اچي ٿي، تڏهن هوءَ مون کي پنهنجي نڻان جي ڪمري ۾ ٿي لڪائي- انهيءَ ساڳيءَ چنچڻي عورت جي ڪمري ۾، جيڪا پنهنجي ڀاءُ جي سلامتيءَ ۽ عزت رکڻ خاطر ٻاڪيزگيءَ سان ڏڪندي، ٿڙندي مون کي لڪائي، پاڻ قربان ٿيڻ لاءِ تيار ٿئي ٿي. پر مون کي اچا هنن لفظن چوڻ جو موقعو مس مليو ته ”پر، منهنجي مهربان مائي، هڪ منٽ ترس، لوشيو پلا سنجيدگيءَ مان چا چاڻي....‘ ته غصي ۾ سرخ لوشيو ڏڪندو اچي ٿو، ۽ باقي تون سمجهي سگهين ٿو.“

”چا!“ گگي ميئر رڙ ڪندي چيو، تون سچ ٿو چوين؟“

”۽ منهنجا ڏنل نوٽ؟“ پڻي هڪدم چيو، ”انهيءَ رقم جي ڪري ته والورديءَ مون کي نهنجي ـــ زال جي منظور نظر رهڻ جي ڪوڙي اجازت ڏيڻي چڏي هئي.“ هو بروقت پنسن ولڻ کان انڪار ڪري سگهيو ٿي ـــ سمجهين ٿو؟ ۽ مون کي برباد ڪري سگهيو ٿي. حرفت کي ڦتو ڪري ڇڏيو. اسان کي انهيءَ باري ۾ وڌيڪ ڳالهائڻ نه گهرجي، مهربان.... وڏي ڳالهه ته اها هڪ حقيقت آهي ته مون وٽ پنهنجي هڪ ڪوڏي به ڪينهي، ۽ نه وري مون وٽ ٿيڻ جي ڪا اميد آهي، چاڪاڻ ته شادي ڪرڻ لاءِ منهنجي بنهه مرضي ڪينهي....“

”ڇا!“ اني ”گگي ميئر وچ ۾ ڳالهائيندي چيو،
”تو هُن سان شادي ڪئي هُئي!“
”اڙي نه، آءٌ توکي يقين ڏياريان ٿو. هُن مون سان شادي ڪئي هئي: هوءَ محض شادي شده هئي. مون هُن کي شروع ۾ ئي پڌائي ڇڏيو هو، بلڪل صاف ۽ دوستاڻي نموني ۾. ’نوجوان عورت، توکي منهنجو نالو گهرجي. چڱو، توکي اجازت آهي: آءٌ اجا به سمجهي ڪونه ٿو سگهان ته آءٌ ان کي ڇا ڪندس. پر اهو ڪافي آهي‘، هان؟“
”پوءِ“ گگي ميئر همت ڪري چيو.“ وڌيڪ ڪجهه به ڪونه ٿيو. اگب منڊس نالو والوردي هو ۽ هاڻ اهو —“
”بلڪل“، پئي مُرڪي، ميز تان اٿندي چيو.
”نه، پُڌ! گگي ميئر دانهن ڪئي. هو وڌيڪ برداشت نه ڪري سگهيو ۽ پنهنجي همت کي مضبوط ڪرڻ لڳو. ”تنهنجي ڪري صبح جو وقت خوشي ۽ تفريح ۾ گذري ويو آهي: ۽ آءٌ به توسان اهڙيءَ طرح پيش آيو آهيان جڻ ته تون منهنجو پاءُ آهين. هاڻي تون به مون تي هڪ مهرباني ڪر.“
”شايد تون منهنجي زال آڏاري طور وٺڻ گهرندين.“
”نه، مهرباني. آءٌ تنهنجو نالو پُڌڻ چاهيان ٿو.“
”آءٌ؟ منهنجو نالو؟“ هُن جي دوست حيرانيءَ مان پنهنجي ڇاتي گيرائڻ سان ماپيندي چيو، هن جڻ ته

گڪي پنهنجي وجود جو به احساس ڪونه هو. ”تنهنجو مطلب ڇا آهي؟ تون ڪونه چاهين؛ تو کي ياد ڪونهي؟“ ”نه،“ گگي ميئر شرم کان اعتراف ڪندي چيو. مون کي معاف ڪر، ۽ مون کي دنيا جو هڪ عظيم ويسارو ڪري سڏ، پر آءٌ قسم سان چوان ٿو، ته مون اڳ تو کي ڪڏهن به ڪونه ڏٺو آهي.“

”اوهو! ڏاڍو سٺو، نهايت چڱو!“ هن جي دوست جواب ڏنو. ”منهنجا پيارا گگيوني، پنهنجو هٿ رک. تنهنجي مانيءَ ۽ تنهنجي ساٿ جو آءٌ تهدل سان شڪر گذار آهيان — ۽ سواءِ ٽالي پڏائڻ جي روانو ٿيان ٿو. اهو جيڪو آهي، سوئي آهي!“

”بيوقوف! تو کي پڏائڻو پوندو.“ گگي ميئر ڪرڙين ٿي اُٿيو ٿي، رڙ ڪندي چيو. ”مون صبح جو سمورو وقت انهيءَ تي مغزماري ڪندي گذاريو آهي. آءٌ تو کي هرگز وڃڻ ڪونه ڏيندس، جيستائين تون پڏائيندين ڪونه.“

”مون کي قتل ڪري ڇڏ، هن جي دوست ڏاڍي صبر ۽ حيرت وچان جواب ڏنو. ”مون کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏ! پر آءٌ تو کي ڪونه پڏائيندس.“

”ڏس، چڱو مڙس ٿيءُ ۽ پڏاءِ.“ ميئر وري چٽ پٽندي چيو، ”مون کي هڙو تجربو ڪڏهن به ڪونه ٿيو — هڙو ويسارو، ۽ آءٌ قسم سان چوان ٿو ته اهو تمام ڏکوئيندڙ احساس آهي، تون منهنجي

خيالن تي هڏڙو بار آهين. مون کي پنهنجو نالو ٻڌاءِ، خدا جي واسطي!"

"وڃ ۽ گولي لهه."

"هيڏانهن ڏس. توکي پاڻ سان گڏ ميز تي ويهارڻ وقت منهنجي ذهني ويساري ڪابه دخل اندازي ڪين ڪئي، جيتوڻيڪ آءٌ توکي ٻنهي ڪونه سڃاڻان، پر يقين ڪر ته تنهنجي لاءِ مون وٽ گهڻو پيار آهي، تنهنجي لاءِ مون وٽ پائدار احساس آهن. آءٌ توکي ساراهيان ٿو. آءٌ چاهيان ٿو ته تون سدائين مون سان گڏ گذار، تنهنڪري تون مون کي پنهنجو نالو ٻڌاءِ."

"اها ڪا چڱي ڳالهه ڪانهي، سمجهين ٿو،" ٻئي دوست قطعي طور چيو، "تون ڪڏهين مون کي پنهنجي هٿان ڪونه وڃائيندين، ڪجهه سمجهُو ٿيءُ. تنهنجي مرضي آهي ڇا ته آءٌ هيئنر انهيءَ خوشيءَ کان محروم رهان، جنهن جي ڪري تون فريب ۾ اچي ويو آهين ته تنهنجو مهمان ڪير آهي؟ نه، ٻري ٿيءُ، تون تمام گهڻو گهرڻ چاهين ٿو، ۽ آءٌ چڱيءَ طرح ڏسان ٿو ته تو وٽ منهنجي ڪابه يادگيري موجود ڪين آهي. جيڪڏهن تون، مون کي اها تڪليف ڏيڻ نٿو چاهين ته تو مون کي ههڙيءَ طرح وساري ڇڏيو آهي ته پوءِ مون کي پنهنجي حال تي ڇڏ ۽ مون کي وڃڻ ڏي."

"ته پوءِ هڪدم هليو وڃ، مون کي اهوئي چوڻ

گهرجي." ميڙ ڪاوڙ مان ڏڙڪي ڏيندي چيو. "آءٌ توکي پنهنجي اکين اڳيان وڏيڪ بيهندي ڏسي نٿو سگهان."

"ڇڱو، آءٌ وڃان ٿو. پر پهرين، هڪ ننڍڙي چُمي، ڳگي؛ آءٌ سڀاڻي وري هليو ويندس."

"هرگز نه،" ميڙ واڪو ڪري چيو، "جيستائين تون نه پڌائيندين."

"نه پوءِ ٺيڪ آهي — هاڻي پيڙا ٿي يار!" پٺي دوست وچ ۾ ڳالهائيندي چيو. هو مشڪندو هليو ويو ۽ ڏاڪڻ جي وڏي تختي تي پهچي، منهن واري هن ڏانهن نهاري، هوا ۾ چمي ڏنائين.

پو سنگ لنگ
چيني

شهزادي سوسن

ڪنهن زماني ۾ چنائوچو شهر ۾ طوسيون نالي هڪڙو ماڻهو رهندو هو. هڪڙي ڏينهن گرمي تمام گهڻي هئي، جنهنڪري هو منجهند جو سمهي رهيو. اوچتو هن پنهنجي کٽ جي پرسان هڪ ماڻهوءَ کي بيٺل ڏٺو، جنهن کي اميراڻا ڪپڙا پيل هئا. ان شخص کيس چيو: ”مون ”تو لاءِ هڪ نياپو آندو آهي.“ طئو جي پڇڻ تي انهيءَ ماڻهو ٻڌايو ته ”منهنجي مالڪ اوهان کي پاڻ وٽ اچڻ جي دعوت ڏني آهي.“

”منهنجو مالڪ ڪير آهي؟“ طئو پڇيو.

پر نياپي آڻيندڙ ڪوبه سڌيءَ طرح جواب ڪونه ڏنو ۽ طئو کي پاڻ سان گڏجي هلڻ لاءِ عرض ڪيو ۽ چيائينس ته ”منهنجو مالڪ هتان ڪو گهڻو پري ڪونه ٿو رهي.“

ان بعد ٻيئي گڏجي اوڏانهن روانا ٿيا ۽ ٿوري پنڌ ڪرڻ کان پوءِ، طئو کي هڪٻئي کان بلند ڪيتريون ئي سفيد جويون ڏسڻ ۾ آيون، جن تي ليمي جي گهاٽن وڻن جا پاڇا پئي پيا. اهو ماڻهو، طو کي عجيب و غريب ۽ غير معمولي نموني جي بيشمار

دروازن مان وٺي ويو. اتي هن ڪيترائي ڪمرا، عملدار ۽ زالون ڏٺيون، جن سڀني انهيءَ ماڻهوءَ کان پئي پڇيو ته "طوسون آيو آهي؟" ۽ هُن مرڪي طو ڏانهن اشارو ڪيو ٿي.

آخرڪار اهو ماڻهو، طوءَ کي هڪ اهڙي شخص وٽ وٺي آيو، جنهن کي ڏسي طئو سمجهي ويو ته هو ڪنهن وڏي مرتبي وارو عملدار آهي. رسمي طور مرحبا ۽ آدرڀاءُ ڪرڻ کان پوءِ، اهو عملدار، طو کي هڪ عجيب محلات ۾ وٺي ويو.

پر هاڻي طو جو من منجهڻ لڳو.

"آءٌ اوهان جي خوش اخلاقيءَ جي دل مان تعريف ڪريان ٿو." طو چيو، "پر اوهان جي واقفيت جو شرف حاصل نه هئڻ ڪري، آءٌ پنهنجي موجودگي اوهان تي بار سمجهان ٿو، جنهن ڪري اطمينان ڪونه اٿم."

اعليٰ عملدار جواب ڏنو، "اوهان جي نيڪ خصلت ۽ هڪ فاتح خاندان جي فرد هئڻ جي باري ۾ اسان جي بادشاهه گهڻو ڪجهه ٻڌو آهي، تنهنڪري سندن فرمان آهي ته اوهان سان وڌيڪ رسم و راهه پيدا ڪئي وڃي."

"اوهان جو بادشاهه ڪير آهي؟" طو ڪانئس پڇيو.

"اڃهو ڪون هيئر هن کي پنهنجي اکين سان ڏسندين." شاهي عملدار جواب ڏنو. ۽ پوءِ جيئن ئي هن

اهي لفظ چئي، ٻہ دوشيزائون پنهنجن هٿن ۾ جهنڊا کڻي آيون ۽ طو کي ساڻ وٺي ڪيترن ئي دروازن ۽ وڏن وڏن ڪمرن مان گذرنديون، شاهي تخت وٽ اچي پهتيون، جن تي بادشاهہ ويٺو هو.

طو کي ڏسندي ئي بادشاهہ تخت تان اٿيو ۽ پنهنجي مهمان کي هٿ کان وٺي وڏي عزت واريءَ جاءِ تي ويهاريائين. پوءِ بادشاهہ دعوت شروع ڪرڻ جو حڪم ڏنو، جنهن تي هڪدم هنن جي اڳيان طرحين طرحين جا لذيذ کاڌا ۽ شراب آڻي رکيائون.

اتي طو، جيڪو اڃا بہ ڏاڍو حيران ۽ پريشان هو، پنهنجي چوڌاري نگاهہ ڦيرائي ۽ هڪڙو پٽو ڏٺائين، جنهن تي لکيل هو: ”رنگين دربار“، پر انهن لفظن بہ هن جي رهنمائي ڪين ڪئي تہ سندس مشفق ميزبان، آخر ڪير هو. بادشاهہ هن جي اها حيراني تاڙي ورتي ۽ چيائين:

”هڪ پاڙيسريءَ جي حيثيت ۾ اوهان کي هت دعوت ڏيڻ گهرائڻ جو مقصد صرف هيءُ هو تہ پنهنجو تعلق وڌي. تنهنڪري اچو تہ سڀ شڪ شبها ۽ خوف خطرا ختم ڪري، خوشيون ۽ شادمانا ڪريون.“

انهيءَ تي طو کي اطمينان ٿيو ۽ هن پاڻ کي ان حيرت انگيز ماحول ۾ وڌيڪ حيران ۽ پريشان نہ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ دعوت جي دلچسپين ۾ شامل ٿي ويو. جڏهن شراب جو دور ڪيترائي ڀيرا هليو،

ڏڌهن طُو پري ڪان موسيقي جو آواز پڌو؛ جنهن ۾ دهل جي دستوري آواز کان سواءِ شرنائين ۽ گباٽن جو آواز به هو. انهي بادشاهه چيو ته ”اي معزز شخص! اسين توکي هڪ مصرع ڏيون ٿا، تون ان تي گره ٻڌ. مصرع هيءَ آهي:

”ذهين، رنگين دربار جي گولا ڪري ٿو.“

اڃا معزز درٻارين مناسب ۽ موزون گره تي پنهنجا ذهن ڊوڙايا، ته طُو ٿورو پوءِ چئي ڏنو:

”پاڪيزگيءَ کي سوسن جو گُل وڻي ٿو.“

”سچ پچ ته اهو هڪ عجيب اتفاق آهي، جو تنهنجي منهن مان اهي لفظ نڪتا آهن“، بادشاهه تحسين ۽ واه واه جي گوڙ ۾ بلند آواز سان چيو، ”چاڪاڻ ته، اسان جي ڌيءَ جو نالو به سوسن ئي آهي. هاڻي تون پاڻ هن کي ڏسندين.“ ۽ ڪجهه دير ڪان پوءِ، زيورن جي چمڪي ۽ دل بهار خوشبوءِ جي مهڪار شهزاديءَ جي اچڻ جي خبر ڏني.

شهزاديءَ جي چوڌاري ڪنواريون ٻانهيون هيون. هوءَ سترهن سالن جي هڪ خوبصورت ڇوڪري هئي. هن جي موهن ۾ اهڙو ته اثر هو، جو طو جي منهن مان اکر به ڪونه نڪتو ۽ هو رڳو حيرت ڀريل نگاهن سان هن کي ڏسندو رهيو. بادشاهه، شهزاديءَ کي حڪم ڪيو ته طُو کي ڪيڪاري، جنهن تي هن وڌي طو کي سلام ڪيو ۽ پوءِ واپس هلي وئي.

بادشاهہ هڪدم سهي ڪيو تہ ڪيئن نہ ٺوُ هڪ ڏي نظر ۾ شهزاديءَ تي دل و جان سان فدا ٿي چڪو آهي. تنهنڪري، هن پنهنجي ڌيءَ جي لائق ڪنهن چڱي ور ڳولڻ لاءِ جيڪي ڪوششون ڪيون هيون، تن جو ساڻس ذڪر ڪرڻ لڳو، پر هي نوجوان خيالن ۾ اهڙو تہ غرق ٿي ويو، جو بادشاهہ جو هڪ لفظ بہ ٻڌي ڪونہ سگهيو ۽ هن ڪي اها سڌ بہ ڪين رهي تہ سندس آسپاس ڇا پئي وهيو واپريو. آخر هڪ درٻاري ڪيس ٻانهن کان وٺي هوشيار ڪيو ۽ ٻڌائينس تہ،

”توهان بادشاهہ سلامت پئي ڳالهايو.“ انهيءَ تي ٺو ڪان ڇرڪ نڪري ويو ۽ ٿورو پاڻ سنڀالي، هٻڪندي هٻڪندي معافي ورتائين ۽ واپس وڃڻ جي اجازت طلب ڪيائين.

”اوهان جو پنهنجيءَ درٻار ۾ آڌرڀاءُ ڪندي، مون کي ڏاڍي خوشي حاصل ٿي آهي.“ بادشاهہ جواب ڏنو، ”پر افسوس رڳو اهو اٿم، تہ اوهان هيتي وڌيڪ وقت ترسي نٿا سگهو. جيڪڏهن اوهان کي اسان بابت سيڪجهہ ياد آهي، تہ پوءِ اميد اسين پنهنجي محفل ۾ اوهان کي وري ڏسنداسون.“

پوءِ بادشاهہ حڪم ڏنو تہ ٺو کي پنهنجي گهر پهچايو وڃي. انهيءَ تي هڪڙو درٻاري، ٺو کي گهر ڏانهن وٺي ويو ۽ رستي ۾ هن کي ٻڌائين، تہ ”جڏهن بادشاهہ ڪٺليءَ طرح تو کي شهزادي سومن سان شادي ڪرڻ لاءِ پئي چيو، تڏهن تون ڇا جي ڪري

بلڪل خاموش ويٺو هئين؟“ آخر جڏهن گهر پهتا، تڏهن طوءَ کي ڏاڍو افسوس ٿيو ته مون کهڙو نه شاندار موقعو پنهنجي هٿان وڃائي ڇڏيو آهي، ۽ انهيءَ افسوس ڪندي ئي هُن جي اک کلي ويئي.

سچ لهي ويو هو، ۽ طو اونداهه ۾ پنهنجي وڃايل موقعي تي ڏک ڪندو رهيو ۽ شهزاديءَ بابت سوچيندو رهيو. انهيءَ رات، جڏهن هو وري سمهڻ لاءِ ليٽيو، تڏهن هن ميٺ-ٻٽي گَل ڪري ڇڏي، ۽ ڪيس اميد هئي ته خواب جو باقي رهيل حصو ضرور ڏسندس.

پر طو جي اها اميد ٻن-ٽن راتين کان پوءِ پوري ٿي، جڏهن هڪ رات هو پنهنجي هڪ دوست جي گهر سُتو پيو هو، تڏهن اوچتو هڪ درباري امير آيو ۽ ڪيس بادشاهه جي حضور ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ چيائين.

طو وري هڪ ڀيرو پاڻ کي بيشمار دروازن سان وڏن وڏن ڪمرن واري محل ۾ ڏٺو. هن بادشاهه جي اَڳيان آداب سان ڪنڌ جهڪايو، جنهن وري پنهنجن سمورين مهربانين سان سندس استقبال ڪيو.

طو ڏاڍو خوش هو، ۽ بادشاهه هُن کي ٻڌايو ته ”مون کي خبر آهي ته تون شهزادي سوسن کي ڏسڻ شرط مٿس عاشق ٿي پيو آهين.“ هن وڌيڪ چيو ته ”نوجوان طو! جيڪڏهن تون راضي هجين ته اوهان ٻنهي جي شاديءَ جي رسم جو هڪدم انتظام ڪيو وڃي.“ ظاهر آهي ته هن نوجوان شخص کي ڪنهن به اعتراض ڪرڻ جي ضرورت ڪين هئي. تنهنڪري

انهيءَ وقت ٿي سندن اڳيان دعوت جا دسترخوان وڇائجي ويا.

آخرڪار اهو به وقت آيو، جڏهن اطلاع ڏنو ويو ته شهزادي سوسن هار سينگار ڪري واندي ٿي آهي، ۽ ڪجهه دير کان پوءِ هوءَ پنهنجي ڪنوارين ٻانهين سميت اندر آئي. هن جي مٿي تي شاديءَ جو ڪنهنبو رکيو پيل هو ۽ جڏهن ٻانهيون کيس گهوٽ ڏانهن وٺي پئي آيون، تڏهن هن جي ننڍڙن ننڍڙن پيرن مان پاڻيءَ جي ڇولين جهڙو آواز پئي آيو.

”اي شهزادي!“ ٽِنُو، هن جي اڳيان ادب مان جهڪي چيو، ”تنهنجي موجودگيءَ ۾ خود موت کي به وساري ڇڏڻ هڪ آسان ڳالهه آهي، پر مون کي سچ ٻڌاءِ ته هي سڀڪجهه خواب ته ڪونه آهي؟“

”منهنجا مٺڙا!“ شهزادي سنهڙي آواز ۾ جواب ڏنو، ”هي سڀڪجهه ڀلا خواب ڪيئن ٿي سگهي ٿو، جڏهن پاڻ پيئي هت گڏ آهيون.“

ٻئي ڏينهن صبح جو ٽو دستور موجب، شهزاديءَ جي منهن تي ڇنسالي ڪيڻ ۾ مدد ڪئي ۽ پوءِ ڦيٿ ڪٺي هن جي ڇاتيءَ، آنگرين ۽ پيرن جي ديگهه ماپڻ لڳو.

”تون ڇريو ته ڪونه آهين؟“ شهزاديءَ مرڪندي رڙ ڪئي.

”آءٌ ڏوڪي ۾ ڪونه آهيان“ ٽو جواب ڏنو، ”جيڪڏهن هي سڀڪجهه خواب آهي ته پوءِ آنهنجي

ڪا نہ ڪا شيءِ نشانيءَ طور پاڻ وٽ ضرور رکڻ گهرجي.“

هُنن اِيا اهي ئي ڳالهيون پئي ڪيون تہ هڪ دوشيزه رڙيون ڪندي، ڊوڙندي اندر آئي تہ ”گهوڙا ڙي، گهوڙا! محلات ۾ هڪڙو راڪاس ڪاهي پيو آهي. بادشاهہ پاسي واري ڪمري ۾ وڃي لڪو آهي. پڇو نہ تہ اها آفت اسان جي مٿان اچي ڪڙڪندي.“

طو هڪدم ڊوڙي بادشاهہ وٽ ويو، جنهن پنهنجي اکين ۾ ڳوڙها آڻي هن کي عرض ڪيو تہ ”مهرباني ڪري اسان کي اڪيلو ڇڏي نہ وڃ. اسان جي مائٽي بہ ان وقت ٽي آهي، جڏهن خدا هيءَ آفت اسان تي نازل ڪئي آهي؛ ۽ هاڻي منهنجو سڄو راڄ پاڳ اونڌو ٿي ويندو. پلا آءُ ڇا ڪريان؟“ بادشاهہ دانهن ڪري چيو.

طو، بادشاهہ کي عرض ڪيو تہ ”آخر ماجرا ڇا آهي؟“ انهيءَ تي بادشاهہ کيسي مان هڪڙو خط ڪڍي ميز تي رکيو ۽ طو کي چيائين تہ ”هي خط کولي پڙهہ تہ توکي بہ حقيقت جي سموري خبر پئجي ويندي.“ انهيءَ خط ۾ لکيل هو:

”وزير اعظم، حضور بادشاهہ سلامت کي اطلاع ڏيڻ ٿو چاهي تہ هڪ عجيب و غريب راڪاس ملڪ ۾ ڪاهي پيو آهي. تنهنڪري مصلحت انهيءَ ۾ آهي، تہ شهنشاهيت جي حفاظت ۽ بقاءَ لاءِ دربار هڪدم ڪنهن ٻئي پاسي منتقل ڪئي وڃي. تازو هيئر پهرين دروازي جي عملدارن وٽان اطلاع پهتو آهي، تہ

چنڊ جي پنجين ڇهين تاريخ کان وٺي اهو ڏهہ هزار ٻوٽ ڊگهو راڪاس، ويڙهيو سيڙهيو شاهي محلات جي درازي وٽ پيو آهي. اهو هن وقت تائين بادشاهہ سلامت جي رعيت جا تيرهن هزار اٺ ماڻهو، خاص خاص ماڻهو کائي، هضم ڪري چڪو آهي، جنهنڪري اوهين پاسي سڄ ڏي سڄ ٿي ويئي آهي. انهيءَ اطلاع پهچڻ تي حضور جن جو خادم، اوائلي جاچ تي ويو ۽ ڏٺائين تہ اهو جبل جيڏي مٽي ۽ پاڻيءَ جي وڏن تلائن جهڙين اکين وارو راڪاس، هڪ زهريلو سُرندڙ جانور آهي، ۽ جنهن وقت بہ هن پنهنجو مٿو ڏي کنيو تہ عمارتن جون عمارتون هن جي پيٽ ۾ هڙپ ٿيون ٿي ويون؛ ۽ جڏهن هن پاڻ پکيڙيو ٿي تہ آسپاس جون جايون جڳهيون، ڀِٽ ٿيون ٿي ويون. ههڙيءَ آفت جو مثال تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي. اسان جي عبادت-گهرن ۽ بزرگن جي نورانيل يادگارن جي تقدير جو فيصلو ڪلاڪ پن جي ڳالهہ آهي. تنهنڪري اسين حضور بادشاهہ سلامت جي خدمت ۾ التماس ڪندا سون، تہ حضور جن شاهي خاندان وٺي، هڪدم ڪنهن سلامتيءَ واري هنڌ تي وڃي پناهہ وٺن.“

طو، خط پڙهي اڃا مس پورو ڪيو تہ هڪڙو نوڪر، ”راڪاس! راڪاس!“ ڪندو، اندر ڊوڙندو آيو. مڇيءَ دربار ۾ واويلا پئجي ويئي ۽ طو کي

ڇوڏاري روح راڙي ڪان سواءِ ٻيو ڪو به آواز ٻڌڻ ۾ ڪونه آيو.

خود بادشاهه به خوف ۾ ٻيڻ وڃڻ سچو هيٺو ٿي ويو ۽ طوطي کي چيائين ته "پنهنجو بچاءُ ڪر ۽ پنهنجيءَ زال کي ڪٽي ڇڏ، جنهن جي ڪري ئي هيءَ مصيبت نازل ٿي آهي." پر شهزادي، جيڪا پرسان بيٺي هئي ۽ پنهنجا هٿ مهٽيائين، سا طوطي جي پيرن تي ڪري پيئي ۽ ليلائڻ لڳي ته "مون کي نه ڇڏي وڃ."

طوطي وڏيءَ نرمائيءَ سان شهزاديءَ کي اٿاريو ۽ پوءِ بادشاهه جي اڳيان ادب سان جهڪي عرض ڪرڻ لڳو ته "جيڪڏهن حضور جن اجازت ڏين ته غريب خاني تي هلي محفوظ ٿجي."

"هوڙيءَ حالت ۾ اسين پنهنجي مرضيءَ وغيره بابت ڪجهه به سوچي نٿا سگهون." شهزاديءَ رڙ ڪري چيو، "آءٌ توکي التجا ڪريان ٿي ته جيترو جلد ٿي سگهي، اسان کي آتي وٺي هل."

انهيءَ تي طوطو، شهزاديءَ کي ساڻ ڪري، اڪيلو پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿيو، جتي پهچي شهزاديءَ هن جي عذرخواهين ڪرڻ جي باوجود، پاڻ کي ڏاڍو خوش ظاهر ڪيو ۽ چيائين ته "هيءَ جاءِ، محلات کان به وڌيڪ رهڻ جي لائق آهي."

"هاڻي توکي پئي ڳالهه، هيءَ ڇوٽي آهي"، هن طوطي کي چيو، "بابا، آءٌ ۽ درٻارين جي رهڻ جو به

سمورو انتظام هٿ ۾ ڪيو وڃي، جيئن حڪومت جو ڪاروبار هتان هلائي سگهجي."

اهو ٻڌي طئو جا طاق لڳي ويا، ۽ هن جي سمجهه ۾ ئي ڪونه آيو ته بادشاهه ۽ سندس درٻارين کي هو ڪهڙيءَ طرح اتي رهائي سگهندو! شهزاديءَ هن جي منهن تي مخالفت جا نشان ڏسي، ڪاوڙ ۾ ڳاڙهي ٿي وئي ۽ رڙ ڪري چيائين ته "جيڪو ههڙي نازڪ وقت ۾ به منهنجي مدد نٿو ڪري، اهو ڪڏهن به منهنجي خاوند سڏائڻ جي لائق ڪونهي." ائين چئي، شهزادي روئڻ ۽ رڙيون ڪرڻ لڳي، ۽ جيئن ئي ويچاري طوءِ هن کي ماٺ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي، ته سندس اک پٽجي وئي ۽ خبر پيس اهو سڀڪجهه خواب هو!

انهيءَ هوندي به، هن جي ڪنن ۾ اڃا تائين پٽ پٽ جو آواز پئي آيو، پر پوءِ پنهنجي چوڌاري غور سان ڏسڻ تي هن کي ٻه-ٽي مکيون وهاڻي تي ويٺل نظر آيون. هن انهن کي آتان آڏائڻ جي گهڻي ئي ڪوشش ڪئي، پر اهي آڏامي وري ٿي اچي ويٺيون.

اهو حال ڏسي، طو پنهنجي دوست کي سڏ ڪيو ۽ ٻنهي گڏجي ڏٺو ته سندس ڪپڙن تي ۽ ڪوٺيءَ ۾ پيون به ڪيتريون ئي مکيون ويٺيون هيون. طو کي ڏاڍو عجب لڳو ۽ سندس دوست صلاح ڏنس ته انهن لاءِ جلدي مانارو ڪڻي اچ. هن ائين ڪيو، ۽ پوءِ ته

رڳو ڪوٺيءَ مان سڀ مکيون نڪري وڃي ماناري تي ويٺيون، پر مکين جو هڪ پيو وڏو بس باغ جي پٽ تان آڏامندو آيو ۽ اڪ جهنبي ۾ سڄو ماناروانهن سان ڍڪجي ويو.

طوطي ۽ سندس دوست هاڻي وري انهيءَ کوجنا ۾ لڳي ويا ته اهو ماکيءَ جي مکين جو وڏو آخر آيو ڪٿان؟ نيٺ خبر پيئي ته اهو هڪ پوڙهي شخص جي گهران آيو هو، جيڪو سڏ پنڌ تي رهندو هو. پيٺي اوڏانهن ويا ۽ آتي ٻيل خالي ماناري کي ڪٽي جو پيچن ته آن مان هڪ وڏو خوفائتو نانگ — طوطي جي خواب جو ”راڪاس“ — نڪري آيو.

باقي رهيون مکيون، سي طوطي مان ئي گڏ رهيون، جن ۾ هر سال واڌارو ٿيندو رهيو.

ارنيسٽ هيمنگ وي
آمريڪي

پرديس ۾

سرءَ جي موسم ۾ به جنگ اتي ئي موجود هئي؛ پر اسان وري اوڏانهن منهن به نه ڪيو. هڪ ته 'ميلان' شهر جي شام، ۽ وري ان وقت سيءَ سان گڏ اونداهه سويري ئي اچي واسو ڪيو هو — تنهن کان پوءِ جو بجليءَ واريون بتيون ٻريون، ته درين جي نظاري گهٽين کي وڌيڪ وڻندڙ بڻائي ڇڏيو. دڪانن جي ٻاهران ڪيترائي شڪار ٿيل جانور ۽ پکي ٽنگيل هئا. 'لومڙن' جي وارن تي برف چنڪاريل هئي، ۽ هوا انهن جي پڇن کي پئي لوڏيو. 'پکين' جا ته هوا ۾ ئي جهٽڪا، ۽ هوا وري انهن جي کنڀڙاٽين کي هيٺ مٿي ٿي آتاريو. سرد هوا سنئين سڌي جبلن کان هيٺ لهي آئي هئي.

ٻنپهرن جو هر روز اسين اچي اسپتال پيرا ڏيندا هئاسون. اونداهه ۾ سان شهر لتاڙي اسپتال پهچڻ جا ٽي واٽون هيون. ٻه رستا اهڙا هئا، جي واهن سان لاڳيتا هئا، پر اهي هئا ڏاڍا ڊگها. اسپتال

لاٿين پهچڻ کان اڳ واهن واريءَ پل تان اوس لنگهڻو پوندو هو. رستي وارين ٽن پُلين مان ڪنهن نہ ڪنهن جو ضرور انتخاب ڪرڻو پوندو هو. هڪڙيءَ پل تي هڪ عورت سيڪل بوهي چڙها وڪڻندي هئي. هن جي اڳرن واريءَ باهہ تي پيڻ مان گرمي محسوس ٿيندي هئي. هن جا بوهي چڙها جڏهن وني ڪيسي ۾ وجهندا هئا، تڏهن بہ ڪوسا ئي ڪوسا هوندا هئا.

اها اسپتال هئي جهوني پراڻي، پر ڏاڍي خوبصورت هئي. اوڏانهن اندر وڃڻ لاءِ هڪ دروازو هو، ۽ پوءِ ان جي اڳيان هڪ کليل اڱڻ، جنهن جي سامهون ٻاهر نڪرڻ لاءِ پيو دروازو هو. مريضن جا جنازا وغيره انهيءَ اڱڻ مان ئي کڄندا هئا. پراڻيءَ اسپتال کان پرڀرو، نوان ۽ پڪ سيرا ورانڊا هئا، جتي اسين پرچاڻين جو اچي گڏبا هئاسين. اتي اسين انهن مشينن تي ويهندا هئاسين، جن جي وسيلي اسان جي جسم ۾ ڦيرو ۽ تبديلي اچڻي هئي.

ڊاڪٽر مون واري مشين جي ويجهو آيو، جتي آءٌ ويٺو هوس، مون کان پڇيو: ”هن جنگ کان اڳ تون ڇا کي وڌيڪ پسند ڪندو هئين؟ ڇا تو ڪا رانڌ روند بہ ڪئي؟“

”هائو، فٽبال رانڌ.“ مون وراڻيو.

”واه واه،“ هن چيو ”ته پوءِ تون وري فٽبال ڪيڏي سگهندين ـــــ اڳين کان اڳرو!“

مون وارو گوڏو ته مڙيو به نٿي، ۽ چنگهه ته ديکٽيءَ کان مُرڻي تائين بس ائين ئي پئي لڙڪي. منهنجي گوڏي کي مشين تي ائين ورتو هو، جيئن ماڻهوءَ جو گوڏو ٽي-ڦيٿيءَ سائيڪل تي سوار ٿيڻ مهل ڦرندو آهي؛ پر گوڏو هو، جو اچا وريو ئي ڪين ٿي ـــــ الٽو انهيءَ چُرڻ واري موقعي تي مشين ڏڏڪو ڪري بيهو ٿي رهي!

ڊاڪٽر چيو، ”هيءَ دور به گذري ويندو، نوجوان، تون نصيبن وارو آهين: تون هڪ بهترين رانديگر وانگر وري فٽبال راند ڪندين!“

پر واريءَ پيءَ مشين تي هڪ 'ميجر' ويٺل هو. هن جو ننڍڙو هٿ هوبهو ٻار جهڙو هو. هن جو هٿ چمڙي جي ٻن هيٺ-مٿي اڇلن ڏيندڙ پٽن جي وچ ۾ هو، جن هن جي سُڪل آڱرين کي پئي ڦڙڪايو. ڊاڪٽر جنهن مهل هن جو هٿ تپاسڻ آيو، تڏهن 'ميجر' مون ڏانهن اک ڀڃندي چيو: ”ڪئپٽن، ڊاڪٽر، ڇا آءٌ به فٽبال راند کيڏي سگهندس؟“ هو هڪ تلوارباز هو؛ ۽ جنگ کان اڳي ته اٽليءَ جو هڪ عظيم تلوارباز هو.

ڊاڪٽر پوءِ پنهنجي آفيس ۾ گهڙي ويو، جا انهيءَ ڪمري جي پٺيان هئي. هو اتان هڪ فوٽو کڻي آيو،

اهو فوٽو هڪ اهڙي هٿ جو هو، جو ميجر جي هٿ جهڙو ئي ڀڳل هو، ٻيءَ ٻيڙيءَ ۾ سوار هو، پر مشين جي علاج کان پوءِ قدري ونءُ ٿي ويل هو. ميجر اهو فوٽو پنهنجي چڱي ڀلي هٿ ۾ کڻي ڇتائي ڏٺو، ۽ سوال ڪيو: ”قيمت....؟“

”مشين جو حادثو.“ ڊاڪٽر جواب ڏنو.

”نهايت دلچسپ، نهايت دلچسپ!“ ائين چئي، ميجر اهو فوٽو ڊاڪٽر کي موٽائي ڏنو.

”چا، توهان کي ڀروسو آهي؟“

”نه.“ ميجر جواب ڏنو.

ٽي نوجوان هئا، جي هتي روز ٿي آيا. اهي ٽيئي مون جيڏا هئا. اهي ٽيئي چڱا ’ملان‘ جا هئا. انهن مان هڪڙي کي وڪيل ٿيڻو هو، ٻئي کي نقاش بڻجڻو هو، ته ٽئين کي وري سپاهي ٿيڻ جو ارادو هو. جڏهن مشين مان واندا ٿيندا هئاسين، تڏهن اسين گڏجي ’ڪورا‘ هوٽل ڏانهن ويندا هئاسين، جيڪا ’اسڪالا‘ جي ڇاڙهيءَ جي بلڪل پرسان هئي. اسين ٽنهي وات وٺي ڪميونسٽ ڪوارٽر مان لانگهائو ٿيندا هئاسين. چار ئي چڱا گڏ هوندا هئاسين. ماڻهو اسان کي ٽڪاريندا هئا، جو اسين آفيسر هئاسين. اسين وات وٺيو پيا ويندا هئاسين، ته شرابخاني مان ڪو وڏي واڪي رڙ ڪري چوندو هو: ”ڪتا آڦو، ميرا سين جا مهندار!“

ڪڏهن ڪڏهن هڪڙو ٻيو ڇوڪرو به اسان سان گڏ هوندو هو، ته اسين چئن مان ڦري پنج ڄڻا ٿي پوندا هئاسون. انهيءَ ڇوڪري جي منهن تي هڪ ڪارو ريشمي رومال ٻڌل هوندو هو. هن جو نڪ خراب ٿيل هو. هن جي شڪل شباهت درست ڏيٺي هئي. هو فوجي درسگاهه کان نڪري محاذ تي ويو هو. بس، وڃڻ جي ويرم هئي .... ڪلاڪ به ڪين گذريو هوندو ته زخمجي پيو. هن منهن ڇهرو ٺاهيو ته هو، پر هن جا مٽ مائٽ هئا وڏي مان مرتبي وارا، سو جيسين هن جو نڪ ٺيڪ ٺهي جهڙو ٿئي، تيسين هو راضي نٿي ٿيا. اسپتال مان خارج ٿيڻ کان پوءِ، هيٺ هو ڏکڻ آمريڪا جي ڪنهن بئنڪ ۾ وڃي ملازم ٿيو.

خير، وقت ائين ويو گذرندو، اسان کي مستقبل جي ڪا به خبر ڪانه هئي، اسان کي رڳو اهو احساس هو ته جنگ هميشه جاري رهندي، پر اسان کي اوڏانهن وري وڃڻو ڪونه پوندو.

انهيءَ ڇوڪري کان سواءِ، جنهن جي چهري تي ڪاري ۽ ريشمي پٽي ويڙهيل هوندي هئي، اسان سيني وٽ هڪجهڙا ٻلا (تمغا) هئا. ٻلا هن کي ٻلو ملي به ڪين — هو جنگي محاذ تي ايڏو وڏو عرصو رهيو ئي ڪين هو. اهو نوجوان جنهن کي وڪيل ٿيڻو هو، تنهن جو منهن بلڪل هيڊو ٿي ويو هو. 'آر. ڊي. ٽي.' جو ليفٽيننٽ هو. هن کي ٽي ٻلا

مليل هئا. اسان ٻن کي اهڙي قسم جو رڳو هڪڙو
پلو مليل هو، هو ڪافي عرصي تائين جنگي محاذ تي
موت سان مقابلو ڪندو رهيو هو. اسين سيپٽي محاذ
تان موٽيا هئاسون. هينئر اسان سيني ۾ رڳو اهائي
يڪرنگي هئي، جو ٻنپيرن کان پوءِ اسپتال ۾ اچي
گڏ ا هئاسين. اسين شهر جي اٽانگي حصي مان لنگهي،
'ڪووا' ڏي ويندا هئاسين. اتي اوندهه به هئي، ۽
شرابخانه به هئا، جتان روشنائي ڏسڻ ۾ ايندي هئي ۽
راڳ جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو. اسان کي ڪڏهين
ڪڏهين اهڙيءَ گهٽيءَ مان وڃڻو پوندو هو، جتي
زالن ۽ مردن جا ميڙا لڳا پيا هوندا هئا. اتي ڪُلهي
گُتس ڪرڙي پوندي هئي. اهڙن موقعن تي اسين ويجها
ويجها ٿي هلندا هئاسون، ڇو جو ماڻهن اسان کي سڃاتو
سڃاتو ڪونه ٿي — هنن اسان کي تڪاريو ٿي.

اسان سيني کي 'ڪووا' جي پوري ڄاڻ هئي.
اتي دولت به هئي، ۽ زندگي به. تيز تيز روشنيءَ
کان سواءِ، هتي خاص خاص وقتن تي، گوڙ گهمسان ۽
دونهون ڇانئجي ويندو هو. اتي ميزن تي ڇوڪريون هڪيون
تڪيون ويٺيون هونديون هيون. پٺين تي وري ننگٽين
۾ مورتن واريون اخبارون پيل هونديون هيون. 'ڪووا'
واريون ڇوڪريون پنهنجي ملڪ تان گهوري
گهوري پيون ڏينديون هيون. مون ڏٺو ته 'اڱليءَ'
جا مجسب وارن انسان رڳو اهڙي هوٽل واريون

ڇوڪريون ئي هيون. مون کي اعتبار آهي ته اهي اُها وطن دوست آهن.

شروعات ۾ انهن نوجوانن نهايت اخلاق سان منهنجن پيرن بابت پڇا ڳاڇا ڪئي. هنن سوال ڪيا ته اهي مون کي ڪيئن ۽ ڇا جي ڪري مليا هئا. مون هنن کي پنهنجا ڪاغذ پٽ ڏيکاريا، جن ۾ سهڻيءَ ٻوليءَ سان منهنجي تعريف لکيل هئي — پر انهن مان جيڪڏهن اهي وڌاءَ واريون لفظي صفتون نظرانداز ڪري ڇڏجن، ته صاف صاف معلوم پئي ٿيو ته اهي پلا مون کي رڳو انهيءَ ڪري ڏسي عنايت ٿيا هئا، جو آءٌ هڪ آمريڪن هوس. اهو ڏينهن، اهو ڏهاڙو — هنن جي ڀوش ۾ وڏو ڦيرو اچي ويو. انهيءَ کان پوءِ پين ڌارين جي مقابلي ۾ ته جيترو ٺيڪ آءٌ هنن جو اڃا به دوست هوس، پر ڪاغذن ڏسڻ بعد آءٌ سچ پچ ته هنن جي نگاهه ۾ ڪري پيو هوس. آءٌ هنن لاءِ هنن جهڙو پنهنجو نه رهيو هوس. هنن جو ته قصو ئي اور هو، هنن کي جيڪي پلا مليا هئا، سي بنهه پين ڳالهين ڪري مليا هئا. اُها حقيقت هئي ته آءٌ ڦٽجي پيو هوس؛ پر اسان ميڻي کي اُها پوري پروڙ هئي ته جنگ ۾ زخمجي پوڻ رڳو هڪ حادثو آهي. 'ڦيٽن' ملڻ ڪري مون کي پڇتاءُ ڪونه ڪرڻو پوندو هو، البت ڪڏهين ڪڏهين شراب پيئڻ مهل آءٌ ائين سوچيندو ويچاريندو هوس ته هنن جيڪي ڪم ڪيا آهن — اهي ڪم، جن جي

ڪري هنن کي پلا ملڻا آهن ـــ ٻي ته مون سڀئي پورا ڪري ڇڏيا آهن'. پر رات جو جڏهن گهر ڏانهن موٽندو هوس، تڏهن انهن خالي گهٽين جي سرد هوائن ۽ بند ٿيل دوڪانن وٽان لنگهندي، گهٻرائجي، گهٽين جي بتين پرسان هلڻ جي ڪوشش ڪندو هوس. اوڏيءَ مهل مون کي محسوس ٿيندو هو ته مون کان هرگز اهڙا بهادريءَ جهڙا ڪارناما ٿي ڪو نه سگهندا. مون کي مرڻ جو ڏاڍو خوف ٿيندو هو. وري جڏهين رات وڳڙي بستري تي اڪيلو ليٽندو هوس، ته موت جو ٻيو ويتر وڪوڙي ويندو هوم. آءٌ سوچيندو هوس، تعجب وڃان، ته 'جيڪڏهن وري محاذ تي ويس ته منهنجو.... منهنجو ڪهڙو حشر ٿيندو!'

اهي ٿيئي ڇٽا، پلن وارا، ته ڪي شڪاري باز هئا ـــ ۽ آءٌ انهن جهڙو هوس ئي ڪو نه. جن ڪڏهين شڪار ٿي نه ڪيو هجي، انهن جي ڏيان ۾ ته آءٌ ٻه ڪا شيءِ سمجهڻ ۾ ايندو هجان، پر هنن ننهي ڇٽن ته هاڻي مون کي سڃاڻي ڇڏيو هو. اهوئي سبب هو جو اسين ڇڄندا پري ٿيندا وياسين. آءٌ وري انهيءَ ڇوڪري جي دوستيءَ جو دم ڀرڻ لڳس، جيڪو محاذ جي پهرئين ئي ڏينهن ڦٽجي پيو هو. هن کي ته پاڻ پنهنجي متعلق ڪو صحيح اندازو ئي نٿي سگهيو ته هو اڳتي هلي ڪهڙا ڦاڙها ماري ها ـــ نڪا وري

ڪا هن ۾ اهڙي صلاحيت به هئي. مون کي پڪ اها پڪ هئي ته هو ڪڏهين به اهڙو بهادر ٿي نه سگهندو.

اهو 'ميجر' جيڪو وڏو تلوارباز هو، تنهن جو ڪو بهادريءَ ۾ ايڏو وڏو يقين ڪونه هو. اهو وقت جيڪو اسين مشينن ۾ ويهندا هئاسين، سو هو منهنجي گرامر کي درست ڪرڻ ۾ ئي صرف ڪندو هو. هن مون کي مبارڪون ڏنيون هيون جو آءٌ 'اطالوي' ٻولي ڳالهائي ٿي سگهيس. اسين ٻنهي پاڻ ۾ سولائيءَ سان ڳالهائي سگهندا هئاسين. هڪ ڏهاڙي ته دن مون کي ائين به چئي ڏنو ته اطالوي ٻولي تو لاءِ اهڙي سولي ٿي پيئي آهي، جو تون ان ۾ هاڻي وڌيڪ دلچسپي وٺي نٿو سگهين. "اڙي، هائو،" ميجر چيو، "تون پوءِ گرامر ڇو نٿو سکين؟" اسان پوءِ گرامر کي ورتو. نتيجو اهو نڪتو جو اطالوي ٻولي مون لاءِ پوءِ ڏکي ۽ مشڪل ٿي پيئي. جيسين اهو گرامر منهنجي دل ۾ گهر ڪري ئي ڪري، تيسين هن سان ڳالهائڻ ۾ ڊپ پيو ٿيندو هو.

مون کي جيتوڻيڪ پڪ آهي ته هن جو مشينن ۾ ڪو اعتماد ڪونه هو، ته به ميجر باقاعدي اسپتال ۾ پيو ايندو هو. پلجان نٿو ته هن ڪو هڪڙو ڏينهن به گسايو هوندو. ڪو وقت ته اهڙو به هو، جو اسان مان ڪنهن کي انهن مشينن ۾ ڪو ڀروسو ڪونه هو.

هڪڙي ڏينهن ميجر ائين به چئي ڏنو هو، ”هي سڀڪجهه بيوقوفي آهي اهي مشينون بلڪل نيون آهن، ۽ اسان ٿي ٿي آزمايون پيون وڃن! رڳو ڳڀيءَ جو ڏاهه آهي — جهڙو ڪو خيالي پلاءُ!“ آءٌ گرامر سکي نه سگهيو هوس. هن نيٽ ڪڪ ڏي چيو، ”تون ته هڪ لاعلاج احمق ۽ خواريءَ جو ٺڪر آهين! آءٌ به وڏو بيوقوف آهيان جو توسان خوامخواهه مغزماري پيو ڪريان!“ هو هڪ بندرو ماڻهو هو. هو ڪرسيءَ تي منئون سڌو ٿي ويهي، پنهنجو هٿ مشين ۾ ڦاسي، پوءِ پڪ ساهيءَ پيو سامهون پٽ کي تڪيندو هو. پڻا پيا هن جي آڱرين کي هيٺ مٿي اٿلائيندا هئا.

”جنگ بند ٿيندي — جيڪڏهن بند ٿيڻي هوندي — ته پوءِ تون ڇا ڪندين؟“ هن مون کان سوال ڪيو، ۽ صحيح ڏيندي چيائين، گرامر موجب ڳالهاءِ.“

”آءٌ موٽي پنهنجي ملڪ ويندس.“

”تنهنجي شادي ٿيل آهي؟“

”نه، پر اهڙو ارادو اٿم.“

”تون ته مهامورک آهين!“ هن چيو. هو بلڪل گرم ٿي ويو: ”ماڻهوءَ کي ڪڏهن شادي ڪرڻ نه گهرجي!“

”ڇو، سينيور (مسٽر) مئگر (ميجر)؟“

”مون کي 'سينيور مئگر' ڪري ڇو ٿو ڪوٺين؟....

پر ماڻهوءَ کي شادي ڪنهن قضا ۾ به نه ڪرڻ گهرجي.“ هن ڪاوڙجي چيو. ”ماڻهوءَ کي شادي

نه ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ ته انسان شادي ڪري ئي
نٿو سگهي. ڪنهن کي جيڪڏهن سڀڪجهه هٿان وڃائڻو
به آهي، ته به ڇا ڏي واڌي پاڻ کي اهڙي پوهي ۾
ڇو اڙائڻ گهرجي؟ ها، ڪنهن کي به هٿ وٺي، پاڻيهي
ڦرائڻ واري حالت پيدا ڪري، پاڻ کي ڦاسائڻ نه
گهرجي: هن کي اهڙا اسباب ڳولڻ کپن جو هو پنهنجو
ڪجهه به ڦرائي نه سگهي." هن تمام ترش ۾ تکو
ڳالهايو، ۽ ڳالهائيندي ڳالهائيندي، هن سامهون ۽ پري
پئي گهوريو.

"پر هن کي اهو ۽ ائين هرو ڀرو ڇو وڃائڻو پوندو؟"
"ها، هو وڃائيندو!" هن هاڻي پٺ ڏانهن پئي
نهاريو. اتان نظر ڦيرائيندي، هن هيٺ مشين کي ڏٺو،
۽ پوءِ پنهنجو هٿ پٽن مان ٻاهر ڪڍندي زور سان
ڪٺي پنهنجي مٿر تي ڦهڪايو. هن رڙ ڪري وري چيو،
"اڙي، هو اهو ضرور وڃائيندو، ضرور ڦرائيندو..... مون
سان بحث نه ڪر!" هن پوءِ مشين هلائڻ واري نوڪر
کي منهن ڪري، اشارو ڏيندي چيو، "هيڏانهن، هن لعنت
کي ٻهاري بند ڪر ـــ."

هو مالش ۽ پئي مختصر علاج لاءِ وري پئي ڪمري
ڏانهن نڪري ويو. تنهن کان پوءِ مون هن کي ڊاڪٽر
سان ڳالهائيندي ٻڌو. هن، ڊاڪٽر کان ٽيليفون ڪم
آڻڻ جي اجازت ونندي، پٺيان دروازو ٻيڪڙي ڇڏيو.
هو جنهن وقت موٽي آيو، آءُ مشين تي ويٺل هوس. هو

سڌو سنئون مون ڏانهن هليو آيو، ۽ اچي مون کي پاڪر پاتائين. هن منهنجي ڪلهي کي ڇڳي پيلي هٿ سان ٺپريندي چيو: ”مون کي ڏاڍو ڏک آهي. مون کي.... مون کي اهڙو کهڙو نه ٿيڻ گهرجي ها. منهنجي زال اڄهو هينئر مئي آهي.... تون مون کي معاف ڪري ڇڏ.“

”اوه،“ مون هن لاءِ رنجيدو ٿيندي چيو، ”مون کي افسوس آهي، آءٌ پڇتايان ٿو.“ هو پنهنجي هيٺين چپ کي چڪ هڻندي اٿي بيهي رهيو. ”اهو تمام مشڪل آهي،“ هن چيو، ”آءٌ پاڻ تي ضابطو رکي نٿو سگهان!“

هو مون ڏانهن نهاري، وري دريءَ کان ٻاهر ڏسڻ لڳو. تنهن کان پوءِ جنسي رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون- ”آءٌ رضا تي راضي رهي نٿو سگهان!“ پوءِ هو ڪوڪرا ڪندو، منهن مٿي ڪري، ائين ٿي تڪيندو، هڪ فوجيءَ وانگر پاڻ کي گهليندو، پنهي ڳلن تان ڳوڙها وهائيندو، ڏندن سان چپن کي چبيندو، مشينن وٽان لنگهي، دروازي کان ٻاهر هليو ويو.

ڊاڪٽر مون کي ٻڌايو ته ميجر جي زال بلڪل ننڍي نيٽي هئي. هن انهيءَ مان تيستائين شادي نٿي ڪئي، جيستائين هن کي اها خاطري ٿي چڪي هئي ته هو هاڻ جنگ ڪرڻ لاءِ بلڪل بيڪار ۽ خارج ٿي چڪو آهي. هن جي زال نمونيا وگهي مري ويئي.

هوءَ تمام ٿورڙا ڏينهن ناچاڪ رهي. ڪنهن کي به گمان ڪونه هو ته هوءَ ڪا ايترو جلد مري ويندي. ميجر ٿي ڏينهن اسپتال ۾ ڪونه آيو. تنهن کان پوءِ هو هميشه، دستور مطابق، اسپتال ۾ ايندو رهيو. هن جي وردي تي پاڻهن جي مٿان ڪاري پٽي لڳل هئي.

جڏهين هو اسپتال ۾ آيو، ته پٽين جي چوڌاري وڏن فريمن ۾ مشينن جي علاج مان چٽل هر قسم جي زخمن جا فوٽا ٽنگيل هئا. ميجر واري مشين جي سامهون ٽي اهڙا — هن جي ننڍڙي هٿ جهڙا — فوٽا هئا، جي بلڪل ٺيڪ ٿي ويل هئا. مون کي خبر ناهي ته هن اهي فوٽا ڪٿان آڻي ٽنگي ڇڏيا هئا. مون ته هميشه انهن ٿي سمجهيو ته اسين پهريائين ماڻهو هئاسين، جن آءِ اهي مشينون ڪم آنديون هيون. انهن فوٽن جو ميجر تي ڪو خاص اثر ڪونه پيو، ڇو جو هو اڪثر دريءَ کان ٻاهر ٿي نهاريندو هو.

مئڪسم گورڪي
رشين

ڇويهه مرد ۽ هڪ ڇوڪري

اسين ڪُل ڇويهه ڄڻا هئاسون — ڇويهه ڄرندڙ پرندڙ مشينون، جيڪي هڪ ٿي گهميل ڪوٺڙيءَ ۾ قيد هيون، جتي اسين صبح کان وٺي شام تائين بسڪوٽن ٺاهڻ لاءِ ميدو ڳوهيندا هئاسين.

اسان جي جيل جهڙي ڪوٺڙيءَ جون دريون جن جو اڌ حصو لوهي چادر سان ڍڪيل هوندو هو ۽ جن جي شيشن آڏو مٽيءَ ۽ ڌوڙ جا تهه چڙهيل هوندا هئا، اهڙي طرف کلنديون هيون، جتي گند ۽ غلاظت جا ڍير لڳا پيا هوندا هئا. اهو ئي سبب هو جو سج جا ڪرڻا به اسان تائين پهچي نه سگهندا هئا. اسان جي مالڪ درين جو اڌ حصو انهيءَ ڪري بند ڪرائي ڇڏيو هو، ته جيئن اسين سندس رزق مان هڪ گرانهه به غريبن کي ڏيڻ لاءِ ٻاهر ڪڍي نه سگهون، يا اسين انهن ياٽرن جي مدد نه ڪري سگهون، جيڪي روزگار نه هجڻ ڪري بکون مري رهيا هئا. اسان جو مالڪ اسان کي ”جيل جا غلام“، نالي سان سڏيندو هو ۽ ڪاڌي ۾ اسان کي گوشت جي بدران ڇيڇڙا ڏيندو هو.

انهيءَ ٻٽريلي ڪوٺڙيءَ جي ڇت، دونهين جي

ڪارڻ ۾ چاري ماڻ ڦِتي پئي هئي، جنهن جي هيٺان اسين وڏيءَ تڪليف واري زندگي گذاريندا هئاسين. گپ گاري ۾ خمير ماڻ پيريل انهيءَ چوديواريءَ ۾ اسان جي زندگي غمن ۽ مصيبتن ۾ مبتلا هئي. رات جو پوري آرام ڪرڻ ۽ پوري ننڊ ڪرڻ کان سواءِ اسين هر روز صبح جو پنجين بجي ٿي اٿي، اکيون مهٽيندا ۽ اوباسيون ڏيندا، انهيءَ ميدي جا بسڪوٽ ٺاهڻ ۾ جنبي ويندا هئاسون، جيڪو اسان جا ٻيا ساٿي رات جو تيار ڪري رکندا هئا. اهڙيءَ طرح، صبح کان وٺي رات جي ڏهين بجي تائين اسان ماڻ ڪي بسڪوٽن لاءِ خمير تيار ڪندا هئا ته ڪي وري ميدو ڳوهيندا رهندا هئا. اهو سمورو وقت اسان جن ڪنن ۾ ٺهڪندڙ پاڻيءَ ۾ تنور ۾ نانوائيءَ جي ميخن ڦيرائڻ جو آواز پيو ايندو هو. صبح کان وٺي شام تائين تنور ۾ باهه ٻرندي هئي ۽ ان جا ڳاڙها آلا اهڙيءَ طرح ناچ ڪندا رهندا هئا ڄڻ ته اسين بدنصيب انهن لاءِ ڪو روشنو هئاسون. اهو وڏو تنور ڪنهن ديو جي بواٽتي مٿي جهڙو هو، جيڪو پنهنجي وڏي وات مان باهه جا آلا پيو ڪيندو هو، يا اسان جي اڳيان جهنم جي رکندڙ باهه جهڙا گرم ساهه پيو کڻندو هو. هو ڄڻ ته اسان جي اڻپوري ڪم کي پنهنجي پيشانيءَ جي ٻن ڪارن ۽ اونداهن سوراخن منجهان پيو چڪاسيندو هو. اهي ٻه اونهان سوراخ اکين جهڙا هئا — اهڙيون اکيون،

جيڪي ڪنهن ديو جي اکين وانگر همدرديءَ ۽ رحمدليءَ جي احساس کان عاري هجن.

سهپ کان ٻاهر ڊوڙ، مٽيءَ ۽ پاڻيءَ جي ماڙيندڙ ٻاڦ جي وچ ۾ اسين هر روز پگهريل هٿن سان ميدو ڳوهي بسڪوٽ تيار ڪندا هئاسون. انهيءَ ڪم سان اسان کي ڏاڍي نفرت هئي، جنهنڪري اسين پنهنجي هٿن سان تيار ڪيل بسڪوٽن جي پيٽ ۾ واري ملڻ آئي جي ڪاري مانيءَ کي وڌيڪ پسند ڪندا هئاسون.

هر روز ڪم ڪرڻ ڪري اسان جا عضوا مشين وانگر خودبخود ڪم ڪرڻ جا عادي ٿي ويا هئا. ڪنهن ڪنهن وقت ته انهن جي ڇرپر جو به احساس نه رهندو هو. ڪم ڪرڻ وقت اسين هڪبئي سان اصل نه ڳالهائيندا هئاسون؛ ڇاڪاڻ ته ڳالهائڻ لاءِ اسان وٽ ڪو موضوع ئي ڪونه هوندو هو. تنهنڪري اسان جو سمورو وقت ائين ئي چپ چاپ ۾ گذري ويندو هو — سواءِ ان وقت، جڏهن اسان جي سائين ۾ ڪو جهيڙو نه ٿي پوي. پر جهيڙي فساد جو ته ڪڏهن موقعو ئي نه ملندو هو. جڏهن ماڻهو اڌ-مئو هجي يا رات ڏينهن جي لڳاتار محنت سبب هن جا احساس ڪنهن اوزار وانگر مڏا ۽ ڪنهن بت وانگر مٺل هجن ته پوءِ اهڙيءَ صورت ۾ ڀلا اهو موقعو ڪيئن ٿي ملي؟ اهي ماڻهو، جيڪي سمجهه، چئي چڪا هجن ۽ جن وٽ چوڻ لاءِ ڪجهه به نه رهيو هجي، انهن لاءِ

خاموشي جڻ ته عذاب هوندي آهي. پر اهڙن ماڻهن لاءِ جيڪي اجا تائين پنهنجي آواز کان اڻڄاڻ هجن، تن لاءِ خاموشي تڪليف ڏيڻ جي بدران راحت ڏيندڙ هوندي آهي. انهيءَ خاموشيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن اسان جو راڳ ڏرتلو پيدا ڪندو هو. ڪنهن ڪنهن وقت اسان مان ڪو ساٿي ڪنهن ٽڪل گهوڙي جي هڻڪار وانگر ڪو اهڙو راڳ جهونگارڻ شروع ڪندو هو، جيڪو گڏهر ڪري اهڙن موقعن تي روح تي پيل بوجهه کي هلڪي ڪرڻ ۾ مدد ڏيندو هو. پهرين پهرين ته انهيءَ اداس راڳ ۾ ڪوبه شريڪ نه ٿيندو هو ۽ اهو راڳ اسان جي قيد جهڙي ڪوٺڙيءَ واري موم - بتيءَ جي ننڍڙي آلي وانگر پيو ڏڪندو هو، پر ٿوريءَ دير کان پوءِ اسان مان ڪو هڪ ڳائڻ ۾ شامل ٿي ويندو هو. پوءِ ته پيو ڏکويل ۽ اداس آواز اسان جي قبر جهڙيءَ ڪوٺڙيءَ جي پوساڻيل فضا ۾ ترندا معلوم ٿيندا هئا. اهڙيءَ طرح ڏسندي ئي ڏسندي اسين سڀئي راڳ ڳائڻ ۾ شامل ٿي ويندا هئاسون. ان بعد ائين لڳندو هو جڻ ته ڪيترا ئي آواز گڏجي سمنڊ جي مست موجن وانگر انهيءَ پٿريلي قيد جي ڪارائيل ديوارن سان پاڻ ٽڪرائي، پڙاڏو ڪرڻ لڳندا هئا.

اهڙيءَ طرح، اسين سڀئي راڳ ۾ پاڻ وڃائي ويهندا هئاسون. اسان جي راڳ جا اوچا سُر انهيءَ ننڍڙيءَ ڪوٺڙيءَ ۾ نه سمائجي سگهندا هئا. اهي پٿر جي ڪارين پٿين سان ٽڪرائجي آهون ۽ دانهون ڪندا هئا

۽ فرياد ڪندا هئا؛ اهي بي حس ۽ اڻڄاڻ دلين ۾ هڪ طوفان، هڪ مٺو مٺو درد پيدا ڪندا هئا، جيڪو ڇنل ڦٽن کي وري کولي ڇڏيندو هو ۽ دلبن ۾ هڪ نئين غم ۽ عجيب ڏک کي جاڳائي ڇڏيندو هو. ڳائيندو هئن هو جو گهٽو ڪري ڪو ڳائڻو ٿڌو ساهه کڻي چپ ٿي ويندو هو ۽ اڪيون بند ڪري پنهنجي سائين جي آوازن کي ڏيان ۽ غور سان ٻڌندو رهندو هو. پر ٿوريءَ دير کان پوءِ وري هنن سان شامل ٿي ويندو هو. هن جي نظرن ۾ راڳ جي وڏندڙ لهر ڄڻ ته هڪ ڏورانهون رستو هوندي هئي — تمام ڏورانهون — ڪشادو رستو، سج جي تيز روشنيءَ ۾ چمڪندڙ رستو، جنهن تي هو پنهنجو پاڻ کي هلندو محسوس ڪندو هو.

انهيءَ وچ ۾ تنور مان باهه جي آڳ جون ڳاڙهيون ڇپيون نڪرنديون رهنديون هيون، نانوائيءَ جي لوهي سيخ تنور جي زرد سيرن تي ڪڙڪڙ ڪندي رهندي هئي، ٽهڪندڙ پاڻيءَ جو آواز برابر ٻڌبو رهبو هو ۽ آڳ جا پاڇولا پٿين تي ناچ ڪندا ڪلندا رهندا هئا. اسين ڪنهن ٻاهرئين شخص جي لفظن ۾، انهن انسان جا ڏک درد بيان ڪندا رهندا هئاسون، جن کان سج جي روشنيءَ ڦري ورتي ويئي هئي ۽ جيڪي غلام هئا، ٻانها هئا.

اِها هئي اسان جي زندگي — ڇويهن غلامن جي زندگي. انهيءَ قيدخاني ۾ زندگيءَ جا ڏينهن اهڙي عذاب ۾ گذرندا هئا جو ائين لڳندو هو ته انهيءَ

پٽريلي ۽ جاءِ جون ننڍي ماڙيون اسانجن ئي ڪلهن تي تعمير ڪيون ويون هيون.

ڳاٽن ڪان سواءِ اسان جو هڪ ٻيو شغل به هوندو هو، جنهن جي اسين اهڙي ئي قدرداني ڪندا هئاسون، جهڙي سج جي گرم گرم ۽ دلڪش شعاعن جي. انهيءَ جاءِ جي ٻيءَ ماڙ تي زريءَ جو هڪ ڪارخانو هو، جنهن ۾ ڪيترين ئي ڇوڪرين نوڪري ڪنديون هيون. انهن ڇوڪرين ۾ سورهن ورهين جي هڪ ڪنواري حسين تانيا به هئي، جيڪا هر روز اسان جي سامهون واريءَ پٽ جي ننڍڙيءَ دريءَ تي ايندي هئي ۽ پنهنجو گلاب جي گل جهڙو منهن دريءَ سان لائي سريلي آواز ۾ دانهن ڪندي هئي: "مظلوم قيديو! مون کي ٿورا بسڪوٽ ته ڏجو." انهيءَ آواز جي ٻڌڻ شرط اسين سڀئي ڊوڙندا دريءَ ڏانهن ويندا هئاسون ۽ انهيءَ معصوم ۽ حسين چهري ڏانهن ڏاڍيءَ حسرت ۽ مٺ وڇان ڏسندا هئاسون. هوءَ چوڻ ته اسان لاءِ خوشين جا خزانا کڻي ايندي هئي. دريءَ جي شيشي سان لڳل هن جي سنهڙي نڪ ۽ مرڪندڙ ڳاڙهن چپن جي وچ ۾ ڪير جهڙن ڏندن کي ڏسي، اسان جي دلين کي فرحت ۽ روح کي راحت ملندي هئي. هن کي دريءَ وٽ ڏسندي ئي اسين دروازي ڏانهن هڪٻئي کي ڌڪا ڏيندا، پڇندا وڃي دروازو کوليندا هئاسون ۽ هوءَ مرڪندي اندر هلي ايندي هئي. هميشه وانگر اهڙيءَ

طرح جو ھن جو وڻندڙ منھن ھڪ طرف جھڪيل ھوندو ھو ۽ پورن وارن جون حسين ۽ دلڪش ڇڳون منڊس نازڪ ڪلھن تي پيون جھولنديون ھيون.

اسين غليظ، بدصورت، بيڊولن ۽ حسرت ماريل پنو فقيرن وانگر بيٺا ھن جي منھن ۾ گھوريندا ھئاسون ۽ ھوءَ دروازي وٽ بيٺي مرڪندي رھندي ھئي. اسين سڀئي ھن جي خدمت ۾ جھڪي سلام ڪندا ھئاسون ۽ ڳالھائڻ وقت خاص لفظ استعمال ڪندا ھئاسون ۽ اھڙا لفظ، جيڪي اسان جي زبان مان فقط ھن لاءِ ئي نڪرندا ھئا. ھن سان ڳالھائڻ وقت اسان جو آواز معمول خلاف نرم ۽ نازڪ ھوندو ھو ۽ اسان جا گندا چرچا ۽ اجايون ڳالھيون بلڪل گم ٿي وينديون ھيون — شايد ھن جي ادب ۽ لحاظ وچان.

نانوائي جھٽ پٽ ڳاڙھا ۽ ٻرڪنا بسڪوٽ ڪڍي ھن جي جھوليءَ ۾ وجھندو ھو. ”ڏس، ھميشه خيال ڪجانءِ ته ڪٿي مالڪ جي چار ۾ نه ڦاسي پوين“. اسين ھن کي سدائين انھيءَ خطري کان آگاھ ڪندا ھئاسون. انھيءَ تي ھوءَ ھڪ دل ڇڪيندڙ ٽھڪ ڏيندي جواب ۾ چوندي ھئي، ”خدا حافظ، منھنجا نڍڙا قيديو!“ ۽ ائين چوندي ھوءَ اسان جي نظرن کان غائب ٿي ويندي ھئي. ھن جي وڃڻ کان پوءِ اسين ڪيتري وقت تائين رڳو ھن بابت ئي ڳالھيون ڪندا ھئاسون. اسان سڀني جا خيال انھيءَ سلسلي ۾ ھڪجھڙا ھئا، ڇاڪاڻ ته ھوءَ، اسين توڙي اسان جي اوسي پاسي

واريون شيون سدائين ساڳيون هونديون هيون. انسان جو ماحول جيڪڏهن سدائين هڪجهڙو هجي تہ ان لاءِ زندگي عذاب ٿي پوندي. هو جيترو بہ وقت انهيءَ ماحول ۾ رهندو، انهيءَ جي چپ چاپ ۽ هڪجهڙائي هن جي سهپ کان ٻاهر ٿي ويندي.

اسين ڪنهن وقت عورتن بابت اهڙن لفظن ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪندا هئاسون جو ڪڏهن تہ اهي لفظ ڏاڍا خراب لڳندا هئا ـــ انهيءَ مان اهو نتيجو نہ ڪڍڻ گهرجي تہ عورتن بابت اسان جا خيال مرڳو ڪريل هئا، پر اسين جن زالن بابت اهڙيون ڳالهيون ڪندا هئاسون، انهن کي عورتون چوڻ ئي اجايو آهي. انهيءَ جي برخلاف تانيا جي شان ۾ اسان جي منهن مان ڪڏهن بہ اهڙو ڪو گندو لفظ نہ نڪتو. انهيءَ جو سبب شايد اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ هوءَ اسان وٽ تمام ٿورو وقت ترسندي هئي. هوءَ تہ آسمان ۾ ڪرندڙ تاري وانگر روشني ڏيکاري، اسان جي نظرن کان غائب ٿي ويندي هئي. يا وري انهيءَ جو سبب هن جي سونهن بہ ٿي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ تہ هر سهڻي ۽ سٺي شيءِ انسان جي دل ۾ پنهنجي لاءِ عزت ۽ مانُ پيدا ڪندي آهي، پوءِ کڻي اهو انسان ڪيترو ئي ڪريل ۽ اڻ-گهڙيل ڇو نہ هجي. انهيءَ کان سواءِ هڪڙو ٻيو سبب هيءَ بہ هو تہ جيتوڻيڪ جيل جهڙي مشقت ۽ محنت اسان کي بنهہ وحشي بنائي ڇڏيو هو، پر انهيءَ هوندي بہ اسين انسان

هئاسون — پين انسان وانگر اسين به ڪنهن جي عبادت ڪرڻ کان سواءِ نٿي رهي سگهياسون. اسان لاءِ هن کان وڌيڪ دنيا ۾ ٻي ڪابه اهڙي شيءِ نه هئي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ عمارت ۾ ٻيا به ڪيترائي ماڻهو رهندا هئا، پر رڳو هڪ تانيائي هئي جيڪا اسان جو خيال رکندي هئي — شايد اهوئي سڀني کان وڏو سبب آهي.

هر روز هن جي لاءِ بسڪوٽ تيار ڪري رکڻ جڻ ته اسان جو فرض هوندو هو — اهو هڪ قسم جو نذرانو هوندو هو، جيڪو اسين پنهنجي ديوتا جي قربانگاهه تي پيش ڪندا هئاسون. اها رسم آهستي آهستي هڪ مقدس فرض ٿي ويئي ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ اسان جو ۽ هن جو تعلق به مضبوط ۽ پختو ٿيندو ويو. بسڪوٽن جي نذراني کان سواءِ اسين تانيا کي نصيحتون به ڪندا هئاسون. مثلاً: سياري ۾ گرم ڪپڙا پائيندي ڪر ۽ ڏاڪڻ تان خيال سان لهندي ڪر. هوءَ اسان جون اهي نصيحتون ٻڌي، مُرڪي ڏيندي هئي ۽ انهن تي ڪڏهن به عمل نه ڪندي هئي. مگر اها روش اسان کي ڪڏهن به خراب نه لڳي، ڇاڪاڻ ته نصيحتن ڪرڻ جو مقصد صرف اهو هو ته هوءَ انهيءَ ڳالهه کان باخبر رهي ته اسين هن جي حفاظت ڪري رهيا هئاسون.

هوءَ ڪنهن ڪنهن وقت اسان کي ڪو ڪم ڪرڻ لاءِ چوندي هئي. جيڪر نه رڳو اسين خوشيءَ سان

ٻارڻ لاءِ هڪ وڏو فخر سمجهي ڪندا هئاسون. پر هڪ ڀيري جڏهن اسان جي هڪ دوست هن کي پنهنجي قميص ۾ ڇنڌي هڻي ڏيڻ لاءِ چيو، ته هن منهن ۾ گهنڊ وجهي جواب ڏنو، "ڇا اهوئي بيڪار ڪم منهنجي ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو آهي! آءٌ واندي نه آهيان. مون کي ٻيا گهڻيئي ڪم ڪرڻا آهن". اسين پنهنجي بيوقوف دوست جي انهيءَ حرڪت تي ڏاڍا ڪاوڙيا هئاسون ۽ پوءِ هن کي ڪنهن به ڪم ڪرڻ لاءِ نه چيوسون ـــــ اسان کي ته هن سان محبت هئي، ۽ جڏهن محبت جو لفظ استعمال ڪيو وڃي، تڏهن سڀئي احساس ۽ امنگ انهيءَ هڪڙي لفظ ۾ لڪل هوندا آهن.

ازل کان ئي انسان جي اها آرزو رهي آهي، ته هو ڪنهن نه ڪنهن سان محبت ڪري، پوءِ ڪٿي انهيءَ جو محبوب ان جي محبت جي ٻار هيٺ اچي ڀلي ذرا ذرا ٿي وڃي. جيڪڏهن اسين تانيا سان محبت ڪندا هئاسون ته اها مجبوريءَ جي حالت هئي. ڇاڪاڻ ته اسان وٽ ٻي ڪابه اهڙي شيءِ نه هئي جنهن سان پنهنجي دل وندرائي سگهون. ڪڏهن ڪڏهن ته اسان مان ڪنهن کي اهو خيال ٿيندو هو ته اسين انهيءَ ڇوڪريءَ جي پٺيان ڇو اچي ڇريا ٿيا آهيون؟ انهيءَ ڇوڪريءَ جي محبت مان آخر اسان کي ڇا حاصل ٿيندو؟ تانيا جي شان ۾ جيڪو به دوست ڪڙا گٿا لفظ پنهنجي زبان تي آڻيندو هو، تنهن جي

ڏاڍي خراب حالت ڪئي ويندي هئي. اسان جي خواهش هئي ته اسين ڪنهن سان محبت ڪريون ۽ هاڻي جيئن ته اها شيءِ جنهن کي اسين ڳوليندا هئاسون، اسان کي ملي ويئي هئي، تنهنڪري اسين ان سان بيحد پيار ڪرڻ لڳا هئاسون؛ اها شيءِ جنهن کي اسين چوويهه شخص محبت ۽ پيار جي نظرن سان ڏسندا هئاسون، ضروري هو ته پيا به ان جي عزت ۽ مان ڪن. چالاءِ ته هرءَ چڻ ته اسان جي پاڪ عبادت جو مرڪز هئي ۽ جيڪڏهن ڪو به شخص اسان جي مرضيءَ خلاف هلي ها ته اسين ان کي پنهنجو دشمن ڪري سمجهون ها. انهيءَ ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته ماڻهو گهڻو ڪري اهڙيءَ شيءَ سان محبت ڪندا آهن، جيڪا حقيقت ۾ محبت ڪرڻ جي قابل نه هوندي آهي. پر هتي اسين چوويهه شخص هڪ ئي پيڙهي ۾ سوار هئاسون، تنهنڪري اسان جي اهڙي خواهش هوندي هئي ته جنهن شيءِ سان اسين پيار ڪريون ته، انهيءَ کي پيا ماڻهو به پاڪ سمجهن.

بسڪوٽن جي دڪان کان سواءِ؛ اسان جو آقا ڪيڪن ٺاهڻ واري ڪارخاني جو پڻ مالڪ هو. اهو ڪارخانو به انهيءَ جاءِ ۾ هو ۽ اسان جي قبر جهڙي ڪوٺڙي ۽ انهيءَ جي وچ ۾ فقط هڪ ديوار هئي. انهيءَ ڪارخاني جا ملازم پنهنجي ڪم کي اسان جي ڪم کان وڌيڪ سٺو ۽ مانائتو سمجهندا هئا ۽ اسان کي نفرت جي نظرن سان ڏسندا هئا. هو

اسان مان ورلي ملندا هئا ۽ جڏهن جاءِ جي اڳ مان لنگهندي کو اهڙو اتفاق ٿيندو هو، ته هو اسان کي ڌمڪي هرويرو ٺهڪ ڏيندا هئا. هنن جي ڪارخاني ۾ اسان کي وڃڻ جي به اجازت نه هوندي هئي، انهيءَ لاءِ ته اسان جي مالڪ کي شڪ پوندو هو ته متان اسين آتان مکڻ جا ٺهيل ڪيڪ نه چورايون. انهيءَ ڪري اسان کي به هنن سان نفرت هوندي هئي، ريس هوندي هئي. اسان جي پيٽ ۾ هنن جو ڪم به گهٽ هوندو هو ۽ وري پگهار به گهٽ ڪٽندا هئا. ڪاڏي پيتي لاءِ هنن کي اسان کان وڌيڪ سٺيون شيون ملنديون هيون. هو جتي ڪم ڪندا هئا، اها جاءِ وڌيڪ سٺي، صاف ۽ روشن هوندي هئي ۽ اسان جي مقابلي ۾ هو وڌيڪ تندرست ۽ توانا هوندا هئا. اسين ته ڏيرا ۽ ڪمزور هئاسون ۽ اسان مان ٽي چئا ته سدائين بيمار هوندا هئا ۽ باقي سڀ جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا هئا. هڪڙو سائي ته ويچارو ذري گهٽ اپاهج ٿي پيو هو.

موڪل وارن ڏينهن تي هو سهڻا ڪپڙا ۽ پالش ڪيل بوٽ پائي باغ ۾ گهمڻ ڦرڻ ويندا هئا. اسين به اهڙن موقعن تي ليڙون ليڙون ٿيل ڪپڙا ۽ ڦاٽل بوٽ پائي باغ ۾ ويندا هئاسون، پر پوليس وارا اسان کي اندر وڃڻ نه ڏيندا هئا. اهڙين حالتن هوندي پيلا اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي ته اسين انهن ڪيڪ ٺاهيندڙن کي محبت جي نظرن سان ڏسون

هڪڙي ڀيري اسان افواهه ٻڌو ته انهيءَ ڪارخاني جو وڏو جمعدار شراب پيئڻ جي ڪري نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو آهي ۽ هن جي جاءِ تي هڪ اهڙي شخص کي مقرر ڪيو ويو آهي، جيڪو ڪنهن زماني ۾ فوج ۾ سپاهي هو. انهيءَ سپاهيءَ بابت مشهور هو ته هو گهوڙهي رنگ جو واسڪوٽ، جنهن ۾ هڪ وڏي زنجيري پيئي لڙڪندي هئي، پائي پيو اڳڻ ۾ گهمندو هو. اسين انهيءَ نئين جمعدار کي ڏسڻ لاءِ ڏاڍا آتا هئاسون ۽ هن سان ملاقات جي اميد ۾ هرهڪ شخص اڳڻ ۾ ڪيترائي چڪر هنيا، پر سڀ بيڪار. هڪڙي ڏينهن هو پاڻ اسان جي ڪارخاني ۾ هليو آيو. هن بوٽ جي ٺڏي سان دروازو کوليو ۽ اندر اچي اتي ئي بيهي رهيو ۽ مرڪندي چوڻ لڳو، ”خدا اوهان جي مدد ڪندو، منهنجا ڇوڪرؤ! آءٌ اوهان کي سلام ڪريان ٿو.“

تنور جو دونهون ڪارڻ ڪري وانگر گول ٿي ڪري ۾ دروازي ڪان ٻاهر پئي ويو، جتي سپاهي ڏاڍي رعب ۾ اسان ڏانهن ڏسي رهيو هو. هن پنهنجن مڇن کي ڏاڍي صفائيءَ سان وٽ ڏنا آيو ڪيو هو، جنهن جي هيٺان هن جا هئيڊا ڏند ڏسڻ ۾ پئي آيا. هن اچ نيري رنگ جي پرت پرڀل صدري پاتي هئي، جنهن جا سونهري بٽڻ چمڪي رهيا هئا. سوني زنجيري جنهن بابت اسان ٻڌو هو، برابر پنهنجيءَ جاءِ تي موجود هئي.

اهو سپاهي ڏنو، قداور ۽ سهڻو هو. هن جي وڏين ۽ چمڪندڙ اکين مان صحت پئي ليئا پاتا. هن جي مٿي تي هڪ ڪلف لڳل ٽوپي پئي هئي ۽ هن جي پتلون جي پانچن هيٺان تازو پالش ڪيل بوٽ پئي چمڪيو.

اسان جي نانوائيءَ، دروازي بند ڪرڻ لاءِ هن کي عرض ڪيو. هن دروازو بند ڪيو ۽ پوءِ اسان کان طرح طرح جا سوال پڇڻ لڳو. منڊس سوالن جا جواب ڏيندي اسان هن کي ٻڌايو ته اسان جو مالڪ رت ـ چوسيندڙ منگهڻ، غلامن جو واپاري، انساني جنس جو تاجر ۽ ايذاءُ رسائيندڙ شخص آهي. انهيءَ کان سواءِ اسان انهن ڳالهين جو به ذڪر ڪيو، جيڪي هن بابت اسان جي دلين ۾ هيون، پر انهن کي قلمبند ڪرڻ ممڪن ڪونهي.

پنهنجن سوالن جا جواب سپاهي وڏي غور سان ٻڌندو رهيو، پر اوچتو هن کان چڻ ته ڇرڪ نڪري ويو ۽ چوڻ لڳو، ”اوهان وٽ ڇوڪريون ته گهٽيون ڪي هونديون؟“ انهيءَ تي اسان مان ڪيترن دوستن ته کِلي ڏنو ۽ ڪن جا ته وري مٺهن لهي ويا. نيٺ اسان مان هڪ دوست انهيءَ سپاهيءَ کي ٻڌايو ته اسان جي آسپاس ڇوڪريون ته گهڻيون ئي آهن ـــ درجن کن جيتريون. اهو جواب ٻڌي، سپاهي زور زور سان اکيون پورڻ ۽ پٽڻ لڳو ۽ پڇڻ لڳو، ته ”پوءِ

هئين مان ڪا هٿ چراند به ڏيندي هوندي؟“ اسان توري به ڪاهي ڏنو. اسان مان ڪيترن جي اهائي مرضي هئي ته سپاهيءَ کي اها به چئون هئين گهرجي ته اهي ڇوڪريون جن بابت هو اهڙي قسم جي ڳالهه پوله ڪرڻ گهري ٿو، اهي به ڏن وانگر ٿي تيز ۽ چلوليون آهن. پر اسان مان ڪنهن کي به اهڙي ڳالهه ڪرڻ جي همت نه هئي. البت هڪ دوست مان ميٽ ۾ اها ڳالهه به چئي ڏني.

”اسين جنهن حالت ۾ آهيون، انهيءَ ۾ پيلا اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟“

”سچ آهي! اهڙيءَ حالت ۾ اوهان لاءِ اهو بلڪل ناممڪن آهي. ڏنو وڃي ته اوهان کي اهڙيءَ حالت ۾ هجڻ نه گهرجي. پر انهيءَ ۾ اوهان جو ڪوبه ڏوهه ڪونهي. اوهان جي ته قسمت ئي قتل آهي — منهنجو مطلب سمجهو ٿا نه؟ ۽ عورتون جن جي اوهان کي خبر آهي ته اهي اهڙن مردن کي پسند ڪنديون آهن، جيڪي ڏاهوڪا جوان ۽ حسين هوندا آهن. انهيءَ کان سواءِ عورتون، مرد جي جسماني طاقت ۽ قوت تي به جان ڏينديون آهن.“ هن ساڄي وقت پنهنجي قميص جو ڪف کوليو ۽ پنهنجو ڏورو ڏيکاريندي پڇيو، ”هن بازوءَ بابت اوهان جو ڇا خيال آهي؟“ هن جو بازو مضبوط ۽ اڇو هو، جنهن تي سونهري وار پٿي چمڪيا. وري هن چيو، ”نڪون ۽ ڇاتي به اهڙي ئي مضبوط آهي — گوشت مان پريل. پر طاقت کان

سواءِ مرد لاءِ اهو به ضروري آهي ته هو سدا ۾ سٺا
ڪپڙا به پائيندو هجي. مون کي ڏسو، سڀني عورتون
مون سان پيار ڪن ٿيون، جيتوڻيڪ مون هنن کي هٿ
ڪرڻ لاءِ ڪڏهن به ڪوشش نه ڪئي آهي ـــ
اهڙيون ته ڪيتريون ئي عورتون آهن." اٿين چوندي
هو هڪ نوڪريءَ تي ويهي رهيو ۽ اسان کي ٻڌائڻ
لڳو ته عورتون سندس دام ۾ ڪيئن ڦاسنديون آهن
۽ انهن سان هو ڪهڙي قسم جو سلوڪ ڪندو آهي.

هن جي وڃڻ کان پوءِ، اسين ڪيتري وقت تائين
ماٺ ۾ ويٺا رهياسون ۽ هن جي عشق جي افسانن
بابت سوچيندا رهياسون. انهيءَ خاموشيءَ کان پوءِ اسين
هڪدم ڳالهين ۾ لڳي وياسون، جنهن ۾ سڀني اهائي
راءِ ڏني ته اهو سپاهي هڪ مرد هو.

سپاهي سچ پچ نهايت ۽ خوشمزاج هو. هن اسان سان
اهڙين ڳالهين ڪيون هيون جڻ ته هو به اسان مان
ئي هڪ هو. اسان وٽ اڄ ڏينهن تائين ڪو به اهڙو
شخص ڪونه آيو هو، جنهن اسان سان اهڙي قسم جي
ڪشادي ڳالهه ٻولهه ڪئي هجي.

اسين ڪيتري وقت تائين هن جي انهن تازين
ڪاميابين جو ذڪر ڪندا رهندا هئاسون، جيڪي
هن کي ڪارخاني جي ڇوڪرين سان محبت ڪرڻ ۾
حاصل ٿينديون هيون ـــ انهن ڇوڪرين جي محبت،

جيڪي اسان کي ڏسي نفرت وچان منهن ڦيرائي ڇڏيندا هيون، ڇو ته هنن کي اسان مان ڪو واسطو ئي ڪونه هو ۽ جن کي اسين لالچي نظرن سان ڏسندا هئاسون، ڇاڪاڻ ته آهي ڪارخاني جي صحن ۾ قسمين قسمين سهڻا لباس پايو پيون گهمنديون هيون.

اوچتو ناتوانائيءَ ڏکويل آواز ۾ چيو، "تانيا بابت اوهان جو ڪهڙو خيال آهي؟ ڪٿيءَ هو به نه سپاهيءَ جي دام ۾ ڦاسي پوي؟"

انهن لفظن اسان سڀني تي ڏاڍو اثر ڪيو ۽ اسين سڀيئي خاموش ٿي وياسون.

تانيا جو خيال اسان جي ذهن مان بلڪل نڪري ويو هو، سپاهيءَ جي جانٺي ۽ خوبصورت جسم ڪجهه وقت لاءِ هن کي اسان جي اکين کان لڪائي ڇڏيو هو. ٿوريءَ دير کان پوءِ، بحث شروع ٿي ويو. اسان مان هڪڙن جو چوڻ هو ته تانيا هڪ معمولي سپاهيءَ خاطر پنهنجي عصمت تان هٿ نه کڻندي، پر ٻين چيو ته هوءَ سپاهين جي چالاڪين جو ڪڏهن به مقابلو نه ڪري سگهندي. انهيءَ تي اسان مان ڪن فيصلو ڪيو ته جيڪڏهن سپاهيءَ هن سان هٿ-چراند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته هن جو مٿس پيڇو ڇڏبو. انهيءَ بحث جو آخري فيصلو هيءُ ٿيو ته اسين سڀيئي تانيا جي حفاظت ڪريون ۽ هن کي انهيءَ خطري کان اڳواٽ ئي آگاهه ڪري ڇڏيون.

انهيءَ وچ ۾ هڪڙو مهينو گذري ويو. سپاهي معمول مطابق پنهنجي ڪم ۾ ٿي رُڌل رهيو. هو امان جي ڪارخاني ۾ ڪيترا ئي ڀيرا آيو، پر ڇوڪرين کي دام ۾ آڻڻ بابت وري ڪڏهن به ڪا ڳالهه ٻولهه ڪانه ٿي.

تانيا به هر روز صبح جو بسڪوٽن وٺڻ لاءِ ايندي هئي. دستور مطابق هن جي روش ۾ ڪوبه فرق ڪونه آيو هو. امان هن کي سپاهيءَ کان خبردار رهڻ لاءِ آگاهه ڪري ڇڏيو، پر هن جون ٽوڪون ۽ چٿرون ٻڌي امان کي يقين ٿي ويو ته هوءَ سپاهيءَ جي آوڙ ۾ اچڻ واري نه هئي.

اسين جڏهن هر روز سپاهيءَ سان ڪنهن نٺين ڇوڪريءَ کي گهمندي ڏسندا هئاسون، تڏهن امان کي پنهنجي ننڍڙي ۽ ڪنواري تانيا تي فخر ٿيندو هو. تانيا جي انهيءَ عزت جهڙيءَ روش امان جا حوصلا وڌائي ڇڏيا. هاڻي اسين، هن جي آبروءَ جا نگهبان، سپاهيءَ کي نفرت سان ڏسڻ لڳاسون ۽ تانيا جي عزت ۽ محبت امان جي دلين ۾ ڏينهون ڏينهن وڌندي وئي.

هڪڙي ڏينهن سپاهي شراب جي نشي ۾ ٻڏل، کِلندو امان جي ڪمري ۾ آيو. امان جڏهن هُن کان کلڻ جو سبب پڇيو ته هن جواب ڏنو، ”منهنجي ڪري اِن ڇوڪرين ۾ جهيڙو ٿي پيو .... هنن هڪٻئي کي ڏاڍو بڇڙو ڪيو — ها ها ها! هو هڪٻئي کي وارن کان ڇڪينديون زمين تي ڪري پيون — ها ها ها!

۽ جهنگلي ٻلين وانگر هڪٻئي جو منهن پٽڻ لڳيون — ۽ مون کي ته ڪلي ڪلي پيٽ ۾ سور پئجي ويو. مون کي ته عجب آهي ته عورتون ڪئين طرح ڇو نه ٿيون وڙهن. جنهن پٽڻ مان ڪهڙو فائدو؟" هو بئنچ تي ٿي ويٺو ۽ ڏاڍو تندرست ۽ صاف ستھرو پئي لڳو. اسين سڀئي چپ هئاسون، ڇا لاءِ ته هن جو ڪمري ۾ اچڻ اسان کي سٺو نه لڳو هو.

"آءٌ انهيءَ پروليءَ کي سڃاڻان ٿو مگر ان. خدا ڄاڻي عورتون مون تي ڇو ٿيون ساهه ڇڏين — اک ڇنڀ ۾ ٿي." ائين چوڻ وقت سپاهي پنهنجي ٻانهن کي هوا ۾ اڇليندو رهيو ۽ اسان ڏانهن محبت سان ڏسندو رهيو.

اسان جي نانوائيءَ ڪاوڙ وچان لوهي سيخ کي تنور ۾ تيزيءَ سان گهمائيندي چيو، "نينگرن سان کي پٽڻ ڪا جوانمردي ڪانهي. مزو تڏهن آهي، جڏهن ڪنهن مضبوط وڻ کي ڪيرائجي."

سپاهيءَ پڇيو، "تون مون کي ڪجهه چوڻ ٿو گهرين ڇا؟"

"هائو، آءٌ توکي ئي چوان ٿو."

"انهيءَ مان تنهنجو مطلب؟"

"ڪجهه به ڪونهي — ڪجهه به ڪونهي!"

"ترس، ترس! آهو ڪهڙو مضبوط وڻ آهي، جنهن جو تو ذڪر ٿي ڪيو؟"

انهيءَ جو نانوائيءَ ڪوبه جواب نه ڏنو ۽ هو تنور مان ڦلڪا بسڪوٽ ڪڍڻ ۾ مشغول رهيو. ائين ٿي

لڳو جڻ ته هو سپاهيءَ ۽ سندس ڳالهه ٻولهه کي وساري ويٺو هو. پر سپاهيءَ کي ته جڻ لوچ پوچ ٿي آئي ۽ هو پنهنجيءَ جاءِ تان اٿي تنور جي ويجهو آيو ۽ چوڻ لڳو، ”پڌاءِ ته ـــ تو ڪهڙيءَ عورت جي ڳالهه ٿي ڪئي؟ ـــ تو ته منهنجي بيعزتي ڪئي آهي. ياد رک ته ڪابه عورت مون تي غالب ٿي نٿي سگهي.“

انهيءَ ڳالهه ٻولهه مان ظاهر هو ته نانوائيءَ جي انهيءَ جملي تي سپاهي ڏاڍو ناراض ٿيو هو. شايد ڪيس انهيءَ ڳالهه تي فخر هو ته عورتن کي ڦاسائڻ جا گُر مون کان وڌيڪ ٻيو ڪوبه نه ٿو ڄاڻي. حقيقت ۾ انهي خوبيءَ کان سواءِ، ان شخص ۾، زندگيءَ مان تعلق رکندڙ ٻي ڪابه اهڙي صفت موجود نه هئي. رڳو انهي خوبيءَ جي ڪري هو پاڻ کي زنده انسان سڏائڻ جو حقدار هو. دنيا ۾ ڪي اهڙا ماڻهو به رهن ٿا، جيڪي ڪنهن بيماريءَ کي، ڪٿي اهـا روحاني هجي يا جسماني، پنهنجي زندگيءَ جو هڪ قيمتي تحفو سمجهي، ساري ڄمار اُن کي پاليندا رهندا آهن ۽ انهيءَ ۾ ئي پنهنجي زندگيءَ جو راز سمجهندا آهن. جيتوڻيڪ گهڻو ڪري اهڙي زندگي ڏاڍي تڪليف ڏيندڙ هوندي آهي. اهي ماڻهو انهيءَ تڪليف واري زندگيءَ بابت ٻين کي دانهون ڏيندا وتندا آهن، رڳو انهيءَ لاءِ ته پاڻ جهڙن ۽ پاڻ جيڏن جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪي سگهن، ۽ اهي هنن کي همدرديءَ جي نظرن سان ڏسي سگهن. جيڪڏهن اهڙن ماڻهن

کان سندن بيقراري، تڪليف ۽ اوچ پوچ ڦري وئجي ۽ هنن جي مرض جو علاج ڪيو وڃي، ته اهي اڳي وانگر خوش نه رهي سگهندا، ڇا لاءِ ته اهڙيءَ طرح هنن جي زندگيءَ جو آخري سهارو هنن کان ڦرجي ويندو — اهي تهه خالي ڍانو مثل ٿي پوندا. انهيءَ کان سواءِ، ڪڏهن وري ائين به ٿيندو آهي جو ڪو ماڻهو غريبيءَ ۽ مفلسي ۾ وڃڻ ڪري ڪنهن عيبدار شيءِ سان به محبت ڪندي ويرم نه ڪندو آهي ۽ انهيءَ جي سهاري ٿي زنده رهڻ گهرندو آهي. مطلب هيءُ ته ڪيترائي ماڻهو رڳو دماغي بيماريءَ جي ڪري گناهه ڪرڻ تي تيار ٿيندا آهن.

سپاهي ڏاڍو ڪاوڙجي پيو ۽ نانوائي ته آلر ڪندي چوڻ لڳو، ”آءٌ جو توکان هر هر پڇان پيو ته ڳالهه ڪر — آخر اها ڪهڙي ڇوڪري آهي، جنهن جو تو ذڪر ٿي ڪيو؟“

نانوائيءَ، سپاهيءَ ڏانهن اوچتو منهن ڏيندي جواب ڏنو، ”ته بوءِ جوان!“

”ها، ها، چئي ڏي.“

”ڇا تون تانيا کي سڃاڻين ٿو؟“

”ڇو؟“

”اهائي ته ڇوڪري آهي. هت هجئي ها ته هُن کي آور ۾ آڻ.“

”ڇا اهو ڏين مون کي ٿو چوين؟“

”ها، ها، تون کي ئي ٿو چوان.“

”اها ته هڪ معمولي ڳالهه آهي.“

”اسان کي به ته خبر پوي!“

”ته پوءِ اوهان به ڏسندؤ — ها ها ها!“

”اڙي! هوءَ ته تو ڏانهن اک کڻي به نه نهاريندي.“

”رڳو هڪ مهيني جي مهلت گهرجي.“

”نهيو، نهيو. هاڻي پڪا نه هڻ ميان!“

”چڱو تہ پوءِ چوڏهن ڏينهن. انهيءَ کان پوءِ اوهين پاڻ ڏسجو. ڇا نالو آهي هن جو؟ هاڻو، تانيا.“

”چڱو هاڻي جان ڇڏ. ڪم ۾ اجائي سڙپ پئي ٿئي.“

”بس، رڳو چوڏهن ڏينهن، انهيءَ کان پوءِ هوءَ منهنجي قبضي ۾ هوندي ۽ اوهين پنهنجيءَ قسمت کي پٽيندا رهندؤ.“

”آءٌ چوان ٿو هتان هٽي وڃ.“ اهو چوندي، نانوائي ڪاوڙ ۾ ٽپي سرخ ٿي ويو. سپاهيءَ کي عجب لڳو ۽ مانڊ ميٽ ۾ ائين چوندو ٻاهر هليو ويو ته ”چڱو، آءٌ وڃان ٿو.“

انهيءَ جهيڙي هلندي اسين سڀئي مانڊ ڪيو ويٺا هئاسون. ڇاڪاڻ ته اسان هن جي انهيءَ ڳالهه ٻولهه کي ڏاڍي ڌيان سان پئي ٻڌو. پر جيئن ئي سپاهي ٻاهر ويو، اسان ۾ هڪڙو هل هنگامو پئجي ويو. اسان مان هڪ رڙ ڪندي نانوائيءَ کي چيو: ”تو کي ڪهڙيءَ ڪٺيءَ ڪنيون جو ...“

ٽانوائيءَ سختيءَ سان وراڻيو، "پنهنجو ڪم ڪر، بڪواس نه ڪر."

اسان کي حقيقت ۾ انهيءَ ڳالهه جي ڳڻتيءَ اچي ورايو ته سپاهي پنهنجي واعدي پاڙڻ جي ضرور ڪوشش ڪندو، تنهنڪري ٽانيا جي آبرو يقيناً خطري ۾ آهي.

تنهن هوندي به اسين انهيءَ بحث جي نتيجي ڏسڻ لاءِ ڏاڍا بيقرار هئاسون — انهيءَ بحث جو نتيجو، ڀيڪو ڪنهن به حالت ۾ سٺو نه ٿيڻو هو. "ڇا ٽانيا، سپاهيءَ جي مقابلي ڪرڻ جي سگهه ساري سگهندي؟"
انهيءَ سوال تي اسان سڀني کان رڙ نڪري ويئي، ڇو ته اسان کي هن تي پورو پورو ڀروسو هو، "ننڍڙي ٽانيا ضرور ثابت قدم رهندي."

پنهنجي ننڍڙي ديوتا جي ثابت قدمي ۽ استقلال جي امتحان لهڻ لاءِ اسين گهڻي وقت کان خواهشمند هئاسون. پر هاڻي اسين پاڻ ۾ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئاسون، ته ٽانيا انهيءَ امتحان ۾ ضرور ڪامياب ٿيندي.

انهيءَ ڏينهن کان اسان جي زندگيءَ ۾ عجيب ڦيرو اچي ويو هو، اهڙو ڦيرو جنهن جي اڳي اسان کي ڪابه ڄاڻ نه هئي. اسين پاڻ ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ بحث ڪندا هئاسون، ڄڻ ته اسين وڌيڪ عقلمند ۽ سياڻا ٿي ويا هئاسون ۽ اسان جي گفتگو وزندار ٿي ويئي هئي. اسان کي ساڳئي وقت اهو به احساس پئي ٿيو،

تہ اسان شيدان سان شرط رکيو هو ۽ اسان جي طرفان تانيا انهيءَ شرط جو داءُ هجي.

هڪڙي ڏينهن ڪيڪ ڏاهيندڙ نانوائيءَ اسان کي خبر پهچائي تہ سپاهي، تانيا جي ہويان پئجي ويو آهي. اهو ٻڌي اسان کي ڏاڍي تڪليف پهتي ۽ اسين انهيءَ رنج کي مٽائڻ لاءِ پنهنجي ڪم ۾ ايترو تہ غرق ٿي وياسون، جو اسان جي مالڪ اسان جي بيقراريءَ ۽ بيچينيءَ جو فائدو وٺندي، مئيدي جي وزن ۾ ٽيهن سيرن جو اضافو ڪري ڇڏيو. بيقراريءَ جي انهن ڏينهن ۾ اسان جي زبان تي هر وقت تانيا جو نالو هوندو هو ۽ صبح جو هر روز اسين ڏاڍيءَ بيچينيءَ سان هُن جو انتظار ڪندا هئاسون. جيتوڻيڪ هوءَ اسان وٽ هر روز ايندي هئي، پر اسان ڪڏهن بہ هن سان سپاهيءَ واري تڪرار جو ذڪر نہ ڪيو ۽ نہ وري هن ڪان ڪنهن قسم جي پڇاڳاڇا ڪئيسون. انهيءَ جي برخلاف اسين دستور مطابق هن سان عزت ۽ پيار سان پيش ايندا رهياسون. پر هاڻي انهيءَ روش ۾ ڪنهن نئينءَ شيءِ جو شائبو پئي محسوس ٿيو: اهڙي شيءِ جيڪا فولادي ڌار وانگر تيز ۽ ٿڌي هوندي آهي.

نانوائيءَ صبح جو ڪم شروع ڪندي ٻڌايو، ”دوستو! اج مدي جو وقت ختم ٿي رهيو آهي.“

جيتوڻيڪ انهيءَ ڳالهہ جو اسان کي اڳ ئي

علم هو، پر نانوائيءَ جي واتان ٻڌي اسين ننهن کان وٺي چوٿيءَ تائين ڏڪي وياسون.

نانوائيءَ پنهنجي ڳالهه جاري رکندي چيو، "هوءَ چاڻ ته آئي، اوهين هن کي غور سان ڏسجو."

اسان مان هڪ دوست ڏکائتي آواز ۾ چيو، "چڱو ته هن جون اکيون اسان کي سڀڪجهه ٻڌائينديون."

انهيءَ تي بحث شروع ٿي ويو. اج اسان کي سڀڪجهه معلوم ٿي ويٺو هو ته آهو ڦاٿو جنهن ۾ اسان سڀني جون دليون رکيل هيون، ڪيترو صاف ۽ اجرو آهي؟ هيترن ڏينهن ۾ اسان کي اج ئي خبر پئجي سگهي ته اسين هڪ وڏو داءُ هٿي ويٺا هئاسون، جنهن ۾ اسان جي ديوتا جي گم ٿي وڃڻ جو انديشو هو.

ٽورن ڏينهن کان اسان کي اهي ئي خبرون پئي پهتيون، ته سپاهي پنهنجو مقصد حاصل ڪرڻ خاطر تانيا جي پٺيان ٻاچي وانگر پئي هليو.

جيتوڻيڪ تانيا دستور مطابق هر روز اسان وٽ بسڪوٽ وٺڻ لاءِ ايندي هئي، پر اسان ڪڏهن به هن کان سپاهيءَ بابت ڪا پڇاڳاڇا نه ڪئي؛ اسين پاڻ انهيءَ ڳالهه تي سخت حيران هئاسون.

اج به اسان اهو ئي مٺڙو ۽ نرم نازڪ آواز ٻڌو، "ننڍڙا قيديو! آءٌ اچي ويئي آهيان ...."

اهو آواز ٻڌي اسين سڀئي اڳتي وڌياسون ۽ جڏهن هوءَ اندر آئي، تڏهن معمول خلاف اسان ماڻ سان هن جو آڌرڀاءُ ڪيو. اسان جون اکيون هن ۾ ائين کتل هيون، ڄڻ اسان کي ڪجهه سمجهه ۾ ئي نه پئي آيو ته ڳالهه ڪيئن شروع ڪئي وڃي؟ —

اسين بلڪل هڪ خاموش ۽ ڏڪائتي تصوير مثل هن جي اڳيان بيٺا هئاسون.

انهيءَ معمول خلاف حيرت جهڙي آڌرڀاءُ کي ڏسي، هوءَ اچرج ۾ پئجي ويئي. اوچتو هن جو رنگ، هلڪو پئجي ويو. هوءَ بيقراريءَ ۽ بيچينيءَ سبب هلڪي آواز ۾ چوڻ لڳي، اڄ اوهان کي ڇا ٿي ويو آهي؟"

نانوائيءَ ڏاڍي ڏڪائتي لهجي ۾ چيو، "تون پنهنجي ڳالهه ڪر؟"

"پنهنجي ڳالهه ڪريان؟ ڇا مطلب؟"

"نه نه ڪجهه ڪونهي، ڪجهه ڪونهي."

"ته پوءِ بسڪرٽ ڏيو — جلدي ڪريو." اڳي هن ڪڏهن به اهڙي ڦڙتي نه ڏيکاري هئي.

نانوائي، تانيا جي منهن ۾ گهوريندو رهيو ۽ چوڻ لڳو، "تو کي تڪڙ ڇا جي آهي؟"

انهيءَ سوال تي هوءَ هڪدم دروازي ڏانهن وڌي ۽ ٻاهر ڊوڙي ويئي.

نانوائيءَ لوهي سيخ پنهنجي هٿ ۾ کنئي ۽ تنور ڏانهن ويندي آهستي چوڻ لڳو، "انهيءَ جو

مطلب آهي ته هاڻي هوءَ هُن جي ٿي ويئي — اهو سپاهي .... بدمعاش .... حرامزادو!"

اهو ٻڌي اسين رڍن جي ڌڻ وانگر، پنهنجا ڪنڌ لوڏيندا، تختي ڏانهن وڌياسون ۽ ماٺ ميٺ ۾ ڪم ڪرڻ لڳاسون.

اسان مان ڪنهن هڪ پاڻ کي تسلي ڏيندي چيو، "ٻر ڇا اهو ممڪن به ٿي سگهي ٿو؟"

نانوائيءَ ٻريان ئي رڙ ڪندي چيو، "بڪواس بند ڪر! هاڻي وڌيڪ ڳالهائڻ جي ضرورت نه آهي."

اسان سڀني کي ڄاڻ هئي ته نانوائي عقلمند هو؛ اسان کان گهڻو داناءُ، تنهنڪري هن جي رڙين مان اسين هن نتيجي تي پهتاسون ته هو سپاهيءَ جي فتحمنديءَ ۽ ڪاميابيءَ جو اقرار پيو ڪري. اهو خيال ڪندي اسين پاڻ کي اڳي کان به وڌيڪ بيقرار ۽ بيچين محسوس ڪرڻ لڳاسون.

ڏينهن جو ٻارهين بجي يعني ٻنپهرن جي مانيءَ کائڻ وقت سپاهي آيو. هو معمول مطابق خوش هو ۽ اسان جي اکين ۾ اکيون پائي، چوڻ لڳو، "عزيز دوستو! جيڪڏهن اوهان اڄ منهنجي ڪاميابيءَ جو نمونو ڏسڻ گهرو ٿا، ته صحن جي پرواري ڪمري ۾ وڃي درين مان جهاتي پائي ڏسو — سمجهي ويؤ؟"

سپاهيءَ جي چوڻ مطابق اسين صحن جي پرسان ڪمري ۾ هليا وياسون ۽ پنهنجون نگاهون درين جي سوراخن مان جهائي ڇڏيونسون.

اسان کي گهڻو وقت انتظار ڪرڻو پيو؛ چاڪاڻ ته صحن سان لڳ چڪڙ ۽ برف سان پريل ڪتڻن وٽان تانيا تيز تيز قدم کڻندي لنگهي، ٿورن ٿي منٽن کان پوءِ سپاهيءَ به منهن ڪيو ۽ ڪوٽ جي وڏن کيسن ۾ هٿ وجهيو، مزي سان سيٽي وڄائيندو ساڳيءَ راهه کان تانيا جي پٺيان هن وانگر ٿي اسان جي نظرن کان غائب ٿي ويو ۽ اسين ڪڏن ۾ ڪيرندڙ مينهن جي ڦڙن کي، جيڪي عجب جهڙو آواز پيدا ڪري رهيا هئا، غور سان ڏسڻ لڳاسون.

مينهوڳيءَ جي ڪري اچوڪو ڏينهن ڏاڍو آداس ۽ گهميل هو، گهرن جي ڇتين تي برف جا تهه ڄمي ويا هئا ۽ زمين تي گپ گارو گڏ ٿي ويو هو، مينهن ڇڻ ته سڏڪا ڀريندو زمين تي پٽجي رهيو هو.

هڙتيءَ سيءَ ۾، اهڙيءَ طرح بيهڻ جيتوڻيڪ ڏکيو پئي لڳو، پر اسين تانيا جي بيوفائيءَ تي سخت ناراض هئاسون. هن هڪ معمولي سپاهيءَ خاطر اسان ميٺي کي ٽوڙي ڇڏيو هو. اسين جلادن جهڙيءَ هيبتناڪ خاموشيءَ سان انتظار ڪرڻ لڳاسون.

ٿوري وقت کانپوءِ، تانيا واپس آئي. هن جون اکيون ـــ هائو، هن جون اکيون ڪنهن اڻڄاڻ خوشيءَ وچان پئي چمڪيون، چپن تي مرڪ هيس ۽ هوءَ اهڙيءَ طرح لڏندي لمندي پئي آئي، ڄڻ ته ننڊ ۾ آهي.

انهيءَ نظاري کي اسين خاموشي سان نه ڏسي سگهياسون. اسين ڪوٺيءَ مان ڇرين وانگر وٺي ڀڳاسون ۽ صحن ۾ پهچي هن تي گارين ۽ لعنتن جا وسڪارا لائي ڏناسون. اسان کي انهيءَ حالت ۾ ڏسي هوءَ ڏڪي ويئي ۽ بيهي رهي، ڇڻ ته هوءَ گپ ۾ ڦاسي پيئي هجي. اسين سڀئي هن کي وڪوڙي وياسون ۽ سواءِ ڪجهه ڀڇڻ ڳاڇڻ جي دل کولي هن تي لعنت ملامت ڪئيسون ۽ هن کي گنديون گاريون ڏنيونسون. اسان گارين ڏيڻ وقت ڪڙڪو نه ڪيو، پر انهيءَ موقعي کان چڱيءَ طرح فائدو وٺندا رهياسون. ڇاڪاڻ ته اسان کي ٻڪ هئي ته هوءَ اسان جي گهري مان ٻاهر نڪري سگهي ۽ اسان کي ٻورو پورو وجهه مليو هو ته اسين پنهنجي دل جي باهه ڪڍي ٻاهر ڪريون. البت عجب آهي ته اسان هن کي ڌڪ ڦٽ نه هنيو!

هوءَ اسان جي وچ ۾ خاموشيءَ سان بيٺي، اسان جون گاريون ٻڌندي رهي — ۽ اسين گارين ۽ طعنن جي وسيلي پنهنجيءَ دل جي باهه اجهائيندا رهياسون. ٿوريءَ دير کان پوءِ، هن جي چهري جو رنگ ڦري ويو. هن جون نيريون نيريون اکيون، جيڪي ٿورو وقت اڳي ڪنهن اڻڄاڻ خوشيءَ وچان چمڪيون پئي، ڦاٽي ويون. هوءَ تڪڙا تڪڙا ساهه کڻڻ لڳي ۽ هن جا چپ ڏڪڻ لڳا. اسين هن جي چوڌاري بيٺا

پنهنجي دل جي باهہ وساٽيندا رهياسون، ڇاڪاڻ تہ هن اسان کي فريب ڏنو هو. هوءَ تہ اسان جي هئي؛ اسان هن جي اڳيان پنهنجون دليون ڪڍي رکيون هيون، پوءِ ڪٿي اهي پيروءَ جي ٺڪرن ڪان بہ گهٽ قيمت جون ڇونہ هيون — پر هن انهن ڇوڪرن دلين کي هڪ معمولي سپاهيءَ ڪاڻ ٺڪرائي ڇڏيو هو.

اسين هن کي گاريون ڏيندا رهياسون ۽ هوءَ ماٺ ميٺ ۾ — اهڙي جانور جيان، جنهن کي شڪارين گهيريو هجي، قائل اکين سان ڏڪندي ڏڪندي، اسان ڏانهن ڏسي رهي هئي.

ايتري ۾ اتي پيا بہ ماڻهو اچي گڏ ٿيا. اسان مان هڪ ساٿيءَ تانيا جي چولي کي جهلي وٺي ڇڪ ڏني، جنهن تي هن جي اکين ۾ هڪ چمڪو ڏسڻ ۾ آيو ۽ هوءَ پنهنجي ڪنڌ کي لوڏيندي، وارن کي ٺاهيندي اسان ڏانهن گهورڻ لڳي ۽ چوڻ لڳي "هون! — جهل جا ذليل جانور!" ائين چئي هوءَ اسان جي گهيري مان بيپرواهيءَ سان نڪري ويئي، ڄڻ تہ اسين ڪجهہ بہ ڪين هئاسون — هن جي اها دليري ڏسي اسان مان ڪنهن کي بہ همت نہ ٿي جو هن جو رستو روڪي سگهي.

اسان جي گهيري مان ٻاهر نڪرندي هن وڏيءَ نفرت سان چيو، "ڪمينا ۽ ذليل انسان!" ائين چوندي هوءَ اسان جي نظرن کان غائب ٿي ويئي، ۽ اسين

صحن ۾، گپ گاري ۽ برف جي ڍيرن جي وچ ۾، سخت مينھوڳيءَ ۾، سج کان خالي آسمان ھيٺ ھلندا رھياسون.

ٿوري وقت کان پوءِ، اسين چپ چاپ پنھنجي پٿريلي پڙري ۾ موٽي آياسون. سڄ جون زندگي بخش شعاعون معمول مطابق ڪڏھن به اسان تائين پھچي نه سگھيون - ۽ تانيا، وري ڪڏھن به اسان ڏانھن ڪانه آئي.

لوئي ڪپيرس
انڊونيشيا

ڄاڙن جي جوڙي

آءٌ هنن ٻنهي کي سڃاڻندو هوس. هنن جا نالا هئا جيڪب ۽ هينڊرڪ رئسبرانڪ ۽ ازي ۽ ماجوري ليلي ڪئمپ. ڇوڪرا ايمسٽرڊم جي رئسبرانڪ خاندان جو اولاد هئا ۽ ڇوڪريون آمريڪا جي ليلي ڪئمپ گهراڻي مان هيون، جنهن کي نيويارڪ ۾ 'لکي ڪئمپ' سڏيو ويندو هو، پر اصل ۾ اهي ٻچ خاندان جون ئي اولاد هيون. هنن کي ڏسڻ سان خوشي ٿيندي هئي. جڏهن هو چار ئي گهوڙ ڦرڻ لاءِ ٻاهر ويندا هئا يا ڪنهن هوٽل يا نائٽ-گهر ۾ هوندا هئا، پوءِ ڪٿي اهو لنڊن ۾ هجي يا پئرس ۾، تڏهن هرڪو هنن کي ئي ڏسندو رهندو هو. رئسبرانڪ خاندان جا اهي ٻئي ٻچ ڇوڪرا تندرست ۽ سگهارا هئا، جيتوڻيڪ هنن جي عمر رڳو ڇويهه سال هئي، پر سندن هلت چلت ۽ روش غيرمعمولي هئي، جنهنڪري ڪين خوشقسمت ۽ معزز سمجهيو ويندو هو. سندن انهن خوبين مان ظاهر ٿيندو هو ته هو بيشڪ هينئين ملڪ جي مشهور، معزز ۽ امير خاندان جو اولاد هئا. هنن ڇوڪرن تي شروع کان ئي سندن پيءُ جو اثر ويٺل هو. ونن جيڪي ڪجهه به هو، انهيءَ تي ئي قناعت ڪندا هئا ۽ سنجيدي

۽ سادي زندگي گذاريندا هئا. پر ساڳئي وقت سٺن ڪپڙن ، موٽر گاڏين ۽ سگريٽ رکڻ جي ڪيتين سان اهو به معلوم ٿيندو هو ته اهي ڏاڍا اعتدال پسند ۽ خوش ذوق پڻ هئا. سچ پڇو ته جتين ۽ هنبڙڪ سلڇڻا ڇوڪرا هئا. مون کي ڪڏهن به اها خبر ڪانه پيئي ته انهن ٻنهي ڀاڻرن مان ڪهڙو ڀاءُ مون کي وڌيڪ پسند هو: ڇاڪاڻ ته اهي ائين ٿي لڳا ڄڻ ته پاڻ ۾ جا ٻه ڦڙا هجن. ٻنهي جا وار هڪجهڙا ۽ هڪ ئي نموني تي ڪٽيل هوندا هئا. پيئي ڄڻا ڏاڙهي سچون ڪوڙيندا هئا ۽ ٻنهي جي گلاب جهڙن سرخ چهرن مان مردانگي ۽ وقار پيو بکندو هو. پيئي ساڳئي هٽ جي ساڳئي آگر ۾ هڪجهڙيون منڍيون پائيندا هئا. هنن جا ڪپڙا به هڪڙو ئي درزي سبندو هو. حقيقت هيءَ هئي ته هنبڙڪ ۽ جتين جي ڏسڻ کان پوءِ خبر ئي نه پوندي هئي ته ڪير هنبڙڪ آهي ۽ ڪير جتين! البت جتين، جيڪو پنهنجي ڀاءُ کان عمر ۾ وڌيڪ هو، تنهن جو قد سوت کن وڏو هو: اهو فرق به فقط انهيءَ وقت ظاهر ٿيندو هو: جڏهن پيئي ڄڻا ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهندا هئا. انهي وقت خبر پوندي هئي ته ڪير هنبڙڪ آهي ۽ ڪير جتين. جتين جي قد ، بت ۽ جسامت ۾ هڪ سوت جي واڌ ئي تڏهن محسوس ٿيندي هئي ، انهيءَ وقت به خبر نه پوندي هئي، جڏهن پيئي ڄڻا گڏجي هلندا هئا.

هنن جو پيءُ رئسڊانڪ هڪ سدجهو ۽ عقلمند شخص هو. ڪيس اها ڳالهه هرگز پسند نه هئي ته جتن ۾ هئنڊرڪ هڪ امير شخص جي اولاد جي حيثيت ۾ ايمسٽرڊم جي بئنڪ ۾ آسودي زندگي گذارين ۽ ٺهنڪري هن ڪين آمريڪا آماڻيو ته جيئن ٻاهرين ملڪن جي وڻج واپار مان ڪا چاڻ پرائي سگهن. جتن نيويارڪ روانو ٿيو ۽ هئنڊرڪ بالٽي مور آسهيو. جتن نيويارڪ ۾ پهچڻ شرط لزي ليلي ڪئمپ جي دام - محبت ۾ گرفتار ٿي پيو. پنهي جي گڏجاڻي نيويارڪ جي هڪ محفل ۾ ٿي هئي. سونهري وارن واري لزي سچ پچ ته هڪ سهڻي ۽ من موهڻي ڇوڪري هئي. پر ساڳئي وقت هوءَ سلڇڻي ۽ مهذب پڻ هئي. البت آمريڪي رواج مطابق ٿوري البيلي ۽ بيپرواهه ضرور هئي، پر ايتري به نه، جو جتن جي پسند ۽ ذوق تي خراب اثر ڪري. انهيءَ ڪان سواءِ هوءَ پاڻ به هڪ امير ڇوڪري هئي ۽ مسٽر ليلي ڪئمپ واپارين جو ڄڻ ته بادشاهه هو، جيتوڻيڪ مون کي اها پوري پڪ نه آهي ته هو کهڙي ڌاتوءَ يا خوراڪ جو سوداگر هو. خير، پنهي شادي ڪئي، ڇاڪاڻ ته شادي نه ڪرڻ جو ڪو پيو سبب به ڪونه هو. هنن پوءِ فيصلو ڪيو ته پن - ٽن سالن ڪان پوءِ، هالئنڊ هلبو ۽ نيويارڪ واريءَ جاءِ جو نيڪال نه ڪبو. جيڪڏهن مال متاع هجي ته ڪابه ڳالهه مشڪل ڪانهي ۽

لزيءَ جي اها آرزو هوندي هئي ته هر ٽئين مهيني کان پوءِ باقاعدي آمريڪا کان ”پياري پراڻي يورپ“ ڏانهن سير لاءِ ويندي رهان. جتي جي ذري پرس جي رودي لاپي کان وٺي، بيروت جي واگنر ناٽڪ-گهر تائين، هر هڪ مشهور مقام مان چڱيءَ طرح واقف هئي.

هوڏانهن بالٽي مور ۾ هن سچي ڪهاڻيءَ مطابق، هينڊرڪ وِي لزيءَ جي جاڙي ڀيڻ، سونهري وارن واري، سهڻي ۽ من موهڻي ماجوري، ليلي ڪئمپ جي محبت ۾ مبتلا ٿي پيو. اها ڇوڪري به ڏاڍي وڻندڙ، سلڇڻي ۽ ذهين هئي. هن به لزي ۽ جتين وانگر شادي ڪئي؛ ڇاڪاڻ ته سندن شادي نه ڪرڻ لاءِ ظاهريءَ طرح ڪوبه اهڙو اعتراض نٿي ڏسڻ ۾ آيو. اهي ڀيڻيون جڏهن ڪٿي ڪاهي ۾ ملائي ٿي بيٺيون، تڏهن سچ پچ ته نه رڳو ڏسندڙن لاءِ پر خود هنن لاءِ به هڪ عجيب منجهائيندڙ ڳالهه ٿي پوندي هئي. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن هينڊرڪ ۽ جتين پاڻيءَ جي ٻن ڦڙن مثل هئا ته سونهري وارن واريون لزي ۽ ماجوري وري ماڪ جي ٻن ڦڙن مثل هيون.

ڪن معمولي سببن ڪري — آءٌ سمجهان ٿو ته شايد لزيءَ کي زڪام ٿي پيو هو ۽ هينڊرڪ پنهنجي بائسڪل تان ڪري پيو هو يا ٻيءَ ڪنهن معمولي ڳالهه سببان، هنن مان ڪوبه ڪنهن ٻئي جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿي نه سگهيو هو. اهو هڪ عجيب حادثو هو،

جڏهن ساريءَ ڳالهه جو مزو ئي وڃائي ڇڏيو. تنهنڪري شاديءَ کان پوءِ، هنن ٻنهي گڏجي 'پياري پراڻي يورپ' جي مزيدار سير جو پروگرام ٺاهيو. ايترو سو ٿيو جو انهيءَ پهرينءَ گڏجاڻيءَ کان پوءِ، جين ۽ هينڊرڪ ٽيرا هيڊا پهچي ويا هئا ۽ سندن ڪنهن جهرن تي اڳي کان وڌيڪ سنجيدگي اچي وئي هئي؛ پر هو ٻئي ڀيڻرون چرين وانگر کلنديون ۽ ٽهڪ ڏينديون رهيون ۽ هڪٻئي جي منڍين جي واکاڻ ڪنديون رهيون.

"هينڊرڪ"، جين پنهنجي پياري جاڙي ڀاءُ کي سنجيدگيءَ سان چيو: "آءُ توسان هڪ ڳالهه ڪرڻ گهران ٿو، جيڪا مون کي پريشان ڪندي رهي ٿي!"

"اها ڪهڙي ڳالهه آهي، جين؟" ننڍي ڀاءُ هينڊرڪ پڇيو، جيڪو قد-بت ۾ ڪٿي هڪ سوت ننڍو هو، پر ذهني طرح يقيناً هن کان ننڍو نه هو.

"هينڊرڪ! تنهنجي زال حقيقت ۾ هوبهو منهنجي زال جهڙي آهي."

"هوءَ بلڪل پنهنجيءَ ڀيڻ جهڙي آهي، جين!" هينڊرڪ جواب ڏنو؛ "پر هنن ۾ هڪ تفاوت آهي! ماجوري قد ۾ لزي کان ٿوري ننڍي آهي. تون اهو فرق فقط انهيءَ وقت محسوس ڪري سگهندين، جڏهن هو ٻئي ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهنديون — بلڪل اسان وانگر!"

"هائو، اهو سچ آهي، ميان!" جتين ويچاريندي چيو: "ساڳئي وقت سندن اها هڪجهڙائيءَ ئي آهي، جنهن مون کي فڪرمند ڪري ڇڏيو آهي. خير .... منهنجا پيارا دوست! هاڻي جيئن ته يورپ آسهڻ کان اڳ اسان کي ڳالهائڻ لاءِ خلاصو وقت مليو ويو آهي، تنهنڪري اسين پاڻ ۾ انجام ڪريون ٿا ته .... اسين تمام .... اسين ڏاڍا خبردار رهنداسون."

نيڪ، ايماندار ۽ ڪشادي قلب جتين تي اهڙيءَ ڳالهه جو ٿورو اثر ٿيو، ۽ هن پنهنجي پياري هينڊرڪ ڏانهن هٿ وڌايو. ٿوري بيپرواهه ۽ خوشمزاج هينڊرڪ زور سان ٺهڪ ڏيندي پنهنجو هٿ (جنهن جون آڱريون جتين جي آڱرين کان سوُت کن ننڍيون پئي معلوم ٿيون)، جتين جي هٿ ۾ ڪڻي ڏنو.

هينڊرڪ نه رڳو قد بت ۾ جتين کان پڪ ئي پڪ ٿورڙو ننڍو هو، پر هن جي طبيعت به ٿوري بيپرواهه هئي؛ انهيءَ هوندي به جتين وانگر هو هڪ نهايت مائيٽو ۽ سنجيدو ڇوڪرو هوندو هو. ٻنهي ڀائرن جي شروع کان ئي اهڙي طبيعت هئي. هنن ڪڏهن اسڪول واري زماني ۾ به اهڙا ڪلم ڪلا چرچا نه ڪيا، جيڪي ٻين کي حيرت ۽ تعجب ۾ وجهڻ جو سبب ٿين. جتين جي چاچيءَ يا چاچو، جڏهن غلطيءَ وچان چوندا هئا ته "ڀلي ڪري آئين، هينڊرڪ!" تڏهن هو ٺهه پهه مناسب جواب ڏيندو هو: "چاچي يا چاچا! اوهان غلطيءَ تي آهيو، آءٌ ته جتين آهيان."

البت اهڙي قسم جي ڳالهه آءٌ ليلي ڪئمپ گهراڻي جي ڇوڪرين بابت چئي نٿو سگهان. انهن پنهي پيارين پيٽن لاءِ ڪيل پوڳ ۽ وندر لاءِ ڪيترين ئي ڳالهين هيون، هو پنهنجي سچائپ جون ريښون ٻاهر ۾ مٽائي، ٻاهر ڪي ٻي پيٺ ثابت ڪرڻ جا بهانا ڪنديون هيون. اهي آمريڪن جاڙيون پيٺون، ٻج جاڙن پاڻرن جي پيٽ ۾ بهرحال وڏيڪ خوشمزاج ۽ ڪلمک هيون. اهڙيءَ طرح، اهي پيئي هڪجهڙن مهاندن وارا جوڙا، جسم ۽ روح جي بيپناهه فرق هوندي، اوشينڪ نالي ساموندي جهاز ۾ چڙهي، سفر تي روانا ٿيا.

ساموندي سفر ڏاڍو دلچسپ ۽ مزيدار هو، ڇاڪاڻ ته اچا پهرين وڏي لڙائيءَ جو ڪنهن نالو به نه ٻڌو هو. پنهي پاڻرن ايمسٽرڊم ۾ پنهنجين زالن کي ماڻٽن سان ملائڻ ڪان پهرين پئرس ۾ ٿورو ترسڻ ۽ رودي لاءِ جو سير ڪرڻ وڏيڪ ضروري سمجهيو. جوان جماڻ آمريڪي ڪنوارين جي خيال ۾ پئرس جا دڪان مثالي هئا؛ ريڊفر ۽ ورٿ جي دڪانن تي دلڪش ۽ خوبصورت پوشاڪون موجود هيون؛ روسي نالي وارو دڪان عمدي پشمي ڪپڙي سببان مشهور هـو ۽ تجلي ڏيندڙ ۽ چرڪندڙ جواهرات ته جتي ڪٿي موجود هئا. انهيءَ ڪان سواءِ، شاندار چمڙي ۽ پشمي کلن جا به ڪيترائي دڪان هئا. مطلب ته جڏهن ڪيسا پئسن سان پـرٻل هوندا آهن، تڏهن ڪنهن به شيءِ جي ڪمي ڪين

هوندي آهي، ۽ جوان جماڻ آمريڪي ڪنوارين کي پنهنجيءَ وندر لاءِ هڪ خاصو رؤنشو ٿي آيو ـــ جيتوڻيڪ اهي ٻيئي پيغرون طبيعت ۽ مزاج جي خيال کان پنهنجين آمريڪي سؤٽن کان مختلف هيون، پر جتين ۽ هئمبرڪ کي پڪ هئي ته اهي بيحد وڻندڙ، ۽ نازڪ ڇوڪريون آمريڪي نموني جي عيش عشرت ۽ فضول خرچيءَ ۾ ڪين ڦاسنديون. حقيقت ۾ انهن ٻنهي شادين جي ڪاميابيءَ ۾ ڪنهن به قسم جو شڪ شبهو ڪونه هو.

انهيءَ کان پوءِ هو سيئي هوائي جهاز رستي بروسيلز روانا ٿيا. سچ پڇو ته اهو واقعو انهيءَ هيبتناڪ جنگ کان اڳ جو آهي. وري به آهائي خريداري ـــ اوپيرا جا سير ۽ هوٽلن جي رهائش. هوٽل ۾ تہ تر ڇتڻ جي به جاءِ نه هئي ۽ سارو ڏينهن مصروفيت سبب اک ڇنڀ ۾ گذري ويو هو. رات جو سمهڻ کان اڳ ڪاڪو ڏاڍو شاندار ۽ مزيدار هو. هئمبرڪ خطن لکڻ واري ڪمري ۾ ٿورو ترسي پيو ۽ خطن لکڻ کان پوءِ انهيءَ ڪمري وٽ پهتو، جنهن ۾ هو پنهنجيءَ زال، ماجوريءَ سان گڏ رهيل هو.

هن جي هميشه کان عادت هوندي هئي تہ پنهنجيءَ زال جي ڪمري ۾ وڃڻ کان پهرين چڱيءَ طرح ۽ اطمينان سان دروازو ڪڙڪائيندو هو. هن انهيءَ دستور مطابق در ڪڙڪايو، پر اندران ڪو به جواب نه آيو. هن وري در ڪڙڪايو.

”هن وقت وري ڪهڙو ڪم ٿاڏو آهي؟“ اندران ڪاوڙيل آواز ۾ رڙ ٿي.

پنهنجيءَ ڪنوار جي رهائش واري ڪمري جي در وٽ، هئنڊرڪ کي هڪ اهڙو ذهني جهٽڪو پهتو جنهن جهڙو، هن ساريءَ عمر ۾ ڪڏهن به محسوس نه ڪيو هو. هن پنهنجي پياري ڀاءُ جتين جي مضبوط ۽ پُراعتماد آواز کي هڪدم سڃاڻي ورتو. هائو، اهو هُن جو ئي ڪمرو هو — هئنڊرڪ ۽ ماجوريءَ جو — ۽ جتين انهيءَ ڪمري مان اهڙيءَ رڙ ڪئي، ڄڻ ته اهو سندس حق هو؛ ڄڻ ته هن کي پنهنجي انهيءَ حق جو پورو پورو يقين هـو. انهيءَ کان سواءِ، هن کي انهيءَ وقت پريشان ڪرڻ جو ڪوبه سبب ڪونه هو. جڏهن هوٽل ۾ رهندڙ سيٺي مهمان، جن کي ڪوبه ضروري خط لکڻو نه هو — وڃي آرامي ٿيا هئا، تڏهن ساڳيءَ طرح هوٽل جا نوڪر به پنهنجا پنهنجا ڪم ڪاريون ختم ڪري هليا ويا هئا. ڏڪندڙ هئنڊرڪ جي چوڌاري رات جي سانت ۽ هوٽل جو بند ڇپ چاپ وارو ماحول ناچ ڪرڻ لڳو. اڪـيـلي ۾ هـن جي ذهن ۾ هزارين خيال آيا ۽ هليا ويا. آهو آواز، جتين جو آواز، هن جو پيارو ڀاءُ .... ڪمري جو نمبر .... رات جي ڪاڏي وقت پيتل شئمپين .... لـزي ۽ ماجوري .... آمريڪي پينزون .... اهو وقت جيڪو هن هوٽل جـي لڪڻ واري ڪمري ۾ ويهي خطن لکڻ ۾

وڃايو .... هوٽل جي خاموش ۽ چپ چاپ واري ماحول ۾ ڏيڍ بجي کان اڍائي بجي تائين هو، اهي سپيئي خيال غريب هئنڊرڪ جي ذهن ۾ ڦرندا ۽ پڙاڏا ڪندا رهيا، جيڪڏهن هو هڪ ڪلاڪ خطن لکڻ ۾ نه وڃائي ها، ته سچ پچ هن موقعي تي هو همت کان ڪم وٺي ها ـــ هاڻي، هن جي اها سموري همت غائب ٿي ويئي هئي، پنهنجي ٿوري وڏيڪ بيپرواهه طبيعت جي هوندي به، هن گهٽتي ۽ فڪر جي اوچتي جوش وچان ڏڪندي ڏڪندي، پنهنجي ڪشادي ذهن واري پاءُ، جتين بابت سوچيو، جنهن جي آواز هن کي روئڻهارڪو ڪري ڇڏيو هو، ۽ جنهن وڏي احترام ۽ يقين سان خبردار رهڻ جو انجام ڪيو هو. ڪڏ جي تري ۾ وڃي پون انهيءَ وڏي هوٽل جا وڏا وڏا ورانڊا .... شئمپين تـه ڏاڍي عمدي هئي .... ڪوبه هميشه اهو ياد رکي نٿو سگهي ته نمبر رڳو هڪ سؤ ايڪٽيهه آهي يـا رڳو ايڪٽيهه .... ويچارو جتين!

هئنڊرڪ نه رڳو هڪ ايماندار ۽ سچو ڇوڪر هو، پر هڪ خوشقسمت پڻ. هو ڪڏهن به پنهنجي پياري پاءُ کي ڪا ٿوري به تڪليف پهچائڻ بابت سوچي نٿي سگهيو. هن ڪڏهن بـه جتين جي ڪا خامي يا غلطي ڪين ڳولي ۽ نه وري هن جي بـُري هجڻ جو ويچاري ٿي سگهيو. ويچاري هئنڊرڪ جي ذهن ۾ خيالن جي اها اٿل پٿل ۽ طوفان فقط انهيءَ ڪري هو جو ....

هو چپ چاپ اتان کسڪي ويو .... مٿي ماڙيءَ تي — انهيءَ ڪمري ڏانهن، جنهن جي نمبر ۽ سندس ڪمري جي نمبر ۾ هڪ سؤ جو فرق هو.

هُن دروازو کڙڪايو. اندران آواز آيو: ”اندر هلي آءُ“ وري آواز آيو، ”تون هيترو وقت ڪٿي هُئين؟ توکي ته جلدي واپس اچڻو هو، ۽ آءٌ آهيان ڇا ڪلاڪ کان هت ويٺي تنهنجي راهه ڏسان.“

”مون کي پاڻ خط لکڻا هئا، لزي! جيئن به خط پئي لکيا.“ ايماندار هينڊرڪ وراڻيو.

هن پنهنجو روئڻهارڪو آواز محسوس ڪيو. بردبار ۽ سنجيده ٻچ چوڪرن جا گنڀير آواز اهڙن نازڪ موقعن تي بلڪل روئڻهارڪا ٿي ويندا آهن. دراصل هڪ ڏاڍي منجهائيندڙ صورتحال پيدا ٿي پئي هئي؛ اهڙي جيڪا هڪ چور کي يا ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ کي، جنهن جو چوريءَ ڪرڻ لاءِ ڪوبه ارادو نه هجي، ڪنهن مصلحت سبب چوريءَ ڪرڻ تي آماده ڪري. اهڙيءَ حالت ۾، جڏهن هن کي پنهنجي پياري پاءُ جي پاڪ ضمير ۽ هٿ ۾ هٿ ڏيئي انجام ڪرڻ جو خيال آيو ته ”اسين حالتن کي پوريءَ طرح سمجهندا سون ۽ انهن جي نتيجن کان خبردار رهڻ جي ڪوشش ڪندا سون.“

موقعو ۽ حالتون ڏاڍيون مناسب ۽ موزون هيون. هڪ وڏي خبرداري ڪرڻي هئي؛ اهڙي، جهڙي ڏيوالي نه ڪرڻ کان اڳ ضروري سمجهي ويندي

آهي. يقين ڪريو ته ايماندار ۽ شريف هئنڊرڪ وڏي سمجهداريءَ کان ڪم ورتو. هن کي خبر هئي ته سنڌس جاڙو ڀاءُ، پنهنجيءَ زال جي ننڊ مان جاڳڻ کان اڳ ۾ ئي، ڇهين بجي اٿي کڙو ٿيندو هو. اهيءَ صبح جو هو ڇهين بجي ننڊ مان جاڳيو. هن جي خوشقسمتي ڇئي جو جڏهن هو ڏاڪڻ لهي هيٺ ويو، تڏهن جئين به انهيءَ وقت ايڪٽيهين نمبر واري ڪمري مان نڪري غسلخاني ڏانهن پئي ويو.

هڪ وڏيءَ هوٽل جي ڏاڪڻ ۽ ورانڊن ـــــ منحوس ورانڊن ۾، صبح جي ٻُڙانيل روشنيءَ ۾ ريسڊانڪ پائرن جي پاجامن جو ڏنڏلو جهلڪو پئي نظر آيو. هڪڙي ڏاڪڻ واريءَ پٽ جي پٺيان پئي ليٿا پائي، ۽ پيو پوري اعتماد ۽ يقين سان لڙانيل شيشن واري دروازي کي بند ڪري، اندران خبرداريءَ سان ڪلف ڏيئي رهيو هو. ٿوريءَ دير کان پوءِ، جڏهن جئين پنهنجي ڪمري ۾ اچي ٿي ڪڙيو تڏهن هن دروازو پوريل ڏٺو. هن دروازي جي اندران پاڙس هئنڊرڪ، مصنوعي ڪاوڙ وچان رڙ ڪندي چيو:

"ڇا ڳالهه آهي؟"

"خير ته آهي!" جئين وراڻيو. "ڇا، هي منهنجو ڪمرو ڪونهي؟"

هئنڊرڪ وڏي وقار سان دروازي وٽ اچي بيٺو.

”جتين، تون آهين، چا؟“ هن وڏي نرمائيءَ ۽ هٺرادو حيرت ظاهر ڪندي پڇيو. ”تون ڪيئن آئين جتين؟ صبح جو ڇهين بجي توکي ڪهڙي شيءِ جي ضرورت پيئي؟“

”پر، هئنڊرڪ،“ جتين چيو، ”مون سمجهيو ته ــ“

”چا؟“

”اهو ئي ته هيءَ منهنجو ئي ڪمرو آهي. اسان جو ڪمرو، لڙي ۽ منهنجو ....“

”پيارا ڀاءُ، تون ڀليو آهين“، هئنڊرڪ آرس پڇندي ۽ اوباسي ڏيندي نهايت هوشياريءَ سان جواب ڏنو.

”هيءَ اسان جو ڪمرو آهي، هڪ سؤ ايڪٽيهه نمبر ماجوري ۽ منهنجو، تون هن طرف ڀلجي ويو آهين.“

”پر آءٌ ته ڏاڪڻ لٿو ئي ڪونه هئس!“ جتين مونجهاري ۾ ٻوندي رڙ ڪئي.

”تون ضرور ڏاڪڻ اتو آهين. انهيءَ وقت تون ننڊ ڪڙو هوندين، هاڻي ڏاڪڻ چڙهي مٿي وڃ. تنهنجو ايڪٽيهون نمبر ڪمرو آهي، تنهنجو ۽ لڙي جو. تون ڏسين ٿو ته هت آءٌ ۽ ماجوري رهون ٿا.“

”اڙي!“ جتين چيو ۽ مٿي هليو ويو، جنهن هن لڙيءَ کي ڏاڍي مزيدار ۽ اگهور ننڊ ۾ مستل ڏٺو.

انهيءَ ڪان وڌيڪ پيو ڪجهه به ڪين ٿيو. البت، انهيءَ ڏينهن کان وٺي اهو ڏهڪائيندڙ راز، هئنڊرڪ

جي سيني ۾ ٿي محفوظ آهي. انهيءَ راز جو علم فقط
هن کي ٿي آهي، ڇاڪاڻ ته نه جيتين ۽ نه وري پنهنجي
پيئرن کي، جيڪي پنهنجن هڪجهڙن مڙسن کي ڏسي
ڪلڪ مان ڏاڍيندڙيون ٿي نه هيون، ۽ جيڪي پڻ خيال
ڪان به مثالي زالون هيون — بروسيلز جي انهيءَ
دڪدانڪ رات واري واقعي جي ڪا ڄاڻ پڻ جي سگهي.
هونئن به سوت ڪن جيترو تفاوت آڻ اڪوئي ڇڏيو.
باقي هئنبرڪ، جنهن پنهنجي دانشمنديءَ ۽ عقلمنديءَ
سبب انهيءَ راز ڪري وڏيڪ ملول ٿيڻ بدران انهيءَ
کي دل ۾ ٿي سانڍي رکيو آهي. اڄڪلهه حالتن کي
اهڙيءَ طرح سنڀاليو اچي، جو هاڻي هو نه گڏجي سفر
ڪندا آهن ۽ نه وري هڪڙي ٿي هوٽل ۾ رهن. پر
اتفاق سان ڪنهن ڪيفي، ريسٽوران يا نائيٽ ڪلب
۾ جڏهن به اهي هنن جاڙن جي جوڙيءَ سان گڏ
هوندو آهيان، تڏهن يقين ڪريو ته هر ڪنهن
جون اکيون هنن جاڙن جي جوڙيءَ ۾ ئي کتل
هونديون آهن.

مون هين صحيح ڪهاڻيءَ جي ڄاڻ ڪهڙيءَ طرح
حاصل ڪئي؟ اوهان ضرور پڇندؤ. اهي اوهان کي اهو
به ٻڌايان ٿو. مون انهيءَ جو رڳو اندازو ڪيو هو،
ڇاڪاڻ ته هئنبرڪ سدائين گڏ سفر ڪرڻ ۽ هوٽل
۾ گڏ رهڻ جي مخالفت ڪندو آهي. مون اهو
سمجهه هئنبرڪ جي نازڪ نفسياتي تجزين ڪرڻ

ڪان ٻوءِ معلوم ڪيو آهي، ۽ هاڻي مون کي انهيءَ
تي پورو ڀورو يقين آهي.

مون کي جيئن ٿي انهيءَ واقعي جي پڪ ٿي،
مون انهيءَ کي به پنهنجيءَ عادت مطابق هڪ ننڍڙي
افساني جي روپ ۾ لکي، ظاهر ڪري ڇڏيو.

او۔ هينري
امريڪي

مڪتب

پوڙهو جيرومي وارن، آئرلنڊي طرف، ۳۵- گهٽيءَ جي هڪڙي لک ڏالرن واريءَ جاءِ ۾ رهندو هو. هو شهر جو دلال هو، ۽ ايترو ته شاهوڪار هو جو پنهنجي صحت سلامت رکڻ خاطر هر روز صبح جو آفيس ڏانهن پنڌ ويندو هو، پر ويهن - پنجويهن قدمن کڻڻ کان پوءِ گاڏي ڪرڻي پوندي هيس. کيس ڪوبه اولاد ڪونه هو، تنهنڪري پنهنجي هڪڙي پوڙهي دوست، گلبرٽ جي پٽ کي پنهنجو پٽ ڪري نپايو هئائين، جيڪو اهڙيءَ آيزيءَ سان هڪ ڪامياب مصور ٿي رهيو هو، جهڙيءَ تيزيءَ سان هو رنگين ٽلين مان رنگ نپوڙي ڪڍندو هو. گهر جو ٻيو ڀاتي، پوڙهي جيروميءَ جي ماٽيجي ڀاڻيجي، باربرا راس هئي. انسان ڏکن ڏسڻ لاءِ ڄائو آهي؛ سو جيئن ته جيروميءَ کي ڪو اهل اولاد ڪونه هو، تنهنڪري هن ٻين جو بار کڻي پنهنجي ڪلهن تي رکيو.

ٽيهه ورهيه اڳ، جڏهن پوڙهو جيرومي اڃا جوان جيرومي هو، ڊڪ نالي سندس هڪڙو ڀاءُ هوندو هو. ڊڪ، الهندي ملڪن ڏانهن پنهنجي يا ٻئي ڪنهن جي قسمت آزمائڻ لاءِ ويو هو، پر پوءِ هن بابت ڪجهه

به پلنگ ۾ ڪونه آيو. نيٺ هڪڙي ڏينهن پوڙهي جيرومي ءَ کي هڪ خط پهتو، جيڪو پاڻس لکيو هو. اهو خط هڪڙي ليڪيل ڪاغذ تي ڏاڍي خراب اکرن ۾ لکيل هو، ۽ ڪاغذ مان سوئر جي لوڻيل گوشت ۽ ڪافيءَ جي بوءِ پئي آئي. خط جي لکڻيءَ مان ظاهر پئي ٿيو ته لکندڙ ڪو دم جو مريض هو، ۽ صورتختي به غلط لکيل هئي!

آئين پئي لڳو ته ڄڻڪ قسمت کي زوريءَ جهاز ۽ پنهنجي ڪرڻ بدران خود پاڻ کي وچ پڪ وڌا هئا، ۽ دشمن کي پنهنجو پاڻ سونپيو هئائين، يعني، جيئن سندس خط مان ظاهر پئي ٿيو، هو بيترتيبيءَ ۽ گڙٻڙ ڪان تباهيءَ جي ڪناري تي پهچي ويو هو — هڪ اهڙي بيترتيبي ۽ گڙٻڙ، جنهن کي وسڪي به ختم ڪري نٿي سگهي. انهن ڏهن سالن جي محنت ۽ ڪشالي جو ڦل آڻويهه ورهين جي ڌيءَ هيس، جنهن کي اڳوات پاڙو ڏئي، هو اپرندي ملڪ ڏانهن جيرومي ءَ وٽ پالڻ، پڙهڻ، سکڻ ڏسڻ ۽ خوش گذارڻ لاءِ طبعي حياتيءَ تائين يا جيستائين هوءَ پاڻ شادي ڪري الڳ ٿئي، آماڻي رهيو هو.

پوڙهو جيرومي ءَ هڪ تختيءَ مثل هو. سيڪو چاڙهي ڏو ته دنيا، اٽلس ديوتا جي ڪلهن تي رکيل آهي؛ ۽ اٽلس ديوتا هڪ ڪنهڙي ۾ بيٺل آهي؛ ۽ اهو ڪنهڙو وري ڪڇونءَ تي رکيل آهي، هاڻي ڪڇونءَ

جو ڪنهن تختي تي بيٺل هجڻ لازمي آهي. ۽ اهو تختو اهو آهي، جيڪو پوڙهي جيروميءَ جهڙن ماڻهن مان ٺهيل هوندو آهي.

آءٌ چئي نٿو سگهان ته ابديت مان ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪو فائدو پهچندو، پر جيڪڏهن ائين ڪونهي ته پوءِ آءٌ ڄاڻڻ گهران ٿو ته پوڙهي جيروميءَ جهڙن ماڻهن کي پنهنجو حق ڪڏهن پلئه پوندو؟

هو نويدا وارن مان اسٽيشن تي مليا. هوءَ ننڍڙي ڇوڪري پڻ معلوم ٿي. سندس چمڙي سج جي تپش کان اوساڻيل هئي، تنهن هوندي به سراسري طرح هوءَ وڻندڙ پئي لڳي. سندس چال چلت مان ناتجربيڪاريءَ ۽ ٻالپڻو ظاهر هو، پر وڏن وڏن گهاگهن به سندس ويجهو وڃڻ کان لهرايو ٿي. سندس سگهارو هجڻ ان مان ظاهر هو ته هن پنهنجي پُٺن تي هڪ وڏي پٿارڪ ڪئي هئي، جنهن جي ڪٺڻ لاءِ مزورن اجائي ڪوشش پئي ڪئي.

”مون کي پڪ آهي ته ٻئي پيئي مٺيون سهيليون ٿي رهنديونسين“، باربرا پنهنجن لوساڻيل ۽ مضبوط گِٺن کي مهٽيندي چيو.

”آءٌ پڻ اهائي اميد رکان ٿي.“ نويد جواب ڏنو.

”منهنجي مٺڙي ننڍڙي پاڻتي!“ پوڙهي جيروميءَ چيو، ”تون ڀلي ڪري آئينءَ، منهنجي گهر کي ڌاريو گهر نه ڪري سمجهجانءِ، بلڪ پنهنجي پيءُ جو.“

”اوهان جي مهرباني“، نويدا چيو.

”۽ آءٌ توکي ’سوٽ‘ ڪري سڏيندس“، گلبرٽ سوڻهيندڙ مرڪ سان چيو.

”هيءَ هڙ تہ وڻجارن“، نويدا چيو، ”هن ۾ هڪ لک پائونڊن جيترو بار آهي. هن ۾ بابا جي چئن ڪاٺين جون جنسون پيل آهن.“ هن وضاحت ڪندي باربرا کي ٻڌايو: ”مون حساب لڳايو تہ ڪوشش ڪان پوءِ بہ هزارن مڻن جي پنڊيان هن کي نو آغا کن مس بچندا هئا، پر مون هن سان انجام ڪيو تہ آءٌ هيءَ ڪٺي ويندس.“

اهو هڪ عام دستور آهي تہ هميشہ رواجي تڪليفن تي ڳالهہ ٻولهہ تڏهن نڪرندي آهي، جڏهن ڪو مرد ۽ ٻہ عورتون، يا ٻہ عورتون ۽ ڪو مرد، يا ڪا خاتون، ڪو مرد ۽ ڪو سکر ماڻهو پاڻ ۾ گڏيا آهن. اهي گڏجي هڪ ننڍڙو ٽاهيندا آهن، جيڪو ننڍڙو هوندي بہ ڀرپور پاسو ڪونہ هوندو آهي، تنهنڪري نويدا وارن جي اچڻ تي، نويدا ۽ گلبرٽ ۽ باربرا راس هڪ مثالي ننڍڙو ٽاهي بيٺا، جنهن جا ٽيئي پاسا برابر هئا ۽ باربرا ان جو وڏو پاسو هئي.

هڪڙي ڏينهن صبح جو، فيرن ڪاٺ کان پوءِ، پوڙهو جيرو مي شهر جي هڪ بيڪار اخبار پڙهڻ ۾ پنهنجو ڪيترو ئي وقت اجايو وڃائيندو رهيو. نويدا جي طبيعت ۾ پنهنجي مرحوم پيءُ جي آزاد طبع ۽

بي تڪلفيءَ کي ڏسي، هو هاڻي ڪيس ڪهڙو چاهڻ لڳو هو.

نوڪرياڻي، مس نويدا وارن لاءِ چٺي کڻي آئي.
”هيءَ چٺي هڪڙو ڇوڪرو کڻي آيو آهي“، هن ٻڌايو، ”هو جواب لاءِ دروازي تي بيٺو آهي.“

نويدا، جنهن سيٽي وڄائي، ڇڙن ئي ڇڙن ۾ اسپيني ’والز‘ پڻ ڳايو ۽ کلڻيءَ مان ڪاڏين ۽ مونڙن کي گذرندي پڻ ڏٺو، اڳتي وڌي خط ورتو. خط کولڻ کان اڳ لفافي جي ڪاٻي پاسي، مٿي ڪنڊ تي ننڍڙي سونهري مهر ڏسي، هوءَ سمجهي ويئي ته اهو گلبرٽ وٽان آيو آهي. هوءَ لفافو ڦاڙي، خط ڪڍي، مضمون کي غور سان پڙهڻ لڳي. پوءِ چهري تي ڪنيرتا آڻي، هوءَ چاچس وٽ ويئي، ۽ هن جي پرسان ئي بيٺي.
”چاچا جيرومي! گلبرٽ ڏاڍو چڱو ڇوڪرو آهي، آهي نه؟“

”ڇو، نينگر، خير ته آهي!“ پوڙهي جيروميءَ اخبار کي وڏيندي چيو، ”بيشڪ، هو چڱو ڇوڪر آهي. مون خود هن کي اهڙي سکيا ڏني آهي.“

”هو ڪڏهن به ڪا غلط ڳالهه ڪنهن کي ڪانه لکندو ــــ منهنجو مطلب آهي ته هر ڪو سمجهي ۽ پڙهي ڪونه سگهندو.“

”آءُ ته هن کي اهڙا ڪوشش ڪندي ڏسڻ پسند ڪندس“، چاچي اخبار جو ٻيو حصو ڦاڙيندي چيو.
”ڇو، چا — ؟“

”چاچا، هيءَ جنهن پڙهي ڏس، جيڪا هن مون ڏانهن هينئر موڪلي آهي. ڏسو ته هن جيڪي لکيو آهي، سو مناسب آهي نه. اوهان کي خبر هجي ته آءُ شهرين جي ريتن رسمن کان پوريءَ طرح واقف ڪونه آهيان.“

پوڙهي جيروميءَ اخبار ڪٺي هيٺ ڦٽي ڪئي، ۽ ان تي پيشي پير رکي ويٺو. هن گلبرٽ جو خط ورتو، ۽ اهو به پيرا ٽڪڙو ٽڪڙو پڙهي، ٻيون دفعو پڙهڻ لڳو.

”ڇو، نينگر،“ هن چيو، ”تو ته مون کي ڪاوڙائي ڇڏيو هو، جيتوڻيڪ مون کي پڪ هئي ته هو سٺو ڇوڪرو آهي. هو پنهنجي پيءُ جو نقل آهي، جيڪو هڪ وضعدار شخص هو. هو فقط هيءُ چوي ٿو ته جيڪڏهن تون ۽ باربرا اڄ شام جو ڇهين بجي تيار ٿي سگهو ته موٽر تي چڙهي هلي پيٽ جو سير ڪريون. آءُ ته هن ۾ ڪابه اهڙي ڳالهه ڪونه ٿو ڏسان، جيڪا اعتراض جوڳي هجي، سواءِ هن ڪاغذ جي. مون کي نيري رنگ کان نفرت هوندي آهي.“

”ته پوءِ وچڻ ۾ ڪا حرڪت ته ڪانه آهي؟“ نويدا بيقراريءَ مان پڇيو.

"نه نه، پلي وڃو. پاڻ مون کي اهو ڏسي خوشي ٿئي ٿي ته تون خبردار ۽ سچار آهين. وڃ، ۽ بيشڪ وڃ."

"مون کي خبر ڪانه هئي،" نويدا منجهيل ٿيءَ سان چيو. "مون خيال ڪيو ته اوهان کان پڇان: چاچا، تون اسان سان ڪونه هلندين؟"

"آءٌ؟ نه نه، اون هون! هڪڙي پيري آءٌ موٽر ۾ چڙهيو هوس، جيڪا انهيءَ ڇوڪر هلائي هئي. آءٌ وري ڪڏهن به موٽر ۾ ڪونه چڙهندس! پر تنهنجو ۽ باربرا جو وڃڻ مناسب ٿيندو. هائو، هائو، پر آءٌ ڪونه هلندس. نه نه نه، نه....!"

نويدا ڊوڙ پائي دروازي تي پهتي، ۽ نوڪرياڻيءَ کي چيائين:

"شرط رک، اسين وينداسين. مس باربرا جي باران آءٌ جواب ڏيان ٿي. ڇوڪري کي چئو ته وڃي مسٽر وارن کي اٿين چوي."

"نويدا!" پوڙهي جيروميءَ سڏ ڪيو، "منهنجي مٺڙي، مون کي معاف ڪر، پر اهو چڱو نه ٿيندو ته جواب ۾ ٻه-ٽي لفظ لکي موڪلين؟ هڪ-ٻه سٽون ڪافي ٿينديون."

"نه، آءٌ انهيءَ ڪنراگ ۾ ڪانه پونديس،" نويدا مهٺائيءَ سان جواب ڏنو. "گلبرٽ سمجهي ويندو — هو هميشه سمجهي ويندو آهي. آءٌ پنهنجيءَ سانير ۾

ڪڏهن موٽر ۾ ڪانه چڙهي آهيان؛ پر مون ننڍڙي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي درياءَ جو سير ڪيو آهي، ۽ جيڪڏهن موٽر جي سواري انهيءَ کان به مزيدار آهي ته پوءِ آءٌ ضرور ان ۾ چڙهنديس!"

— سمجهو ته ٻه مهينا گذري ويا آهن.

باربرا هڪ لک ڊالرن واري جاءِ جي ڪتبخاني ۾ ويٺي هئي. هن کي اها جاءِ ڏاڍي پسند هئي. دنيا ۾ ڪيترين ئي جايون هونديون آهن، جتي زالون ۽ مرد مختلف پريشانين کان پاڻ ڇڏائڻ لاءِ وڃي تدبيرون سوچيندا آهن. ڪٿي خانقاهون هونديون آهن، ڪٿي ماتم-گهر هوندا آهن، ڪٿي دريائن ۽ چشمن جا گهاٽ هوندا آهن، ڪٿي خوبصورتيءَ جا مرڪز هوندا آهن، ڪٿي هوائي جهازن جا اڏا هوندا آهن، ۽ ڪٿي وري ڪتبخانا ۽ انهن سڀني ۾ ڪتبخانن کي وڏي اهميت آهي.

هميشه ائين ٿيندو آهي جو ننڍي جي وڏي پاسي کي، اهو ڳولڻ ۾ وقت لڳندو آهي، ته پاڻ ننڍي جو واقعي وڏو پاسو آهي. پر اها هڪ ڏکي ليک هوندي آهي، جنهن ۾ ڪوبه ور وڪڙ ڪونه هوندو آهي.

باربرا اڪيلي هئي. چاچو جيروم ۽ نويدا ناٽڪ ڏسڻ ويا هئا. باربرا کي ناٽڪ ڏسڻ جي پرواهه ئي ڪانه هئي. هن جي مرضي گهر ۾ رهي، ڪتبخاني ۾ ويهي پڙهڻ ئي هئي.

محترم، جيڪڏهن اوهين نيويارڪ جي ڪا شاندار
ڇوڪري هجو ها، ۽ اوهين هر روز ڏسو ها ته هڪ
ڳاڙهي چالاڪ ڏائڻ اوهان جي پسند پيل ڪنهن نوجوان
کي پنهنجي دام ۾ ڦاسائيندي ڏسي وئي، ته هوند اوهين
به پنهنجي موسيقيءَ واري طربيي جي چلڪيدار ذوق
کي وڃائي ويهو ها.

ڪتبخاني ۾ باربرا آبنوس جي ڇورس ميز جي
پرسان ويٺي هئي. سندس ساڄي پاسي ميز تي رکي
هئي، ۽ سندس ڦڙتيلين آڱرين هڪڙي مهر ٿيل لفافي
کي هٿ ۾ اٿلايو پٿلايو، جو 'نويدا وارن' جي نالي تي
هو. لفافي جي ڪابي پاسي، مٿي ڪنڊ آهي، گلبرٽ
جي رنگين تختيءَ جي سونهري مهر لڳل هئي. خط
نويدا جي وچڻ ڪان پوءِ نائين بجي پهتو هو.

انهيءَ خط جي مضمون پڙهڻ لاءِ باربرا پنهنجو
موتين جو هار به قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ها.
پر هوءَ خط کي ڪنهن به مدڪن طريقي، مثلاً
قلم جي چيڙي يا وارن جي ڪانٽي وغيره سان
کولي، پڙهي نٿي سگهي، ڇو جو سندس سماجي
حيثيت کيس اها اجازت ڪانه ٿي ڏني. هن لفافو تيز
روشنيءَ جي اڳيان جهلي، ان ۾ پيل خط جي پن-ٺن
سٽن کي پڙهڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر بيڪار،
گلبرٽ کي خطن لاءِ عمدي ڪاغذ استعمال ڪرڻ جو
سٺو ذوق هو.

ساڍي يارهين بجي ناٽڪ جا شوقين واپس موٽيا.

سياري جي هڪ خوشگوار رات هئي. گاڏيءَ گان وٺي
گهر جي دروازي تائين پهچندي ئي، هو اوپر ڪنڌ کان
پوندڙ برف جي ڦوندن ۾ ڍڪجي ويا هئا. پوڙهو جيرومي،
گاڏيءَ جي گهيڙڪن ۽ بند ٿيل گهڻن جي باري ۾
همدرديءَ سان گفتگو ڪرڻ لڳو، ۽ نويدا — سرخ گلاب
جهڙي ۽ ڦرين اکين واري نويدا — وري جبلن تي پٽس
جي ننڍڙيءَ جاءِ جي آسپاس طوفاني راتين بابت بڪواس
ڪرڻ لڳي. سياري جي هوڙي سرد عالم ۾، سرد دل
باربرا پڻ پڇائيندي رهي — ۽ اهوئي هڪ موزون ڪم
هو، جنهن بابت هوءَ سوچي سگهي ٿي.

پوڙهو جيرومي هڪدم ڏاڪڻ چڙهي مٿي ويو،
۽ وجي گرم پاڻي ۽ ڪوئنين ڪنيائين. نويدا رقندي
ڦڙڪندي ڪنبخاني ۾ گهڙي، جتي روشنيءَ رونق لائي
ڏني هئي. هوءَ آرام-ڪرسيءَ تي ٿي ويٺي، ۽ ٽرنٽين
تائين چڙهيل دستانن کي لاهيندي، نانڪ جي ڪوتاهين
تي ڳالهائڻ لڳي.

”هائو، آءٌ سمجهان ٿي ته ڪڏهن مسٽر فيلڊ
سچ پچ مزيدار ٿي پوندو آهي.“ باربرا چيو. ”منڙي،
هيءَ وٺ پنهنجو خط. تنهنجي وڃڻ کان پوءِ خاص قاصد
پهچائي ويو هو.“

”ڪنان آيو آهي؟“ نويدا دستانن جا بٽڻ لاهيندي پڇيو.

”خير“ باربرا مرڪندي چيو، ”آءٌ ته اندازو لڳائي
سگهان ٿي. لفافي جي ڪنڊ تي اها عجيب شيءِ آهي،

جنهن کي گلبرٽ 'رنگي تختي' سڏيندو آهي، پر مون کي اها ائين لڳندي آهي، ڇڻ ته اسڪول جي ڪنهن ڇوڪريءَ جي عشقيه خط تي ملمع ڪيل دل هجي."

"آءٌ حيران آهيان ته هن مون کي ڇا لاءِ خط لکيو آهي!" نويدا بيپرواهيءَ سان جواب ڏنو.

"اسين سڀئي هڪجهڙيون آهيون — سڀئي زالون." باربرا چيو. "اسين پوسٽ جي مهر ڏسي، اها ڪوشش ڪنديون آهيون ته خط ۾ ڇا لکيل هوندو ۽ اسان جي تدبير هيءَ هوندي آهي جو اسين ڪٿنچي استعمال ڪنديون آهيون، ۽ پوءِ خط کي آخر کان وٺي شروع تائين پڙهي وينديون آهيون. هيءُ وٺ خط."

هن اهڙيءَ طرح حرڪت ڪئي، ڇڻ ته ميز تان خط آڇلائي نويدا کي ٿي ڏنائين.

"وڏو جنجهٽ آهي!" نويدا رڙ ڪئي. "هي بئي ته ڏاڍا تڪليف وارا آهن. مون هنن جي استعمال کان ته مرڳو توبهه ڪئي. اڙي باربرا، تون ئي کڻي خط کولي پڙهه ته منجهس ڇا لکيل آهي. مون کي ته هي دستانا لاهيندي آتي ٿي ويندي."

"ڇو منڙي، تون اهو چاهيندينءَ ته گلبرٽ وٽان تنهنجي نالي آيل خط آءٌ کولي پڙهان؟ خط تنهنجي نالي آهي، ۽ يقيناً تنهنجي اها مرضي ڪانه هوندي ته اهو ڀيو ڪير پڙهي."

نويدا پنهنجيون مضبوط، سانئيڪيون ۽ ڦيريون آڱريون دستانن تان ڪڍيون.

”ڪوبه مون کي اهڙي ڳالهه ڪونه الڪندو، جيڪا پيو ڪير نه پڙهي سگهي،“ هن چيو. ”شروع ڪر، باربرا، ممڪن آهي ته گلبرٽ وري سياڻي موٽر ۾ سير ڪرڻ جي دعوت موڪلي هجي.“

سونجهائپ، پليءَ مارڻ کان به وڌيڪ ڪجهه ڪري سگهي ٿي؛ ۽ جيڪڏهن عورتن جهڙا تسليم ڪيل جذبات پلين جي وجود جا دشمن هجن، ته هوند حسد سڄيءَ دنيا ۾ هڪڙي پلي به سلامت ڪانه ڇڏي، باربرا ٿورو پريشان ٿيندي اهڙيءَ طرح خط کوليو، ڄڻ ته مهرباني ٿي ڪيائين.

”خير، مٺڙي،“ هن چيو، ”جيڪڏهن تنهنجي اهائي مرضي آهي ته آءٌ خط پڙهان ٿي.“

هن خط کوليو، ۽ تيز ڦرندڙ نظرن سان پڙهڻ لڳي. هن خط وري پڙهيو، ۽ نويدا ڏانهن شرارت پريل نظرن سان ڇتائي ڏنائين، جنهن لاءِ ڪجهه وقت تائين دستانا ڄڻ ته ڪو تماشو هئا، ۽ هڪ ترقي ڪندڙ فنڪار جو خط مريخ تان آيل پيغام مثل هو.

گهڙي کن لاءِ باربرا، نويدا ڏانهن عجيب پڪتگيءَ سان ڏٺو؛ ۽ پوءِ اهڙيءَ طرح مرڪي ڏنائين جو مقدس وات هڪ انچ جي سورهين حصي جيترو ڪُلي

پيو، ۽ سندس اکيون اٿڻ سُسي ويون، ڄڻ ته کيس ڪو اوچتو خيال آيو هجي.

شروع ڪان ئي، ڪابه عورت پيءَ عورت لاءِ ڪو اسرار ڏي ڪانه رهي آهي. بجليءَ جهڙيءَ تيز رفتاريءَ سان پيٺي هڪٻئي جي اندر جي حال کي سمجهي ويون. نويدا پنهنجيءَ پيڻ جي شرارت ڀريل لفظن کي سندن اصلي روپ ۾ ڏسي ورتو، ۽ سندس بيحد پوشيده خواهشن کي پڙهي ورتو. هن سندس گفتگوءَ مان اجائي حجت کي اهڙيءَ طرح پٽي ورتو، ڄڻ ته ڪنهن ڦٽيءَ مان وارَ ڪڍي، انهن کي بنيادي شڪن شبهن جي ٿڌيءَ هوا تي اڏائڻ ڪان اڳ، پنهنجي اگوٺي ۽ آڱر جي وچ ۾ پٺي مهٽيو.

گهڻو وقت اڳي بهشت برين ۾، حوا جي فرزند ارجمند پنهنجي گهر جو دروازو اچي کڙڪايو. هن سان گڏ هڪ عجيب خاتون هئي، جنهن جو هن پنهنجيءَ ماءُ سان تعارف ڪرايو. حوا نُنهن کي پاڪر پاڻي پنهنجي پرسان ويهاريو، ۽ کيس پُر معني نگاهن سان ڏسڻ لڳي.

'ننڊ جي حالت-' ڪنوار ڪجور جو پيتو آهستگيءَ سان آچلائيندي چيو. "آءٌ سمجهان ٿي ته تون اتان ٿي آئي آهين؟"

'گهڻو عرصو ٿيندو،' حوا بدحواس ٿيڻ ڪان سواءِ، مضبوطيءَ سان چيو 'اتي جيڪا صوفن جي چٽڻي ڪارائي وڃي ٿي، تنهن جي بازي ۾ تنهنجو ڪهڙو

خيال آهي؟ آءٌ ته تُوتن کي وڌيڪ پسند ڪريان ٿي.
پر، مٽڙي، خالص انجير اتي به ڪونه ملي سگهندا.
چڱو، اڇن گلن جي هن وڻ جي ڇانئيان ٿي ويهه ته
معزز مرد توتي جاڻ جو مقوي پاڻي نائين. آءٌ سمجهان
ٿي ته تنهنجي ڳڳي جو ڇنيون پاسو سوزاخن جي
ڪري ڏورو ڪٽلي پيو آهي."

سو، تڏهن ۽ آتي — جيئن ڪتابن ۾ لکيل آهي —
دنيا جي هنن فقط ٻن عورتن جي وچ ۾ اتحاد ٿيو، ۽
اهو فيصلو ٿيو ته آئيندي عورتن کي هڪٻئي لاءِ اهڙيءَ
طرح صاف ۽ شفاف رهڻ گهرجي، جهڙو شيشو —
جهتوڻيڪ شيشي جي اچا ڪنهن کي به خبر ڪانه
هئي؛ پر مردن لاءِ هنن کي هڪ اسرار تي رهڻ کپي.
انهن مهلوم ٿيو ته باربرا نتايو ٿي.

"سچ پچ، نويدا،" هن ڏوري پريشاني ڏيکاريندي
چيو، "مون کي خط پڙهڻ لاءِ توتي ايترو زور نه
رکڻ کپندو هو. مون کي .... مون کي پڪ آهي ته
هيءُ خط پين جي پڙهڻ لاءِ ڪونهي."

ڏوريءَ دير لاءِ نويدا پنهنجن دستانن کي به
وساري ويٺي.

"ته پوءِ اهو وڏي آواز سان پڙهه،" هن چيو.
"جيئن ته تو خط پڙهيو آهي، تنهنڪري هاڻي ڇا
ٿيندو. جيڪڏهن مسٽر وارن مون کي اهڙي ڳالهه
لکي آهي جيڪا پين کي ڄاڻڻ نه گهرجي، ته پوءِ اهو
ته پاڻ وڌيڪ سبب آهي ته هرڪوئي ان کي ڄاڻي."

”خير“، باربرا چيو، ”خط ۾ لکيل آهي: منهنجي منڙي نويدا، اج رات ٻارهين ٻجي منهنجي مصورخاني ۾ اچ. ڏس، وسارجانءِ نه!“ باربرا آئي ٻيٺي، ۽ خط نويدا جي جهوليءَ ۾ ڦٽو ڪياٿين. ”مون کي ڏاڍو افسوس آهي،“ هن چيو، ”جو مون هيءَ خط پڙهيو. گلبرٽ ته اهڙو ڪولهي. ضرور ڪا غلطي ٿي آهي. سمجهه ته مون کي ان جي ڪابه ڄاڻ ڪانهي ـــ ائين، منڙي! آءٌ هاڻي مٿي وڃان ٿي، مون کي مٿي ۾ ڏاڍو سور آهي. مون کي پڪ آهي ته آءٌ اهو نياپو ڪونه سمجهنديس. شايد گلبرٽ اچڪلهه گهڻو ڪاڏو ڪائي ٿو، ۽ هو پاڻ ئي وضاحت ڪندو. چڱو، موڪلائي!“

نويدا ڪمري ۾ پيرن جي ٻئين تي هلڻ لڳي. هن ٻڌو ته باربرا مٿي وڃي ڪمري جو دروازو بند ڪري ڇڏيو. ڪتبخاني ۾ رکيل ڏامي جي وڏي گهڙيال ٻڌايو ته ٻارهن ۾ باقي پندرهن منٽ آهن. نويدا تيزيءَ سان سامهون دروازي ڏانهن وڌي، ۽ ٻاهر برف جي طوفان ۾ ڪاهي پيئي. گلبرٽ وارن جو مصورخانو ڪو گهڻو پري ڪونه هو.

آيرندي طرف وهندڙ جوشيلي درياءَ وٽان، طوفان جي سفيد ۽ خاموش طاقت شهر تي حملو ڪري رهي هئي. اڳي ئي رستي تي فٽ کن جيتري برف ڇميل هئي، جنهن تي وهڪري جا نشان فتح ٿيل شهر جي ويران ديوارن تي لڙڪيل رسن وانگر پئي نظر آيا. سڄو رستو ايترو ته خاموش هو، ڄڻ پومپيائيءَ جي

کا گهٽي هجي . ڪنهن ڪنهن وقت ڪا گهوڙي گاڏي اهڙيءَ تيزيءَ سان گذري ٿي ويئي، جيئن ڪو ڪينو پکي چلڪندڙ سمونڊ جي مٿان چانڊوڪيءَ ۾ اڏامندو آهي . ۽ ورلي موٽرون — تشبيهه کي قائم رکندي — ڪنهن آبدوز ڪشتيءَ وانگر، گجيءَ سان ڀرپور لهرن مان پنهنجو خطرناڪ ۽ مزيدار سفر تيزيءَ سان طي ڪنديون پئي ويون .

نويدا پنهنجيءَ راهه تي، طوفان جي اڏايل هڪ سامونڊي پکيءَ جيان، تڪڙي تڪڙي پئي ويئي . هن پراڻين ۽ برف سان ڍڪيل چوٽين وارين ڊگهن ڦڏين عمارتن کي ڏٺو، جيڪي گهٽين ۾ ڪٿر ڪنيو بيٺيون هيون، ۽ جيڪي رات جي روشنيءَ ۾ ڊنڊ ۾ ڪيترائي رنگ ظاهر ڪري رهيون هيون . اهي اولهه جي برفاني جبلن سان ايترو ته مشابهه هيون جو انهن کي ڏسي نويدا کي فرحت محسوس ٿيڻ لڳي . اهڙي فرحت، جا هڪ لڪ ڊالرن وارو گهر به کيس ڪونه ٿي ڏيئي سگهيو .

رستي جي ور وٽ هڪڙي پوليس واري جون ڪرڙيون اکيون ۽ پريل ٻٽ ڏسي هن جي رفتار گهٽجي ويئي .

”محترمه“، هن پڇيو، ”هڙي بيگاهه وقت ۾ تون ڪيئن ٻاهر نڪتي آهين؟“

”آءٌ .... آءٌ دوائن جي دڪان تي وڃان پيئي،“ نويدا پوليس واري جي ڀرسان تڪڙو گذرندي چيو .

اهو عذر جڻ تہ پاسپورٽ ٿو. ڇا، انهيءَ مان ثابت ٿئي ٿو تہ عورت ڪڏهن بہ ترقي نٿي ڪري، ۽ هوءَ مڪر ۽ فريب ۽ دانائيءَ ۾ جهڙي ٿي چام آهي؟

آپرندي ڏانهن مُڙندي، سامهون ايندڙ تيز هوا جي رڪاوٽ ڪان نويدا جي رفتار گهٽجي ويئي. هوءَ برف تي پيرن جا آڏا اَبتا نشان ڇڏيندي، اڳتي وڌندي ويئي. اوچتو مصورخاني واري عمارت، ڪنهن يادگار توب جي چوٽيءَ وانگيان ڪيس ڏسڻ ۾ آئي. واپار ۽ ان جي دشمن پاڙيسري، فن جو آڏو تاريڪ ۽ خاموش هو. اڻمٽ ذهين منزل تي هلي بيٺي.

نويدا خوفناڪ ۽ اونداهيءَ واريءَ ڏاڪڻ جا ڏهہ ڏاڪا چڙهي، ”٨٩“ نمبر وارو دروازو ڪڙڪائڻ لڳي. اڳي بہ ڪيترا ڀيرا باربرا ۽ پوڙهي جيروميءَ مان گڏ هوءَ هتي آئي هئي.

گلبرٽ دروازو کوليو. هن جي هڪڙي هٿ ۾ رنگين پينسل هئي، اکين تي عينڪ، ۽ وات ۾ پائيپ پيل هوس. پائيپ فرش تي ڪِري پيو.

”آءٌ ديرِ مان تہ ڪونہ پهتي آهيان؟“ نويدا پڇيو.

”مون جلد پهچڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي. اڄ شام جو آءٌ ۽ چاڀا، ناڻڪ گهمڻ ويا هئاسين. آءٌ پهچي ويئي آهيان، گلبرٽ!“

گلبرٽ عجيب غريب حرڪت ڪئي. هن هڪ

بدحواس ٿيندي مان ڦري، هڪ نوجوان جو روپ ورتو، ڇاڪاڻ ته ڪيس هڪ اهم مسئلو حل ڪرڻو هو. هو نويدا کي ڪمري ۾ وٺي آيو، ۽ برش ڪڍي، هُن جي ڪپڙن تان برف ڇنڊڻ لڳو. جنهن تصوير تي هن رنگين پينسل سان رنگ ڀري ڇڏيا، ان جي فريم مٿان سائي يڪ وارو گولو ڀڃي پيو.

”مون کي تو سڏايو آهي،“ نويدا سادگيءَ سان چيو، ”۽ آءٌ آئي آهيان. تو پنهنجي خط ۾ به اهو ئي لکيو هو. تو مون کي ڇا لاءِ گهرايو آهي؟“

”تو منهنجو خط پڙهيو هو؟“ گلبرٽ هوا ڪان پاڻ بچائيندي پڇيو.

”مون کي بار بار پڙهي ٻڌايو. مون اهو پوءِ ڏٺو، ان ۾ لکيل هو: 'اڄ رات ٻارهين بجي منهنجي مصوّرخاني ۾ اچ. ڏس، وسارجانءِ نه.' مون سمجهيو، شايد تون بيمار آهين، پر تون ڏسڻ ۾ ته ڀلو چڱو ٿو اچين.“

”ها ها!“ گلبرٽ لاپرواهيءَ سان چيو. ”آءٌ تو کي ٻڌائيندس، نويدا، ته مون تو کي ڇا لاءِ سڏايو آهي. آءٌ چاهيان ٿو ته تون مون سان شادي ڪرين — اڄ رات ئي! هي برفاني طوفان ڪو گهڻو ڪونهي، تون تيار آهين؟“

”تو کي ته اهو اڳ ۾ ئي سمجهڻ گهرجي ها ته آءٌ انهيءَ لاءِ گهڻو اڳ تيار هيس.“ نويدا چيو. ”برفاني طوفان لاءِ منهنجي راءِ به ساڳي آهي. آءٌ به

يقيناً ڏينهن جي رنگين شادين کان نفرت ڪريان ٿي. گلبرٽ، مون کي اها مدد ڪانه هئي ته هن ڳالهه کي هڙي نموني ۾ پيش ڪرڻ جي تو ۾ ايتري همت آهي. خير، انهن ڳالهن کي ذهن مان ڪڍي ڇڏڻ گهرجي."

"شرط رک!" گلبرٽ چيو. "مون اها ڳالهه ڪٿي پڙهي هئي؟" هن چپن ۾ چيو. "هڪڙو منٽ ترس، نويدا، آءُ ٽورو فون ڪري وٺان."

هو ڪپڙن بدلائڻ واري ننڍڙي ڪمري ۾ گهڙي ويو، ۽ نمبرن جي غير روماني چار ۾ ڦاسي پيو.

"اڙي، تون آهين، جنڪ؟ تو کي ته رڳو ننڊ گهرجي! هائو، اٿي کڙو ٿيءُ. اهو آءُ آهيان، يا مان، انهيءَ نحويءَ غلطيءَ کي ڪٿي ڦٽو ڪر! آءُ هيمنر جو هينئر شادي ڪريان ٿو. هائو! پنهنجيءَ پيءُ کي سجاڳ ڪر. مون کي جواب نه ڏي؛ هن کي به پاڻ سان وٺي اچ — ضرور وٺي اچ! آئگنيس کي اهو وقت ياد ڏيار، جڏهن مون هن کي رونڪونڪوما ڍنڍ ۾ ٻڏڻ کان بچايو هو. آءُ سمجهان ٿو ته اها منهنجي هلڪڙائي جنبي جو اهڙي ڳالهه چئي اٿم، پر توسان گڏ هن کي ضرور اچڻ گهرجي. هائو! نويدا هتي اوهان جي انتظار ۾ ويٺي آهي. ٽورو اڳ اسان مڱڻو ڪيو آهي، ڪي مائٽ اسان جي شاديءَ جي برخلاف آهن. تو کي ته اڳي ئي مدد آهي. اسين هيءُ معاملو هڙيءَ طرح نبيري ٿا

چڏيون. اسين اوهان جو انتظار ڪريون ٿا. ائگنيس کي گهڻو ڳالهائڻ نه ڏجانءِ، ڪيس وٺي اچ . ايندين نه؟ چورا، موٽندي آءٌ اوهان کي گاڏي ڪري ڏيندس. حيران نه ٿيءُ، جڪ! خوش ته آهين نه؟"

گلبرٽ انهيءَ ڪمري ۾ آيو، جتي نويدا منتظر ويٺي هئي.

"منهنجو پراڻو دوست جڪ پيٽن ۽ مندس پيڻ پوڙي پارهين بجي هت پهچڻ وارا هئا،" هن ٻڌايو، "پر جڪ ته ٻنهي، مست آهي. مون هينئر کين فون ڪيو آهي ته جهٽ پٽ پهچي وڃن. هو ٿوري وقت ۾ ٿي هت پهچي ويندا. آءٌ دنيا جو هڪ خوش قسمت انسان آهيان، نويدا! اج مون تو ڏانهن جيڪو خط موڪليو، سو ڪٿي آهي؟"

"اهو ته مون وٽ ئي آهي"، نويدا پنهنجي فراڪ مان خط ڪڍندي چيو.

گلبرٽ لفافي مان خط ڪڍي، ان کي خبرداريءَ سان ڏسڻ لڳو. پوءِ هن نويدا ڏانهن غور سان نهاريو.

"مون توکي پنهنجي مصور خاني ۾ رات جو پارهين بجي اچڻ لاءِ لکيو هو، ۽ توکي اهو پڙهي ڪو تعجب به ڪونه ٿيو؟" هن پڇيو.

"نه،" نويدا پنهنجيون اکيون گول ڦيرائيندي چيو، "جڏهن ته توکي منهنجي ضرورت هئي. جيڪڏهن تنهنجو ڪو دوست توکي ٽڪڙو گهرائي ته پوءِ — ساڳي ڳالهه هتي به آهي. پهرين ته پاڻ هتي پهچي،

هن خرخسي مان جند ڇڏايون؛ پوءِ اهي ڳالهيون ييون ٿينديون. هيڙن موقعن تي وري برف به ضرور پوندي آهي. مون ته ڪو وڃار ئي ڪونه ڪيو."

گلبرٽ ڊوڙي پنهي ڪمري ۾ ويو، ۽ ڪوٽن جو هڪڙو ٿهو کڻي آيو؛ جيڪي هوا، مينهن يا برف کان بچائي سگهن.

"هيءَ برساتي پاڻ"، هن نويدا ڏانهن هڪڙو ڪوٽ وڌائيندي چيو. "اسان کي ٻه فرلانگ پنڌ ڪرڻو آهي. پوڙهو جڻڪ ۽ سندس پيءُ چاڻ ته پهتا." هو هڪڙي ٿلهي ۽ ڳري ڪوٽ پائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

"اڙي نويدا" هن چيو، "ميز تي پيل شام واريءَ اخبار جي پهرئين صفحي جي سُرخي ته پڙهي ڏس. اها مغربي ملڪ بابت آهي، ۽ آءٌ سمجهان ٿو ته تنهنجي دلچسپيءَ جي هوندي."

اوورڪوٽ پائڻ جي بهاني سان هو پوري هڪ منٽ لاءِ ترسيو. ۽ پوءِ پٺ ڏيئي بيٺو. نويدا چُري به ڪانه. هوءَ هن ڏانهن تعجب ۽ پريشانيءَ سان سڌو ڏسڻ لڳي. سندس ڳِٽا سُرخ ٿي ويا هئا، پر سندس نگاهن ۾ پختگي هئي.

"آءٌ توکي پڙهائڻ واري هئيس"، هن چيو، "بهرحال، پهرين.... تون .... پهرين اسين.... پهرين.... خير، هر ڳالهه کان پهرين، .... بابي مون کي هڪ ڏينهن به اسڪول ڪونه آماڻيو هو. آءٌ ڪڏهن به ڪو لفظ پڙهڻ يا لکڻ ڪانه سگهيس. هاڻي جيڪڏهن ___"

ننڍا ڪري جنهن ڪ ۽ شڪرگذار ائگنيس جا قدم اونداهيءَ ڏاڪڻ تي ڌم-ڌم ڪندا ٻڌڻ ۾ آيا.

شادي ٿيڻ کان پوءِ، جڏهن مسٽر ۽ مسز گلبرٽ وارن، بند گاڏيءَ ۾ لڏندا لمندا، تيزيءَ سان گهر ڏانهن آيا، ته گلبرٽ چيو:

”نويدا، توُن چاڻڻ چاهيندينءَ ته اڄ رات جيڪو توکي خط مليو، تنهن ۾ مون ڇا لکيو هو؟“

”ٻڌاءِ!“ ڪنوار چيو:

”لفظ بلفظ“، گلبرٽ چيو، ”هي هو ته 'منهنجي پياري مس وارن، گلن جي باري ۾ تنهنجو چوڻ درست هو: اهو نيري رنگ جو گل هو، ۽ نه اڇي رنگ جو!“

”ٺيڪ“، نويدا جواب ڏنو، ”پر اسان کي اهو وساري ڇڏڻ گهرجي! اهو چرچو بهرحال باربرا تي آهي!“

'نظامي'
فارسي مثنوي

ليليٰ - مجنو

ليليٰ .... رات جي روشني!

هوءَ افق تي آيل چنڊ جهڙي خوبصورت هئي، مقدس سونهن ان ستارو جي وڻ مثل هئي، جيڪو رات جي هوائن ۾ لڏندو آهي، ۽ بيشمارن تارن جي نوراني روشنيءَ ۾ چمڪندو آهي. هن جا وار ڳوڙها ڪارا ۽ چلڪيدار هئا، ۽ سندس ڪارين اکين ۾ بيپناه روشني هئي. مُرڪڻ وقت جڏهن هوءَ منهن ڪوليندي هئي، تڏهن ائين لڳندو هو ڄڻ ته سڳنڌ - سمايل صبح جي اچڻ جي بشارت ڏيئي رهي هجي. جڏهن عشق — سورين رنگينين ۽ رعنائين سميت — هن جي دل کي پنهنجو نشانو بنايو، تڏهن هوءَ هڪ اهڙي گُل وانگر ٿي پيئي، جنهن کي ان جي عاشق پنهنجي ساهه سان سانڍڻ لاءِ عدن جي باغ مان پٽيو هجي - هڪ اهڙي گُل جيان، جنهن کي پوءِ اهر مزد، اهرمن جي هٿ مان ڦري، ان کي ڪومائي، سڪائي، ختم ڪري ڇڏيو.

ليليٰ، سونهن جو عجيب لباس پهري، رات جي اونداهه مان ٻاهر نڪري آئي هئي — هوءَ روشنيءَ ۾

واپس آئي هئي، جڏهن سندس قبر جي پرسان بيٺل مترو جي وڻ کي هوا هن جي محبت جو داستان ٻڌايو، تڏهن تارن پنهنجي روشنيءَ ۾ هوءَ اهڙيءَ طرح ڏٺي نهاريو، ڄڻ چئي رهيا هجن- ”ليلى ختم نه ٿي آهي! هوءَ اسان مان ٿي پيدا ٿي هئي، ۽ هن کي اسان ڏانهن ٿي واپس ورڻو هو.“ مٺي نهاريو! مٺي نهاريو!.... رات جو ليلى جنهن به جاءِ تي ويٺي ٿي، اتي نور ئي نور هو، هوءَ جتي به ويٺي ٿي، آتي روشنيءَ ۽ نور جا درياءَ وهڻ لڳندا هئا. جيئن چنڊُ هيٺ سڀني دريائن ڏانهن نهاريندو آهي، پر انهن ۾ پاڇو هڪ ئي چنڊ جو هوندو آهي، تيئن ليلى جو حُسن به اهڙو ئي هو، جنهن سڀني دلين کي پنهنجي عشق جي دام ۾ گرفتار ڪري ڇڏيو.

* * *

ليلى جو پيءُ پنهنجي قبيلي جو معزز سردار هو. ليلى جي حُسن جي هاڪ پئي، ڏورانهن ڏيهن جا شهزادا هن جي در جا سلامي ٿيندا هئا. انهن مان ڪوبه شهزادو ليلى جي دل کي فتح نه ڪري سگهيو. مال دولت ۽ شان شوڪت به هن کي مائل نه ڪري سگهيا. اها فتح ۽ ڪاميابي، فقط يمني بهادر سردار جي نوجوان پٽ ’قيس‘ جي نصيب ۾ هئيءَ — ۽ ليلى ڏاڍي آزاديءَ سان پاڻ کي هن جي حوالي ڪري ڇڏيو.

قيس جي انهيءَ سردار ۽ ليليٰ جي پيءُ جو پاڻ ۾ ڪوبه دوستاڻو رشتو ڪونه هو. هنن ۾ جيڪڏهن ڪو تعلق هو ته فقط اُن پراڻيءَ دشمنيءَ جو، جيڪا هنن کي سندن وڏن کان ورثي ۾ ملي هئي. جيتوڻيڪ ڪن ميلن ۽ ملاڪڙن جي چڱن موقعن تي ٻنهي قبيلن جا ماڻهو پاڻ ۾ ملندا هئا، ۽ ڪجهه دير تائين اهي پراڻيون ڳالهيون وساري ڇڏيندا هئا، پر انهيءَ حقيقت کان به انڪار ڪري نٿو سگهجي ته هڪٻئي کي سلام ڪرڻ وقت هنن جي اکين ۾ نفرت کان خون پڙجي ايندو هو. ليڪن، سندائين اٿين به ڪونه ٿيندو هو. هڪڙو اهڙو موقعو به آيو، جڏهن هڪ اهڙيءَ ٿي خوشيءَ جي دعوت ۾ قيس ڀوريون پيرو ليليٰ کي ڏٺو.... ٻنهي جون نگاهون هڪٻئي سان مليون؛ ۽ جيتوڻيڪ هنن جي زبان تي ڪوبه لفظ ڪونه آيو، پر هڪ ئي نظر ۾ عشق هنن کي بيچين ۽ بيقرار ڪري ڇڏيو.

انهيءَ وقت کان وٺي، نوجوان قيس جي دنيا ۾ هڪڙي اٿل اچي وئي؛ هو سير شڪار جي شغل کان نٺائڻ لڳو؛ دعوتن ۾ ۽ صلاح مشوري جي موقعن تي هُن جي زبان بلڪل بند رهندي هئي؛ هو سڀني کان پري ۽ جدا گذاريندو هو؛ ۽ سندس اکين ۾ هر وقت هڪ عجيب روشني هوندي هئي. قبيلي جو ڪوبه نوجوان ڪيس ڪنهن شغل لاءِ لاچائي نه سگهيو ۽ نه وري ڪا

حسين، هُن جي دل کي آٿت ڏيئي سگهي. هن جي دل ڪنهن ٻئي گهر ۾ هئي، ۽ اهو گهر ڪنهن غير جو هو.

ليليٰ به هڪجيڏين سهيلين ۾ ويهندي هئي، تہ اکيون هيٺ هونديون هيس. هڪڙي پيري هڪ ڪنواريءَ ڇوڪريءَ تنبوري تي جهنگلي چشمي بابت راڳ ڳايو، جتي ڪير جوڙيءَ چانڊوڪيءَ ۾ محبت جا ماريل ملاقات ڪندا هئا. ليليٰ ڪنڌ مٿي کڻي ڏاڍو غور سان راڳ ٻڌو، ۽ ڇوڪريءَ کي وري وري ڳائڻ جي فرمائش ڪئي. انهيءَ کان پوءِ، جڏهن شام ٿي ۽ سج لٿو، تڏهن هوءَ محلات جي باغ ۾ اڪيلي گهمندي رهي. هوءَ هاڻي هر روز رات جو اتي چڪر هڻندي هئي. هڪڙيءَ رات .... جڏهن چنڊ پوريءَ تابانيءَ سان چمڪي رهيو هو، تڏهن هوءَ گهمندي گهمندي باغ جي ان حد تائين وڃي پهتي جتان گهاٽن ٻيلن جو سلسلو شروع ٿي ٿيو. جيئن ئي هُن وڻن جي ٽُڙِن وٽ رستي ڏانهن نهاريو، تيئن هن جي نظر هڪ کليل ميدان تي چانڊوڪيءَ ۾ چمڪندڙ چشمي تي وڃي پيئي، ۽ هن محسوس ڪيو تہ هي اهوئي غيرفاني چشمو آهي، جنهن بابت ڪنواري ڇوڪريءَ تنبوري تي ڳايو هو. هتي قديم وقت کان وٺي محبت جا ماريل ملندا هئا، ۽ پنهنجيءَ محبت جو اقرار ڪندا هئا. هن جو سڄو جسم ڏڪي ويو، جڏهن کيس احساس ٿيو تہ هوءَ انڌيءَ چشمي

کي ڳوليندي هئي اچي پهتي هئي. هن جا ڳل ڳاڙها ٿي ويا .... تيز تڙ ڪندڙ دل سان، شرم ۽ حيا ۾ غرق، هوءَ محلات ڏانهن واپس ڊوڙي ويئي.

ليليٰ جي عادت هوندي هئي ته هوءَ محلات ۾ شاهي ڪمري جي دريءَ تي ٽونٽون ٽيڪي، ٻاهر وڻن جي چوٽين جو نظارو ڏسندي هئي. انهيءَ ڪمري ۾ ٻه سفيد ڪبوترا به هوندا هئا، جن کي ليليٰ پنهنجن هٿن ۾ پالي وڏو ڪيو هو. اهي ڪبوترا ليليٰ جي ڪلهن تي ويهندا هئا، ۽ ڏاڍيءَ نرمائيءَ سان سندس ڳلن تي چهنبون هڻندا هئا. ليليٰ انهن کي پنهنجن هٿن سان داڻو کارائيندي هئي، ۽ جڏهن انهن کي ڇڏيندي هئي، تڏهن اهي اڏامي ونس ايندا هئا. ليليٰ انهن پکين مان هڪ کي دريءَ مان ٻاهر اڏائي ڇڏيندي هئي، ۽ ٻئي کي پنهنجيءَ ڇاتيءَ سان لائي ويهندي هئي. اڏايل پکي محلات جي سامهون وڻ تي وڃي ويهندو هو، ۽ پنهنجي ساٿيءَ لاءِ ايستائين ”ڪهُو-ڪهُو“ پيو ڪندو هو، جيستائين ليليٰ پنهنجي سيني سان لاتل ٻئي پکيءَ کي آزاد نه ڪندي هئي، ۽ جڏهن پکي آزاد ٿي تيزيءَ سان پنهنجي ساٿيءَ ڏانهن اڏامي ويندو هو، تڏهن ليليٰ ٿڌو ساهه کڻي دل ئي دل ۾ چوندي هئي ته ”جڏهن عاشق کي پَرَ هوندا آهن، تڏهن هو، پنهنجي محبوب ڏانهن اڏامي ويندو آهي .... پر افسوس، مون کي پَرَ

ڪون آهن!“ انهيءَ هوندي به، اهي ٻه ٻکي هئا، جن جي وسيلي سندس عاشق هڪ آهنگ آثاريندڙ سنيهو موڪليو، جنهن جي ملڻ تي ليليٰ خوشيءَ ۽ خوف ۾ وڪوڙجي ويئي - ۽ آخرڪار هن جا قدم انهيءَ جاءِ ڏانهن وڌڻ لڳا، جتي محبت جا ماريل ملاقات ڪندا هئا.

ليليٰ جا اهي سفيد ڪبوترا پري پري تائين مشهور هئا. قيس به اڪيلائيءَ ۾ اڪثر ڪري انهن بابت سوچيندو هو. هڪڙي پيري جڏهن هن کي اهو خيال آيو، تڏهن هو پلنگ تي اٿي ويٺو، ۽ دل ۾ چوڻ لڳو ته ”جيڪڏهن آءٌ هن جي پيءُ کي وڃي عرض ڪريان ته مون کي پنهنجي ڌيءَ سان شادي ڪرڻ جي اجازت ڏئي، ته هو مون سان ڪهڙيءَ طرح پيش ايندو؟ ياڻ جيڪڏهن آءٌ ڪو قاصد موڪليان، ته ان سان ڪهڙو برتاءُ ڪيو ويندو؟.... جيڪڏهن منهنجيون اهي اميدون سچيون آهن، ته پوءِ اهي ٻکي آڏامي دريءَ ڏانهن ويندا، ۽ وڃي هن جي سيني سان چهٽندا ___!“

انهيءَ اوچتي خيال اچڻ تي، قيس پنهنجي نوڪر زيد کي سڏ ڪيو، جيڪو پنهنجي عزيز مالڪ جو سڏ ٻڌي ڊوڙندو آيو.

”زيد، تو کي خبر آهي،“ قيس چيو، ”بصري جي سردار جي محلات ۾ ٻه سفيد ڪبوترا آهن، جن سان هڪ

پنهنجي مالڪياڻيءَ جي اشاري تي پري آڏامي ويندو آهي، ۽ ايستائين گهڻو ـ گهڻو پيو ڪندو آهي، جيستائين پيو ڳيرو وٽس نه ايندو آهي؟“

”سائين، مون کي پوري خبر آهي: اهي پاليل پکي آهن، ۽ پنهنجي مالڪياڻيءَ جي اشاري تي ايندا آهن.“

”تون سمجهين ٿو ته اهي تنهنجي قبضي ۾ اچي سگهندا؟“

زيد، جيڪو پنهنجي مالڪ جو رازدار به هو ۽ ڪيس اها به خبر هئي ته هو ڪهڙي مرض ۾ گرفتار آهي، تنهن جواب ڏنو:

”سائين، اوهان کي اهي پکي گهرجن ڇا؟ منهنجو پيءُ ڪانئير هو، ۽ آءٌ جهنگ ۾ ئي پلجي وڏو ٿيو آهيان: مون ڳيرن کان وٺي ڪيترائي پکي ڦاسايا آهن: مون کي اهي آنڪلون به اچن ٿيون، جن جي وسيلي آءٌ پکين کي پنهنجي هٿ سان جهلي سگهان ٿو.“

”ته پوءِ انهن پکين مان هڪ مون کي به آڻي ڏي.... پر خيال ڪجانءِ ته ان کي ٿوري به ضرب نه پهچي ـ ان جو هڪ کنڀ به ضايع نه ٿئي!“

زيد سچ پچ ذهين هو. ٿورين ڏينهن هو ليليٰ جو هڪ سفيد ڳيرو ڪٺي آيو، ۽ آڻي قيس جي هٿ ۾ ڏنائين. قيس پکيءَ جي ڳچيءَ تي پيار ۽ نرميءَ سان هٿ گهمايو، ۽ پوءِ پکي زيد کي جهلڻ لاءِ ڏنائين، پاڻ

ڏيئي خبرداريءَ مان ان جي ٽنگ ۾ هڪڙو ڇوڙي جو ٽڪرو ٻڌائين، جنهن تي هيٺان بيت لکيل هئا:
- تنهنجي دل سفيد ڳيري وانگر پاڪ ۽ صاف آهي،
۽ آهي سامهون وڻ تان،
تنهنجي محبت جو پيغام کڻي،
مون وٽ آڏامي آئي آهي.
- تو ڪي پنهنجي دل واپس ڪين ملندي،
ڇاڪاڻ تہ هاڻي اها مون وٽ ئي رهندي؛
پر، انهيءَ هوندي بہ، سامهون وڻ تي
تون منهنجي ڏکويل دل جا سڏڪا ٻڌندينءَ.
- اَڄ رات آءٌ تنهنجو انتظار ڪندس -
اُن چشمي تي، جت محبت جا ماريل ملاقات ڪندا آهن.
اي محبوب، مون وٽ اهڙي، طرح اُڏامي اُچ،
جيئن ڳيرو ڳيريءَ ڏانهن آڏامي ويندو آهي.......

* * *

آها رات البت گرم هئي. ليليٰ دستور موجب، هڪڙي ڳيري کي دريءَ مان آڏائي ڇڏيو هو، ۽ پوءِ ٻئي ڳيري کي پنهنجي سيني سان لائي اُن جي 'گهُو گهُو' پئي ٻڌي....... پر هميشه وانگر پکيءَ جو آواز سامهون وڻ تان ٻڌڻ ۾ ڪونہ آيس! ليليٰ ڦٿڪندڙ ڳيري کي پنهنجن هٿن ۾ سوگهو جهليو، ۽ دريءَ مان اڳتي جهُڪي، آواز کي غور سان ٻڌڻ لڳي؛ پر ڪوبہ آواز نہ ٻڌي، هن دل ۾ چيو تہ، هن کي ڇا ٿيو؟ هو ڪيڏانهن

آڏامي ويو؟ اڳي ته ڪڏهن به ائين ڪونه ٿيو!.... شايد پکيءَ کي وڻ تي ننڊ اچي ويئي آهي—!'

پوءِ جيئن چنڊ مٿي چڙهندو ويو ۽ هر شئي چانڊوڪيءَ ۾ روشن ٿيندي ويئي، تيئن ليليٰ به آتي ٿي انتظار ڪندي رهي.... پر نه ڳيرو آيو ۽ نه ان جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. آخر ليليٰ پنهنجي سيني سان چنبڙيل هٿي پکيءَ کي ٿپڪي ڏيئي ڪجهه چيو، ۽ ان کي ڏاڍيءَ نرميءَ سان آڏائي ڇڏيو، ته هو پنهنجي وڇڙيل ساٿيءَ کي ڳولي وٺي اچي.

پکي آڏامي مٿو وڻ ڏانهن ويو، ۽ ان جي هڪ شاخ تي ويهي 'گهُو گهُو' ڪرڻ لڳو.... پر ان جي ساٿيءَ وٽان ڪوبه جواب ڪونه آيو. پوءِ ليليٰ ڏٺو ته پکي وڻ تان آڏاڻو، ۽ محلات جي چوڌاري ڦيرا ڏيڻ لڳو. ليليٰ پکيءَ کي ڪيترائي ڀيرا چڪر هڻندي ڏٺو ۽ ان جي پرن جو آواز ٻڌو. نيٺ پکي هيٺ لٿو، ۽ اچي دريءَ ۾ ويٺو — ۽ جڏهن ليليٰ ان کي جهلي پنهنجن هٿن ۾ سوگهو ڪيو، تڏهن هن کي محسوس ٿيو ته پکيءَ جو جسم تيزيءَ سان ڌڙڪي رهيو آهي. يقيناً پکيءَ کي اذيت پهتي هئي، جنهن ڪري مٿس خوف ڇانيل هو.

"افسوس، اي بي زبان!" ليليٰ پکيءَ کي نرميءَ سان چُميندي چيو: "محبوب جو وڇوڙو واقعي المناڪ آهي،

پر ان کي ڪڏهن به ٻولي نه لهڻ انهيءَ ڳالهه ته گهڻو المناڪ آهي!"

ليليٰ اڃا پکيءَ کي دلداري پئي ڏني، ته ايتري ۾ پيو پکي به آڏامندو اندر آيو، ۽ اچي ليليٰ جي ڪلهي تي ويٺو. خوشيءَ ۾ هن ڪان دانهن نڪري ويئي.... ان کي جهلي پيئي پکي کڻي سيني سان لاتائين. پکيءَ کي اهڙيءَ طرح پيار ڪندي، ليليٰ جي آڱرين، آيل پکيءَ جي ٽنگ ۾ ٻڌل ڪنهن ڪهڙيءَ شيءِ کي محسوس ڪيو. هن يڪدم اها مضبوط ٻڌل شئي کولي ۽ ڌڙڪندڙ دل سان انهيءَ چٺڙي جي ٽڪڙيءَ تي لکيل تحرير پڙهڻ لڳي.... اهو سندس عاشق جو پيغام هو! هن کي ڪجهه به سمجهه ۾ ڪونه آيو ته ڇا ڪري ـــ 'ڇا، هن کي انهيءَ چشمي ڏانهن هلڻ گهرجي، جتي چانڊوڪيءَ ۾ محبت جا ماريل ملاقات ڪندا آهن؟' انهن ئي خيالن ۾، هن پکين کي چميون ڏيئي، ڇڏي ڏنو.

پوءِ ليليٰ جلدي جلدي برقعو پاتو، ۽ ڏاڪڻ تان آهستي آهستي لهي، چور دروازي مان ٻاهر نڪري آئي. عشق هن جي رهنمائي ڪئي، ۽ هوءَ جهنگ ۾ انهيءَ رستي تي وڃي پهتي، جيڪو ان چشمي ڏانهن ويو ٿي، جتي محبت جا ماريل ملاقات ڪندا هئا. هوءَ وڻن مان ڇڻندڙ چانڊوڪيءَ جي چار مان ڏاڍي تيزيءَ سان اڳتي وڌندي رهي........ آخرڪار هوءَ کليل ميدان

وٽ اچي پهتي، جتي ٻاڙيءَ جون سفيد آيرنڊز ڊارون، جواهر جڙيل چانديءَ جيان پٽي جرڪيون.

ليليٰ مايي ۾ ٿي بيٺي. سندس مٿان هڪ عجيب چڪتاڻ هئي، ۽ خيال ڪيائين ته ’جيڪڏهن منهنجي دل ڏکي ٿي ته فقط ان ڪري جو آءٌ ڊوڙندي آئي آهيان.... آهو ڪٿي آهي جنهن منهنجو پکي ڇورايو ۽ نياڻي سان موٽائي موڪليو؟‘

آهو ڪير به هو، ليڪن سندس نگاهون ڏاڍيون تيز هيون.... چالاڪ ته هن ليليٰ کي مايي ۾ ٿي ڏسي ورتو، ۽ چشمي وٽان گذرندو ٽڪڙو هن ڏانهن آيو.
ليليٰ تيزيءَ سان نڪري چانڊوڪيءَ ۾ ٿي بيٺي.
”تون ڪير آهين؟“

پنهي جون نگاهون مليون. چانڊوڪي سندن منهن تي پئجي رهي هئي. هنن جي وات مان پڙڪو به ڪو نه نڪتو – چالاڪ ته هنن هڪ ٿي نگاهه ۾ هڪٻئي کي سڃاڻي ورتو هو.

”ليليٰ!.... تون مون وٽ آئي آهين!.... آءٌ تو کي پيار ڪريان ٿو!“
”آءٌ به....“

– فقط ٻوڙهي چنڊ، جنهن ڪيترائي پيرا اهڙا حادثا ڏٺا هئا، هنن کي بي اختيار هم آغوش ٿيندي ڏٺو،

۽ سواءِ چشمي جي روح جي، جنهن ٻاڙيءَ جي ٻوٽن
ڦوهاري نڪرڻ کان ولي ڪيترائي دفعا محبت جا
مٺڙ ٻول ٻڌا هئا، ٻئي ڪنهن به انهن ڳالهين کي ڪين
ٻڌو، جيڪي هنن هڪٻئي کي چيا.

*　　*　　*

هاڻي ليليٰ ۽ قيس انهيءَ چشمي وٽ ملندا هئا،
۽ جهنگ جي خاموش گهرائيءَ ۾ هڪٻئي سان محبت
جا اقرار ڪندا هئا. هڪڙي دفعي، موڪلائڻ وقت،
قيس ليليٰ کي چيو: ”منهنجي مٺڙي، جيڪڏهن منهنجو
گهر صحرا ۾ هجي ها، ۽ ڀاڻ ٻئي آزاد هجون ها، ته
اتي جو ڏٽ ۽ تنهنجي هٿن جي ٻچايل ماني کائون
ها، چشمن جو پاڻي پيون ها، ۽ ڪنهن وڻ جي هيٺان
ويهي آرام ڪريون ها ـــ پوءِ آءٌ دنيا جي ڪابه ڪاڻ
نه ڪيان ها، ۽ تنهنجي قبيلي جي دشمنيءَ کي ترڪ
ڪري، توکي پيار ڪريان ها ۽ تو سان گڏ گذاريان ها!“

”پيارا قيس، آءٌ به ائين ڪريان ها!“

”ته پوءِ اڄ ته مون کي سمجهه ڦتو ڪريون، ۽ هلي ٻئي پٽ
وسايون....!“

”هينئر؟“

”نه، هينئر نه. تون تياري ڪري وٺ.... سڀاڻي،
هن وقت، آءٌ ٻن تيز رفتار گهوڙن سان هتي تنهنجو
انتظار ڪندس، ۽ پوءِ، جيئن هو ٻن سنڀن سان زمين

ھلائيندا اڳتي وڌندا ھلندا، تيئن پاڻ به دنيا کي پوئتي ڇڏي چڪا ھونداسون — آءٌ ۽ تون!“

انھيءَ رات ليليٰ خواب ڏٺو ته ھوءَ پنھنجي عاشق سان گڏ صحرا ۾ آھي؛ پيئي وڻ جي ڇانو ۾ ويٺا آھن، چشمي جو پاڻي پيا پيئن، ۽ ليليٰ جي ھٿن جي پچايل جھنگلي اناج جي ماني پيا کائين؛ ۽ ليليٰ، پنھنجي محبوب جي موجودگيءَ ۾، محلات جي سکن کان به وڌيڪ خوش ۽ بيفڪر آھي....

* * *

پر افسوس، اھو خواب ڪڏھن به سچو ٿي نه سگھيو۔ محلات جي ڪنھن خادم جيڪو ھوطرف جو آواز ٻڌي سگھيو ٿي ۽ جنھن جون نظرون چوڌاري ڏسي سگھيون ٿي، انھيءَ خادم انھيءَ ابن سلام جي چاڙتي — حسين و جميل سردار ابن سلام، جيڪو ليليٰ سان شادي ڪرڻ لاءِ بيقرار ھو — ليليٰ جي پيءُ جي ڪن ۾ ڦوڪ ڏيئي ڇڏي. ٻئي ڏينھن، سارو ڏينھن سارو محل ويران ھو.... ڪراڙو سردار، ليليٰ ۽ سڀئي نوڪر چاڪر سميت، پھاڙن ۾ پنھنجيءَ جاگير ڏانھن روانو ٿي ويو، ھن کي اميد ھئي ته اتي جي خالص ۽ صحت بخش ھوا ليليٰ جي دل لاءِ فائديمند ٿيندي — جيتوڻيڪ آتي حالت ڪيئن ٿيندي، سا ڪنھن جي به سمجھ ۾ نه اچي سگھي.

قيس کي ھن جي اوچتي روانگيءَ جي ڪابه خبر

ڪانہ هئي، ۽ هو مقرر وقت تي چشمي وٽ انتظار ڪندو رهيو. آخر، هڪڙي ڏينهن، ڪيس اها خبر پهتي تہ ليليٰ پنهنجي خوشيءَ سان سچي گهر سميت پهاڙن ڏانهن هلي ويئي آهي، ۽ هنن سان گڏ ابن‌سلام بہ ويو آهي! انهيءَ ڳالهہ قيس جي ڏکويل دل کي ويتر تڪليف پهچائي. وبچاري عاشق جي دل وسوسن ۽ گمانن جو گهر هوندي آهي — قيس بہ انهيءَ گمان کي سچ سمجهي، پنهنجي گهران ڪ عجيب بي‌اختياري حالت ۾ نڪري ويو. نا اميدي جي انهيءَ دردناڪ حالت ۾، هن جو ذهن سواءِ ليليٰ جي ٻيو ڪجهہ بہ سوچي نہ سگهيو. هن انهن دوردراز پهاڙن ڏانهن ڪٺي رخ رکيو، ۽ 'ليليٰ! ليليٰ!' پڪاريندو، رڻ پٽ ۾ ڪاهي پيو. بيابان جي هر ڪا پيٽ ۽ ٿوهر جا سورا وڻ جلد ئي انهيءَ نالي کان واقف ٿي ويا، ڇاڪاڻ تہ سڄو ڏينهن ۽ سڄي رات اُني انهيءَ نالي جو پڙاڏو ٿيندو رهيو — تان جو ورندي صبح جو قيس، ٿڪاوٽ ۽ ڪمزوريءَ کان بيهوش ٿي، واريءَ جي وسيع سمنڊ ۾ جذب ٿي ويو.

* * *

جڏهن صبح ڪجهہ مٿيرو ٿيو، تڏهن زيد ۽ قيس جا ڪي دوست، کيس ڳوليندا اتي اچي پهتا هئا. قيس جي حالت بنهہ ڇرين جهڙي هئي. ٿڪاوت ۽ بک پياس کان عاجز ٿي، هو پنهنجي ذهن کي اهڙيءَ طرح اٿلائي پٿلائي رهيو هو، جهڙيءَ طرح هن بترپٽ جي

خاڪ ڇاڻي هئي. زيد ۽ ٻيا دوست قيس کي گهر وٺي آيا، ۽ هن کي پنهنجي اصلي حالت ۾ آڻڻ جي هر ڪا ڪوشش ڪيائون. آخر جڏهن ڪجهه هوش ۾ آيو، تڏهن به هو پنهنجي وڇڙيل محبوب ليليٰ کي ٿي پڪاريندو رهيو ــــ ايتريقدر جو دوستن احبابن هن کي لاعلاج سمجهي 'مجنون' يعني پاڳل، جي نالي سان سڏڻ شروع ڪيو.

سندس پيءُ به هن سان ڪافي حجت ڪئي ته هو انهيءَ سردار جي ڌيءَ جي شديد محبت کي ڇڏي ڪري ڇڏي، جيڪو هن جو دشمن هو. پر هن جي بي اختيار عشق کي ڏسي، دل ۾ ڇاتائين ته 'هن جو علاج فقط ليليٰ ئي آهي'. هن، بصري جي سردار سان سواءِ جنگ يا صلح ڪرڻ جي ٻيو ڪوبه چارو نه ڏسي، انهيءَ معاملي ۾ آزمائش لهڻ جو پڪو عهد ڪيو. تنهنڪري مجنون کي وفادار زيد جي نظرداريءَ ۾ ڇڏي، ڄونڊ ماڻهن کي ساڻ ڪري، هو پنهنجي دشمن سردار سان ملڻ لاءِ ٻهاڙن ڏانهن روانو ٿي ويو.

آخر گهڻن ڏينهن جي مسافريءَ کان پوءِ هو ليليٰ جي پيءُ جي جاگير ۾ اچي پهتو. هو ڏاڍي شوخيءَ ۽ غرور سان سردار جي اڳيان ويو، ۽ کانئس پنهنجي پٽ لاءِ سندس ڌيءَ جي سڱ جي گهر ڪيائين. هن سردار کي اهو به ٻڌايو ته هو فقط هڪڙو جواب ٻڌندو ـ 'ها' يا 'نه'. پر هن جي ان سوال کي بہ ساڳيءَ شوخيءَ ۽ غرور سان ٺڪرايو ويو: "خبر

تمام جلد پکڙجي ويندي آهي،" بصري جي سردار جواب ڏنو، "تنهنجو پٽ پاڳل آهي؛ ڀرياڻين هن جي چرياڻيءَ جو علاج ڪر، ۽ پوءِ منهنجي رضامندي پڇ!"

سعد، يمن جو سردار، ڏاڍو هٺيلو ۽ سخت مزاج هو. هو انهيءَ جواب کي برداشت نه ڪري سگهيو. هن دوستيءَ جي اقرار جي هڪ تجويز پيش ڪئي هئي جنهن کي ٺڪرائي، هڪ خوفناڪ جنگ و جدل جي پيش خيمي ۾ تبديل ڪيو ويو هو؛ تنهنڪري جڏهن هو بصري جي سردار وٽان واپس وريو، انڌهن هن جي پيشانيءَ ۾ گهنج هو، ۽ سندس اکيون انتقام جي باهه ۾ ٻڏي پريون. هن بصري جي سردار کان بدلي وٺڻ جو پڪو انجام ڪيو، ۽ مٿس حملي ڪرڻ جي سانباهي لاءِ وطن واپس موٽي آيو.

پر يمن جي سردار پنهنجي ارادي ۾ دير ڪئي: واپس اچڻ تي کيس معلوم ٿيو ته مجنو وفادار زيد سان گڏ ڪعبةالله جي زيارت ڪرڻ ۽ آتي جي پاڪ کوهه جو پاڻي پيئڻ لاءِ مڪي ويو آهي.

"يقيناً،" هن چيو، "اهو پاڪ ۽ متبرڪ پاڻي، جيڪو هاجره ۽ ان جي پٽ جي پياس اجهائڻ لاءِ خشڪ ۽ ساڙيندڙ صحرا ۾ ڦٽي نڪتو هو. منهنجي پٽ کي به دماغي شفا بخشيندو. آءٌ به هن جي پٺيان ويندس، ۽ هن سان گڏجي ڪعبةالله ۾ دعا گهرندس؛ آءٌ به اهو مقدس پاڻي پيئندس، ۽ پوءِ اهڙي حسن

اتفاق سان منهنجو پٽ واپس مون کي ملندو!"

پر اتفاق وري اهڙو بڻيو، جو جڏهن سردار پنهنجي شاندار ساٿ سان گڏ مڪي کان پن ڏينهن جي پنڌ تي پهتو، تڏهن هن کي صحرا جو پيو وڏو سردار، 'نوفل' ملي ويو، جنهن بهادرن جي مختصر جماعت سان ٽڪرو وڌي اچي هن جو آڌرڀاءُ ڪيو—

"آءٌ تو کي سڃاڻان ٿو—" نوفل پنهنجي خوبصورت گهوڙي جون واڳون امڙيءَ طرح اوچتيون ڇڪيندي چيو، جو واري ۾ ڌوڙ ڇوڏاري پکڙجي ويئي. "تون يمن جو سردار ۽ مجنو جو پيءُ آهين. آءٌ تنهنجو خيرمقدم ڪريان ٿو. مجنو مون کي صحرا ۾ گڏيو هو. هو سخت مصيبت ۾ مبتلا ۽ مرڻينگ حالت ۾ هو. مون هن جي امداد ڪئي، ۽ هن جو سمورو احوال پڌو. اي يمن جا سردار، جيڪڏهن تنهنجي اها مرضي هجي، ته آءٌ بصري جي سردار جي خلاف اوهان جو ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار آهيان؟"

"اي نوفل، توتي پڻ سلام هجن. مون کي تنهنجي نالي جي خبر آهي، تون خانه بدوش صحرائي آهين، پر مون تنهنجي بهادريءَ ۽ سخاوت جا ڪيترا ئي قصا ٻڌا آهن. چا، منهنجو پٽ تنهنجي حفاظت ۾ آهي؟ پر اهو ڪيئن ٿيو جو هو حج ڪرڻ کان رهجي ويو .... آءٌ پاڻ ساڻس ملڻ لاءِ ڪعبةالله ڏانهن پئي ويس!"

"افسوس، هو رستي جي پرسان پيو هو، جنهن کي منهنجي بهادرن ڏسي ورتو، ۽ جڏهن آهي وڃهو

پهنا، تڏهن هن ’ليليٰ ـ ليليٰ‘ جون دانهون پڏيون، هو ڪيس مون وٽ وٺي آيا، ۽ مون هن جي اکين ڏٺي داستان ۽ ليليٰ جي ورجائيندڙ لفظ مان سهي ڪيو تہ اهو تنهنجو پٽ مجنو آهي. اي يمن جا سردار، حسن ۽ محبت جو داستان صحرا جي خاموش وسعتن ۾ جلد ئي پڪڙجي ويندو آهي—.“

”نوفل، هاڻي تنهنجو ڪهڙو خيال آهي؟“

”منهنجي مرضي آهي تہ پاڻ ٻيئي تنهنجي پٽ لاءِ بصري جي سردار وٽ هلون، ۽ هن کان سندس ڌيءَ جو سڱ گهرون؛ جيڪڏهن هن انڪار ڪيو ۽ جنگ جي صورت ۾ فتح اسان جي ٿي، تہ پوءِ آءٌ سموري صحرا ۽ ان جي آسپاس تنهنجي غلبي ۽ اثر کي وڌائيندس ۽ ان جي حفاظت ڪندس؛ پر جيڪڏهن هو راضي ٿيو، تہ پوءِ پاڻ سڀ صلح ۾ رهنداسين، ۽ تنهنجي مقرر ڪيل مناسب شرطن تي پنهنجين پنهنجين حڪومتن جون حدون ملائي ڇڏينداسين؟“

”نوفل، تنهنجي صلاح ڏاڍي سهڻي آهي، ۽ آءٌ تو تي ڀروسو ڪريان ٿو. تون بصري جي سردار وٽ ڀلي وڃ، ۽ منهنجي طرفان هن کان ليليٰ جي گهر ڪر. آءٌ تنهنجي پٺيان ايندس. جيڪڏهن تون ليليٰ کي وٺي مون تائين پهچي وئين تہ پوءِ ٺيڪ آهي، پر جي نہ، تہ پوءِ پاڻ گڏجي هن تي حملو ڪنداسين. آءٌ تنهنجن سڀني شرطن کي قبول ڪندس. باقي ٻين شرطن لاءِ، تو وٽ

ٻہ مون جهڙائي تيز رفتار قاصد موجود آهن، جيڪي ڪڏهن ٻہ مون وٽ موڪلي سگهين ٿو.“

انهن لفظن تي نوفل گهوڙو ڦيرايو، ۽ پنهنجن ڪن بهادرن کي حڪم ڏنائين .... هڪدم ڇهہ تيز رفتار قاصد، صحرا جي سورهيہ سردارن کي پهاڙن جي دامن ۾ گڏ ڪرڻ لاءِ، ڇهن طرفن ڏانهن روانا ٿي ويا. انهيءَ وچ ۾ يمن جي سردار بہ پنهنجي ملڪ ڏانهن قاصد ڊوڙايا. نوفل پنهنجيءَ بهادر جماعت سميت مقرر ڪيل جاءِ ڏانهن روانو ٿي ويو، پر يمن جو سردار قاصدن جي واپسيءَ تائين اتي ئي ترسي پيو.

* * *

هوڏانهن جبلن تي، پنهنجي پيءَ جي رياست ۾، ليليٰ جي حياتي ڏاڍي ملول ۽ آداس گذري رهي هئي. ٻڌس جو منظور نظر نوجوان سردار، ابن سلام ليليٰ سان شادي ڪرڻ لاءِ برابر حجت هلائيندو رهيو، پر ليليٰ جو انڪار ۽ اکين ۾ لڙڪ ڏسي، ٻڌس جي دل پڇي پوندي هئي، ۽ هو مجبور ٿي خوبصورت ۽ امير سردار کي چوندو هو تہ ”هوءَ اڃا انهيءَ وهيءَ ۾ ڪين پهتي آهي، ڪجهہ دير صبر ڪر، آن بعد سڀڪجهہ ٺيڪ ٿي ويندو.“ بصري جو سردار هن نوجوان امير کي، جنهن وٽ بيشمار دولت ۽ هزارين جوڌا هئا، غور جي نظرن سان تڪيندو ۽ توريندو هو. باقي ليليٰ ويچاريءَ پاڻ کي ڏينهن جي سوجهري کان بہ سڪائي رکيو هو،

پر جڏهن رات ٿيندي هئي، تڏهن پنهنجو حال تارن سان اوري دل ۾ چوندي هئي ته ”آءٌ مرڻ وڌيڪ پسند ڪنديس، ان جي بدران، جو آءٌ ..هنو ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن مرد سان شادي ڪريان .... افسوس، ويچارو مجنو به مون وانگر حيران ۽ پريشان هوندو!“

ليليٰ ڪي سندس پکين جو محلات جي اڱڻ وڻ تي ويهڻ چڱيءَ طرح ياد هو. هوءَ انهن پکين کي آتي ٿي نوڪرن جي سنڀال ۾ ڇڏي آئي هئي. انهن پکين کان هر وقت هن جي دل کي دلاسو ۽ تسليٰ پئي ملي هئي ـ خاص ڪري انهن مان هڪ پکي سندس محبوب جو قاصد به هو ــ هاڻي وٽس ڪو به دلاسي ڏيڻ وارو ڪونه رهيو هو. هتي هڪڙو ڇيتو به هو، سو به حبشي غلام جي ڄڻي ۾ هو .... پر آهو ليليٰ کي سندس محبوب بابت اهو ڪجهه ٻڌائي نه سگهيو، جيڪو انهن پکين ٻڌايو هئس! ليڪن هڪڙي ڏينهن سندس پانهي هڪڙو پکي وٽس ڪٿي آئي، ۽ چيائينس ته ”منهنجي پريءَ هيءُ پکي جهنگ مان جهليو آهي، ۽ مون کي چيو آٿس ته پاڻ تي تمهنجي ڪيل مهربانين جي عيوض آءٌ هيءَ پکي نذراني طور توکي پيش ڪريان.“

ليليٰ انهيءَ پکيءَ کي پاڻ سان گڏ نويڪلائيءَ ۾ رهايو، ۽ جلد ئي محسوس ڪيائين ته انهيءَ پکيءَ جو آواز به سندس ئي آواز جهڙو هو; تنهنڪري ليليٰ پکيءَ کي فقط هڪڙو لفظ سيکاريو: پوءِ هوءَ پکيءَ

کي پنهنجي هٿ تي ڪٽي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويٺي هوندي هئي، ۽ اُن جي مٺڙي ۽ نرم آواز ۾ اچاريل لفظ ’مجنو‘ کي ٻڌندي رهندي هئي. ڪي وري هن جي ڪنن ۾ دنيا جي انهيءَ مٺڙي نالي ”مجنو“ جي تنوار پيو ڪندو هو، ۽ ليليٰ جي دل، منهنس سيني مان نڪري، صحرا جي ويرانين ۾ مجنو کي ڳولڻ لاءِ پيئي ڀٽڪندي هئي.

* * *

ليليٰ جي دل اڃا انهن مصيبتن ۾ پيئي ٻڏي ۽ تري، ته هڪڙي ڏينهن، پرهه ڦٽيءَ جو، نوفل بهادرن جي هڪ وڏي ٽولي سان آيو، ۽ پنهنجي تلوار در تي زور سان هڻي، بصري جي سردار سان ملاقات ڪرڻ جو اعلان ڪيائين. سج جي روشنيءَ جا وڌندڙ ڪرڻا جبلن جي پس منظر ۾ آهستي آهستي پکڙجي رهيا هئا، ته نوفل ۽ بصري جي سردار جي وچ ۾ تمام مختصر ۽ تيز لفظن جي ڏي-وٺ ٿي؛ ۽ جڏهن سج ڪجهه مٿيرو ٿيو ۽ اس دروازن وٽ پهتي، تڏهن هنن جي گفتگو به ختم ٿي. پوءِ نوفل پنهنجي ساٿين سميت ايندڙ دشمن مهمان جي استقبال لاءِ صحرا ڏانهن تيزيءَ سان موٽي ويو.

بصري جي سردار پنهنجي ۽ سج جي وچ ۾ ايندڙ مٽيءَ جي طوفان کي ڏٺو، جنهن ۾ هن کي اوچتيءَ جنگ جا آثار چٽيءَ طرح نظر پئي آيا.

بصري جي جابلو رياست جون حدون ابن سلام جي رياست جي سرحد سان مليل هيون. جڏهن هن کي خبر پهتي ته بصري جي سردار سندس خاطر نوفل کي بيعزت ڪري واپس ڪيو آهي، ۽ جنگ جي طوفان اٿڻ جو انديشو آهي، تڏهن هن هڪدم مدد لاءِ هڪ هزار جوڌن جي آڇ پيش ڪئي، جيڪا فوراً قبول ڪئي ويئي.

جنگ جي لاءِ ميدان تيار ٿي ويو هو. پڇڙ ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي ابن سلام جي بهادر فوج پهچي چڪي هئي. ليليٰ دريءَ مان انهن جي ترتيب ۽ صف بنديءَ کي غور سان ڏٺو ۽ ان بعد صحرا ڏانهن نهاريندي، ڪيس هڪ ٻئي ايندڙ لشڪر جي پيرن هيٺان مٽيءَ جا ڪڪر اڀرندا نظر آيا.

’افسوس!‘ هن چيو، ’هن سڄي فتني فساد جو سبب منهنجي سيني ۾ هيءَ ڌڙڪندڙ دل آهي: آءٌ پنهنجي پيءُ کي چاهيان ٿي، آءٌ مجنو کي به پيار ڪريان ٿي.... هاڻي ڏسجي ته قسمت جو انتخاب ڪهڙو ٿئي ٿو!‘

قسمت جا به عجب رنگ ٿيندا آهن. رات ٿيڻ تائين هن جنگ جو هُل هنگامو پئي پلٽو. جڏهن سندس دل خوف ۽ اميد ۾ پڏي تري رهي هئي، ڪيس صاف ڏسڻ ۾ آيو ته ابن سلام جو لشڪر ميدان ۾ بيهڻ لائق نه رهيو هو. سندس پيءُ جي دشمن جا حملا انهيءَ لشڪر کي پٺتي هڪليندا پئي آيا.

ابنِ سلام جو لشڪر پڪڙجي دوباره گڏ ٿيو ٿي، پر وري پڪڙجي ويو ٿي. ميدان ۾ جيڪي سپاهي رهيا هئا، اهي بہ قلعي ڏانهن پسپا ٿيڻ لڳا. قلعي جا دروازا کيرايا ويا، ۽ سيڪجهہ هارايو ويو يا فتح ڪيو ويو. منادي ڏيندڙ اڳتي وڌيو ۽ پيش پوڻ جا شرط وڏي واڪي ٻڌائڻ لڳو. ليليٰ دريءَ مان ٻاهر تي جهڪي ۽ ٻڌڻ لڳي. هوءَ هڪڙو لفظ بہ نہ ٻڌي سگهي....تان جو سندس پيءُ، جيڪو شڪست ملندي بہ دلير ۽ سرڪش پئي نظر آيو، گجگوڙ ڪري چوڻ لڳو: ”۽ جيڪڏهن آءٌ پنهنجي ڌيءَ جي پانهن نہ ڏيان، تہ پوءِ بہ ڪيئن تون وٺي ويندين! ها، پر تون هن کي زنده نہ وٺي ويندين!.... مون کي هار مڃڻي پوندي، ۽ هن کي قتل ڪيو ويندو. آءٌ سيڪجهہ هارائي ويٺو آهيان، پر اجا منهنجا غلام ـ مون سان وفادار آهن.... جيڪڏهن آءٌ زبان ڏيئي ويهان تہ پوءِ ان جو جواب ليليٰ جي لاش کان پڇجو!“

انهيءَ تي يمن جي سردار هن کي خبردار ڪيو هو پنهنجا هٿ اهڙي خطرناڪ ڪم ۾ استعمال ڪرڻ کان روڪي ـــ

”اي بصري جا سردار!“ هن چيو، ”آءٌ تو کي هن معاملي تي غور ڪرڻ لاءِ هڪڙي ڏينهن جي مهلت ڏيان ٿو. هينئر فقط ٻہ رستا آهن: هڪڙو رستو هي آهي تہ پنهنجي ڌيءَ منهنجي پٽ سان پرڻائڻ جو اقرار

ڪر ــ اهڙيءَ طرح ٻنهي ۾ دوستيءَ جو رشتو مضبوط ٿيندو، پيو هيءَ آهي ته تون پنهنجي ڌيءَ ٻاهر وٺ رک، ۽ پنهنجي ملڪ تان هٿ کڻ ۽ اهو منهنجي تابعداريءَ ۾ ڏي.“

ائين چئي، بصري جي سردار کي ٻئي ڏينهن فجر تائين فيصلي ڪرڻ لاءِ ڇڏي، يمن جو سردار پنهنجي سائيءَ نوفل سميت روانو ٿي ويو.

انهيءَ وچ ۾ ابن سلام ٻاهر اماڻيل قاصدن مان هڪ کي واپس گهرايو .... ۽ چيو ويو ته هو يمن کان پيو اچي: جتان هن خبر آندي آهي ته مجنو رات جو پنهنجي نوڪرن کان ڀڄي ويو، ۽ بعد ۾ هن کي صحرا ۾ مئل لڌو ويو. جيتوڻيڪ اها ڳالهه سچي ڪين هئي، پر ابن سلام کي يقين هو ته ائين ضرور ٿيندو، ڇاڪاڻ ته هن مجنو کي مارائڻ لاءِ اڳي ئي ماڻهو موڪلي ڇڏيا هئا. هن جي اها مرضي هئي ته اوچتو ڪا غلط خبر پهچي؛ ڇاڪاڻ ته انهيءَ ڪري ۽ وڏيڪ فوج پهچڻ ڪري، هن کي اميد هئي ته هو ليليٰ کي حاصل ڪندو، ۽ انهيءَ معاملي ۾ سندس پيءُ جا هٿ وڌيڪ مضبوط ڪري سگهندو.

فاتح اڃا واپس ٿي رهيا هئا، ته اوچتو قاصد گهوڙو ڊوڙائيندو آيو، ۽ بلند آواز ۾ هُنن کي خبر ٻڌائڻ لڳو. يمن جو سردار اها خبر ٻڌي، پنهنجي پٽ لاءِ روئڻ لڳو. نوفل خبر ٻڌي چيو ته ”هاڻي امان جو ليليٰ

سان ڪوبہ واسطو ڪونهي، صبح جو اسين پنهنجا شرط مڃائيندا سون!"

ابن سلام ۽ ليليٰ جي پيءُ انهيءَ خبر کي ڪابہ اهميت ڪين ڏني. ابن سلام چيو تہ "هاڻي تنهنجي ڌيءَ جي راضپي ۾ ڪابہ رڪاوٽ نہ رهي، ڇاڪاڻ تہ هوءَ عورت ذات آهي، ۽ هن کي ضرور معلوم هوندو تہ مردي ڪان جيترو وڌيڪ خواهشمند هوندو آهي. اي سردار، مون اڳ ۾ ئي توکي مدد ڪئي آهي، پر اسين ڪامياب نہ ٿي سگهيا سون. تنهنجي ڌيءَ کي فقط هڪڙو لفظ چوڻو پوندو .... ۽ پوءِ تون ڏسندين تہ منهنجي اشاري ڏيڻ شرط بهادر نوجوانن جو اڄ ڪان ٽيڻو لشڪر اچي موجود ٿيندو. ان لشڪر جو اڌ حصو اسان کي بچاءَ ڪرڻ ۾ مدد ڪندو، ۽ باقي اڌ حصو يمن جي فوج تي پٺيان حملو ڪندو - پوءِ اسان جو دشمن هوا ۾ ڪک پن وانگر ٿڙي پکڙجي ويندو. تون پنهنجي ڌيءَ وٽ وڃ، ۽ ڪيس ٻڌاءِ تہ سندس هڪڙو لفظ ڪهڙيءَ طرح توکي تباهيءَ ڪان بچائي سگهندو، ۽ تنهنجو نالو مٿي ڪندو.

بصري جو سردار پنهنجيءَ ڌيءَ وٽ ويو؛ ۽ جڏهن ابن سلام زالاني روح جو آواز ٻڌو، تڏهن پڪ ٿيس تہ مجنو جي موت جي غلط خبر کي سچ سمجهيو ويو آهي! سردار گهڻي وقت تائين ليليٰ کي سمجهائيندو رهيو تہ مجنو جي لاءِ روئڻ رڙڻ بيڪار آهي؛ هاڻي

ابن سلام سان شادي ڪرڻ تي هوءَ کيس بچائي سگهندي، ۽ انهيءَ ڪري سلطنت به وسيع ٿيندي. سردار ليليٰ کي ههڙي مصيبت جي موقعي ۾ پنهنجي طرفان عائد ٿيل فرض ياد ڏياريا، ۽ ٻڌايو ته سندن هاڪار ٿي کيس انهيءَ مصيبت مان ڇوٽڪارو ڏياري سگهي ٿي. ليليٰ ڳوڙهن ڀريل نگاهن سان ڏٺو، ۽ کيس پيءُ جي خاطر انهيءَ قربانيءَ ڏيڻ کان سواءِ ٻيو ڪو به چارو نظر ڪونه آيو.... هن فرض کان، ۽ پيار کان مجبور ٿي، ڏاڍي ارمان سان، پاڻ کي ابن سلام جي سپرد ڪرڻ جو اقرار ڪيو.

جڏهن ابن سلام کي اها خبر پهتي، تڏهن هن پنهنجي چونڊ بهادرن کي گهرايو، ۽ پٺ تي رهيل فوج بابت پڇا ڳاڇا ڪئي. 'چار هزار' جواب ڏيندي هن چيو: "دشمن جو لشڪر ٽي هزار آهي، ۽ پاڻ وٽ هنن کان فقط هڪ هزار فوج وڌيڪ آهي." ابن سلام پنهنجي فوجي عملدارن ڏانهن چونڊ قاصدن جي ذريعي مخفي پيغام موڪليا. رات ٿيڻ کان اڳ ٻه هزار جوانن جي فوج اچي هئي، جنهن کي جبل جي هيٺان رهڻ ۽ صبح سوير حملي ڪرڻ جو حڪم ڏنل هو. باقي اڌ فوج کي، سخت جنگ هلندي صحرا مان، گهيري جي صورت ۾، دشمن تي اوچتو حملو ڪرڻو هو. ابن سلام کي يقين هو ته انهيءَ اوچتي حملي ۾ ڪاميابي اسان جي ٿيندي. دو هڪ غلطيءَ تي ڪونه

هو؛ جڏهن سج جا ڪرڻا ريگستان تي ڪرڻ لڳا، ۽ جبل جون چوٽيون سج جي روشنيءَ ۾ چمڪڻ لڳيون، تڏهن جبل جي اونداهين اوٽن ۾ ٻه هزار مضبوط سپاهي دشمن تي حملي ڪرڻ لاءِ تيار لڪا بيٺا هئا.

سج اڃا ٿورو مٿيرو ٿيو، ته منادي ڏيندڙ به قلعي جي در وٽ اچي پهتو، ۽ يمن جي سردار طرفان پيش پوڻ جا شرط پڙهي ٻڌائڻ لڳو. بصري جي سردار هن تان ٽهڪڙا ڪئي، ۽ چيائينس: ”وڃ، يمن جي سردار ۽ سندس صحرائي ڌاڙيل دوستن کي وڃي چئو ته جيڪڏهن هو منهنجي علائقي کي حاصل ڪرڻ چاهين ٿا، ته پوءِ هنن کي فوجي طاقت استعمال ڪرڻ گهرجي؛ هنن کي ٻڌاءِ ته بصري جو سردار ڪڏهن به پيش نه پوندو آهي؛ هو آزاد رهڻ يا وڙهندي مري وڃڻ کي وڌيڪ پسند ڪري ٿو!“

هيءُ ڏاڪيءَ پريل ڇُوت جواب ٻڌي، منادي ڏيندڙ واپس موٽي آيو. يمن جو سردار جواب ٻڌي عجب ۾ پئجي ويو، ۽ سوال ڪرڻ لڳو؛ پر نوفل، جيڪو صحرائي هو ۽ جنهن جي طبيعت تيز ۽ هڪدم عمل ڪرڻ واري هئي، تڪڙي حملي جي صلاح ڏني.

جنگ شروع ٿي. پهرين ئي حملي تي ٻهاڙن ۾ لڪل ابن سلام جا ٻه هزار سپاهي نڪري نروار ٿيا، جن کي ڏسي حملي آور عجب ۾ پئجي ويا. پر هنن

ڀاڻ کي سنڀالي ورتو، ۽ مخالفن تي - جيڪي هيٺ هنن جيترا هئا - سختيءَ سان حملو ڪرڻ لڳا. ليليٰ اهو سڀڪجهه دريءَ مان پئي ڏٺو. هن چڱيءَ طرح ڏٺو ته جنگ جو زور ڪنهن وقت هِن طرف ٿي ٿيو، ته ڪنهن وقت هن طرف .... ۽ هاڻي ظاهر هو ته دشمن جون فوجون تيزيءَ سان ڪاميابيءَ جي قريب پهچي رهيون هيون. پر .... هو پريان صحرا ۾ ڇا پئي نظر آيو؟ اهو ڇا هو، جيڪو صحرا مان اڳتي وڌندو پئي آيو؟ واريءَ جو هڪ زبردست طوفان تيزيءَ سان ويجهو پوندو ويو — اهو اڳتي وڌندو رهيو .... بهادرن جي زبردست فوج، پنهنجي گهوڙن جي سُمن سان زمين ڏڪائي ڇڏي هئي. هو جيئن پوءِ تيئن ويجها ٿيندا ويا .... هو هڪ واچوڙي وانگر آيا، ۽ اکڇنڀ ۾ دشمن جي فوجن کي آنڌي وانگر پيهي ڇڏيائون. يمن جو سردار قتل ڪيو ويو؛ نوفل جان بچائي آڏي پيو، پر دشمن جي تيز رفتار گهوڙن کي ويجهو ايندي ڏسي، هن جي منهن تي نفرت پريل مرڪ پکڙجي ويئي — هن ڀاڻ کي قتل ڪري ڇڏيو.

بصري جي سردار جي فتح ٿي. انهيءَ رات، هن پنهنجي ڌيءَ ليليٰ ابن سلام جي حوالي ڪئي. هن کي جنگ ۾ ڏاڍا زخم پهتا هئا، ۽ هو به ساڳيءَ رات گذاري ويو. هاڻي ابن سلام ٻن وسيع رياستن جو اڪيلو مالڪ هو. هينئر هو بادشاهه هو، ۽ ليليٰ سندس پٽ راڻي.

انهيءَ ڳالهه کي ورهيه گذري ويا. ابن سلام ۽ ليليٰ سک ۽ ساڻت سان حڪومت هلائيندا رهيا. پيٺي بصري جي سردار واري محل ۾ رهندا هئا، جتي بهشتي پکي ۽ پڻ سفيد ڳيرا ليليٰ کي سندس لافاني عشق جي ياد ڏياريندا هئا. وفادار زيد، جنهن پنهنجي مالڪ جي ڳولا ۾ صحرا جي خاڪ ڇاڻي هئي، سو به هينئر ليليٰ جو خادم هو.

هڪڙي ڏينهن زيد کي ڪڙڪ پيئي ته مجنو، جنهن کي مئل سمجهيو ويو هو، سو ڪنهن ڏورانهين ڏيهه کان سوداگر جي ويس ۾ آيو آهي، ۽ شام جو صحرا ۾ هڪ مقرر هنڌ تي سندس منتظر رهندو. زيد اها ڳالهه پنهنجيءَ مالڪياڻيءَ سان ڪين ڪئي، ۽ هن جي اجازت کان سواءِ هڪڙو ڳيرو کڻي، انهيءَ جاءِ ڏانهن روانو ٿيو؛ انهيءَ خيال کان ته اڳي هڪ دفعو جيڪي ڏي چڪو آهي، انهيءَ جي وري ٿيڻ جو امڪان هو. شام جو جڏهن سج لهي رهيو هو، تڏهن صحرا ۾ زيد ۽ مجنو جي گڏجاڻي ٿي.

انهيءَ شام جو جڏهن ليليٰ شاهي ڪمري ۾ آئي، تڏهن هڪڙي پکيءَ کي نه ڏسي هوءَ عجب ۾ پئجي ويئي. هن پٺي پکيءَ کي سامهون وڻ ڏانهن آڏاريو، پر اهو به اڪيلو موٽي آيو. انهيءَ تي ليليٰ کي ويتر حيراني وٺي ويئي، ۽ دريءَ وٽ ويهي گذريل واقعن تي سوچڻ لڳي — ڪيئن ٽي سال اڳ هڪ پکيءَ

مجنو وٽان سندس محبت جو پيغام آندو هو، ۽ ڪيئن عاشقن جي چشمي وٽ هن جي ڪيترا ئي پهرا ملاقات ٿي هئي. افسوس، سڀڪجهه بدلجي ويو هو ـ مجنو گذاري ويو، ۽ هوءَ ڪنهن پئي جي زال هئي! ليليٰ جون اکيون ڳوڙهن سان پرجي آيون، ۽ هوءَ پنهنجو منهن پاڻهن تي رکي، آهستي آهستي سڏڪا ڀرڻ لڳي.

هوءَ ڪيتري وقت تائين روئندي رهي. اوچتي آواز اچڻ تي، هن روئڻ بند ڪري ڪنن متي ڪنيو. اهو آواز وڇايل ڳيري جي 'گهو-گهو-گهو' جو هو، جيڪو ساميهن وڻ سان پٺي آيو. پئي پکيءَ هڪدم پنهنجا پَرَ پکيڙيا، ۽ پنهنجي ساٿيءَ ڏانهن تيزيءَ سان اڏامي ويو. ليليٰ کي ڏاڍي خواهش ٿي ته ڪيس به جيڪر پَرَ هجن ها، ۽ هوءَ به پنهنجي محبوب ڏانهن اڏامي وڃي سگهي ها ـــ.

ڳهڙيءَ کن کان پوءِ پيئي پکي اڏامندا آيا، ۽ اچي ليليٰ جي ويجهو ويٺا. اهو وري ڪهڙو اسرار هو!.... هڪڙي پکيءَ جي ٽنگ ۾، ڳهٽو وقت اڳي وانگر، هڪڙو چمڙي جو ٽڪرو ويڙهيل هو! ليليٰ ڏڪندڙ آڱرين سان انهيءَ کي کوليو، ۽ انهيءَ تي لکيل تحرير پڙهڻ لڳي. اهو مجنو جو خط هو!.... هو زنده ۽ سلامت هو! اڳي وانگر، خط ۾ التجا ڪيل هئي ته هوءَ رات جو چنڊ ايرڻ وقت هن سان عاشقن جي چشمي تي اچي ملاقات ڪري ـــ.

پنهنجي عاشق جي زنده ۽ قريب هجڻ جي اوچتي خوشيءَ ۾ ليليٰ کان سڀڪجهه وسري ويو. چند اڳ ۾ ئي ايري چڪو هو .... هوءَ، جلدي برقعو پائي، ڏاڏيءَ خبرداريءَ سان محلات مان هيٺ لهي آئي، ۽ چور دروازي مان لڪي ٻاهر نڪري، ان کي ٻاهران بند ڪري ڇڏيائين. سندس دل ته اڳ ۾ ئي مجنوءَ ڏانهن اڏامي ويئي هئي .... پر جيئن ئي هوءَ جلد جلد اڳتي وڌڻ لڳي، ته اوچتو سندس دل تڪڙو ڦيرو کاڌو، ان جو ڌڙڪڻ بلڪل بند ٿي ويو. ليليٰ جون ٽنگون ڏڪڻ لڳيون، ۽ هن پاڻ سنڀالڻ لاءِ وڻ جي ٽاريءَ کي ڪٺي جهليو. سندس خاوند!.... سندس فرض! جڏهن فرض جي خاطر هن هڪ پيرو سڀڪجهه قربان ڪري ڇڏيو، تڏهن ڪيس اها پيٽا ههڙي طريقي سان موٽائي وڃڻ نٿي سونهين .... آخر انهيءَ جو مطلب ڇا آهي؟ جڏهن مجنوءَ جو ٻانهون ڪيس ڀاڪر ۾ وٺنديون، تڏهن هوءَ سڀڪجهه وساري ويهندي — خاوند، فرض، پنهنجا ماڻهو — سڀڪجهه وسري ويندو؛ ۽ هڪڙو پيرو ڏتل ڪير وري ٽٽڻ ۾ ڪونه پوندو. افسوس، هڪ سهاڳڻ عورت جو اهو وڙ ٿي نٿو سگهي؛ هڪ راڻي اهڙو قدم هرگز نٿي کڻي سگهي....! وڻ جي شاخ کي جهلندي ئي، هوءَ بيقراريءَ کان ڦٿڪڻ لڳي. هن جو سڄو جسم هڪ روحاني اذيت کان ٽڙڪڻ لڳو. هوءَ گهڙي

ڪن جي راحت بدران، جدائيءَ ۽ فرقت جي طويل صعوبتن سهڻ جو ارادو ڪري چڪي هئي.

آهستي آهستي ، ليليٰ پاڻ سنڀالڻ شروع ڪيو.... نيم خوابيءَ جي حالت ۾ ، هوءَ پنهنجي وري، ۽ ماڳيا پير ڪٽي محل ۾ موٽي آئي. آها سڄي رات هن بيخواسيءَ ۽ بيقراريءَ ۾ گذاري. سندس اکين به ڳوڙهن ڳاڙڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو.... پر جڏهن پرهه ڦٽي ، تڏهن انهن به زار زار روئڻ شروع ڪري ڏنو.

مجنو گهڻي وقت تائين عاشقن جي چشمي وٽ ، انتظار ڪندو رهيو؛ پر آخرڪار، زيد کان معلوم ٿيڻ تي ته ليليٰ اڌ - راهه تان موٽي ويئي، هو به پنهنجيءَ دل ۾ عشق جو اٿاهه خزانو سميٽي واپس هليو ويو. جهڙيءَ طرح ليليٰ خاموشيءَ ۽ مضبوطيءَ سان واپس محل ڏانهن ويئي، مجني به ڪٽي ڏورانهن ڏيهن ڏانهن منهن رکيو — ۽ دعا گهرندو رهيو ته وقت جيڪڏهن ليليٰ جي عشق جو جذبو نه ، ته هنن دکن ۽ مصيبتن کي ضرور ختم ڪندو.

* * *

ٻه سال گذري ويا. قسمت ڦيرو ڏاڌو. ابن سلام کي اوچتو بخار ٿيو ، ۽ هو مري ويو. اها خبر ٻري ٻري تائين پکڙجي ويئي. هڪڙي ڏينهن مجنو کي به اطلاع پهتو ته هاڻي يمن ۽ بصري جي راڻي ، ليليٰ، آزاد آهي. هو هڪڙي تيز رفتار گهوڙي تي چڙهيو ، ۽ جلد ئي اچي يمن ۾ پهتو. پر هن کي خبر هئي

ته ليلىٰ فرض جي خاطر به دعا قربانيون ڏيئي چڪي آهي، تنهنڪري هوءَ سڄوءَ جو عرصو هن کان دور رهيو. مجنون اهو سمورو وقت اڪيلائيءَ ۽ گمناميءَ ۾ هڪ اهڙي هنڌ گذاريو، جتان هو فقط ليلىٰ جي محل جي دريءَ کي ڏسي ٿي سگهيو. خواهشون اندر ئي اندر سندس دل کي کائي رهيون هيون، ۽ اڳين بيقراري ۽ اضطراب، جنهن کيس 'مجنو' جو لقب ڏياريو هو، سو هينئر برداشت کان ٻاهر هو. پر، جهڙيءَ طرح ٻئي هن پنهنجي دانشمنديءَ سبب اها ڪشمڪش برداشت ڪئي هئي، هينئر به انهيءَ بهشت جي دروازي تي انتظاريءَ جون ڪٺن ۽ ٿڪائيندڙ گهڙيون صبر سان گذاريندو رهيو.

زيد خوشخبريءَ جا پيغام مجنو تائين پهچائيندو رهيو، پر مجنون جي طرفان ليلىٰ ڏانهن ڪو به نياپو ڪونه موڪليو ويو. ايستائين جو سوءَ گذرڻ کان پوءِ، هڪڙي ڏينهن زيد ليلىٰ کي ٻڌايو ته سائنس ملاقات ڪرڻ لاءِ مجنو پنهنجي جو محل ۾ ايندو، يا جيڪڏهن ليلىٰ جي مرضي هجي ته هوءَ سج لهڻ کان پوءِ ڪلاڪ پوءِ عاشقن جي چشمي وٽ سندس انتظار ڪندو.

زيد گهٽيءَ دير کان پوءِ هي جواب آندو: "پيهر گذري چڪا آهن، پر اچڻ وارو شام کان پوءِ وري به پيهر ٿيندا." مجنو کي انهيءَ جواب اچڻ جي ڪا به اميد ڪين هئي.

هنن نامرادن جي داستان جو ٽڪرو اڃا به پڙاڏڻ جي لائق آهي. سج لهڻ کان پوءِ به مجنون پڻ ڪلاڪن تائين ملاقات جو انتظار ڪندو رهيو. ليليٰ به سج لٿڻ کان په ڪلاڪ پوءِ، برقعو پائي، محلات جي چور دروازي کان نڪري آئي. هن جون اکيون ڪنهن اندروني باهه کان جلي ڪاهي رهيون هيون. آسمان تي چنڊ ڪونه هو، پر تارن جي هلڪي هلڪي روشني وڻن تي پئجي رهي هئي. هوءَ وڻن منجهان اڳتي وڌندي رهي. سندس دل زور زور سان پئي ڌڙڪي، ۽ ۽ هن ٽڪرا ٽڪرا ساهه پئي کنيا — ائين ٿي لڳو ڄڻ سندس زندگيءَ جي سموري سگهه، سميٽجي سهپ جي، سندس پيرن ۾ اچي ويئي هئي، جيڪي هڪپئي کان اڳتي نڪري وڃڻ لاءِ ڏاڍا تيز هئا. جهنگ جي ڪناري تي پهچي، هوءَ بيهي رهي، ۽ ٻئي هٿ کڻي پنهنجيءَ ڇاتيءَ تي رکيائين.... هن کي هتي ئي ساهه پٽڻو پيو اڳتي وڌڻ گهرجي، جيئن مجنون کي خبر پوي ته هن اچڻ ۾ ڪنهن به قسم جي تڪڙ ڪين ڪئي آهي. پر، ڪنهن نامعلوم ڪشش کان بيتاب ٿي، هوءَ ٻنهي ڊوڙڻ لڳي. سامهون چشمو هو — چشمو جتي هميشه کان محبت جا ماريل ملاقات ڪندا رهيا. هن وڻن جي وچان، تارن جي روشنيءَ ۾، ان کي چمڪندو ڏٺو. هينئر هوءَ کليل ميدان جي اڳيان بيٺي هئي. سندس برقعي جا بند کليل هئا. سندس ڪارا ۽ چمڪدار

وار پکڙيل هئا، ۽ مهڪي ڪان چاڙي هيٺ مٽي تي رهي هئي.

چشمي وٽان ڪو ماڻهو تيزيءَ سان اڳتي وڌيو. ليليٰ به، بيخبر، ڏڪندڙ ٽنگن سان اڳتي وڌي. جيئن ئي مجنون هن کي بيتابيءَ سان ياڪر پاتو، ليليٰ جي منهن مان دردناڪ دانهن نڪري ويئي.

ڪير چائي ٿو ته اها هڪ گهڙي هئي، يا هڪ هزار ورهيه؟ عشق وقت جو پابند ته ڪونه آهي .... پر، سچ لڳي ڪان به ڪلاڪ پوءِ وقت جي اها هڪ گهڙي هڪ تيز خواب مثل هئي. مجنون پنهنجن چپن تي ليليٰ جا چپ محسوس ڪري، پنهنجو عقل ۽ فهم وڃائي ويٺو؛ ۽ ليليٰ پنهنجن چپن تي مجنون جا چپ محسوس ڪري، هن جي ٻانهن ۾ ئي بيهوش ٿي ويئي .... مجنون ليليٰ کي اتي ئي ڪيرائي ڇڏيو، ۽ ”ليليٰ! ليليٰ!“ پڪاريندو صحرا ڏانهن ڊوڙندو ويو.

”ليليٰ! .... ليليٰ! .... ليليٰ!“ — صحرا جي وسيع ۽ غيرآباد ميدانن ۾ هن جي دانهن جو پڙاڏو ٿيندو رهيو. هو ايستائين پاڪاريندو رهيو، جيستائين ضعيف ۽ ٿڪ سببان هو ڪري نه پيو. آخر زيد، جيڪو آواز تي هن جي پٺيان پئي ويو، تنهن هن کي ڳولي وڃي لڌو. ڪيترائي ڏينهن ۽ راتيون هو پنهنجي مالڪ جي خدمت ڪندو رهيو؛ پر ڪجهه به ڪين وريو. خوشيءَ آها ڳالهه ڪري ڏيکاري، جيڪا غم ڪان ڪين ٿي سگهي هئي .... مجنون سچ پچ مست ٿي پيو هو!

ليليٰ جڏهن هوش ۾ آئي، تڏهن صحرا ۾ پنهنجي ٽالي جو گونجندڙ پڙاڏو پيو، ڪيس انهيءَ حقيقت جو يقين ٿي ويو — ۽ پوءِ پڇتاءَ جا هٿ مهٽيندي، محل ڏانهن واپس وري.

زيد وقت بوقت ليليٰ ڏانهن مجنوءَ جي غيرفاني محبت جون خبرون موڪليندو رهيو، جنهن کي هن جي ڇرپائي ۽ مستي ڇُهي به نٿي سگهي.

جيئن جيئن وقت گذرندو ويو، ليليٰ جي اکين ۾ وڌيڪ چمڪو ايندو ويو: هن جا ڳل پيلا پوندا ويا، ۽ هوءَ هوريان هوريان جهرندي ۽ سُڪندي ويئي. هن جي دل نڪرا ٿي ويئي هئي، ۽ .... ٿورن ئي ڏينهن ۾ هوءَ گذاري ويئي. سندس آخري الفاظ، مجنو ڏانهن پيغام هو — محبت جو پيغام، جيڪو ڪڏهن به فنا ٿي نٿو سگهي:

”هن کي ٻڌائجو،“ ليليٰ چيو، ”منهنجي لاش انهيءَ چشمي جي پرسان دفن ڪئي ويندي، جتي هن مون کي پهرين پنهنجي پاڪر ۾ جهليو هو، ۽ هن کي هي لفظ به ضرور چئجو ته ’مجنو، پنهنجون اکيون مٿي ڪٽي نهار .... ڏس، مٿي روشنيءَ ۽ نُور جا وسيع ميدان آهن، ۽ سچ جي روشنيءَ ۾ چشمو پيو وهي — سامهون، ازلي آب جو چشمو، جتي عاشق اچي ملندا آهن، ۽ پوءِ ڪڏهن به ڪين وڇڙندا آهن .... تون به مون کي اتي ئي ڏسندين!“ انهن لفظن چوندي، هن اکيون ڪٽي پوريون، ۽ سندس روح انهيءَ عاشقن جي لازوال چشمي

ڏانهن — انهيءَ عاشقن جي آستان ڏانهن — پرواز ڪري ويو.

* * *

اڃا پنڌرڪوئي هو، ته به ٻاڇا صحرا ۾ ڊوڙندا پئي ويا. پيئي هڪبئي کي هٿ کان جهليو پئي ويا، ۽ هڪڙي جي منهن مان صاف ظاهر هو ته ڪيئن نه عشق هن کي ديوانو بنائي ڇڏيو هو. مجنون، زيد کي پٺيان ايندو ڇڏي، اڳتي نڪري ويو، ۽ جهنگ ۾ ڪاهي پيو. هو جلد ئي کليل ميدان ۾ پهچي ويو، جتي چشمو پئي وهيو. هن کي اها جاءِ چڱيءَ طرح ياد هئي، جتي هن پهرين ڀيرين ليليٰ کي پنهنجي پاڪر ۾ جهلي پيار ڪيو هو. هيٺر آتي هڪ تازي قبر ٺهيل هئي .... عشق ۽ مستيءَ ۽ ڏک وچان، هن پاڻ کي انهيءَ قبر جي مٿان ڪٽي اڇلايو —

”ليليٰ! .... ليليٰ!“ هن دل ڏاريندڙ آواز ۾ درد ڀريون دانهون ڪيون.

”آءٌ جلد ايندس - جلد ايندس! تون تاريڪيءَ جي پردي ۾ ليڪي رهه .... ۽ جيستائين آءٌ توکي ڳولهي لهان، تون نوراني ميدان ۾ پنهنجي حسن کي لڪائي ويهه!“

— ۽ جيئن سج مٿي چڙهيو، زيد به اچي پهتو، ۽ قبر جي پرسان ئي بيٺو. هن ڏک جي تلخ ڳوڙهن مان — ڏک جي تلخ ڳوڙهن مان — پريل نظر پنهنجي مالڪ ڏي وڌي، جيڪو هميشه هميشه لاءِ مري چڪو هو.

ايڊگر ايلن پو
آمريڪي

ميري روزيءَ جو پراسرار قتل

سال کن ٿيندو جو مون هڪ داستان لکيو هو، جنهن جو عنوان هو، "موت جي محلي جا خوفناڪ قتل." انهيءَ داستان ۾ مون پنهنجي دوست شويلئر مسي آگسٽس ڊوپن جي ڪن حيرتناڪ ذهني خوبين کي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ان وقت منهنجي وهم گمان ۾ به ڪونه هو، ته مون کي وري به هڪ ڀيرو انهيءَ موضوع تي قلم کڻڻو پوندو. منهنجو مقصد ته رڳو هيءُ هو ته آءٌ ان جي ڪردارن جي تصوير چٽيان، ۽ اهو انهن واقعن مان، جن جو مون ذڪر ڪيو هو ۽ جن مان ڊوپن جي طبيعت جو جوهر چڱيءَ طرح ظاهر ٿي ٿيو؛ انهيءَ باري ۾ آءٌ ٻيا به ڪيترائي مثال ڏيئي سگهيس ٿي، پر انهن مان گهڻو ڪجهه ثابت نه ٿئي ها. انهيءَ هوندي به موجوده عجيب واقعن مان ڪي نيون ڳالهيون منهنجي علم ۾ آيون آهن. ظاهر ته ائين ٿو ٿئي جڻ ته ڏوهه زبردستيءَ قبول ڪرايو ويو آهي، پر اها حقيقت ڪانهي. انهيءَ بابت جيڪي جدا جدا ڳالهيون مشهور ٿي ويون آهن ۽ جيڪي مون پنهنجن ڪنن سان ٻڌيون ۽ اکين سان

ڏٺيون آهن، انهن کي ڏيان ۾ رکندي، منهنجو انهن بابت ساڀ ڪري ويهي رهڻ، مناسب معلوم نٿو ٿئي.
پر ماڻهو آرام سان ويهڻ ڏين؟ منهنجي دوست موت جي محلي ۾ خون جي واقعن جي جنهن نموني سان جاسوسي ڪئي هئي، انهيءَ پئرس جي پوليس عملدارن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. سندن زبانن تي گهڻو ڪري ڊوپن جو ئي نالو هوندو هو. هو جنهن بردباريءَ، صبر ۽ تحمل سان اصل واقعن جي تهه تائين پهتو هو، ان جي نه پوليس جي اعليٰ عملدارن کي ڄاڻ هئي ۽ نه عام ماڻهن کي. البت، آءٌ ئي هڪ اهڙو شخص هئس، جنهن کي انهيءَ زنجير جي هڪ هڪ ڪڙيءَ جو علم هو. اهو صحيح آهي ته ڊوپن جي انهيءَ ڪارناهي کي هڪ معجزي کان گهٽ نه سمجهيو ويو هو، پر جيڪڏهن هو هر شخص کي اهو ٻڌائي ها ته صحيح حالتن کي ڄاڻڻ لاءِ ڪيس ڪهڙا ڪهڙا طريقا اختيار ڪرڻا ٿي پيا، ته هوند ماڻهن جو اهو خيال ختم ٿي وڃي ها. هو ويچارو ته هڪ اهڙيءَ طبيعت جو مالڪ هو، جو جيڪڏهن ڪنهن معاملي ۾ دل نه لڳندي هئس ته انهيءَ بابت ڳالهائڻ به مناسب نه سمجهندو هو. ظاهر آهي ته حڪومت هن کي چڱيءَ نظر سان ڏسڻ لڳي ۽ ڪيترن ئي نازڪ معاملن ۾ پوليس جي اعليٰ عملدارن هن جون خدمتون حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون. انهن مان هڪ عجيب و

غريب واقعو 'ميري روزي' نالي هڪ ڪنواري ڇوڪريءَ جي قتل جو به هو.

اهو حادثو 'موت جي محلي' جي خوفناڪ قتل جي حادثن کان ٻه سال پوءِ ٿيو هو. ميري روزي هڪ بيوه عورت، اسٽيلي روزي، جي اڪيلي ڌيءَ هئي. ڇوڪري اڃا ننڍي ئي هئي ته پڻس فوت ٿي ويو هو. قتل جي انهيءَ حادثي ٿيڻ کان ارڙهن مهينا اڳ ماءُ ۽ ڌيئر، پيوي سينٽ آندري، گهٽيءَ ۾ رهنديون هيون. مڙس جي موت کان پوءِ اسٽيلي روزي هڪ بورڊنگ هائوس کوليو هو، جيڪو پيٺي ماءُ ۽ ڌيءَ هلائينديون هيون. ڪيترا ئي ڏينهن لنگهي ويا ۽ روزيءَ جي عمر اچي پساويهه سال ٿي. هوءَ صورت شڪل جي ڏاڍي ٺاهوڪي هئي، جنهنڪري پئلس رائل جي هيٺان، عطر جي مشهور دڪان جي مالڪ، مارس ليبلانڪ کي پسند اچي ويئي. انهيءَ دڪان تي اوسي پاسي جا ڪيترائي عياش ۽ بدمعاش گراهڪ ايندا هئا. انهيءَ هوندي به دڪاندار جو خيال هو، ته جيڪڏهن روزي دڪان تي ڪم ڪندي ته ڪاروبار وڌي ويندو. اهو خيال ڪري، هن ڇوڪريءَ کي چڱيءَ پگهار تي دڪان ۾ نوڪريءَ ڪرڻ جي آڇ ڪئي، جيڪا هن به خوشيءَ سان قبولي. البت، ماڻس کي پهرين اها ڳالهه نه وڻي، پر پوءِ هن به کيس اجازت ڏنس.

عطر فروش جو خيال بلڪل صحيح نڪتو. انهيءَ خوبصورت ۽ خوشمزاج ڇوڪريءَ جي ڪري هُن جي دڪان ۾ هر وقت عياش ماڻهن جو ميڙو لڳو پيو هوندو هو. ايتريقدر جو ٿورن ئي ڏينهن ۾ انهيءَ دڪان جي شهرت، سڄي شهر ۾ پکڙجي ويئي. هڪ سال جو عرصو لنگهي ويو ۽ روزي آرام سان پنهنجو ڪم ڪندي رهي؛ پر هڪڙي ڏينهن ڪيس دڪان ۾ نہ ڏسي، سندس عاشقن کي حيراني ۽ پريشاني وڪوڙي ويئي. هن جي اوچتو غائب ٿي وڃڻ لاءِ موسيوليبلانڪ ڪو بہ مناسب عذر پيش ڪري نہ سگهيو ۽ مادام روزي، يعني ڇوڪريءَ جي ماءُ جو خوف ۽ پريشاني وڌندي ويئي. انهيءَ واقعي تي اخبارن زورشور سان لکيو ۽ پوليس بہ بردباريءَ سان تحقيقات ڪرڻ تي هئي، تہ هڪ ڏينهن ميري روزي، هڪ هفتو دڪان تان غائب رهڻ کان پوءِ خوش خرم، دڪان تي ويٺل نظر آئي. ذاتي تحقيقات کان سواءِ باقي ٻيءَ هر قسم جي پڇا ڳاڇا کي غير ضروري سمجهيو ويو. موسيوليبلانڪ اڳي وانگر هيئنر بہ ڪو جواب نہ ڏيئي سگهيو، پر ميري روزي ۽ ماڻس جو بيان هيءُ هو تہ پيئي ڄڻيون اهو سڄو هفتو هڪ ڳوٺ ۾ پنهنجن عزيزن وٽ وئيون هيون. اهڙيءَ طرح، اهو معاملو رفع دفع ٿي ويو ۽ ماڻهن انهيءَ کي وساري ڇڏيو. هوڏانهن ڇوڪريءَ ماڻهن جي نظرن کان بچڻ لاءِ، دڪان جي نوڪري

ڇڏي ڏني ۽ پيوي سينٽ آندري گهٽيءَ واري جاءِ ۾ پنهنجي ماءُ وٽ اچي رهي.

گهر موٽي اچڻ کان پنج مهينا پوءِ جي ڳالهه آهي، ته ڇوڪريءَ جا دوست احباب، وري هن جي گم ٿيڻ جي ڳالهه پڏي، دنگ رهجي ويا. ٽي ڏينهن لنگهي ويا، پر ڪابه خبر ڪانه ملي. چوٿين ڏينهن ''سين'' درياءَ ۾ هن جو لاش ترندي ڏٺو ويو. لاش جي ملڻ کان پوءِ خيال هو ته هاڻي جلد ئي قاتل کي گرفتار ڪيو ويندو. وڏي زورشور سان تحقيقات شروع ڪئي ويئي هئي ۽ هڪ هفتي کان پوءِ خوني هٿ ڪرڻ لاءِ هڪ هزار فرانڪ انعام ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو. انهيءَ وچ ۾ تحقيقات ٿيندي رهي ۽ ڪيترن ئي شڪي ماڻهن کان پڇا ڳاڇا ڪئي ويئي، پر ڪابه ڪم جي ڳالهه هٿ اچي نه سگهي. انهيءَ ديرمدار سبب ماڻهن ۾ ڇوٽپڇوٽ به شروع ٿي ويئي، تنهنڪري ڏهن ڏينهن کان پوءِ، انعام جي رقم وڌائي ٻه هزار فرانڪ ڪئي ويئي. اهڙيءَ طرح ٻيو هفتو به لنگهي ويو ۽ پئرس جي پوليس جي نااهليت بابت ماڻهن جو رايو وڌيڪ پختو ٿيندو ويو. اهڙي حالت ڏسي پوليس پڌرائي ڪئي، ته جيڪو شخص قاتل کي يا ان جي ڪنهن سائيءَ کي گرفتار ڪرائيندو، تنهن کي ويهه هزار فرانڪ انعام ڏنو ويندو. انهيءَ اشتهار ۾، اهو به اعلان ڪيو ويو هو ته ڏوهارين مان جيڪو به پنهنجي سائين جي

خلاف شاهدي ڏيندو، انهيءَ کي بلڪل معاف ڪيو ويندو. انهيءَ سان گڏوگڏ شهرين جي هڪ ڪاميٽيءَ جي پاران به اخبار ۾ اشتهار ڏنل هو، جنهن ۾ پوليس جي رکيل انعام کان سواءِ وڌيڪ ڏهن هزارن فرانڪن جو اعلان ڪيو ويو هو. اهڙيءَ طرح انعام جي ڪل رقم ٻيهه هزار فرانڪ ٿي، جيڪا مقتول ڇوڪريءَ جي حيثيت کي ڏسندي ۽ انهيءَ حقيقت کي سامهون رکندي ته وڏن وڏن شهرن ۾ اهڙي قسم جا حادثا عام جام ٿيندا رهندا آهن، تن کي روڪڻ لاءِ هڪ تمام وڏي رقم پئي معلوم ٿي.

هاڻي ته سڀني کي پڪ ٿي ويئي ته قتل جو راز جلد ئي کُلي ظاهر ٿيندو. ٻن ٽن شڪي ماڻهن کي به گرفتار ڪيو ويو، جنهنڪري ويتر پڪي اميد ٿي ويئي. پر انهيءَ هوندي به ڪا اهڙي شاهدي نه ملي سگهي، جنهن جي آڌار تي ڪنهن تي شڪ ڪري سگهجي. نتيجو اهو نڪتو جو جن ٻن - ٽن ماڻهن کي جهليو ويو هو، انهن کي ڇڙا ڇانڊا ڪرڻ بعد ڇڏي ڏنو پيو. اهڙيءَ طرح ٽيون هفتو به لنگهي ويو ۽ پوليس ڪنهن به نشان پتي هٿ ڪرڻ ۾ ڪامياب ڪانه ٿي سگهي. ايتري ۾ منهنجي ۽ ڊوپن جي ڪنن تائين به پڙڪو پهتو. اسين پنهنجن ڪمن ڪارين ۾ ايترا ته رڌل هئاسون، جو هڪ مهيني کان گهر مان ٻاهر پير به نه ڪڍيو هوسين ۽ نڪي ورب انهيءَ وچ ۾ ڪو اسان سان ملڻ آيو هو. اخبار به هڪڙي ايندي هئي،

جيڪا خاص خاص سياسي خبرون پڙهڻ کان پوءِ ڦٽي ڪئي ويندي هئي. هڪڙي ڏينهن ڪ .... پاڻان اچي اسان کي انهيءَ خون جي خبر ٻڌائي. هو اسان وٽ ١٣- جولائي سن .... ١٨ع تي ٻنپهرن جو آيو ۽ رات تائين اسان وٽ هو. ڏوهارين جي نشان پتي نه ملڻ ڪري هو پاڻ کان به بيزار ٿيڻ لڳو. هن هر هر اهو ٿي چيو ته منهنجي عزت ۽ ناموس خطري ۾ آهي ۽ ماڻهن جون اکيون مون ۾ کتل آهن ۽ انهيءَ ڳجهارت کي ڀڃڻ لاءِ آءٌ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. هن دوپن جي تعريف ۾ زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيو. هن دوپن کي هڪ وڏيءَ رقم جي آڇ ڪئي؛ پر انهيءَ بابت وڌيڪ ڪجهه چوڻ مناسب نٿو سمجهان، ڇاڪاڻ ته انهيءَ جو اصل حادثي تي ڪوبه اثر نٿو پوي.

منهنجي دوست پنهنجي تعريف ٻڌي ڪلي ڏنو ۽ ڳالهه کي ٽاري ڇڏيو. پر پوءِ رقم جي آڇ ٻڌي، هن هڪدم هام ڀري ۽ ڪي شرط به رکيا. جڏهن اها ڳالهه پوري ٿي، تڏهن پوليس جي انهيءَ وڏي عملدار پنهنجي خيال جي وضاحت ڪئي ۽ ڏوهه جي شاهدين تي به تفصيل سان بحث ڪندو رهيو؛ جيتوڻيڪ ان وقت تائين اسان جي اڳيان ڪابه شاهدي موجود ڪانه هئي. هو رات تائين هڪ ماهر جاسوس وانگر ڳالهيون ڪندو رهيو ۽ وچ وچ ۾ هن پيون به ڳالهيون ڪيون

ٿي. اهو سمورو وقت اکين تي عينڪ چاڙهيو، آرام ڪرسيءَ تي ويٺو، هن جون ڳالهيون غور سان ٻڌندو رهيو. البت، هن جي عينڪ جي ساون شيشن پٺيان هن جي پوريل اکين کي ڏسي، مون کي اطمينان ٿي ويو ته هو مزي سان ستو پيو آهي.

ٻئي ڏينهن صبح ساڍي آٺين انهيءَ پوليس عملدار سان ملڻ ويس ۽ شاهدن جا سمورا بيان وٺي هٿ ڪيم. جدا جدا اخبارن جي آفيسن ۾ به چڪر هڻي، آءٌ سڀئي اخبارون هٿ ڪيم، جن ۾ انهيءَ افسوسناڪ واقعي جون خاص ۽ اهم خبرون ڇپيون هيون. انهن سڀني بيانن مان جيڪي بيان غلط ۽ شاهديون ڪوڙيون سمجهيون ويون هيون، انهن کي ڌار ڪرڻ کان پوءِ جيڪو تفصيل مليو، اهو هيٺينءَ ريت آهي:

تاريخ ٢٢- جون سن ١٨٠٠ع، آچر ڏينهن صبح جو نائين بجيءَ ميري پنهنجي گهران، واقع پوي سينٽ آندري گهٽيءَ مان، رواني ٿي. ٻاهر وڃڻ وقت هن موسيو سينٽ اسٽاش نالي هڪ صاحب کي ٻڌايو ته آءٌ اڄوڪو ڏينهن پنهنجي چاچيءَ وٽ رهنديس، جيڪا درومي گهٽيءَ ۾ رهندي آهي. انهيءَ شخص کان سواءِ هن ٻئي ڪنهن کي به ڪجهه ڪين ٻڌايو. درومي گهٽي، درياءَ جي ڪناري کان ٿورو پرڀرو هڪ ننڍي، تنگ، پر گنجان گهٽي آهي. اها گهٽي مادام روزيءَ جي گهر کان ٽي ميل پري هئي. سينٽ اسٽاش، ميريءَ

جو مگيندو هو ۽ مادام روزيءَ جي بورڊنگ هائوس ۾ ٿي رهندو هو. فيصلو ٿيءَ ٿيو ته سچ لهڻ وقت هو پنهنجيءَ منگ کي وٺڻ لاءِ آتي ويندو ۽ پوءِ ٻيئي گڏجي، پنهنجي گهر ايندا. اتفاق وري اهڙو ٿيو جو ٻنپهرن ڌاري مينهن وسڻ شروع ٿيو ته بند ٿي نه ٿيو، جنهنڪري اهو خيال ڪري ته ميري رات جو پنهنجي چاچيءَ جي گهر ۾ ٿي رهي پوندي (اڳي به ڪيترائي ڀيرا ائين ٿيو هو)، هو اوڏانهن ڪونه ويو. گهٽيءَ رات گذرڻ کان پوءِ، مادام روزي (جيڪا ستر ورهين جي هڪ ڪراڙي عورت هئي)، کي وري اها ڳڻتي ٿي ته هاڻي شايد ڏيءَ جو منهن ڏسڻ به نصيب نه ٿيندو پر ان وقت هن جي انهيءَ ڳڻتيءَ ڏانهن ڪنهن به ڌيان ڪين ڏنو.

سومر جي ڏينهن خبر پئي ته ڇوڪري دروميءَ گهٽيءَ ڏانهن نه ويئي هئي، ۽ جڏهن شام تائين ڪا به خبر نه ملي، تڏهن شهر ۾ جدا جدا هنڌن تي ۽ پسگردائيءَ ۾ هن جي ڳولا شروع ڪئي ويئي. چئن ڏينهن کان پوءِ مس مس ڪا اعتبار جوڳي خبر ملي. انهيءَ ڏينهن (اربع، تاريخ ٢٢ـ جون) ٻيوي سينٽ آندري گهٽيءَ جي سامهون، "سين" درياءَ جي ڪناري، موسيو بووي نالي، هڪ شخص، ميريءَ جي ڳولا ڪري رهيو هو. هن کي اطلاع مليو ته تازو ڪن مهاڻن کي هڪ لاش، درياءَ ۾ ترندي مليو آهي، جنهن کي هو ٻاهر ڪڍي آيا آهن. لاش ڏسي ٻهرين ته بووي ڪجهه

منجھي پيو، پر پوءِ پڪ ٿيس ته اهوئي انهيءَ عطر-فروش ڇوڪريءَ جو لاش آهي. البت، بووي جو دوست لاش کي ڏسڻ سان ئي سڃاڻي ويو هو.

لاش جو چهرو سڄو رت سان ڳڙيو پيو هو، جيڪو وات مان پيئي آڙهو، البت منهن مان ڪجهي ڪانه پئي نڪتي، جيئن عام طرح ٻڏل ماڻهوءَ جي وات مان نڪرندي آهي. ڳچيءَ جي چوڌاري آڱرين جا نشان ۽ رڱيل صاف ظاهر هئا. لاش جون ٻانهون سُڪڙجي ڇاتيءَ تي وري آيون هيون. لاش جو ساڄو هٿ پڪڙيل هو ۽ کاٻو هٿ ڍرو ڪليل هو. ساڄيءَ ٻانهن تي ڪرائيءَ وٽ ٻه گول ونڊ هئا، جن مان ظاهر پئي ٿيو ته اهي ڪنهن ڇڪي ٻڌل رسيءَ جا نشان هئا. ساڄي هٿ جي ڪرائيءَ جو ڪجهه حصو به رهڙيل هو ۽ پڻ تي به خاص ڪري ڪلهي جي ڦڻيءَ تي وڏا وڏا زخم هئا. مهاڻن لاش کي رسو ٻڌي، درياءَ مان ٻاهر ڪڍيو هو، پر انهيءَ سبب ان تي ڪنهن به ونڊ يا زخم جو نشان موجود نه هو. ڳچيءَ جو گوشت ته چڻ سڙي ڳري ويو هو، جيتوڻيڪ ان تي ڪنهن به قسم جي ڌڪن وغيره جي زخمن جا نشان ڪونه هئا. البت، ڳچيءَ جي چوڌاري هڪ مضبوط ڏوري اهڙي ته ڇڪي ٻڌل هئي، جو ڏسڻ ۾ ئي نه پئي آئي ۽ اها ڳچيءَ جي سوڄ سبب گوشت ۾ بلڪل ٻهي ويئي هئي ۽ ان جي ڳنڍ کاٻي ڪن جي هيٺان ڏنل هئي. ڪنهن انسان کي ماري ختم ڪرڻ لاءِ رسيءَ

جي اها پڪوڙ ئي ڪافي هئي. ڊاڪٽري چڪاس ڪان پوءِ، هيءَ راءِ ڏني ويئي هئي تہ مقتول بلڪل پاڪدامن هئي. مقتول کي وڏيءَ بيدرديءَ ۽ بيرحميءَ سان قتل ڪيو ويو هو. اها هئي لاش جي حالت ـــ جنهن وقت هٿ ڪيو ويو هو. اهڙيءَ حالت ۾ مقتول جي دوستن احبابن کي فوتو جي سڃاڻپ ۾ ڪابہ دقت نہ ٿي نہ ڪپندي هئي.

سمورا ڪپڙا قاتل ۽ ليڙون ليڙون ٿيل هئا. فراڪ مان هڪ فٽ ويڪري پٽي چيلهہ تائين ڦاڙي ويئي هئي، پر اها چولي کان جدا ڪيل نہ هئي. انهيءَ پٽيءَ کي چيلهہ جي چوڌاري ٽي ور ڏيئي پٺيءَ وٽ ڳنڍ ڏني ويئي هئي. فراڪ هيٺان ململ جي چولي هئي، جنهن مان ارڙهن انچ ويڪري پٽي ڦاڙي جدا ڪئي ويئي هئي. اها پٽي ڏاڍي خبرداريءَ سان ويڪر ۾ هڪ جيتري ڦاڙي، ڳچيءَ ۾ ٻڌي ويئي هئي. البت اها چڪي ٻڌل نہ هئي. ململ جي انهيءَ پٽيءَ سان مقتول جي ٽوپيءَ جون ڏوريون ٻڌيون ويئون هيون. انهن ڏورين جون ڳنڍيون اهڙيون هرگز نہ هيون، جيئن عام طرح عورتون ڏينديون آهن. اهڙي قسم جون ڳنڍيون فقط جهاز جا ماڻهو ئي ڏيئي سگهن ٿا.

لاش کي سڃاڻپ کان پوءِ، مرده ـ خاني ۾ کڻي وڃڻ اجايو سمجهي، درياءَ جي ڪناري کان ٿورو ئي پرڀرو هڪ هنڌ دفن ڪيو ويو ۽ بووي جي ڪوشش سان معاملو رفعي دفعي ٿي ويو. ڪيترن ڏينهن لنگهي وڃڻ

ڳان پوءِ وري ماڻهن ۾ جوش جاڳيو. انهيءَ جو سبب هيءُ هو ته هڪ هفتيوار اخبار انهيءَ معاملي کي وٺي ڪنيو، جنهن ڪري لاش کي قبر مان ڪڍي، پيهر تحقيقات شروع ڪئي ويئي. پر انهيءَ وقت تائين جيڪي ڪجهه معلوم ٿيو هو، انهيءَ کان وڌ خبر نه پئجي سگهي. البت هن ڇيري هُن جا ڪپڙا، مقتول جي ماءُ ۽ ٻن مائٽن ۽ دوستن کي به ڏيکاريا ويا ۽ جن اهي ڏسي چيو ته گهر مان وڃڻ وقت ڇوڪريءَ کي اهي ئي ڪپڙا پاتل هئا.

هوڏانهن ڏينهون ڏينهن ماڻهن جو جوش ۽ جذبو وڌندو ويو. ڪيترن ئي ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو ۽ پڇا ڳاڇا ڪرڻ کان پوءِ، ڇڏي ڏنو ويو. سينٽ اسٽاش تي ته خاص ڪري شڪ ڪيو ويو ۽ چاڪاڻ ته پهرين پهرئن هن پنهنجي بيان ۾ ڪابه اهڙي اطمينان ڏياريندڙ ڳالهه ڪانه ٻڌائي ته جنهن آچر ڏينهن ميري پنهنجي گهر مان ٻاهر ويئي، انهيءَ ڏينهن هو ڪٿي ويو هو. انهيءَ هوندي به هن بعد ۾ "موسيو ڪ..." کي قسم نامي تي بيان ڏنو، جنهن ۾ انهيءَ ڏينهن جي هڪ هڪ ساعت جو تسلي ڏيندڙ تفصيل ڄاڻايل هو. وقت گذرندو رهيو ۽ ڪابه نئين ڳالهه ڄاڻ ۾ ڪانه آئي. قسمين قسمين جا افواهه ٻڌڻ ۾ آيا. اخبار وارن جا به پنهنجا پنهنجا رايا هئا. انهن سڀني افواهن ۽ بهتانن مان جنهن هڪ افواهه تي وڌيڪ ڌيان ڏنو

ويو، اهو هيءُ هو ته ميري روزي اچا تائين جيئري آهي ۽ ”سين“ درياءَ مان جيڪو لاش مليو آهي، اهو ڪنهن ٻيءَ بدقسمت ڇوڪريءَ جو آهي. ڇگو ٿيندو ته هت، هڪ اخبار، ”لقائل“، مان، انهيءَ واقعي تي هڪ بيان جو لفظي ترجمو پيش ڪيو وڃي. انهيءَ اخبار جي شهر ۾ هاڪ ۽ ساک آهي ۽ انهيءَ ۾ گذريءَ چنڊ چاڻ کان پوءِ، خبرون ڇاپيون وينديون آهن:

”مادموائزل روزي، پنهنجي ماءُ جي گهران آچر، مورخ ۲۲- جون، سن ۱۸۰۰۰۰۰ جي صبح جو رواني ٿي. هوءَ پڌائي ويئي ته آءٌ پنهنجي چاچيءَ مان ملڻ يا ڪنهن ٻئي ڪم مان درومي گهٽيءَ وڃان ٿي. انهيءَ کان پوءِ هوءَ ڪنهن به شخص کي ڏسڻ ۾ نه آئي ۽ نه وري هن جي ڪا خبرچار ملي.... حقيقت ۾ ڪو به اهڙو شخص هٿ اچي نه سگهيو، جنهن هيءَ شاهدي ڏني هجي ته مون هن کي پنهنجي ماءُ جي گهران انهيءَ ڏينهن رواني ٿيڻ کان پوءِ ڏٺو هجي. هاڻي جيتوڻيڪ اهڙي قسم جي ڪابه شاهدي موجود ڪانهي ته ميري روزي، آچر ڏينهن، مورخ ۲۲- جون نائين بجي کان پوءِ جيئرن جي جهان ۾ موجود آهي. انهيءَ هوندي به اسان وٽ هن وقت تائين هُن جي زندهه هجڻ جو ثبوت موجود آهي. اربع ڏينهن ٻنپهرن جو، ٻارهين بجي، هڪ عورت جو لاش ”سين“ درياءَ ۾ ترندو ڏٺو ويو. جيڪڏهن اسين اهو سمجهون ته ميري روزيءَ

ڪي پنهنجيءَ ماءُ جي گهران نڪرڻ کان پوءِ ٽن ڪلاڪن جي وقت اندر سمونڊ ۾ اڇلايو ويو هجي، تڏهن به گهران رواني ٿيڻ ۽ لاش ملڻ جي وقت تائين ڪل ٽي ڏينهن ٿين ٿا. ائين سمجهڻ ناداني آهي، ته جيڪڏهن اهو واقعو سچ پچ قتل جو آهي، ته قتل ايترو جلد ٿي ويو هوندو جو قاتل آڌيءَ رات کان پهرين لاش ڪٿي وهي درياءَ ۾ اڇلايو. جيڪي ماڻهو اهڙا خوفناڪ ڏوهه ڪندا آهن، آهي روشنيءَ جي بدران اوندهه کي پسند ڪندا آهن. انهيءَ جو مطلب هيءُ ٿيو ته جيڪڏهن اهو لاش واقعي ميري روزيءَ جو آهي، ته پوءِ ڪالهه تائين اهو اڍائي ڏينهن کان پاڻيءَ ۾ هو، يا وڌ ۾ وڌ ٽي ڏينهن. هميشه جو تجربو پڌائي ٿو ته جيڪڏهن ڪو شخص پاڻيءَ ۾ ٻڏي مري يا هن جو لاش قتل کان پوءِ پاڻيءَ ۾ اڇلايو وڃي، ته انهيءَ جي اهڙيءَ طرح ٺوڪجڻ ۾ ڇهن کان ڏهن ڏينهن جيترو وقت لڳي ويندو آهي، جنهن کان پوءِ ئي پاڻيءَ جي مٿاڇري تي تري ايندو آهي. ايتريقدر جو اهڙا غرق ٿيل لاش، جيڪي توب جي ٺڪاءَ سبب پنجن ڇهن ڏينهن کان اڳ ۾ ئي پاڻيءَ تي تري اچن، سي پهر پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويندا آهن. البت، ايترو سو آهي ته انهن سان ڪا هٿ-چراند نه ڪئي وڃي. اسين پڇون ٿا ته موجوده صورت ۾ اهو اصول ڇو غلط ثابت ٿيو؟... جيڪڏهن لاش زخمي حالت ۾

اڳاري جي رات تائين ڪناري تي رکيو ويو ته پوءِ آتي قاتلن جو ڪو نه ڪو نشان پتو موجود هئڻ گهرجي. انهيءَ ڳالهه ۾ به شڪ آهي ته مقتول جي موت جي پن ڏينهن ڪان پوءِ، درياءَ ۾ اڇلڻ جي حالت ۾، لاش ايترو جلد مٿاڇري تي تري اچي، انهيءَ ڪان سواءِ هيءَ ڳالهه به بيحد عجيب آهي ته ڪو خوني اهڙي خوفناڪ ڏوهه ڪرڻ ڪان پوءِ به لاش سان ڪو وزن ٻڌڻ ڪان سواءِ درياءَ ۾ اڇلائي ڇڏي: جيتوڻيڪ اهڙي قسم جي خبرداري آسانيءَ سان ٿي سگهي ٿي.

انهيءَ ڪان پوءِ، اخبار جو ايڊيٽر هيءَ دليل ڏئي ٿو ته ”لاش پاڻيءَ ۾ ٽن ڏينهن بدران گهٽ ۾ گهٽ پندرهن ڏينهن رهيو هوندو: ڇاڪاڻ ته اهو ته ڳري ۽ سڙي ويو هو جو بووي وڏيءَ مشڪل سان ان کي سڃاڻي سگهيو هو.“ پر انهيءَ آخري ڳالهه جو ڪو به ثبوت نه ملي سگهيو آهي. بهتر ٿيندو ته اخبار جي باقي عبارت جو به ترجمو ڪيو وڃي:

”پوءِ آهي ڪهڙيون ڳالهيون آهن، جن جي آڌار تي بووي صاحب چوي ٿو ته اهو لاش بيشڪ ميري روزيءَ جو آهي.“ موصوف پانهن جو ڪپڙو ڦاڙي ڏٺو. هن جو چوڻ آهي ته ڪيس آهي نشان ڏسڻ ۾ آيا، جن جي ڪري لاش بابت هن جا سڀئي شڪ شبها ختم ٿي ويا. انهيءَ مان عام ماڻهن اهو ٿي سمجهيو ته آهي ڪنهن زخم جا نشان هوندا. هن پانهن تي هٿ

لاڻي ڏنو ته هن کي وار ڏسڻ ۾ آيا. اسان جي خيال ۾ اِها بلڪل بيڪار ڳالهه آهي — بلڪ اهڙي ڳالهه، جيئن ڪير چوي ته چولي جي پاڻهن جي اندران هن کي هٿ مليو.

بووي صاحب انهيءَ رات واپس ڪونه موٽيو، پر هن، اربع ڏينهن ستين بجي، مادام روزيءَ ڏانهن هوءَ نياپو موڪليو ته تنهنجي ڌيءَ بابت اچا پچا ڳاڇا هلي پيئي. جيڪڏهن اسين ائين ٿي ڪٿي سمجهون (جيتوڻيڪ اها ڳالهه قياس کان ٻاهر آهي) ته مادام روزي، پيريءَ ۽ صدمي سبب اوڏانهن وڃي نه سگهي ته پوءِ ڪو نه ڪو اهڙو ماڻهو ضرور هجي ها، جيڪو وڃي معلوم ڪري ها ته لاش سچ پچ ميريءَ جو آهي. انهيءَ کان سواءِ اهو ماڻهو ڊاڪٽري امتحان وقت به اتي ضرور وڃي ها. پر اُتي ڪوبه ماڻهو ڪونه ويو. حيرت ته انهيءَ تي آهي ته ان گهر ۾ روڄ راڙو به نه ٿيو، جو انهيءَ عمارت جي پين رهواسين تائين اِها خبر پهچي ها. ميريءَ جي مگيندي، سينٽ اسٽاش، جيڪو انهيءَ ئي گهر ۾ ماني کائيندو آهي، بيان ڏنو ته مون کي پنهنجيءَ مگ جي لاش ملڻ بابت ڪابه خبر نه پهتي هئي. البت ٻئي ڏينهن، جڏهن مسٽر بووي مون وٽ ڪمري ۾ آيو، تڏهن وڃي مون کي انهيءَ ڳالهه جي ڄاڻ پيئي. اهڙي قسم جي هيبتناڪ خبر ملڻ تي عزيزن قريبن جي چپ چپات ۽ ماٺ ميٺ جي اها حالت ڏسي اسان کي حيرت ٿئي ٿي.

اهڙيءَ طرح، اخبار ان ڳالهه تي به زور ڏنو ته ميريءَ جي ميڻن مائٽن جي بيخيالي ۽ بيپرواهي، انهيءَ ڳالهه جو کليو ثبوت آهي ته آهو لاش ميريءَ جو نه هو. خاطوءَ جو مطلب هيءُ معلوم ٿئي ٿو ته ميري پنهنجن مائٽن جي هُشيءَ تي، شهر مان اهڙن سببن ڪري غائب ٿي وئي هئي، جن جي ڪري سندس نالي ۽ ناموس تي حرف ٿي آيو. پر جڏهن هُنن ڏنو ته سمنڊ مان لاش هٿ آيو آهي ۽ جيڪو ٿورو گهڻو ميريءَ جي قد بت سان ملي اچي ٿو، تڏهن هُنن وجهه ورتي ماڻهن ۾ مشهور ڪيو ته ميري سچ پچ پڏي مُئي آهي. پر "لتائل" انهيءَ نتيجي تي پهچڻ ۾ اها ئي غلطي ڪئي. اها ڳالهه ثابت ٿي چڪي هئي ته جنهن بيخياليءَ ۽ بيپرواهيءَ تي ايترو زور ڏنو پئي ويو، آها سي من گهڙت هئي. پوڙهي ماءُ ايتري ته ڪمزور ۽ ڪراڙي هئي ۽ ڌيءَ جي ڏک هن کي ايڏو ته صدمو پهچايو جو ڪيڏانهن اچڻ وڃڻ جي طاقت به هُن ۾ ڪانه رهي هئي. باقي رهيو سينٽ اسٽاش، تنهن جا ته ميريءَ جي موت جي خبر پڌڻ سان ئي هوش آڏامي ويا. هن ويچاري جي غم وچان اهڙي ته حالت ٿي وئي جو بووي هڪ مائٽ کي هٿ پڏي عرض ڪيو ته لاش جي نظرداري ڪري ۽ ان کي ڊاڪٽري چڪاس ۾ وڃڻ نه ڏئي. انهيءَ کان سواءِ "لتائل"، اهو به لکيو هو ته لاش جي ڪفن دفن لاءِ سرڪاري

خرچ استعمال ڪيو ويو، ڇاڪاڻ ته هن جي خاندان وارن ڪفن دفن لاءِ سرڪاري آڇ قبول ڪرڻ کان نه رڳو انڪار ڪيو، پر ڪنهن جي ڪنهن به شخص آخري رسمن ۾ شريڪ ٿيڻ جي تڪليف به ڪان نه ڪئي.
حقيقت هيءَ آهي ته انهيءَ اخبار اهي سيئي ڳالهيون پنهنجي اصلي بيان کي مضبوط ڪرڻ لاءِ گهڙيون هيون. بعد ۾ اهي سيئي ڳالهيون غلط ثابت ٿيون ۽ انهيءَ لاءِ ڪيترائي ثبوت به مليا پر ڪجهه ڏينهن کان پوءِ انهيءَ ساڳيءَ اخبار ۾ خود بووي تي به شڪ ڪيو ويو:
"هاڻي ته حالتن نئون روپ اختيار ڪيو آهي. اسان کي پڌايو ويو آهي ته هڪ ڏينهن جڏهن مادام ب نالي هڪ عورت، مادام روزيءَ جي گهر ۾ ويٺي هئي، تڏهن بووي گهر مان رواني ٿيڻ وقت هن کي (مادام ب کي) چيو ته پوليس جو هڪ ماڻهو ايندو، جيڪڏهن اهو اوهان کان ڪجهه پڇي ته منهنجي واپسيءَ تائين اوهان هن کي ڪجهه به نه ٻڌائجو. آءٌ واپس اچي هن کي پاڻ ٿي منهن ڏيندس .... انهيءَ مان ظاهر ٿئي ٿو ته بووي کي سموري احوال جي خبر آهي، پر هو انهيءَ کي ظاهر نٿو ڪري. انهيءَ کان سواءِ، ڪجهه به ڪري نٿو سگهجي. ٻيا ڳالهيون جي سلسلي ۾ ڪٿي ڇا به ڪجي، پر ڳالهه ڦري گهري هن تي ٿي پهچي ٿي. ڪنهن خاص سبب جي ڪري هن اهو به

فيصلو ڪيو آهي تہ پوليس جي ڪارروائيءَ سان، هن
ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن جو بہ واسطو نہ رهي. خود سندس
عزيزن جي چوڻ مطابق هن ڪين پاڻ کي ٻري رکڻ
لاءِ عجيب عجيب اڏڪلون ڪيون آهن. حيرت تہ اها
آهي جو هن اهو بہ قبول نہ ڪيو تہ پيا مائٽ وڃي
لاش ڏسن.“

هڪ پيو واقعو بيان ڪري، انهيءَ شڪ کي مضبوط
ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. اهو هيءَ آهي
تہ ميريءَ جي قتل ٿيڻ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ، هڪ
شخص بووي سان ملڻ لاءِ سندس آفيس ۾ ويو. اتي
بووي موجود نہ هو ۽ هن شخص دروازي جي
ڪڙي ۾ هڪ گل لڳل ڏٺو، جنهن جي پر ۾ لڳل
تختيءَ تي ”ميري“ لفظ لکيل هو.

اخبارن جي پڙهڻ سان اسان کي خبر پيئي تہ عام
ماڻهن جي خيال مطابق ميري بدمعاشن جي هڪ ٽولي
جي هٿ چڙهي ويئي هئي. اهي بدمعاش هن کي درياءَ
پار وٺي ويا ۽ هن سان غير انساني سلوڪ ڪيو ويو
۽ نيٺ هن کي قتل ڪيو ويو. رڳو هڪ با اثر اخبار،
”ڪمرشل“ ئي اهڙي هئي، جنهن انهيءَ عام خيال جي
مخالفت ڪئي. آءٌ انهيءَ اخبار جو ٿورو حوالو هيٺ
ڏيان ٿو:

”اسان جي خيال ۾ بيرير دورول کان جانچ جي
شروعات ڪرڻ غلط آهي. انهيءَ ڳالهہ تي يقين ڪرڻ

ناممڪن آهي، ته هڪ اهڙي عورت جنهن کي هزارين ماڻهو چڱيءَ طرح ڄاڻن سڃاڻن ٿا، ڏن رستن تان لنگهي وڃي ۽ هن کي ڪوبه واقف شخص نه گڏجي. جيڪڏهن رستي ۾ ڪنهن به هن کي ويندو ڏٺو هجي ها ته هن کي نه وساري سگهي ها، ڇاڪاڻ ته هن جا سمورا ڄاڻ سڃاڻ وارا ڪيس تمام گهڻو گهرندا هئا. جنهن وقت هوءَ گهر مان نڪتي هئي، آن وقت رستن تي راهه ـ ويندڙن جا انبوهه هئا.... اهو ناممڪن آهي ته هو بيربر دورول يا درومي‌ءَ گهٽيءَ ۾ ويئي هجي ۽ پنجن ڏهن ماڻهن به هن کي نه ڏٺو هجي. پر ڪنهن به شخص اڃا تائين اهڙو بيان نه ڏنو آهي ته مون هن کي سندس ماءُ جي گهران نڪرندو ڏٺو آهي. انهيءَ کان سواءِ ته هن ٻاهر وڃڻ جي نيت ڏيکاري هئي؛ پيو ڪوبه ثبوت نه مليو آهي، جنهن مان خبر پوي ته هوءَ واقعي گهر کان ٻاهر به نڪتي هئي. هُن جو چولو به ڦاڙيو ويو هو ۽ انهيءَ مان ئي سندس لاش ڇڪي ٻڌي، پريءَ وانگر کنيو ويو. جيڪڏهن بيربر دورول ۾ قتل ٿيو هجي ها ته پوءِ انهن انتظامن جي ڪهڙي ضرورت هئي. بيربر وٽ لاش ملڻ مان اها خبر ته نٿي پوي ته ان کي پاڻيءَ ۾ ڪهڙي هنڌ اڇلايو ويو هو........

ويچاري ڇوڪريءَ جي چولي مان په فوٽ ڊگهي ۽ هڪ فوٽ ويڪري پٽي ڦاڙي، هن جي ڳچيءَ ۾

وجهي، ڪياڙيءَ وٽ ڇڪي ڳنڍ ڏني ويئي هئي ته جيئن هوءَ رڙيون نه ڪري سگهي. اهو يقيناً اهڙن ماڻهن جو ڪم ٿي سگهي ٿو، جن وٽ رومال نه هوندو."

اسان وٽ پوليس جي بالا عملدارن جي اچڻ کان هڪ ـ ٻه ڏينهن اڳ، پوليس کي هڪ اهڙي شاهدي هٿ آئي جنهن لي ڪمرشل جي دليلن جي هڪ وڏي حصي کي غلط ثابت ڪري ڇڏيو.

مادام ويلڪ جا ٻه پار، بيرير دوروِل جي ويجهو جهنگ ۾ پهتي گهميا. اتفاق سان پهتي پار هڪ اهڙيءَ جاءِ تي وچي نڪتا، جتي ٽي چار ٻئر، ڪرسين جهڙا نظر آيا، ڇن ۾ ٻئيءَ ۾ پيرن رکڻ جي جاءِ به ٺهيل هئي ـ سيني کان مٿئين پٿر تـي پيٺي ڪوٽ جو اڇو ٽڪرو پيو هو ۽ ٻئي تي هڪ ريشمي گلابند، هڪ ڇٽي دستانا ۽ هڪ رومال، جنهن تي "ميري روزي" نالو پرت سان پريل، پيا هئا. ڇئن ئي طرفن ڪانڊيرن جي پوٽن تي ڪپڙن جون ڪيتريون ئي ليڙون ٻڪڙيون پيون ئيون ۽ پيا به ڪيترائي اهڙا نشان موجود هئا، جن مان پتو ٿي پيو ته اتي ڪا ويڙهه ٿي آهي. انهيءَ جاءِ ۽ درياءَ جي وچ ۾ بند جون ڪاٺيون نڪتل هيون ۽ زمين تي اهڙا نشان موجود هئا، جڻ ته ڪنهن ڳريءَ شيءِ کي گهليو ويو هجي.

انهيءَ خبر کان پوءِ هڪ نئين شاهدي ملي. مادام ويلڪ ٻڌايو تـه درياءَ جي ڪناري کـان ٿورو پري

پيرير دورول جي عين سامهون، رستي جي پرمان، منهنجو هوٽل آهي. انهيءَ جي آسپاس وارو علائقو ڏاڍو خاموش ۽ چپ چاپ آهي. آچر ڏينهن گهڻو ڪري شهر جا بدنام ماڻهو پيڙين رستي درياءُ آڪري هتي اچي گڏ ٿيندا آهن. جنهن آچر جي اها ڳالهه آهي، انهيءَ ڏينهن ٽنپهرن جي وقت هڪ نوجوان ڇوڪري هوٽل ۾ آئي. هن سان گڏ هڪ ڪڻڪ رنگو نوجوان به هو. پيئي ٿورو وقت هوٽل ۾ ويٺا، جنهن کان پوءِ پنهي پير واري جهنگل جي رستي ڏانهن رُخ رکيو. مادام ويلڪ کي ڇوڪريءَ جو لباس به چڱيءَ طرح ياد آهي. هن جي وڃڻ کان پوءِ هوٽل ۾ ڪن بدنام ماڻهن جو هڪ ڪٽڪ اچي پهتو، جنهن ڏاڍو گوڙ گهمسان مچائي ڏنو ۽ شراب ڪباب پي کائي، پئسن ڏيڻ کان سواءِ انهيءَ رستي ڏانهن روانو ٿي ويو، جنهن ڏانهن اهو نوجوان ۽ ڇوڪري ويا هئا. سج لهڻ جي ويجهو، اهي بدنام ماڻهو هوٽل ۾ واپس آيا ۽ جلدي جلدي درياءَ آڪري هليا ويا.

ساڳئي ڏينهن شام جو، منهن اونداهيءَ کان ٿورو دير پوءِ، مادام ويلڪ ۽ سندس وڏي پٽ هڪ عورت جون رڙيون ٻڌيون، جيڪي هوٽل جي ويجهڙائيءَ مان پئي آيون. مادام ويلڪ نه رڳو ڇوڪريءَ جي گلابند، پر هن جي پهرين ڪپڙن جي به سڃاڻپ ڪئي. انهيءَ کان پوءِ، هڪ ڪوچوان، ويلنس، شاهدي ڏني

تہ ذڪر ڪيل آچر ڏينهن، مون ميري روزيءَ کي هڪ ڪنڊڪ رنگي نوجوان سان گڏ پيڙيءَ ۾ درياءَ آڪرندي ڏٺو هو. اهو شخص ويلنس، ميري روزيءَ کان واقف هو ۽ کيس سچاڻ ۾ ڪابہ تڪليف ڪانہ ٿي. انهيءَ جاءِ تي جيڪي شيون مليون، ميري روزيءَ جي عزيزن انهن کي بہ هڪدم سڃاتو.

انهن خبرن ۽ شاهدين مان، جيڪي مون ڏوپين جي چوڻ تي اخبارن مان گڏ ڪيون هيون، رڳو هڪ ڳالهہ جو ذڪر باقي رهجي ويو آهي، جيڪا ظاهريءَ طرح تمام ضروري معلوم ٿئي ٿي. آها هيءَ تہ ميريءَ جي ڪپڙن ملڻ کان هڪدم پوءِ، ميري جو مگيندو مثل يا مرڻ جهڙيءَ حالت ۾ انهيءَ جاءِ جي ويجهو هڪ هنڌ پيل مليو. هن وٽان هڪ خالي شيشي ملي، جنهن تي لڳل پني تي "زهر" لکيل هو. هن جي وات مان بہ زهر جي بوءِ پئي آئي ۽ هو سواءِ ڪجهہ ٻڌائڻ جي مري ويو. سندس کيسي مان هڪ ڪاغذ مليو، جنهن ۾ هن مختصر لفظن ۾ لکيو هو، "مون کي ميريءَ سان دلي محبت هئي ۽ هن جي موت کان پوءِ منهنجو جيئرو رهڻ اجايو آهي."

منهنجين گڏ ڪيل يادداشتن کي پڙهڻ کان پوءِ ڏوپن چيو:

"انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ هيءُ حادثو موت جي گهٽيءَ واري واقعي کان وڌيڪ پراسرار آهي،

پر هڪ لحاظ سان ان کان مختلف به آهي. جيتوڻيڪ هن قتل ۾ ڏاڍي بيرحميءَ ۽ ظلم زبردستيءَ کان ڪم ورتو ويو آهي، تنهن هوندي به هيءُ خون جو هڪ معمولي واقعو آهي، جنهن ۾ ڪو به خاص يا عجيب طريقو استعمال ڪيل نٿو ڏسجي. جنهنڪري ان جو حل به ايترو آسان سمجهيو ويو آهي. جيتوڻيڪ مشڪل ڪم اهو ئي آهي، جيڪو ساڳئي وقت مشڪل به نه آهي. انهيءَ ڪري شروع ۾ انعام ڏيڻ جو اعلان ڪرڻ به غير ضروري سمجهيو ويو. پوليس جي چاڙتن وڏيءَ سولائيءَ سان اهو خيال ڪري ڇڏيو ته قتل ڪهڙيءَ طرح ۽ ڪنهن ڪيو هو. هنن آهي سڀئي طريقا ۽ سبب به سوچي ڇڏيا، جن جا ڪي امڪان ٿي سگهيا ٿي. تنهنڪري هنن کي يقين هو ته انهن مان ڪو نه ڪو سبب يا طريقو ضرور صحيح هوندو. جڏهن اهي سڀئي انومان ايتريءَ آسانيءَ سان قائم ڪيا ويا، تڏهن ٿي مون سمجهي ورتو هو ته انهيءَ قتل جو حل ڳولي لهڻ ڏاڍو مشڪل ٿيندو. آءٌ اڳي به ڪيترا ئي ڀيرا چئي چڪو آهيان ته جاسوسيءَ ۾ اهڙين شين مان وڌيڪ مدد ملي ٿي، جيڪي عام سوچ کان ڪجهه هٽيل هونديون آهن. تنهنڪري ههڙن معاملن ۾ اهو نه ڏٺو ويندو آهي ته ڇا ٿيو، پر هيءَ ته اها ڪهڙي نئين ڳالهه ظاهر ٿي آهي، جيڪا انهيءَ کان پهرين ڪڏهن نه ڏٺي وئي ۽ نه ٻڌي وئي هئي. هڪڙي دفعي،

مادام اسپا جي گهر تلاشي وٺڻ وقت انسپيڪٽر گرٽ ـــ جا ماڻهو اهڙيءَ نوعيت جو حادثو ڏسي دنگ رهجي ويا هئا. اهو حادثو عقل وارن لاءِ دڪ اشارو هو. اهڙيءَ طرح، هن عطر وڪڻندڙ ڇوڪريءَ جي خون بابت جيڪي معمولي ڳالهيون پڌري ۾ آيون، انهن مان هر سمجهو ۽ عقلمند ماڻهو نا اميد ٿي ويو ها، پر پوليس وارن انهن عام ڳالهين کي تمام وڏي اهميت ڏني.

عام ماڻهن جي خيال ۾ لقائل جا دليل وزنائتا آهن. انهيءَ سلسلي ۾ هن جي بيان جي شروعاتي لفظن مان ئي پتو پوي ٿو ته خود هن جي نظر ۾ اهي دليل اهم آهن. هو لکي ٿو: ”اڄ جي ڪيترين ئي اخبارن انهيءَ ڳالهه کي قبول ڪيو آهي ته اسان جو ايڊيٽوريل جيڪو سومر ڏينهن ڇپيو هو، مضبوط ۽ پختن دليلن تي لکيل هو.“

آءٌ سمجهان ٿو ته انهيءَ ايڊيٽوريل ۾ ايڊيٽر جي طبيعت جي گرمي ۽ جوش ته ضرور موجود آهي، پر اهو آخري ۽ قطعي ڪونهي. اسان کي ياد رکڻ گهرجي ته عام طرح اسانجين اخبارن جو مقصد حق ۽ سچ جي ڳولا نه هوندو آهي. پر اشتعال پيدا ڪندڙ خبرون شايع ڪرڻ هوندو آهي. البت جيڪڏهن اهڙي ڪنهن اشتعال پيدا ڪندڙ خبر ۾ ڪا حقيقت به هجي ته اها ٻي ڳالهه آهي. جيڪا اخبار عام ماڻهن مان ها ۾ ها ملائي ٿي، انهيءَ کي سمجهو ماڻهو سٺيءَ نظر سان ڏسندا آهن. انهيءَ

جي برخلاف هو اهڙي ايڊيٽر کي علامہ ۽ فهامہ سمجهندا آهن، جيڪو چرچن پوڳن کان ڪم وٺي عام راءِ مان غلطيون ڪڍي. دليلبازي هجي يا ادب، پنهي ۾ ماڻهو چرچن پوڳن مان ڏاڍو خوش ٿيندا آهن.

منهنجي چوڻ جو مطلب هيءَ آهي تہ لتاڻل ميري روزيءَ کي جيئرو سمجهندي، انهيءَ ڳالهہ تي پنهنجي قلم جو زور لڳايو آهي تہ اهو خيال گهٽي قدر اشتعال پيدا ڪندڙ ۽ دلچسپ ثابت ٿيندو، ۽ ٿيو بہ ائين ٿي. ماڻهن ڏاڍيءَ گرمجوشيءَ سان انهيءَ خبر جو آڌرڀاءُ ڪيو. پر انهيءَ اخبار جي لفظي ڀڃ ڊاهہ کي هڪ طرف رکي، جيڪڏهن اصلي دليلن کي جاچجي تہ اچا ڪارا پڌرا ٿي پوندا.

ايڊيٽر جو پهريون مقصد هيءَ ٿو معلوم ٿئي تہ ميريءَ جي غائب ٿي وڃڻ ۽ لاش ملڻ ۾ تمام مختصر وقت آهي، جنهنڪري هو ثابت ڪرڻ ٿو گهري تہ اهو لاش ميريءَ جو ٿي نٿو سگهي. اهڙيءَ طرح، اخبار نويس لاءِ ضروري آهي تہ انهيءَ وقت کي گهٽ ۾ گهٽ ڪري ڏيکاريو وڃي. انهيءَ ڪوشش ۾ هو شروع کان ئي اجايا ۽ غلط دليل قائم ڪري ٿو ڇڏي. هو لکي ٿو تہ:

”اڻين سمجهڻ بلڪل بيوقوفي آهي تہ قتل (جيڪڏهن سچ پچ هن کي قتل ڪيو ويو آهي) ايترو جلد ٿي

ويو جو آڌيءَ رات گذرڻ کان اڳ ئي قاتلن لاشو ٻاڻيءَ ۾ اڇلائي ڇڏيو.“ هتي اسان جي ذهن ۾ هيءُ سوال پيدا ٿئي ٿو ته آخر انهيءَ ۾ بيوقوفيءَ جي ڪهڙي ڳالهه آهي. ائين سمجهڻ ڪي آخر بيوقوفي ڇو ٿو سمجهيو وڃي ته ماڻهن کان موڪلائي وڃڻ کان پوءِ ٽورن منٽن ۾ ئي ڇوڪريءَ کي قتل ڪيو ويو. ائين سمجهڻ ڪهڙي بيوقوفي آهي ته ڏينهن جو ڪنهن وقت به قتل ٿي سگهي ٿو، ۽ ڏينهن جي چوويهن ڪلاڪن ۾ هڪ نه ٻيو قتل ٿيندو ئي رهي ٿو. انهيءَ لاءِ ڪو خاص وقت ته مقرر نه هوندو آهي. انهيءَ کان سواءِ، جيڪڏهن آچر جي ڏينهن صبح جو نائين بجي کان وٺي رات جو ٻارهين بجي تائين ڪنهن به وقت قتل ڪيو ويو، تڏهن به لاش کي ”آڌيءَ رات کان اڳ ٻاڻيءَ ۾ اڇلائڻ لاءِ“ گهڻو ئي وقت ملي سگهيو ٿي. انهيءَ فرضي ڳالهه جو مطلب ٻين لفظن ۾ هيءُ ٿئي ٿو ته آچر جي ڏينهن اهو خون ٿيو ئي نه هو. جيڪڏهن لتائل جي انهيءَ دليل کي اسين قبول ڪريون، ته پوءِ هن جي لاءِ رستو صاف آهي. انهيءَ اخبار جو هيءُ حصو، جيڪو هنن لفظن سان شروع ٿئي ٿو، ”ائين سمجهڻ بلڪل بيوقوفي آهي ته قتل .... الخ“ شايد مصنف جي ذهن ۾ هن صورت ۾ هجي:

”ائين سمجهڻ بلڪل ناداني آهي ته قتل (شرط انهيءَ سان ته حادثو قتل جو ئي هجي) ايترو جلدي

ٿي سگهيو ٿي، جو آڌيءَ رات ڳڌرڻ کان اڳ ٿي ايترو وقت ملي وڃي جو لاش پاڻيءَ ۾ اڇلائي سگهجي. اسان جو چوڻ فقط هي آهي ته اهڙيءَ طرح سمجهڻ ۽ وري انهيءَ سان ڳڌوڳڌ ائين فرض ڪرڻ (جنهن کي اسين ته ائين ٿي سمجهون ٿا) ته لاش رات جو ٻارهين بجي کان اڳ درياءَ ۾ اڇلايو ويو هجي، يقيناً بيوقوفي آهي.

”اهو جملو ظاهريءَ طرح ته ڏاڍو منجهيل آهي، پر ايترو نه، جيترو شايع ٿيل جملو.“ ڊوپن پنهنجي تقرير جاري رکندي چيو، ”جيڪڏهن منهنجو مقصد لتائل جي دليلن کي رد ڪرڻ هجي ها، ته وڌيڪ ڪجهه به چوڻ جي ضرورت ئي ڪانه هئي، ۽ ڳالهه اتي ئي ختم ٿي وڃي ها. پر اسان جو مقصد ڪو انهيءَ خبر کي رد ڪرڻ نه آهي، بلڪ حقيقت معلوم ڪرڻ آهي. انهيءَ صورت ۾، ذڪر ڪيل جملي جي فقط هڪ ئي معنيٰ ٿي سگهي ٿي، جنهن کي آءٌ چٽيءَ طرح بيان ڪري چڪو آهيان. پر اسان کي لفظن جي جهنجهٽ ۾ نه ڦاسڻ کپي، بلڪ اسان کي اهو خيال معلوم ڪرڻ کپي، جيڪو انهن لفظن ۾ ادا ٿيڻو هو، پر صاف طرح ادا ٿي نه سگهيو. انهيءَ اخبار نويس دراصل ائين ٿي چوڻ گهريو ته جيئن ڳالهه ناممڪن پيئي معلوم ٿئي ته قاتل لاش کي درياءَ ۾ اڇلائڻ لاءِ اڌ رات جو اڌ کڻي ويو هجي، پوءِ قتل جو واقعو ڪٿي ڪيڏي به

وقت ٿيو هجي. دراصل اها ئي منگهڙت ڳالهه آهي، جنهن تي مون کي خاص طرح اعتراض آهي. اها ڳالهه هروڀرو ثابت ڪرڻ واري آهي ته قتل جو واقعو اهڙي هنڌ ۽ اهڙين حالتن ۾ ٿيو، جو لاش کي درياءَ تائين کڻي وڃڻ ضروري ٿي پيو. ممڪن آهي ته خون درياءَ جي ويجهڙائيءَ واري ڪنهن هنڌ تي، يا ڪناري تي ئي ڪيو ويو هجي: اهڙيءَ حالت ۾، خون ڏينهن جو يا رات جو، ڪنهن به وقت ڪيو ويو هجي، لاش کي درياءَ ۾ ڦٽو ڪرڻ ئي سڀ کان سولو ۽ بهترين طريقو ٿي سگهي ٿو. اٿين نه سمجهندا ته صحيح ڳالهه اها ئي آهي، يا وري اها ڪا منهنجي پنهنجي راءِ آهي. آءٌ هيستائين واقعن جي اصليت بابت بحث ڪري رهيو هوس، ۽ منهنجو مقصد رڳو ايترو ئي هو ته جيئن دليلبازيءَ جون خاميون نروار ڪري، توکي خبردار ڪريان ته انهيءَ واقعي بابت جيڪي ڪجهه لکيو ويو آهي، سو ڪو حرف بحرف صحيح ڪونه آهي:

تو ڏٺو ته انهيءَ ماڻهوءَ پنهنجي دلپسند راءِ کي سچي ثابت ڪرڻ لاءِ، ڪهڙي نموني جون منگهڙت ڳالهيون ثابت ورتيون، ۽ اهو فرض ڪري ورتائين ته جيڪڏهن اهو لاش سچ پچ 'ميريءَ' جو ئي آهي، ته اهو پاڻيءَ ۾ گهڻيءَ دير تائين پيو نه رهيو آهي. هو لکي ٿو:

"هميشه جو تجربو ٻڌائي ٿو ته جيڪڏهن ڪو شخص پاڻيءَ ۾ ٻڏي مري، يا خون ٿي وڃڻ کان

پوءِ ان جو لاش پاڻيءَ ۾ اڇلي ڇڏجي، ته ان جي انهيءَ حد تائين سڙڻ ۽ ڪرڻ ۾ ڇهن ڪان ستن ڏينهن تائين لڳي ويندا آهن، جنهن ڪان پوءِ اهو پاڻيءَ جي مٿاڇري تي تري ايندو. ايتريقدر جو تري ۾ پيل اهڙا لاش به، جيڪي توپ جي گولي جي ڌڪاءَ سان، پنجن - ڇهن ڏينهن ڪان اڳ ئي پاڻيءَ جي مٿاڇري تي تري اچن، وري به پاڻيءَ اندر ٻڏي وڃن، جيڪڏهن انهن سان هٿ چراند نه ڪئي وڃي.

"لي موني تيور" اخبار ڪان سواءِ، پئرس جي سيني اخبارن انهيءَ راءِ ڪي خاموشيءَ سان قبول ڪري ورتو. 'لي موني تيور' اخبار، انهيءَ خيال تي نڪته‌چيني ڪئي آهي. ان اهڙا پنج يا ڇهه مثال ڏنا آهن، جو ٻڏل لاش ڇهن ڏينهن ڪان اڳ ئي پاڻيءَ تي ترڻ لڳا آهن. پر "موني تيور" اخبار، جنهن نموني ۾، مثالن سان "لتائل" اخبار جي بنيادي دليلن ڪي رد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، سا گهڻي ڀاڱي منطقي اصولن جي خلاف آهي. جيڪڏهن پنجن بدران پنجاهه مثال به اهڙا ڏنا وڃن جو لاش ٻن يا ٽن ڏينهن اندر ئي پاڻيءَ جي مٿاڇري تي اچي ويا هجن، تڏهن به اها ڳالهه سدائين لاءِ صحيح ڪانه مڃي سگهبي، جيستائين هميشه جي عام تجربي ڪي غلط نه ثابت ڪيو وڃي. "موني تيور" اصول ڪي ته مڃي ٿو، پر رڳو ڪي

خاص مثال نه پيش ڪري، جن مان "لتائل" جي دليلن تي ڪو به اثر نٿو پوي — ڇو ته انهن مثالن مان ته رڳو اهو امڪان ئي پيدا ٿئي ٿو ته ممڪن آهي ته لاش ٻن ڏينهن کان اڳ ئي مٿي اڀري آيو هجي. البت، جيڪڏهن اهڙي قسم جا مثال ايتري گهڻي تعداد ۾ ڏنا وڃن جو اصل اصول غلط ثابت ٿي وڃي، ۽ ان جي مقابلي ۾، اهو ابتڙ اصول صحيح سمجهيو وڃي، ته پوءِ اها ڳالهه وزندار ٿيندي.

انهيءَ مان توکي چڱيءَ طرح اندازو ٿي ويو هوندو ته جيڪڏهن سچ پچ لتائل جي راءِ سان اختلاف آهي، ته انهيءَ لاءِ اصل اصول کي غلط ثابت ڪيو وڃي. هاڻي اچ ته ڏورو انهيءَ اصول کي ڇڪاسيون ته اهو ڪيتريقدر صحيح آهي. سڀ کان پهرين ڳالهه هيءَ آهي ته انساني جسم عام طرح سين درياءَ جي پاڻيءَ کان نه ته ڪجهه گهڻو وزنائتو آهي ۽ نه هلڪو. ٻين لفظن ۾ انساني جسم جي وڌيل ڪثافت، جڏهن اهو پنهنجي قدرتي حالت ۾ هجي، گهڻو ڪري انهيءَ پاڻيءَ جي وزن برابر هوندي آهي. ٿلها متارا ماڻهو، جن جون هڏيون ننڍيون ٿين ٿيون ۽ خاص ڪري عورتون اهي به اهڙيون جيڪي ٻين مردن جي پيٽ ۾ ڪمزور ڏسڻ ۾ اچن، پر جن جو هڏ-ڪاٺ ويڪرو ۽ مضبوط هجي، گهڻيون هلڪيون هونديون آهن. انهيءَ کان سواءِ، پاڻيءَ جي لهڻ چڙهڻ سبب به درياءَ جي پاڻيءَ جي

وقيل ڪثافت گهٽ وٺ ڏيندي آهي. انهيءَ هوندي به
تمام ڏورا انساني جسم اهڙا ڏين ڏا، جيڪي تازي
يا وهندڙ پاڻيءَ ۾ پائمرادو وڃيو تَر ونن. گهڻو ڪري
هرڪو جسم، جيڪو پاڻيءَ ۾ ليٽيل حالت ۾ ڪِرندو،
اهو ترندو ٿي رهندو. جيڪي ماڻهو اَڻ تارو آهن، انهن
لاءِ پاڻيءَ ۾ سڀ کان بهتر حالت هيءَ آهي ته آهي
پاڻيءَ ۾ نوان سڌوان پيا رهن؛ انهن جو منهن به پڻ ته
پاڻيءَ ۾ ٻڏل هجي، البت وات ۽ نڪ پاڻيءَ مان نڪتل
هجن. اهڙيءَ حالت ۾ جسم، سواءِ ڪنهن ڪوشش ۽
تڪليف جي پاڻيءَ مٿان ترندو رهندو. ۽ اهو به ضروري
آهي ته ڏوريءَ ٿي حرڪت يا چرپر سبب جسم پاڻيءَ
۾ ٻڏي ويندو. مثال طور، جيڪڏهن هڪ هٿ پاڻيءَ
کان مٿي رهجي ويو ته انهيءَ جي بار ڪري سارو
جسم ٻڏي ويندو، يا جيڪڏهن اتفاق مان ڪنهن ترندڙ
ننڍڙي ڪاٺ جو ٿي سهارو ملي ويو ته پوءِ سولائيءَ
مان منهن کڻي هيڏانهن هوڏانهن به ڏسي سگهجي ٿو.
جيڪڏهن ڪو شخص تارو نه آهي ته پوءِ هن جا هٿ
پاڻيءَ کان مٿي ضرور اٿي ايندا ۽ هو پنهنجي مٿي کي
پاڻيءَ کان ٻاهر رکڻ جي ڪوشش ڪندو. نتيجو هيءُ
نڪرندو جو هن جو وات ۽ نڪ پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويندا
۽ جيئن هو پاڻيءَ ۾ ساهه کڻڻ جي ڪوشش
ڪندو، پاڻي هن جي ڦڦڙن ۾ پربو ويندو ۽ معدي ۾
به پهچي ويندو. پهرين ته اهڙي شخص جي جسم ۾
هوا پيل هئي ۽ هن جو جسم هلڪو هو، پر هاڻي

جيئن ته هوا جي جاءِ وچي پاڻيءَ وارالاري، تهڪري
هن جو جسم ڳرو ٿي ويو. انهيءَ ٿي فرق سببان عام
طرح ماڻهو ٻڏي ويندا آهن. پر جيڪڏهن اهو جسم
ڪنهن اهڙي شخص جو آهي، جنهن ۾ هڏيون ته بيشمار
آهن ۽ گوشت تمام نرم ۽ ليڙو آهي، ته اهڙيءَ
حالت ۾ اهو ٻڏڻ کان پوءِ پاڻيءَ جي مٿان ترندو
رهندو. جيڪڏهن ڪو جسم درياءَ جي تري ۾ ويهي
رهي ته ايستائين مٿي نه ايندو جيستائين ان جي وڌيل
ڪثافت ڪنهن خاص سبب ڪري گهٽجي نه وڃي. اها
حالت لاش جي ڳرڻ، سڙڻ يا ڪنهن ٻئي سبب ڪري
پيدا ٿي سگهي ٿي. جسم جي سڙڻ ڪري بدن ۾
هڪ قسم جي گئس پيدا ٿيندي آهي ۽ سيئي عضوا
ڦوڪجي پوندا آهن، جنهنڪري اهو ڏاڍو پوائتو نظر
ايندو آهي. جڏهن جسم ڦوڪجي گول ٿي پوي ۽
انهيءَ جي ڦيڪرڙ بي حد کان وڌيڪ ٿي وڃي، پر انهيءَ
جي وزن ۾ ڪوبه فرق نه، ٿئي ته لاش جي وڌيل
ڪثافت گهٽ ٿي ويندي ۽ اهو هڪدم پاڻيءَ جي
مٿان تري ايندو. پر لاش جي سڙڻ جا به ڪيترائي
سبب آهن، جن جي ڪري لاش جلد يا دير ۾ سڙي
ٿو. مثال طور گرميءَ يا سرديءَ کان، صاف شفاف
پاڻي يا ان ۾ پين ڌاتن جي هجڻ کان، اونهي يا ترا ڪڙي
پاڻيءَ کان يا بيٺل پاڻيءَ کان، يا وهندڙ يا چوٽ
پاڻيءَ کان، جسم جي مزاج کان، بيمار يا تندرست
جسم کان گهڻو فرق پوي ٿو. ظاهر آهي ته اسين

ڪنهن يقين سان نٿا چئي سگهون ته ڪيترن ڏينهن ۾ لاش پاڻيءَ جي مٿان ترڻ لڳندو آهي. ڪن حالتن ۾ هڪ ڪلاڪ اندر ئي ائين ٿيڻ ممڪن آهي ۽ ڪن حالتن ۾ ممڪن آهي ته مرگهو ائين ٿئي ئي نه — اسان کي خبر آهي ته ڪي ڪيميائي دوائون اهڙيون آهن، جن کي سڙڻ وسيلي جسم ۾ پهچائڻ کان پوءِ جسم ڪڏهن سڙي نٿو سگهي ۽ هميشه پنهنجي اصليءَ حالت ۾ قائم رهي ٿو. مرڪيوري جو بائي ڪلورائيڊ اهڙي ئي قسم جي دوا آهي. پيو ته جسم ۾ پيٽ شين جي ڪري به گئس ٺهندو آهي ۽ عام طرح ٺهندو ئي آهي. مثال طور، معدي ۾ ڪاڏو وغيره موجود هجي ته اهو خمير ٿيڻ لڳي ٿو. انهيءَ سبب کان به لاش پاڻيءَ تي تري ايندو آهي. اهو پاڻيءَ جي لڏڻ جو هڪ عام مثال آهي. گولي جي ٺڪاءَ سان ڪنهن وقت (جڏهن ته لاش کي مٿاڇري تي آڻڻ لاءِ پيا به سبب هجن) لاشو گپ گاري جي ڏڏڻ سبب به مٿي تري اچي ٿو. ڪڏهن ته اهو به ڏسڻ ۾ آيو آهي ته انهيءَ جي اثر کان سخت ۽ اڪڙيل عضوا به نرم ۽ ڍرا ٿي پوندا آهن ۽ گئس جي ڪري جسم جا ڪي حصا سڄي پوندا آهن. انهن سڀني حقيقتن جي روشنيءَ ۾ اسين لتاٿل جي دعوا جي سچائيءَ کي آسانيءَ سان پرکي سگهون ٿا.

تجربو اهو نٿو ٻڌائي ته لاش جي سڙڻ ۽ مٿي اچڻ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڇهن کان ڏهن ڏينهن جو عرصو

گهرجي. سائنس ۾ تجربي پنهي مان ثابت ٿئي ٿو ته لاش جو پاڻيءَ تي تري اچڻ لاءِ ڪو خاص وقت مقرر ڪونهي. انهيءَ کان سواءِ جيڪڏهن گولي جي نڪاءَ سان ڪو لاش مٿي تري اچي ٿو، ته پوءِ اهو خودبخود ٻيهر نه ٻڏندو، جيستائين لاش ڦوڪجي ڦاٽي نه پوي، ۽ اهڙيءَ طرح انهيءَ ۾ پيدا گئس خارج نه ٿي وڃي. ياد رکڻ گهرجي ته اهڙن لاشن ۾ جيڪي پاڻمرادو ٻڏي ويا هجن ۽ اهڙن لاشن ۾ جن کي قتل ڪرڻ کان پوءِ درياءَ ۾ اڇلايو ويو هجي، وڏو فرق آهي. جيتوڻيڪ ايڊيٽر کي انهيءَ فرق جو علم آهي، پر هو انهن ٻنهي قسم جي لاشن کي هڪجهڙو سمجهي ٿو. اچ توکي ٻڌائي آيو آهيان ته ٻڏندڙ شخص جو جسم خاص ڪري پاڻيءَ کان وڌيڪ ڳرو ٿي ويندو آهي. جيڪڏهن هو هٿ پير هڻي، پنهنجا هٿ پاڻيءَ کان مٿي نه ڪڍي، يا پاڻيءَ ۾ منهنڌون ساهه ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندي. هرا بدران ڦڙن ۾ پاڻي نه ڀري ته هن جو جسم ڪڏهن به ٻڏي نه سگهندو. پر جيڪڏهن مثل شخص جو لاشو پاڻيءَ ۾ اڇلائجي ته نه اهو هٿ پير هڻندو ۽ نه وري منهنڌون ساهه ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندو. البت هن جي پيٽ ۾ پاڻي پرجي ويندو. عام طرح، اهڙيءَ حالت ۾ جسم نه ٻڏندو. لتائل انهيءَ حقيقت کان بلڪل بيخبر آهي ته جڏهن جسم پوريءَ طرح ڳري سڙي ويندو، يعني جڏهن

گوشت هڏين کان جدا ٿي ويندو، تڏهن لاشو تري ۾ ويهي رهندو، نه ته نه.

انهيءَ کان پوءِ اسان کي هاڻي هن دليل کي ڏسڻو آهي ته جيئن ته نن ڏينهن کان پوءِ لاشو پاڻيءَ تي تري آيو هو، تنهنڪري اهو ميري روزي جو نٿو ٿي سگهي. جيڪڏهن ميري روزي پاڻ ٻڏي ها ته عورت هجڻ ڪري سندس جسم جو پاڻيءَ ۾ ويهي رهڻ ضروري نه هو. يا جيڪڏهن اهو تري ۾ ويهي به وڃي ها ته چوويهن ڪلاڪن يا انهيءَ کان گهٽ مدت ۾ پاڻيءَ تي تري اچي ها. پر ڪوبه شخص ائين نٿو چوي ته هوءَ ڪا ٻڏي مئي. جيڪڏهن قتل کان پوءِ هن جو لاش پاڻيءَ ۾ اڇلايو ويو آهي ته اهو انهيءَ واقعي کان پوءِ ڪنهن به وقت پاڻيءَ تي تري اچڻ کپندو هو. هوڏانهن لتاتل جو چوڻ وري هيءُ آهي ته جيڪڏهن زخمل ۽ ضربيل لاش اڱاري جي رات تائين ڪناري تي رکيو ويو هجي ها ته پوءِ اتي قاتلن جو به ڪو نشان هجڻ کپندو هو. پهرينءَ نظر ۾ انهيءَ جملي جو ڪوبه مطلب سمجهه ۾ نٿو اچي. حقيقت ۾ ايڊيٽر انهيءَ اعتراض کان بچڻ گهري ٿو، جيڪو هن جي راءِ تي ٿي سگهيو ٿي. يعني هيءُ ته لاشو ٻن ڏينهن تائين ڪناري تي رهڻ ڏنو ويو هو، جنهن جي ڪري ادو تمام جلدي سڙي ويو. پاڻيءَ ۾ غرق ٿيڻ ڪري اهو ايترو جلدي نه

سڙي ها. هو ائين فرض ڪري ٿو ته جيڪڏهن اها صورت هجي ها ته لاش اربع ڏينهن پاڻيءَ تي تري اچي سگهي ها. هن جو خيال آهي ته فقط انهن حالتن ۾ لاش پاڻيءَ تي تري اچي سگهيو ٿي. اهو ئي سبب آهي جو هن ڪي اها ڳالهه ثابت ڪرڻ جو فڪر رهي ٿو ته لاش کي ڪناري تي ڪونه ڇڏيو ويو. چاڪاڻ ته جيڪڏهن لاش ڪناري تي ئي ڇڏي ڏجي ها، ته پوءِ قاتلن جو به ڪو نشان اتي رهڻ کپي ها. آءُ ڄاڻان ٿو توکي انهيءَ بيوقوفيءَ جي دليل تي کِل ايندي هوندي؛ تون حيران هوندين ته ڪناري تي گهٽو وقت لاش رهڻ ڪري آخر قاتلن جي نشانين ۾ ڪهڙيءَ طرح واڌارو ٿيندو. اها ئي حالت منهنجي به آهي.

اڳتي هلي اِها اخبار لکي ٿي ته "انهيءَ کان سواءِ، هيءَ ڳالهه به بلڪل غيريقيني آهي ته ڪو بدمعاش اهڙي خوفناڪ ڏوهه ڪرڻ کان پوءِ لاش کي بار ٻڌڻ کان سواءِ ئي دريائ ۾ اڇلائي ڇڏي. جيتوڻيڪ هو سولائيءَ سان اهڙي قسم جي خبرداري ڪري سگهيو ٿي."

"تون پاڻ ئي ڏس ته ايڊيٽر جي بيان ۾ ڪيترو نه مونجهارو آهي. ڪوبه ماڻهو ۽ خود لتائل به ائين نٿو چوي ته جيڪو لاش هٿ آيو آهي، تنهن کي قتل نه ڪيو ويو هو. زخمن جا نشان بلڪل چٽا ۽

صاف آهن. ايڊيٽر صرف ايترو ثابت ڪرڻ جي فڪر ۾ آهي ته جيڪو لاش مليو آهي، سو ميريءَ جو ڪونهي. هو دراصل ثابت ڪرڻ گهري ٿو ته ميريءَ کي قتل نه ڪيو ويو آهي. جيتوڻيڪ هن جي لفظن مان اهائي آخري ڳالهه ثابت ٿئي ٿي. جيڪو لاش مليو آهي انهيءَ مان ڪو به وزن ٻڌل نه هو. جن قاتلن اهو لاش پاڻيءَ ۾ اڇلايو، اهي انهيءَ مان ڪو نه ڪو بار ضرور ٻڌي ڇڏين ها. تنهنڪري انهيءَ مان اهو نتيجو نڪري ٿو ته قاتلن لاش کي درياءَ ۾ نه اڇلايو. لتائل اخبار، سڃاڻڻ جي ذڪر ڪرڻ کان ته بلڪل نتائي ڇڏيو ۽ جيڪا ڳالهه انهيءَ هڪ منٽ پهرين قبول ڪئي هئي، انهيءَ کان انڪار ٿي ڪري. اخبار لکي ٿي:

'اسان کي پورو يقين آهي ته جيڪو لاش مليو آهي، سو انهيءَ مقتول جو آهي.'

وري اهو هڪ مثال ڪونهي، جنهن ۾ ايڊيٽر بيخبريءَ ۾ پنهنجي ڪنهن اڳئين دليل کي رد ڪيو آهي. آءٌ توکي شروع ۾ ٿي ٻڌائي چڪو آهيان ته ايڊيٽر جي اهائي ڪوشش آهي ته ڪنهن به طرح ميريءَ جي گم ٿي وڃڻ ۽ لاش جي هٿ اچڻ واري وقت کي گهٽ ۾ گهٽ ڪري ڏيکاريو وڃي. پر انهيءَ هوندي به هو انهيءَ ڳالهه تي گهڻو زور ڏئي ٿو ته گهر مان نڪرڻ کان پوءِ، ڇوڪريءَ کي ڪنهن به نه ڏٺو.

هو چوي ٿو ته ”امان کي ڪوبه اهڙو ثبوت نه مليو آهي ته ميري روزي ٢٢- جون آچر ڏينهن، ناڻن بجي کان پوءِ جيئرن جي جهان ۾ نه هئي.“ جيئن ته اهو دليل بلڪل هڪ طرفو آهي، تنهنڪري انهيءَ ذڪر ڪرڻ کان ٿي پاسو ڪيو ويو ها. چاڪاڻ ته جيڪڏهن ڪنهن شخص ميريءَ کي سومر يا اڱاري ڏينهن ڏٺو هجي ها ته ذڪر ڪيل اها وچين مدت تمام گهٽجي ويجي ها، ۽ هن جي پنهنجي دليل مطابق اهو امڪان نه رهي ها ته لاش سچ پچ ميريءَ جو آهي. انهيءَ هوندي به هيءَ ڳالهه عجيب ۽ اجائي آهي ته لتائل انهيءَ تي ئي زور ڏيئي، اٿين سمجهي ٿو ته انهيءَ سڀني سندس ذاتي خيال زياده وزندار ٿيندو.

ايڊيٽر جا اهي لفظ پڙهڻ وٽان آهن، جيڪي هن بووي جي لاش سڃاڻڻ بابت لکيا آهن. ٻانهن جي وارن لاءِ لتائل جو بيان نثوليءَ مان پڙهل آهي. بووي ايترو بيوقوف نه هو جو هو رڳو وارن کي ڏسي لاش کي سڃاڻي ها. هر ڪنهن ٻانهن تي وار هوندا آهن. حقيقت ۾ لتائل، بووي جي بيان کي مروڙي سروڙي پيش ڪيو آهي. وارن بابت بووي ضرور ڪا خاص ڳالهه ٻڌائي هوندي. هن وارن جي رنگ، انهن جي گهاٽن يا ڇڊن هجڻ يا انهن جي ڊيگهه وغيره جو ضرور ذڪر ڪيو هوندو.

اڳتي هلي اخبار لکيو آهي ته ”هن جو پير ننڍو

هوءَ پر گهڻن ئي ماڻهن جا پير ننڍا ٿيندا آهن. جورابن ۾ جتين مان سڃاڻپ ممڪن ڪونهي، ڇاڪاڻ ته اهي پيئي شيون هزارن لکن جي تعداد ۾ ٺهنديون آهن. ساڳيو دليل لاش جي نوڙيءَ جي ڳٽلن بابت ڏيئي سگهجي ٿو. بووي انهيءَ ڳالهه تي وڏو زور ڏنو آهي ته جوراب ڇڪي پلٽل هئا، جيئن ٻڪيون ڇڱيءَ طرح ڍڪيل رهن. پر انهيءَ مان ته ڪا به ڳالهه ثابت نٿي ٿئي، عورتون ته جوراب خريد ڪرڻ وقت انهن کي پائي نه ڏسنديون آهن، پر ويڙهيل سيڙهيل گهر کڻي وينديون آهن ۽ ضرورت مطابق انهن کي گهٽ وڌ ڪنديون آهن، جيئن پيرن ۽ ٻڪين ۾ پورا اچي وڃن."

اسان کي اهي سڀيئي دليل پوچ مش لڳن ٿا. جيڪڏهن قد و قامت ۽ شڪل شباهت کان سواءِ موسيو بووي کي لاش جي پانهن تي اهڙائي وار نظر اچن ٿا، جهڙا هن ميريءَ جي پانهن تي ڏٺا هئا، ته پوءِ ضرور سندس انهيءَ راءِ کي پڪ جهلو ملندو. جيڪڏهن لاش جا پير به ننڍا آهن، جيئن ميريءَ جا هئا، ته اهو امڪان ته لاش ميريءَ جو ئي آهي حساب جي قاعدي مان نه پر جاميٽريءَ جي قاعدي مان ٿيندو. وري اهو به ڏسو ته لاش جي پيرن ۾ جتيون به اهي ئي مليون جيڪي ميريءَ گهر مان غائب ٿيڻ وقت پائي وئي هئي. هاڻي اهي جتيون کڻي هزارن لکن جي تعداد ۾ ٺهنديون ۽ وڪامنديون هجن، پر انهيءَ

شاهديءَ سبب اوهان جي خيال کي البت يقين جو درجو ملڻ گهرجي. ڪا شيءِ پوءِ اها ڪٿي مڃاڻپ جي علامت نہ هجي، پر تصديق جي ڪري انهيءَ کي ثبوت ڪري ورتو ويندو. ٽوپيءَ ۾ لڳل گل بہ اهڙائي هئا، جهڙا ميريءَ پنهنجي ٽوپيءَ ۾ ٽاڪي ڇڏيا هئا. هاڻي اسان کي ڪنهن بہ ثبوت جي ضرورت نہ آهي. رڳو هڪڙوئي گل هجي ها تہ بہ ٺيڪ هو. پر ٽن يا وڌيڪ گلن هجڻ سبب تہ ڳالهہ وڌيڪ پختي ٿي وڃي ها. هر نئين تصديق ڪيل ڳالهہ ڪنهن بہ ثبوت جو درجو نٿي رکي، پر اڳين ثبوتن کي وڌيڪ مضبوط ڪندي آهي. ماڳين ٿي جورابن هجڻ ڪري ڳالهہ ايتري تہ ويساهہ واري ٿي پوي ٿي، جو پيو ڪو ثبوت هٿ ڪرڻ وڏي ناداني چئبو. پيو تہ جوراب اهڙيءَ طرح پاتل هئا، جيئن گهر مان وڃڻ وقت ميري پاتي نڪتي هئي. انهيءَ ڪانپوءِ تہ ڪو ديوانو يا نادان ئي انهيءَ ڳالهہ ۾ شڪ ڪري سگهندو. جورابن کي سوڙهو ڪرڻ واريءَ حقيقت کي لتائل هڪ معمولي ڳالهہ ڪري ورتو آهي. انهيءَ مان صاف ظاهر آهي تہ هو غلطيءَ پٺيان غلطي ڪندو ٿو وڃي. گيٽرن وارا جوراب تہ پاڻ لچڪيدار ٿيندا آهن. تنهنڪري انهن کي ننڍو ڪرڻ تہ بلڪل هڪ عجيب ڳالهہ چئبي. جيڪا شيءِ خود ڇڪجي ٺيڪ ٿي بيهي، انهيءَ کي ننڍي يا وڏي

ڪرڻ جي ضرورت گھٽ ٿيندي آھي. اھو رڳو اتفاق ٿي چئبو جو ميريءَ جورابن کي نئڙي ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪئي. اھا ڳالھہ ٿي ھن حقيقت جو وڏو ثبوت ٿي سگھي ٿي تہ لاش ميريءَ جو ھو. اسان جو دليل رڳو اھو ناھي تہ لاش وٽ وچايل ميريءَ جا جوراب يا ھن جون جتيون يا ھن جي ٽوپي پيل ملي يا ھن جي ٽوپيءَ جا گل اھي ئي ھئا يا پانھن تي خاص نشان ماڳيو ئي ھو يا قد قامت ۽ شڪل شباھت ۾ ھڪجھڙائي ھئي. اسان جو دليل ھيءَ آھي تہ ھيترا سارا ثبوت ھڪ ئي ھنڌ موجود ھئا. اسان جي خيال ۾ تہ خود لتائل جي ايڊيٽر کي بہ انھيءَ لاش جو ميريءَ جي لاش ھجڻ ۾ ڪوبہ شڪ نہ رھيو ھوندو. انھيءَ اخبار جي ايڊيٽر رڳو وڪيلن واري ڪج بحثيءَ کان ڪم ورتو آھي، جيڪي رڳو عدالتي قانونن ۽ حڪمن جي سھاري تي ھلندا آھن. ھتي آءٌ اھو بہ ضرور چوندس تہ عدالت جن ڳالھين کي شاھدي سمجھي رد ڪري ٿي، انھن مان گھڻيون ڳالھيون عقل ۽ فھم مطابق زوردار ٿين ٿيون، چاڪاڻ تہ عدالت تہ رڳو ڪتابي قانون مطابق شاھديءَ کي پرکيندي آھي، ۽ انھن کان ڪڏھن بہ انحرافي ڪرڻ پسند نہ ڪندي آھي. قاعدن ۽ قانونن جي اِھا انڌي پابندي حقيقت کي ڳولي لھڻ جو يقيني وسيلو آھي. تنھنڪري انھن جي پابندي درست ۽ ضروري آھي.

پر ساڳئي وقت هيءَ ڳالهه به ضروري آهي ته انهيءَ سبب ڪن معاملن ۾ وڏيون وڏيون غلطيون به ٿي پونديون آهن. باقي رهيا آهي شڪ ۽ شبها جيڪي بووي جي خلاف ظاهر ڪيا ويا آهن، انهن کي اسين سولائيءَ سان رد ڪري سگهون ٿا. تون ته هن شخص جي اصل فطرت کي هيئنر سمجهي ويو هوندين. هو ته هڪ خدائي فوجدار مثل آهي، جنهن جي طبيعت ۾ رومان کي وڏيڪ ۽ عقل کي گهٽ دخل آهي. اهڙو شخص جوش ۽ ڪاوڙ جي حالت ۾ هميشه اهڙيون حرڪتون ڪندو آهي جو سونجهڻو ۽ غلط راءِ رکڻ وارو شخص هڪدم هن کي شڪ جي نگاهه سان ڏسندو. تنهنجين يادداشتن مان پتو پوي ٿو ته موسيو بووي پاڻ لتائل جي ايڊيٽر سان وڃي مليو آهي ۽ سندس انهيءَ راءِ تي ته 'اوهان جي نظريي ۽ دليلن جي هوندي به اهو لاش ميريءَ جو آهي'، ايڊيٽر ڪاوڙجي پيو. انهيءَ سبب ڪري ئي هن اخبار ۾ لکيو ته، "بووي انهيءَ لاش کي ميريءَ جو لاش چوڻ لاءِ ضد ڪري ٿو، پر انهن ڳالهين کان سواءِ جن تي اسين پنهنجي راءِ ظاهر ڪري آيا آهيون، هو ڪوبه اهڙو ثبوت ڏيئي نه سگهيو جنهن جا پيا به قائل ٿي سگهن. اها بي ڳالهه آهي ته هن جيڪي به ثبوت ڏنا آهن، انهن جي ڪابه اهميت ڪانهي. آءٌ اهو ٿي چوندس ته اهڙي قسم جي معاملن ۾ گهڻو ڪري

اٿين ٿي ڏيندو آهي ته ڪو به شخص ڪنهن حقيقت کي ڄاڻندي ۽ ان تي يقين ڪندي به اهڙو ڪو سبب پيش ڪري نه سگهندو، جنهن جي ڪري پين ماڻهن کي پنهنجو همخيال ڪري سگهي. ماڻهن کي ڄاڻ ۽ سمجهه جون علامتون ڏاڍيون منجهيل هونديون آهن. مثال طور، هر ڪو شخص پنهنجي پاڙيسريءَ کي شڪل صورت مان سڃاڻندو آهي، پر اهڙو ڪو شخص ورلي ملندو، جيڪو انهيءَ سڃاڻپ جو سبب يا علامتون ٻڌائي سگهي. جيڪڏهن موسيو بووي پنهنجي راءِ جي حق ۾ ڪو زوردار دليل پيش نه ڪري سگهيو ته انهيءَ تي لتائل جي ايڊيٽر کي اهڙيءَ طرح ناراض ٿيڻ نه کپندو هو.

بووي جي شڪي حالتن تي ايڊيٽر جي انهيءَ راءِ بدران ته هو انهيءَ معاملي ۾ شايد ٿي ڏوهاري هجي، منهنجي هيءَ راءِ وڌيڪ ٺهڪي اچي ٿي ته هو رومانوي طبيعت رکندڙ خدائي فوجدار آهي. جيڪڏهن هڪ دفعو انهيءَ ڳالهه کي قبول ڪيو وڃي، ته چاٻيءَ جي سوراخ ۾ گلاب جي گل هئڻ، تختيءَ تي ميريءَ جي نالي لکڻ، مرد مائٽن کي لاشي ڪان پري رکڻ ۽ لاش نه ڏيکارڻ ۽ مادام ب — کي اها هدايت ڪرڻ ته منهنجي واپس اچڻ تائين پوليس وارن سان ڪا ڳالهه نه ڪجانءِ وغيره، سڀئي ڳالهيون صاف ٿي اڳيان اچن ٿيون. پيو ته هن شخص جي ڏاڍ مڙسي انهيءَ

مان ٿي ظاهر آهي، جڏهن هن ڪلمڪلا چيو ته مون
کان سواءِ ٻيو ڪوبہ شخص هن معاملي ۾ حصو نہ وٺي.
مون کي يقين نٿي ٿو ته بووي به ميريءَ جي اميدوارن
مان هڪ هو ۽ هوءَ به هن مان ناز ڪندي هئي.
بووي تہ اهو بہ ظاهر ڪرڻ جو خواهشمند ڏسجي ٿو
تہ ڇوڪري ماڻس چڱي طرح نڀيل هئي ۽ مٿس پورو
پورو اعتبار بہ ڪندي هئي. انهيءَ باري ۾ آءٌ وڌيڪ
ڪجهہ بہ چوڻ مناسب نٿو سمجهان. چاڪاڻ تہ شاهدين
مان لتائل اخبار جو اهو بيان چڱيءَ طرح رد ٿي ويو
آهي تہ ڇوڪريءَ جي ماءُ ۽ ٻين ماڻهن بيپرواهي ڪئي،
جيتوڻيڪ هنن کي چڱيءَ طرح ڄاڻ هئي تہ لاش ميريءَ
جو ئي آهي. يعني آخري طرح اهو فيصلو ٿي چڪو تہ
لاش ميريءَ جو ئي آهي. هاڻي اسان کي اڳتي هلڻ گهرجي.

”يلا انهن راين بابت تنهنجو ڇا خيال آهي، جيڪي
’لي ڪمرشل‘ ظاهر ڪيا آهن؟“ مون پڇيو.

”هن معاملي ۾ جيترا بہ رايا ۽ نظريا ظاهر ڪيا
ويا آهن، انهن سڀني کان وڌيڪ لحاظ قابل اهي ئي
آهن. مقدمي مان جيڪي نتيجا ڪڍيا ويا آهن، اهي
منطقي ۽ موقعي مطابق آهن، پر انهيءَ ۾ ٻن هنڌن
تي ڪمزور شاهدين کي بہ آندو ويو آهي. لي ڪمرشل
اهو چوڻ گهري ٿي تہ ميري پنهنجي ماءُ جي گهر
کان اڃا ٿورو پري بہ نہ ويئي هئي تہ بدمعاشن مٿس
حملو ڪري ڏنو. انهيءَ اخبار جو چوڻ آهي تہ اهو

ٺاهڪن آهي ته اهڙي ڪنواري ڇوڪري جنهن کي ڪيترائي ماڻهو چاهيندا هجن، رستي تان ايترو پنڌ ڪري ۽ ڪيس ڪوبه ڏسي نه سگهي. حقيقت ۾ اهو خيال هڪ اهڙي شخص جو آهي، جيڪو پئرس ۾ رهي ٿو. هن کي خبر آهي ته پنهنجي آفيس مان نڪرڻ کان پوءِ ٿورو ئي پنڌ ڪرڻ تي ڪو نه ڪو ڄاڻ سڃاڻ وارو ملي ويندو آهي. تنهنڪري پنهنجي انهيءَ واقفيت ۽ شناسائيءَ کي ذهن ۾ رکي، هن انهيءَ عطر فروش ڇوڪريءَ مان پنهنجيءَ شهرت جو مقابلو ڪيو آهي. هو ڀاڻ ۽ انهيءَ ڇوڪريءَ ۾ ڪوبه فرق محسوس نٿو ڪري ۽ هڪدم هن نتيجي تي پهچي ٿو ته گهر مان ٻاهر نڪرڻ سان ئي مون وانگر انهيءَ ڇوڪريءَ کي ماڻهو سڃاڻي وٺندا. اها حالت فقط انهيءَ صورت ۾ درست ٿي سگهي ٿي، جڏهن ڇوڪري به اهڙي قسم جي خاص ۽ ننڍي علائقي مان هر روز لنگهندي هجي ها. ايڊيٽر سان ته ڪيترائي ماڻهو ملندا هئا، جنهن ڪري هن جي سيني سان ڄاڻ سڃاڻ هئي. پر ميريءَ کي ته ٻري ٻري وڃڻو پوندو هو. ٿي سگهي ٿو ته هوءَ جنهن رستي تان روز لنگهندي هئي، انهيءَ جي بدران ڪنهن ٻئي رستي تان لنگهي هجي. اي ڪمرشل جي ايڊيٽر جي ذهن ۾ جيڪو مثال آهي، اهو انهيءَ حالت ۾ يقين قابل ٿي سگهيو ٿي، جڏهن ٻئي شخص سڄي شهر ۾ گهمندا ڦرندا هجن. مطلب ته منهنجي راءِ هيءَ آهي ته انهيءَ

ڏينهن ميري انهن ڪيترن ئي رستن مان جيڪي هن جي گهر ۽ چاچيس جي گهر جي وچان اچن ٿا، ڪنهن اهڙي رستي تان ۽ اهڙي وقت لنگهي ھوندي جو ڪيس رستي ۾ ڪو به اهڙو ماڻهو نه مليو هوندو، جنهن کي هوءَ سڃاڻندي هجي. هن معاملي کي صحيح روشنيءَ ۾ ڏسڻ لاءِ هيءَ ڳالهه به ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته پئرس جي هيڏي ساري آباديءَ جي ڀيٽ ۾ ڪنهن تمام مشهور ماڻهوءَ جي ذاتي دوستن جو تعداد ڪيترو نه گهٽ هوندو.

لي ڪمرشل جو ڪڍيل نتيجو هڪ ٻئي سبب ڪري به شڪي ٿو لڳي. انهيءَ اخبار جو چوڻ آهي ته ڇوڪريءَ جي گهران نڪرڻ وقت رستن تي ماڻهن جا گوڙ هئا. جيتوڻيڪ اهو سراسر سچ ڪونهي. ميري صبح جو نائين بجي گهران نڪتي هئي. آچر جي ڏينهن کان سواءِ باقي ڏينهن تي صبح جو نائين بجي بازار ۾ ماڻهن جو گوڙ تي سگهي ٿو، پر آچر جي ڏينهن انهي وقت ته ماڻهو پنهنجن پنهنجن گهرن ۾ ديول وڃڻ لاءِ تياريون ڪندا آهن، اهو ته هر ڪنهن ڏٺو هوندو ته آچر جي ڏينهن صبح جو اٺين بجي کان ڏهين بجي تائين گهٽين ۽ بازارن ۾ ڪو ڪو ماڻهو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. البت ڏهين ۽ يارهين بجي جي وچ ۾ سو گوڙ گهمسان چڱو هوندو آهي، پر نائين بجي ته گهٽيون ۽ رستا خالي هوندا آهن.

انهيءَ کان سواءِ هڪ ٻيءَ جاءِ تي به ٽي ڪمرشل جو مشاهدو ڪمزور ڏسڻ ۾ اچي ٿو. انهيءَ اخبار لکيو آهي ته بدنصيب ڇوڪريءَ جي ڇولي مان ڇه فوٽ ڊگهي ۽ هڪ فوٽ ويڪري پٽي ڦاڙي ڪاڏيءَ جي هيٺان ۽ ڪڇيءَ جي چوڌاري ٻڌي ويئي هئي ته جيئن هوءَ رڙيون نه ڪري سگهي. اهو اهڙن ماڻهن جو ڪم آهي جن وٽ شايد ڪيسي وارا رومال نه هئا. اخبار جو اهو خيال ڪيتريقدر درست آهي، اهو ته پوءِ ڏسندا سون، پر اهڙن ماڻهن مان ”جن وٽ ڪيسي وارا رومال نه هئا“، ايڊيٽر جو مطلب هيٺين طبقي جي بدمعاشن مان آهي. جيتوڻيڪ اهڙي قسم جي ماڻهن جي تن تي قميص هجي يا نه هجي، پر وٽن رومال ضرور هوندو آهي. اوهان هن سال جي حادثن مان اهو ته ضرور ڏٺو هوندو ته بدمعاشن وٽ رومال ضرور رهندا آهن.

هاڻي اچو ٻيءَ ڳالهه تي. اوهان پاڻ ڏٺو ته لاش ڇڪامڻ ۾ ڪيتري نه دير ڪئي ويئي هئي. سڃاڻپ ته هڪدم ٿي ويئي هئي يا ٿي وڃڻ کپندي هئي، پر ساڳئي وقت ٻيون ڳالهيون به معلوم ڪرڻ کپنديون هيون. مثال طور مقتوله کي لٽيو ڦريو به ويو هو يا نه؟ يا گهران نڪرڻ وقت هن ڪي ڪو زيور وغيره پيل هو؟ جيڪڏهن هائو ته ڇا لاش مان ڪڍ اهي شيون به مليون؟ اهي اهڙا ته اهم ۽ خاص سوال آهن

جن بابت شاهدن جي بيان ۾ ڪجهه به چاڻايل ڪونهي.
پيون به انهن وانگر ڪيتريون ئي اهم ۽ ضروري ڳالهيون
آهن، جن ڏانهن ڪنهن به ڌيان نه ڏنو.

مون پنهنجي ذهن ۾ جيڪا تجويز سوچي آهي، تنهن ۾ اسين في الحال دڪدائڪ حادثي جي اندروني نڪتن کي ڇڏي ڏينداسون. اسين پنهنجو سمورو ڌيان ٻاهرين ۽ ظاهري ڳالهين تائين محدود رکنداسون. اهڙي قسم جي جانچ ۾ عام طرح جيڪا غلطي ڪئي وڃي ٿي، اها هيءَ ته جانچ جو سارو دارومدار سڌيءَ سنئون واسطو رکندڙ ڳالهين تي هوندو آهي ۽ پري ۽ غير متعلق ڳالهين کي بنهه نظرانداز ڪيو ويندو آهي. اها بدعت عدالتن جي آهي جو واسطيدار ڳالهين بابت ئي شاهدي ورتي وڃي ٿي ۽ بحث ڪيو وڃي ٿو. پر تجربو ٻڌائي ٿو ته جيڪڏهن انسان غور ۽ ڌيان کان ڪم وٺي ته هن نتيجي تي پهچندو ته سچائيءَ جا اڪثر انهن ڳالهين ۾ ملندا، جيڪي ظاهريءَ طرح غير متعلق هونديون آهن. نئين سائنس ته اڻ ڏٺل حقيقتن جي عمل کي به مڃڻ شروع ڪيو آهي. شايد تو منهنجو مطلب نه سمجهيو. انساني علم جي تاريخ مان پتو پوي ٿو ته اڪثر ۽ اهم کوجنائون غير متعلق يا اتفاقي يا حادثاتي ڳالهين جي ڪري ئي وجود ۾ آيون ۽ اسان لاءِ اهو ضروري ٿي پيو آهي ته اسين انهن اتفاقي وجود ۾ آيل کوجنائن کي جيڪي اميد جي دائري کان ٻاهر آهن ۽ نه صرف اهميت ڏيون، پر

سيئني کان مٿي به رکون. هاڻي ته اهو اصول بلڪل غلط ثابت ٿي ويو آهي ته ماضيءَ تي مستقبل جو قياس ڪيو وڃي. حادثو ته هاڻي هڪ بنيادي عمل ٿي پيو آهي ۽ اتفاق به هاڻي اندازي جي حدن ۾ اچي ويو آهي. اسين آڻ-ڏٺل ۽ آڻ-سوچيل ڳالهين کي رياضيءَ جي فارمولي وانگر حقيقت مڃون ٿا.

اڄ وري به چوان ٿو ته اها حقيقت آهي ته سچائيءَ جا اهڃاڻ فقط غير متعلق ڳالهين ۾ ئي ملي سگهندا. انهيءَ اصول مطابق اڄ پنهنجيءَ جانچ جو دارومدار اصل واقعي جي بدران جنهن جو ايتريءَ ساري جانچ کان پوءِ به ڪو نتيجو حاصل نه ٿيو آهي، انهن حالتن تي رکندس جن جي اثر هيٺ اهو حادثو ٿيو. تون ٿورو انهن قسمنامن جي ڪوڙ سچ جي جانچ ڪر ته اڄ هن اخبارن کي ڏسي وٺان. في الحال ته امان رڳو شروعاتي جانچ ڪئي آهي. پر مون کي پڪ آهي ته جيڪڏهن اڄ ڇپيل مواد جو پنهنجي طريقي تي تفصيل سان جائزو وٺان ته امان کي ڪي اهڙا نُڪتا ملي ويندا، جيڪي خودبخود امان جي جانچ لاءِ رستو ڏاهيندا ويندا."

ڊوپن جي تجويز مطابق مون قسمنامن جي جانچ شروع ڪئي. انهيءَ مان انهن جي سچائي ۽ سينٽ امتاش جي بيگناهي ثابت ٿي ويئي. هوڏانهن منهنجو دوست اخبارن جي فائيلن ۾ غرق ٿي ويو. سچ پڇو ته مون کي هن جي اها ڪوشش بلڪل اجائي پئي

لڳي. پر هفتي کن کان پوءِ هن اخبارن جا هيٺ ڏنل حصا آڏي منهنجي اڳيان رکيا:

”ساڍا ٽي سال اڳ به جڏهن اها ڇوڪري ميري روزي، عطر فروش موسيو ليبلانڪ جي دڪان تان گم ٿي ويئي هئي، تڏهن به اهڙي قسم جو ڊرامو مچي ويو هو. پر سڄو هفتو گم رهڻ کان پوءِ هوءَ وري انهيءَ دڪان تي بيٺل نظر آئي. سواءِ انهيءَ جي ته منهن ڇهرو ٿورو هيٺڀرو ڏسڻ ۾ پئي آيو، منجهس ٻيو ڪوبه فرق نه هو. ڇوڪريءَ جي ماءُ ۽ موسيوليبلانڪ اهو عذر ڏنو هو ته هوءَ ٻهراڙيءَ ۾ پنهنجي ڪنهن مائٽ جي گهر ويئي هئي. اهڙيءَ طرح جلد ئي معاملي کي رفعي دفعي ڪيو ويو هو. اسان جو خيال هيءُ آهي ته موجوده غيرحاضري به اهڙيءَ ئي قسم جي هوندي ۽ هفتي يا مهيني کان پوءِ ميري واپس موٽي ايندي.“

(شام جي اخبار، مورخ ٢٣- جون)

”ڪالهه شام جو نڪرندڙ هڪ اخبار ۾ ميڊموازل روزيءَ جي ٻهريون پيرو گم ٿي وڃڻ جي واقعي جو ذڪر ڇپيو آهي. سڀني کي خبر آهي ته ليبلانڪ جي عطر جي دڪان تان غيرحاضريءَ واري عرصي ۾ هوءَ هڪ نوجوان بحري عملدار وٽ رهي آهي، جيڪو پنهنجي بدمعاشيءَ سبب

گهڻو بدنام آهي. پر پوءِ هنن جو پاڻ ۾ تڪرار ٿي پيو، جنهنڪري هوءَ واپس گهر موٽي آئي. اسان کي انهيءَ شخص جي نالي جي ڄاڻ آهي ۽ هو في الحال پئرس ۾ ئي رهيل آهي. اسان اهو نالو ڇاپي نٿا سگهون، جنهن لاءِ ظاهري طرح ڪيترا ئي سبب آهن —“

(لي مرڪيور، مورخ ٢٣- جون)

”ٿيون ڏينهن هن شهر جي پسگردائيءَ ۾ هڪ نهايت هيبتناڪ قسم جو حادثو ٿيو هو. ٿيو هيئن ته هڪ صاحب پنهنجيءَ زال ۽ ڌيءَ سان گڏ سج لهڻ وقت ’سين درياءَ‘ جي ڪناري تي پهتو، جتي ڇهه نوجوان هڪ ٻيڙيءَ جي ويجهو پئي ڦريا. انهيءَ شخص ٻهرين ٻيڙيءَ واري سان درياءَ پار پهچائڻ لاءِ ڀاڙو ٻوليو. درياءَ-پار پهچي اهو صاحب پنهنجي زال ۽ ڌيءَ سميت ٻيڙيءَ مان لٿو ۽ هليو ويو. اهي ايترو پري هليا ويا هئا جو اتان ٻيڙي ڏسڻ ۾ نٿي اچي سگهي. اتي پهچي ڇوڪريءَ کي ياد پيو ته سندس ڇٽي ٻيڙيءَ ۾ ئي رهجي ويئي آهي، تنهنڪري هوءَ اها کڻڻ لاءِ واپس ويئي، جتي انهن نوجوانن هن کي جهلي ورتو ۽ ٻيڙيءَ ۾ ويهاري وچ درياءَ ۾ وٺي ويس. هنن هن جو وات ٻڌي ڇڏيو ۽ هن سان جانورن جهڙو سلوڪ ڪيو. پوءِ هنن ڪيس ڪناري تي انهيءَ هنڌ کان

ٽورو پري چڱي ڏنو، جتان هو ٻنهي ماڻهن سان گڏ پيڙيءَ ۾ چڙهي هئي. اهي بدمعاش اڃا تائين گم آهن، پر پوليس هنن جي پٺيان آهي ۽ جلد ئي انهن مان ڪنهن نه ڪنهن کي ضرور گرفتار ڪندي.“

(صبح جي اخبار، مورخ ٢٥- جون)

”اسان کي ٻه اهڙا خط مليا آهن، جن ۾ تازو ٿيل ڏوهه جو ذميدار منائي کي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. پر جيئن ته قانوني جانچ ۾ منائي صاحب کي بلڪل چڱي ڏنو ويو آهي، ۽ اسان جن ڪيترن ئي خاطين جا دليل معاملي کي سمجهڻ بدران جوش ۽ جذبي تي ٻڌل ڏسجن ٿا، تنهنڪري اسين انهن خطن کي ڇاپڻ مناسب نٿا سمجهون.“

(صبح جي اخبار، مورخ ٢٨- جون)

”اسان کي جدا جدا ماڻهن وٽان هن قسم جي مضمون جا زورائتا خط پهتل آهن، ته بدنصيب ميري پڪ سان بدمعاشن جي ڪنهن ٽولي جي ڌاڙائيءَ جو شڪار ٿي ويئي آهي، جيڪو آچر ڏينهن شام جو شهر جي پسگردائيءَ ۾ رلندو وتندو آهي. اسان جي پنهنجي خيال مطابق به حقيقت اها ئي آهي. اسين انهن مان ڪي دليل سڀاڻي جي اخبار ۾ ڇاپينداسون.“

(شام جي اخبار، مورخ ٣١- جون)

"سومر ڏينهن هڪ ميربحر، جيڪو ڊيل- ڪاٽيج ۾ ملازم آهي، 'سين درياءَ' ۾ خالي ٻيڙي ويندي ڏٺي، جنهن جا سڙهه لڙل هئا. ميربحر انهيءَ ٻيڙيءَ کي ڇڪي بندرگاهه تي وٺي آيو. ٻئي ڏينهن صبح جو ڪو ماڻهو آفيس مان آيو ۽ ٻيڙي کولي وٺي ويو ۽ ڪنهن کي به خبر نه پيئي. البت انهيءَ ٻيڙيءَ جا وَنجهه ڪاٽيج جي آفيس ۾ ئي پيا آهن."
(لي ڊليجنس، ٢٦- جون)

مون اخبارن جي مٿين حصن کي پڙهيو. اهي مون کي نه رڳو غير متعلق پئي لڳا، پر مون کي اهو به سمجهه ۾ نه آيو ته زير غور حادثي ۾ اهي ڪهڙيءَ ۽ ڪيئن مدد ڪري سگهن ٿا. مون وضاحت ڪندي ڊوپن کي چيو:

"منهنجو ارادو في الحال پهرئين ۽ ٻئي حصي تي ڌيان ڏيڻ جو ڪونهي. مون انهن کي نقل ڪري ڇڏيو آهي، جيئن توکي خبر پوي ته اسان جي پوليس ڪيتري نه غافل ۽ ڪوتاهه نظر آهي جو ذڪر ڪيل بحري عملدار بابت ڪنهن به قسم جي جانچ ڪرڻ جي ضرورت محسوس نه ڪئي ويئي آهي. ائين چوڻ بلڪل بيوقوفي آهي ته ميريءَ جي پهرين ۽ ٻئي پيري گم ٿي وڃڻ جي واقعن ۾ ڪوبه تعلق فرض ڪري نٿو سگهجي. اسان کي اهو قبول ڪرڻ گهرجي ته پهرئين واقعي کان پوءِ عاشق ۽ سندس محبوبه جي

وچ ۾ نفاق ٿي پيو هو ۽ محبوبہ يعني آها ڇوڪري واپس اچي ويٺي هئي. هاڻي هينئر پئي پيري ڪم ڏيڻ جي واقعي (شرط هيءَ تہ اسان کي معلوم ٿئي تہ هن پيري بہ ڪم ٿي وڃڻ جو ٿي واقعو آهي) کي ڪنهن ٻئي شخص جي ڪارروائي سمجهڻ بدران اٿين سمجهڻ گهرجي تہ ٻهرئين عاشق پنهنجي تعلقات کي ٽاهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهو ٻهرينءَ محبت جو نئون رُخ آهي. انهيءَ ڪري عشق جو نئون واقعو نہ سمجهڻ گهرجي. انهيءَ ڳالهہ جو امڪان تہ انهيءَ ماڳئي شخص، جنهڪو ميريءَ کي ٻهران بہ پچائي ويو هو، هينئر بہ ميريءَ کي پنجي هلڻ لاءِ آيارپو هجي، انهيءَ امڪان کان ڏهوڻون وڌيڪ آهي تہ هن کي ڪو پيو ماڻهو پچائي ويو آهي. هتي آءٌ توکي ادا ڳالهہ بہ ياد ڏيارڻ گهران ٿو تہ ٻهرين معلوم ٿيل واقعي ۽ ٻئي فرض ڪيل واقعي جي وچ ۾ جيڪو عرصو آهي، اهو اسانجن فوجين جي ساموندي سفر جي عام عرصي کان رڳو ڪجهہ ٿي مهينا وڌيڪ آهي. شايد عاشق جو منصوبو انهيءَ ڪري وچ ۾ ٿي رهجي ويو هو جو کيس ساموندي سفر تي روانو ٿيڻو هو ۽ هن پنهنجن انهن سفلي ارادن کي پورو ڪرڻ لاءِ واپس اچڻ تي ٻهرئين موقعي مان فائدي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي؛ انهن ڳالهين جي اسان کي ڪابہ خبر ڪانهي.

تون چئي سگهين ٿو تہ ٻئي پيري عاشق جو محبوبہ کي پچائي وڃڻ وارو فرضي واقعو غلط آهي. اهو

قبول به ڪجي، پر ڇا اسين چئي سگهون ٿا ته انهيءَ ۾ عشق جي ناڪاميءَ کي ڪو به دخل ڪونهي؟ سينٽ اسٽاش (۽ شايد بووي) کان سواءِ ٻيو ڪو به ظاهر ظهور عزت وارو ماڻهو ميريءَ سان شادي ڪرڻ لاءِ اميدوار نظر نٿو اچي، اسان ته ڪنهن به ٻئي شخص لاءِ انهيءَ باري ۾ هڪ لفظ به نه پڙهيو آهي. پوءِ اهو لڪل عاشق ڪير آهي، جنهن بابت ڇوڪريءَ جا مائٽ سيپٽي نه ته به ڪيترائي ڪجهه به نٿا ڄاڻن، پر جنهن سان ڇوڪري آچر ڏينهن صبح جو ملندي آهي ۽ جنهن تي ڇوڪريءَ کي ايڏو ڀروسو آهي جو هوءَ بيريردورون جي ڪنڊ ۾ شام تائين ڄمپ ڇاپ هن سان گڏ رهڻ ۾ ڪو به هرج نٿي سمجهي؟ اهو لڪل عاشق ڪير آهي؟ اها ڳالهه ڪيترن ئي مائٽن کي به معلوم ڪانهي. وري جنهن وقت ميري وئي پئي، ته مادام روزيءَ جي واتان نڪتل هي لفظ ته ”شايد هاڻي ميريءَ جو منهن ڏسڻ مون کي نصيب نه ٿئي“ — ڪهڙو مطلب رکن ٿا؟

پر جيڪڏهن اسين اهو فرض نٿا ڪري سگهون ته ڇوڪريءَ جي ڀڄي وڃڻ جي ارادي جي مادام روزيءَ کي اڳ ۾ ئي خبر هئي ته ڇا اسين اهو به فرض نٿا ڪري سگهون ته ڇوڪريءَ جو اهڙوئي ارادو هو؟ گهر مان وڃڻ وقت هن پڌرايو هو ته آءٌ دروميءَ گهٽيءَ ۾ پنهنجي چاچيءَ وٽ وڃان ٿي ۽ هن سينٽ اسٽاش کي درخواست ڪئي هئي ته شام جو مون

ڪي ونڻ اچجانءِ. ٻهرين ته اها ڳالهه منهنجي فرض ڪيل خيال کي رد ڪندي معلوم ٿيندي. پر ٿوريءَ ئي ڏيءَ دل سان سوچڻ گهرجي. اسين هيءَ ڳالهه چاڻون ٿا ته هوءَ ڪنهن ساڙهوءَ سان ملي ۽ ساڻس گڏ درياءَ پار وئي ۽ بيريروي ٻول جي جاءِ تي ٽنپهرن جو ٽين بجي پهتي. پر انهيءَ ذڪر ڪيل شخص سان گڏجي وڃڻ جي هامي ڀرڻ وقت (ڪٿي اها ڪهڙي مقصد لاءِ به هجي ۽ اهو مقصد هن جي ماءُ کي معلوم هو يا نه) هن ضرور سوچيو هوندو ته آءٌ گهران نڪرڻ وقت چيا پڏائي آئي آهيان ۽ شام جو جڏهن مقرر وقت تي منهنجو مڱيندو، سينٽ استاش، سون کي ونڻ ايندو ته هن کي خبر پوندي ته آءٌ هت آئي به ڪين هيس ۽ جڏهن اها پريشان ڪندڙ خبر ڪٿي هو گهر موٽندو، تڏهن پتو پوندس ته آءٌ گهر سان به اڃا تائين گم آهيان. انهيءَ تي هن جي حيرانيءَ جي ڇا حالت ٿيندي ۽ سندس دل ۾ ڪهڙا شڪ شبها پيدا ٿيندا؟ ميريءَ اهي ڳالهيون ضرور سوچيون هونديون. هن پڪ سان سينٽ استاش جي حيرانيءَ ۽ ڪاوڙ ۽ ٻين ماڻهن جي دلين ۾ شڪ پيدا ٿيڻ جي امڪانن کي پنهنجي اڳيان رکيو هوندو. پر جيڪڏهن اسين هيءُ فرض ڪريون ته هوءَ واپس نه اچڻ جي ئي ارادي سان ويئي هئي ته پوءِ ماڻهن جي شڪن شبهن ۽ ڳالهين جي پرواهه ڪرڻ جو ڪو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.

هاڻي ٿورو ويچار ڪريو تہ هن ڪهڙي بنياد تي سوچڻ شروع ڪيو هوندو — 'سون کي پيڇي وڃڻ لاءِ يا ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ جنهن جي فقط سون کي ئي ڄاڻ آهي، هڪ خاص شخص سان ملڻو آهي. انهيءَ لاءِ ضروري آهي تہ پيٽ ۾ ڪتبر نہ پوي، يعني اسان کي ايترو وقت ملڻ گهرجي جو ماڻهو پٺ وٺن تہ اسان کي ڳولي نہ سگهن. انهيءَ لاءِ آءٌ اهو بهانو ڪريان تہ آءٌ دروميءَ گهٽيءَ ۾ پنهنجي چاچيءَ وٽ وڃان ٿي ۽ سڄو ڏينهن اتي رهنديس. آءٌ سينٽ اسٽاش کي چوانديس تہ شام کان پهرين سون کي وٺڻ نہ اچي. ڪنهن بہ قسم جي شڪ شبهي پيدا ڪرڻ کان سواءِ گهر مان گهٽيءَ ۾ گهڻو وقت غيرحاضر رهڻ لاءِ اهو ئي بهانو ٿي سگهي ٿو. ٻيءَ صورت ۾ سون کي ڪڏهن بہ ايتري مهلت ۽ فرصت ملي نہ سگهندي. جيڪڏهن آءٌ سينٽ اسٽاش کي اهو چوان تہ سون کي سج لٿي کان پوءِ اچي وٺي وڃجانءِ تہ هو انهيءَ کان پهرين نہ ايندو. پر جيڪڏهن آءٌ هن کي ڪجهہ بہ نہ چوان تہ پوءِ سيپٽي سوچيندا تہ آءٌ جلدئي گهر واپس موٽي اينديس، ۽ منهنجي غيرحاضر رهڻ ڪري هنن کي ڳڻتي ۽ فڪر وڪوڙي ويندو ۽ اهڙيءَ صورت ۾ منهنجي بچي نڪرڻ جو موقعو هٿان نڪري ويندو. ٻي ڳالهہ هيءَ تہ جيڪڏهن منهنجي واپس موٽي اچڻ جو ارادو هجي ۽ سون کي ذڪر ڪيل شخص

سان رڳو گهٽو ڦرٽو هجي ته آءٌ سينٽ اسٽاش کي ڪڏهن به نه چوندس ته مون کي اچي وٺي وڃي. چاڪاڻ ته جيڪڏهن هو مون کي وٺڻ لاءِ ايندو ته سموري ڳالهه کلي پوندي. انهيءَ کي راز ۾ رکڻ جو فقط هڪڙو طريقو هيءُ آهي ته آءٌ اطلاع ڪرڻ کان سواءِ ٿي گهر مان وڃان ۽ شام جو گهر اچي بهانو ڪريان ته آءٌ چاچيءَ سان ملڻ لاءِ دروسي گهٽيءَ تائين ويئي هيس پر جيڪڏهن ته منهنجو ارادو هيءُ آهي ته هاڻي آءٌ وري واپس نه ايندس — يا گهٽ ۾ گهٽ ٿورن هفتن تائين يا انهيءَ وقت تائين نه ايندس، جيستائين لڪائڻ جون سڀ شيون لڪائي نه ڇڏيان — تنهنڪري في الحال مون کي هيءُ سوچڻ گهرجي ته گهٽي ۾ گهٽي مهلت ڪهڙيءَ طرح ملي سگهي ٿي."

"تو پنهنجين يادداشتن ۾ لکيو آهي ته هن معاملي ۾ ماڻهن جي عام راءِ هيءَ آهي ۽ شروع کان ٿي هيءَ رهي آهي ته ڇوڪري بدمعاشن جي ڪنهن ٽولي جي هٿ چڙهي ويئي. ڪن حالتن ۾ عوام جي راءِ کي نظرانداز نه ڪرڻ گهرجي، پر شرط هيءُ آهي ته اهڙي راءِ پاڻمرادو پيدا ٿئي. انهيءَ وقت خلق جي زبان کي غيبي آواز سمجهيو ويندو. آءٌ انهيءَ راءِ جي فيصلي جي پابندي ڪندس. پر شرط هيءُ آهي ته راءِ ماڻهن جي پنهنجي هجي، جنهن کي پرکڻ ڏاڍو مشڪل آهي. اٿين ٿو لڳي ته هن معاملي ۾ بدمعاشن جي ٽولي جي

ڏوهہ ڪرڻ جو خيال اهڙي قسم جي پٺي واقعي مان پيدا ٿيو آهي، جيڪو اخبار جي ٽئين حصي جو موضوع آهي. ميريءَ جي لاش ملڻ سبب جيڪا جوان آهي، خوبصورت آهي ۽ بدنام آهي، ساري پئرس شهر ۾ هڪڙو ڏرٽلو مچي ويو آهي. اهو لاشو درياءَ ۾ ترندو مليو آهي ۽ انهيءَ تي اهڙا نشان موجود آهن، جن مان چئي سگهجي ٿو تہ هن سان ڏاڍائي ۽ زبردستي ڪئي ويئي آهي. هاڻي ڳالهہ کلي ٿي تہ عين انهيءَ وقت يا انهيءَ کان ٿورو اڳ جڏهن ميريءَ کي قتل ڪيو ويو، اهڙي ئي قسم جي پر ڏوري گهٽ دست درازي نوجوان بدمعاشن جي هڪ ٽولي هڪ ٻيءَ نوجوان ڇوڪريءَ سان بہ ڪئي. جيڪڏهن اهڙي قسم جو هڪ معلوم حادثو اهڙي ئي قسم جي پٺي نامعلوم حادثي جي سلسلي ۾ ماڻهن جي راءِ تي اثر وجهي تہ انهيءَ ۾ عجب ڪائڻ نہ گهرجي. عام راءِ کي رهنمائيءَ جي ضرورت هئي ۽ پٺي واقعي انهيءَ لاءِ اڳ ۾ ئي ميدان ڏاهي ڇڏيو. جنهن درياءَ ۾ ميريءَ جو لاش ترندو نظر آيو، انهيءَ ۾ ئي ٻيءَ ڇوڪريءَ سان بہ اهڙي ئي قسم جو حادثو ٿيو هو. انهن ٻنهي واقعن ۾ اهڙي تہ هڪجهڙائي آهي، جو جيڪڏهن ماڻهو هڪ جو پٺي تي قياس نہ ڪن ها تہ تعجب ٿئي ها پر حقيقت هيءَ آهي تہ جيڪڏهن انهن حالتن هيٺ هڪ حادثي جو ٿي پوڻ ثابت ٿيو آهي، تہ انهيءَ جو مطلب هيءُ آهي تہ انهيءَ وقت جي ويجهو جيڪو

پيو حادثو ٿيو آهي، آهو ڪنهن پٺي طريقي تي ٿيو هوندو. اهڙو اتفاق ته معجزو ئي ٿي سگهي ٿو ته هڪ علائقي ۾ بدمعاشن جو هڪ ٽولو هڪ ڇوڪريءَ کي پنهنجي ظلم جو نشانو بنائي ٿو ته پيو اهڙي ئي قسم جو ٽولو انهيءَ شهر جي اهڙي ئي علائقي ۾، اهڙين ئي حالتن هيٺ، ساڳين وسيلن ۽ هٿيارن سان عين انهيءَ وقت اهڙي قسم جي سنگين ڏوهه جي حرڪت ڪري ٿو. ڇا عام راءِ تي انهن اتفاقي هڪجهڙائين جو اثر نه ٿيو هوندو؟ جي هائو ته پوءِ انهيءَ جي پيروي ڪهڙيءَ طرح ڪئي وئي؟

هاڻي سوال رهي ٿو انهيءَ جاءِ جو جتي قتل جو واقعو ٿيو، يعني بيرير دوروول ۾، وٽن جي هڪ جهنگڻي ۾. اتي جيتوڻيڪ وڻ تمام گهاٽا آهن، پر اها جاءِ عام رستي جي بلڪل ويجهي آهي. اتي ٽي-چار اهڙي قسم جا وڏا پٿر پيل هئا، جن تي ماڻهو ٽيڪ ڏيئي، ٽنگون ڊگهيري آرام سان ويهي سگهي ٿو. انهن مان سڀ کان مٿئين پٿر تي هڪ پيٽيڪوٽ جو اڇو ڪپڙي ٽڪر مليو، ٻئي پٿر تي هڪ ريشمي گلا-بند هٿ آيو. اتي ئي هڪ ڇٽي، دستانا ۽ هڪ رومال به مليو، جنهن تي ميري روزيءَ جو نالو پرت ۾ پيل هو، اوسي پاسي جي وڻن ۾ ڪپڙن جا ٽڪرا به مليا. زمين پيرن سان چڱيءَ طرح لتاڙيل هئي، وٽن جون ٽاريون ٽٽل هيون ۽ پيا به اهڙا ڪيترا ئي

گهٽيان هئا، جن مان خبر پيئي ٿي ته اتي چڱي خاصي ڇڪتاڻ ٿي آهي.

انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته انهيءَ جاءِ جي خبر پوڻ تي اخبارن زور شور سان لکيو ۽ سڀني قبول ڪيو ته اها ئي ڏوهه جي اصل جاءِ آهي. انهيءَ هوندي به هيءَ حقيقت آهي ته انهيءَ ڳالهه تي شڪ ڪرڻ لاءِ ڪي جائز سبب موجود آهن، ڇا قتل جي جاءِ اها ئي آهي؟ آءٌ انهيءَ تي يقين ڪريان يا نه پر شڪ ڪرڻ لاءِ ڪيترائي جائز سبب آهن — جيئن لي ڪمرشل اخبار لکيو آهي. جيڪڏهن حادثو سچ پچ پيوي سينٽ آندري گهٽيءَ جي اوسي پاسي ٿيو آهي ته قاتلن کي (اهو فرض ڪندي ته اهي پئرس ۾ ئي آهن) خوف وڪوڙيو هوندو ته متان عام راءِ جيڪا درست آهي، اسان کي ڳولي نه هٿ ڪري. ڪن ماڻهن جي ذهن ۾ هيءَ خيال هڪدم آيو هوندو ته ماڻهن جو ڌيان ڪنهن ٻئي طرف ڇڪايو وڃي. تنهنڪري هنن ويچاريو ته مقتول جا ڪپڙا بيريردورول جي انهيءَ جهنگلي ۾ رکيا وڃن، جنهن تي ماڻهو پهرين کان ئي قتل جي جاءِ هجڻ جو شڪ ڪن ٿا. لي سوليي اخبار جي راءِ آهي ته اهي ڪپڙا انهن جهنگلن ۾ ڪيترن ئي ڏينهن کان پيا هئا، پر انهيءَ راءِ لاءِ ڪوبه واجبي سبب موجود ڪونهي. آثار اهو ٿا ٻڌائين ته انهن ڪپڙن جو ويهين ڏينهن تائين (قتل جي حادثي کان ويهه ڏينهن پوءِ ڪن ڇوڪرن کي اهي ڪپڙا جهنگلن ۾

پيل مليا هئا) انهيءَ هنڌ موجود رهڻ ۽ ماڻهن جي ڏيان ۾ نه اچڻ، ممڪن ڪونهي. ليءِ مولين لکي ٿو ته مينهن پوڻ ڪري انهن تي ڪاٽي جمي ويئي هئي ۽ ڪپڙا سڪي هڪبئي سان چنبڙي ويا هئا. انهن جي ڇوڏاري ۾ انهن مان ڪن تي گاهه ڦٽي آيو هو. جنيءَ جو ريشمي ڪپڙو مضبوط هو، پر انهيءَ جا اندريان ڌاڳا ڀاڻ ۾ ملي ويا هئا. مٿين حصي تي به جيڪو ويڙهيو ويندو آهي، ڪاٽي جمي وئي هئي ۽ ڪپڙو ڳري ويو هو ۽ ڪوئڻ تي انهن جاين تان ڦاٽي ٿي پيو.

انهيءَ مان ثابت ٿيو ته انهن ڪپڙن جي ٽن چئن هفتن کان انهيءَ جهنگ ۾ موجود هجڻ جي ثبوت ۾ جيڪا ڳالهه ايتري زور شور سان پيش ڪئي وئي، آها بلڪل بي معنيٰ آهي. انهيءَ جي ابتڙ هن ڳالهه تي يقين ڪرڻ ڏاڍو اوکو آهي ته اهي شيون ذڪر ڪيل جاءِ تي هڪ هفتي کان وڌيڪ يعني هڪ آچر کان پئي آچر تائين لڪل رهي سگهيون ٿيون. جيڪي ماڻهو پئرس جي پسگردائيءَ سان واقف آهن، آهي چڱيءَ طرح ڄاڻن ٿا ته اتي اڪيلائي ۽ آرام لاءِ ڪنهن جاءِ جو ملڻ ڪيترو نه محال آهي. انهيءَ لاءِ شهر کان ٻاهر تمام ڀري وڃڻ پوندو آهي. اهو ته سوچي به نٿو سگهجي ته پسگردائيءَ جي وڻن ۽ جهنگن جي وچ ۾ اڪيلائيءَ جي ڪا اهڙي جاءِ ٿي سگهي ٿي، جيڪا اچا تائين ڪنهن ڏٺي به نه هجي يا جتي ماڻهو

گهڻو ڪري نه پهچندا هجن. جيڪو شخص هن ظالم شهر پئرس جي گرميءَ ۽ توڙ مان بيزار ٿي فطرت جي هنج ۾ آرام حاصل ڪرڻ جو طالب آهي، اهو آچر ڏينهن سواءِ ٻه پٽي ڪنهن ڏينهن اها ڳالهه آزمائي سگهي ٿو. پئرس جي پسگردائيءَ ۾ قدرت جي رنگين نظارن جي ته ڪابه کوٽ ڪانهي، پر ڪا نويڪلي ڪنڊ ملڻ بلڪل ناممڪن آهي. هر پٽي قدم تي هن جي خوشيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪو نه ڪو غنڊو يا بدمعاش جو ڪو ٽولو گوڙ گهمسان ڪندو ملندو. پوءِ ته چڙيو پر گهاٽن جهنگن جي وچ ۾ به هن کي آرام جي جاءِ ملڻ لاءِ ناڪامي ڏيندي. اهي ئي جايون ته گندن جا اڏا آهن. لاچار ٿي فطرت جو شيدائي وري به پئرس جي نجس ۽ ناپاڪ ماحول ۾ موٽي ايندو، ڇاڪاڻ ته اتي جي فضا پسگردائيءَ جي بيحد نجس ۽ ناپاڪ فضا جي ڀيٽ ۾ هن کي بهتر معلوم ٿيندي. جڏهن هفتي جي عام ڏينهن تي ئي اهڙي حالت آهي ته پوءِ اوهان پاڻ خيال ڪريو ته انهيءَ ڏينهن ته خاص ڪري شهر جا رولاڪ ۽ بدمعاش، جن کي ڏوهن ڪرڻ جا وجهه گهٽ ملن ٿا، انهيءَ پسگردائيءَ جو رُخ ڪندا آهن ۽ ڳوٺاڻن نظارن جي سونهن پسڻ خاطر نه، ڇاڪاڻ ته انهن سان هنن جو ڪهڙو واسطو، پر انهيءَ لاءِ ته اتي هنن کي افراتفري پيدا ڪرڻ جو سٺو وجهه ملندو آهي. هنن کي تازيءَ هوا يا چوڌاري پکڙيل ساوڪ سان ڪابه دل نه هوندي آهي. هوءَ ته انهيءَ

چڙواڳيءَ جي گولا ۾ ويندا آهن، جيڪا پوليس جي نظرن کان پري شهر کان ٻاهر ٿي هنن کي ملي سگهي ٿي. ڪنهن سراءِ يا وڻن جي جهڳٽن جي وچ ۾ اها چنبال چوڪري اچي ديرو ڄمائيندي ۽ شراب جو دؤر شروع ٿيندو. انهيءَ کان پوءِ بدمستيءَ جي عالم ۾ جيڪي به ڪن، اهو ٿورو آهي. آءٌ وري به چوان ٿو ته اها ٻنهي، اڻ ڏٺي ڳالهه آهي ته مقتولن جا ڪپڙا ۽ ٻيون شيون ٻه‍رس جي ٻاهران ڪنهن ڪنڊ ۾ هڪ آچر کان ٻئي آچر جي عرصي کان به وڌيڪ ڏينهن ڪاٿين پيون هجن ۽ انهن تي ڪنهن به ٻئي بشر جي نظر نه پوي."

البت ڪي سبب موجود آهن، جن جي ڪري شڪ پيدا ٿئي ٿو ته اهي شيون ڏسي وائسي ۽ ڄاڻي ٻجهي انهن وڻن جي جهڳٽن ۾ انهيءَ لاءِ لڪايون ويون، جيئن ماڻهن جو ڌيان قتل جي اصلي جاءِ تان هٽي وڃي. سڀ کان پهرين هيءَ ڳالهه ڌيان طلب آهي ته اهي ڪپڙا ڪهڙيءَ تاريخ هٿ آيا آهن. انهيءَ کي اخبار جي پنجين حصي جي تاريخ سان ملائي ڏسبو ته خبر پوندي ته هوڏانهن شام جي اخبار ۾ زوردار خط ڇپيا ۽ هيڏانهن اهي شيون وڻن جي جهڳٽن ۾ پيل نظر آيون. جيتوڻيڪ اهي خط ظاهريءَ طرح جدا جدا آهن ۽ جدا جدا هٿن تان جدا جدا ماڻهن موڪليا آهن، پر سڀني ۾ هن ڳالهين لاءِ تاڪيد ڪيو ويو آهي؛ هڪ هيءُ ته اها بدمعاشن جي ڪنهن

ٽولي جي حرڪت آهي، پيو هيءَ ته قتل جو واقعو پيرير دورول جي اوسي پاسي ڪنهن هنڌ ٿيو آهي. شڪ انهيءَ ڪري پيدا ٿئو ٿئي ته انهن خطن چيچڻ جي ڪري يا ماڻهن جو ڌيان انهيءَ پاسي وڃڻ ڪري چوڪرن کي اهي شيون نظر آيون، پر انهيءَ ڪري ته اهي شيون پهرين چو نه مليون. اصل ڳالهه هيءَ آهي ته انهيءَ کان پهرين اهي شيون اتي موجود ئي ڪين هيون. خطن موڪلڻ وارن ڌوهارين يا ته خدا موڪلڻ واري ڏينهن يا انهيءَ کان هڪ ٻه ڏينهن اڳ اهي شيون انهن جهنگن ۾ آڻي لڪايون.

اها جاءِ ڪيترن ئي سببن ڪري هڪ اهم حيثيت واري جاءِ آهي. هڪ ته هتي عام وڻن جي پيٽ ۾ وڻ ۽ ٻوٽا ڏاڍا گهاٽا ۽ ڳتيل آهن ۽ ٻيو ته انهن قدرتي ديوارن جي وچ ۾ ٽي اهڙي عجيب غريب قسم جا پٿر پيا آهن جيڪي ڪرسي، ڪرسيءَ جي پٺي ۽ پيرن رکڻ جي جاءِ جو ڪم ڏين ٿا. اهڙو خوبصورت هنڌ مادام ويلڪ جي گهر کان رکو ٻه - ٽي قدم پري آهي، جتي هن جا چوڪرا ماس فرانس جي چوڏيءَ جي ڳولا ۾ سيپئي وڻ ٻوٽا اچي چاڙهيندا ۽ ٻهاريندا آهن. آءٌ ته وڏي ۾ وڏو شرط رکي چئي سگهان ٿو ته ڪوبه اهڙو ڏينهن نه لنگهندو هوندو، جڏهن انهن مان ڪو نه ڪو ٻار انهيءَ چانوٽ واريءَ ڪنڊ ۾ وڃي انهيءَ قدرتي تخت تي نه ويهندو هجي. جن ماڻهن کي انهيءَ ڳالهه تي شڪ آهي، اهي يا ته

پاڻ ڪڏهن پار نہ رهيا آهن يا تہ وري پارن جي فطرت ۽ عادت کي وساري ويٺا آهن. آءُ وري بہ چوان ٿو تہ اها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچڻ کان ٻاهر آهي تہ وٽن ۾ پيل اهي شيون ٻن-ٽن ڏينهن کان وڌيڪ ماڻهن جي نظر کان لڪل رهي سگهيون آهن. لي سوليي اخبار تہ عقل جو ڏيوالو ڪڍڻ لاءِ ڪمر ڪشي ويٺي آهي. انهيءَ شڪ ڪرڻ جا واجبي سبب آهن تہ وٽن ۾ جيڪي شيون پيل مليون آهي گهڻو پوءِ آتي رکيون ويون هيون.

آنهيءَ فرض ڪيل ڳالهہ جي حق ۾ مون وٽ مٿي ذڪر ڪيل دليلن کان بہ وڌيڪ دليل موجود آهن. هاڻي ٿورو انهن شين جي هٿرادي ترتيب تي بہ غور ڪريو. مٿي پٿر تي هڪ اڇو ڪپڙو پيل آهي. ٻئي پٿر تي هڪ ريشمي گلابند ۽ هيٺانهين هوڏانهن هڪ ڇٽي، دستانا ۽ هڪ رومال جنهن تي ”ميري روزي“ جو نالو پرت سان پريل آهي، پکڙيا پيا آهن. هڪ معمولي ذهن ۽ سمجهہ وارو ماڻهو بہ انهن شين کي اهڙيءَ ترتيب سان رکڻ جي ڪوشش ڪندو. پر حقيقت ۾ اها هٿرادي ترتيب ڏي آهي. منهنجي خيال ۾ تہ شيون زمين تي ڪيريل هجڻ کپن ها ۽ پيرن ۾ لتاڙيل. ڪيترن ئي ماڻهن جي چڪتاڻ جي وچ ۾ انهيءَ ننڍڙيءَ جاءِ تي ڪپڙي ۽ گلابند جو رهجي وڃڻ ڪنڊڙيءَ طرح ممڪن ٿي سگهي ٿو؟ اخبار ۾ لکيل آهي تہ انهيءَ هنڌ جهڙپ ۽ چڪتاڻ

جا نشان مليا آهن؛ زمين پيرن ۾ لتاڙيل هئي ۽ ٽاريون ڀڳل هيون. پر ڪپڙو ۽ گلابند اهڙيءَ طرح مليا آهن، ڄڻ ته ڪنهن انهن کي آرام سان ڪٺي الماڙيءَ ۾ رکيو هجي. وڻن ۾ جيڪي فراڪ جا ڦاٽل ٽڪرا هٿ آيا آهن، اهي ڇهه انچ ڊگها ۽ ٽي انچ ويڪرا هئا. انهن مان هڪ فراڪ جو ڊورو هو جيڪو رفو پڻ ڪيل هو. لي سوليي اڻڄاڻائيءَ وچان هڪ اهڙو جملو لکي ڇڏيو، جيڪو ڏاڍو شڪي آهي. اهو هيءُ ته "اهي پٽيون ڪنهن ڪپڙي مان ڦاڙيل ڏسجن ٿيون." سچ پچ ته اهي پٽيون ڄاڻي ٻجهي ۽ هٿ سان ڦاڙيل لڳن ٿيون. اهو اتفاق ته بلڪل اڻٿيڻو آهي ته اهڙي قسم جو ڪپڙو اهڙيءَ طرح هڪ ڪنڊي مان ڦاٽي. اهو ڪپڙو اهڙي قسم جو آهي جو جيڪڏهن ڪو ڪنڊو يا ڪلي انهيءَ ۾ ڦاسي پوي ته اهو چورس ڦاٽندو ۽ نه ڊگهو. مون ته ڪڏهن به ائين نه ڏٺو آهي. انهيءَ ڪپڙي مان اهڙي قسم جي پٽي جدا ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته انهيءَ کي ٻه جدا طاقتون آمهون سامهون ڇڪين. هڪ طاقت انهيءَ ڪپڙي مان پٽي فقط انهيءَ حالت ۾ ڦاڙي سگهندي، جڏهن ڪپڙي جا ٻه ڪنارا هجن. پر اسان جي اڳيان جنهن ڪپڙي جو مثال آهي، انهيءَ جو هڪڙو ئي ڪنارو آهي ۽ انهيءَ مان هڪ ڪنڊو اندرئين حصي مان پٽي ڦاڙي جدا ڪري، ممڪن ڪونهي. انهيءَ لاءِ ڪيترن ئي ڪنڊن مان گڏ ڪنڊن ٻيءَ قوت جي

به ضرورت آهي. جيڪڏهن ڪنارو هجي، تڏهن به هنن‌ کي جدا ڪرڻ لاءِ ٻه ڪنڊا گهرجن. ٻيو ته ڪپڙو جهالر وارو يا ڏوري وارو به نه هجي. جيڪڏهن وري جهالر يا ڏوري آهي ته پوءِ ته ڪو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي. ثابت ٿيو ته اسين انهيءَ ڳالهه کي قبول ڪرڻ لاءِ بلڪل تيار ڪونه آهيون ته اهڙي قسم جون پنيون ڪنهن ڪنڊي سان ڦاٽي سگهن ٿيون. ٻيو ته هٿ هڪ ٻه نه پر ڪيترين ئي پنيون ڏسڻ ۾ آيون آهن. هاڻي انهيءَ کي اسين ڪهڙيءَ طرح قبول ڪريون. وري مزي جي ڳالهه هيءَ ته هڪ حصو فراڪ جي جهالر جو به آهي. وري هڪ ليڙ اندرئين ڀراڻ جي به آهي نه فراڪ جي. جنهن جو مطلب هيءَ آهي ته ڪنڊن ۾ لباس جو اندريون حصو اهڙيءَ طرح اٽڪي پيو جو ڦاٽي جدا به ٿي ويو. هاڻي جيڪڏهن انهن ڳالهين جي بنياد تي اچي شاهدن جي بيانن تي شڪ نه ڪريان ته پيو ڇا ڪريان؟ وري اهي سيئي ڳالهيون هن هڪ ڳالهه جي اڳيان ڪابه اهميت نٿيون رکن ته قاتلن لاش کي ته انهيءَ هنڌان گم ڪرڻ ۾ ته ڏاڍي خبرداري ڪئي، پر انهن شين کي اتي ئي ڇڏي ڏنو. جيڪڏهن تون سمجهين ٿو ته اچي انهيءَ جاءِ کي قتل جي جاءِ نٿو سمجهان ته پوءِ تون منهنجي ڳالهه پوريءَ طرح سمجهي نه سگهندين. ٿي سگهي ٿو ته قتل انهيءَ هنڌ ئي ٿيو هجي ۽ اهو به ممڪن آهي ته مادام ويلڪ جي گهر ۾ قتل ٿيو هجي. پر اهو نڪتو ايترو اهم ڪونهي. اسان کي

انهيءَ هنڌ جي گولا ڪانهي. قاتلن جي گولا آهي. منهنجو هڪ مقصد هيءُ آهي ته لي موليي جا ڪڍيل نتيجا غلط آهن، ٻيو ته آءٌ توکي دليلن ۽ آثارن وسيلي انهيءَ ڳالهه تي وڌيڪ غور ڪرڻ جي دعوت ڏيان ته اهو ڪم ڪنهن ٽولي جو آهي يا اڪيلي شخص جو.

انهيءَ سوال تي غور ڪندي پهرين ته آءٌ انهيءَ سرجن جي شاهديءَ جي تفصيل ڏانهن اشارو ڪندس، جنهن هن اوچتي قتل جي تحقيقات ڪئي هئي. هن بدمعاشن جي تعداد بابت جيڪي نتيجا ڪڍيا آهن، اهي پئرس جي مشهور معروف عضون جي تشريح ڪندڙ ماهرن بلڪل غلط ۽ بي بنياد ثابت ڪيا آهن. اهو ٿي سگهي ٿو ته واقعو اهڙيءَ طرح ٿيو هجي، جيئن هن جو اندازو آهي. پر آثارن ۽ شاهدين مان اهو نتيجو نٿو نڪري.

هاڻي اسان کي مارڪٽ ۽ چڪتاڻ جي نشانن جو به جائزو وٺڻ گهرجي. انهن نشانن مان ڪهڙا نتيجا ڪڍيا ويا آهن؟ اهي ٿي ته اهو ڏوهه ڪنهن ٽولي ڪيو آهي. پر انهن تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته نشان انهيءَ دعوا جي تصديق ڪرڻ بدران انهيءَ کي رد ڪن ٿا. ڇا انهيءَ مان اهو ثابت نٿو ٿئي ته اهو ڪنهن ٽولي جو ڪم ناهي؟ اهڙي زبردست چڪتاڻ جنهن جا نشان هر طرف موجود آهن، هڪ ڪمزور

ڇوڪريءَ ۾ جانئن بدمعاشن جي ڪنهن ٽولي جي وچ ۾ ڪهڙيءَ طرح ٿي سگهي ٿي؟ ايترا ماڻهو ته هن کي مات ميٽ ۾ سوکيو ڪري سگهن ٿا. انهيءَ لاچار ڇوڪريءَ جو هنن جي اڳيان ڪهڙو وس هلي سگهي ٿو؟ هتي هڪ ڳالهه ذهن ۾ رکڻ جي لائق آهي. مون انهيءَ جاءِ کي قتل جو هنڌ ثابت نه ڪرڻ لاءِ جيڪي دليل ڏنا آهن، اهي انهيءَ صورت ۾ لاڳو ٿي سگهن ٿا، جڏهن هيءَ دعوا ڪئي ويئي هجي ته قتل ۾ هڪ کان وڌيڪ ماڻهن جو هٿ آهي. اهڙي ڇڪتاڻ فقط انهيءَ صورت ۾ قياس جوڳي آهي، جڏهن قاتل هڪ هجي.

وري جيئن آءٌ پهرين چئي آيو آهيان ته انهن شين جو انهيءَ هنڌ تي پيل به شڪي آهي. اها ڳالهه ويساهه جوڳي ڪانهي ته اتفاق سان ڏوهه جو ثبوت رهجي ويو آهي. جيڪو قاتل ايتري خبرداري ڪري سگهي ٿو جو لاش کي لڪائي ڇڏي ٿو، اهو قتل جي جاءِ تي لاش کان وڌيون نشانيون ڪيئن ٿو ڇڏي سگهي؟ منهنجو اشارو رومال طرف آهي، جنهن تي مقتوله جو نالو به پريل آهي. اها ته لاش کان به يقيناً وڏي نشاني آهي، ڇاڪاڻ ته لاش ته جلد ئي سڙي ڳري ۽ سڃاڻپ کان ٻاهر ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن اهو پُل چوڪ کان ٿيو آهي ته پوءِ اها غلطي ڪنهن ٽولي جي نه چئبي. البت اهڙي پُل ڪنهن هڪ

ماڻهوءَ کان ضرور ٿي سگهي ٿي. هاڻي اوهان هن طرح سوچيو ته ڪنهن هڪ شخص قتل ڪري وڌو آهي هن جي اڳيان لاش پيو آهي، جنهن کي ڏسي هن تي وحشت طاري ٿئي ٿي. هن جي ڪاوڙ ۽ قهر جي گرمي گهٽجي وئي آهي. هاڻي هن جي دل ۾ انهيءَ قبيح ڏوهه جي سزا جو خوف ۽ هيبت ويهي رهي آهي، هن ۾ اهو اعتماد ڪونهي جيڪو ڪيترن ئي ماڻهن جي موجودگيءَ جي ڪري پيدا ٿيندو آهي. هاڻي فقط هو پاڻ آهي يا لاش. هو ڏڪي ٿو ۽ هن جا اوسان خطا ٿي وڃن ٿا. پر لاش کي به ڪنهن هنڌ لڪائڻ ضروري آهي. هو لاش کڻي درياهه ۾ وڃي ٿو لوڙهي، پر پڪيان ڏوهه جا ڪيترا ئي ثبوت ڇڏي وڃي ٿو، ڇاڪاڻ ته هڪ ئي وقت جيڪڏهن سڀيئي شيون کڻي وڃڻ ممڪن نه آهن ته مشڪل ضرور آهن. هو سوچي ٿو ته واپس اچي اهي به لڪائي ڇڏيندس. پر درياهه تائين پهچندي پهچندي هن جو دپ وڌي وڃي ٿو. هو رستي جي پٺيان پاسن کان ماڻهن جا آواز ٻڌي ٿو. ڏهه پيرا ڪن ته هن کي شڪ پوي ٿو ته ڪنهن ڏسي ورتو يا ڪو پٺيان پيو اچي. پيو ته ڇڏيو پر شهر جون روشنيون به هن جي دل پيون ڏڪائين. انهيءَ سخت عذاب ۾ هوندي به هو جيئن تيئن ڪري درياهه جي ڪناري تي پهچي وڃي ٿو ۽ لاش درياهه ۾ لوڙهي ٿو، شايد ڪنهن ٻيڙيءَ

مان. هاڻي انهيءَ قاتل کي انهيءَ خوفناڪ رستي تان انهيءَ جاءِ جي دل ڏاريندڙ ماحول ۾ واپس وٺڻ تي نه ڪنهن وڏي ۾ وڏي خزاني جي لالچ مجبور ڪري سگهي ٿي ۽ نه ڪنهن سزا جو خوف. تنهنڪري هو فيصلو ڪري ٿو ته هاڻي انهيءَ هنڌ واپس نه ويندس ڪٿي انهيءَ جو ڪهڙو به نتيجو ڇو نه نڪري. هن جي اڳيان هاڻي پنهنجي جان بچائڻ جو سوال آهي. تنهنڪري هو انهيءَ هنڌ جو رخ به نٿو ڪري.

پر جيڪڏهن ماڻهو جهڳها آهن، ڪو باقاعدي ٽولو آهي ته انهن جي گهڻائيءَ جي سبب ڪري اعتماد پيدا ٿئي ٿو. ڪنهن بدمعاش ۾ جيڪو اهڙي قسم جي ٽولي جو رُڪن آهي، اهڙي اعتماد جي پهرين وري ڪهڙي گهڻائي هوندي آهي. ڪنهن اڪيلي شخص تي قتل جي فعل ڪان پوءِ جيڪا هيبت سوار ٿي سگهي ٿي، انهيءَ تي گهڻن ماڻهن جي موجودگيءَ ۾ قبضو ڪري سگهجي. ٿي سگهي ٿو ته هڪ ماڻهو غلطي ڪري، پيو به ڪري، ٽيون به ڪري، پر چوٿون ماڻهو انهن سڀني غلطين کي درست ڪري ڇڏيندو. هڪ ٽي ٽولي جا ماڻهو هڙوهٽ سيڪجهه ڪٿي وٺي سگهن ٿا. آهي پنهنجي پٺيان ڪابه شيءِ رهڻ نه ڏيندا ۽ ڪين اڇڻ جي ڪابه ضرورت نه ٿيندي.

”هاڻي اوهان هڪ ڳالهه ڪي ونو ته لاش جي مٿئين پهراڻ مان هڪ فوٽ ويڪري پٽي ڪمر تائين ڦاڙي وئي هئي، ۽ چيلهه وٽ انهيءَ جا ٽي ور ڏئي پٺيان

ڳنڍي ڏني ويئي هئي. ظاهر آهي ته اهو سڀڪجهه انهيءَ لاءِ ڪيو ويو هو ته عتن قاسائڻ لاءِ ڪا جاءِ ڳاهي وجي، جيئن لاشو ڪڍي سگهجي. پر جيڪڏهن ماڻهو گهڻا هجن ها ته لاشي کي ڳنگوڙلي ڪري ڪڍي وڃي سگهن ها ۽ انهيءَ ۾ هنن کي سولائي به ٿئي ها. اها هتن قاسائڻ لاءِ جاءِ ڳاهڻ جي ضرورت فقط هڪ ماڻهوءَ کي ٿي هوندي، ۽ اهو به سمجهه ۾ اچي ٿو ته انهيءَ جاءِ ۽ درياءَ جي وچ ۾ بند جهون جيڪي ڪانيون لڳل هيون، اهي ڇا جي لاءِ نڪتل هيون؟ انهيءَ لاءِ ته ڪنهن ڳريءَ شيءِ کي گهلي ڪڍي وجي سگهجي. ڇا گهڻن ماڻهن جي هوندي انهن ڪانين جي ڪپڻ جي ضرورت ٿي سگهي ٿي؟ اهي ته اڪ چنبي ۾ لاشو هتن تي ڪڍي اتان ٽپي اچن ها. جيڪڏهن اهو ڏوهه هڪ کان وڌيڪ ماڻهن جو هجي ها ته آهي لاشو اهڙيءَ طرح نه گهلن ها جو سچيءَ وات تي انهيءَ جا نشان رهجي وڃن.

هاڻي لي ڪمرشل جي بيان جي هڪ حصي تي به ڌورو ڌيان ڏيڻ گهرجي. انهيءَ بابت آءٌ پهرين به ڪجهه چئي آيو آهيان. انهيءَ اخبار لکيو آهي ته ڇوڪريءَ جي پيٽي ڪوٽ مان هڪ پٽي ڦاڙي هن جي ڪاڏيءَ هيٺان ڳچيءَ جي چوڌاري ويڙهي ويئي هئي، جيئن هوءَ رڙيون نه ڪري سگهي. اهو اهڙن ماڻهن جو ڪم آهي، جن وٽ رومال نه هوندا آهن.

آءٌ اهو چئي آيو آهيان ته اڄڪلهه جي بدمعاشن وٽ رومال ضرور هوندا آهن، پر هن وقت منهنجو مقصد انهيءَ نُڪتي تي زور ڏيڻ نه آهي. ليءِ ڪمرشل راءِ ڏني آهي ته رومال نه هجڻ ڪري اها پنهنجي رڙين بند ڪرڻ لاءِ ٻڌي ويٺي هئي. انهيءَ جو رد هن ڳالهه مان ٿي وڃي ٿو ته رومال ته قتل واريءَ جاءِ تان مليو آهي. رڙين بند ڪرڻ لاءِ ته پنهنجيءَ بدران رومال وڌيڪ ڪارائتو ٿي سگهي ٿو. شاهدن جي بيان مطابق اها پنهنجي ڳچيءَ جي چوڌاري ڍري هئي ۽ پٺيان چڪي ڳنڍ ڏنل هئي. انهن لفظن مان ڪوبه سڌو مطلب نٿو نڪري، پر جيڪو به مطلب آهي؛ اهو ليءِ ڪمرشل جي ڪيل مطلب کان بلڪل جدا آهي. ڪپڙي جي اها پٽي ارڙهن انچ ويڪري هئي، تنهنڪري ڪپڙو ڪٽي ململ جو هجي، پر انهيءَ ڊگهيءَ پٽيءَ کي اُنهه ڪرڻ يا وٽ مان تمام مضبوط رسي ونجي سگهي ٿي. اهو ڪپڙو انهيءَ صورت ۾ وٽيل مليو به آهي. انهيءَ مان آءٌ هيءُ نتيجو ڪيان ٿو ته قاتل جيڪو اڪيلو ٿي هو، تنهن لاش کي انهيءَ پٽيءَ جي مدد مان جيڪا چيله ۾ ٻڌل هئي (انهيءَ جاءِ کان يا ٻيءَ ڪنهن جاءِ کان جتي قتل ٿيو آهي) کڻي ٿورو اڳتي ته ويو پر بار ڳهڻو هو. جنهن کي گهٽيءَ دير تائين کڻي وڃڻ هن جي وس جي ڳالهه نه هئي. تنهنڪري هن لاش کي گهلي وڃڻ جو فيصلو ڪيو.

شاهدين مان معلوم ٿئي ٿو ته لاش کوليو ويو هو. انهيءَ مقصد ڪاڻ جسم جي هڪ حصي کي رسيءَ جهڙيءَ ڪنهن شيءِ سان ٻڌڻ ضروري هو. اهو بهترين حصو ڳچيءَ جو ٿي ٿي سگهيو ٿي، انهيءَ لاءِ ته رسيءَ جو وٽ انهيءَ ۾ چڱيءَ طرح ڦاسي سگهيو ٿي پهرين ته هُن (قاتل) کي ڪمر-پٽي لاهڻ جو خيال آيو هوندو. پر هڪ ته اهو لاش جي چيلهه ۾ ونجي سنجي ويو هو، پيو ته انهيءَ جي ڳنڍ بلڪل مشڪل هئي. ايتري ۾ هن کي ياد آيو هوندو ته پيٽي-ڪوٽ مان هڪ پٽي ڦاڙڻ وڌيڪ سولي آهي. تنهنڪري هن پٽي ڦاڙي، لاش جي ڳچيءَ ۾ ٻڌي، انهيءَ کي گهليندو درياءَ تائين ويو. انهيءَ پٽيءَ جي ڦاڙڻ، وڻ ۽ ٻڌڻ ۾ ٿوري دير به ٿي هوندي ۽ انهيءَ سبب مقصد به چڱيءَ طرح پورو نه ٿيو هوندو. انهن ڳالهين جي موجودگيءَ ۾ اسين چئي سگهون ٿا ته اهو سڀڪجهه مجبوريءَ جي حالت ۾ ڪيو ويو هوندو. انهيءَ وقت هن کي رومال نه ملي سگهيو هوندو. اسان جي خيال مطابق قاتل انهيءَ هنڌن (شرط اهو ته قتل انهيءَ هنڌ تي ٿيو آهي) پري نڪري آيو هوندو.

پر هاڻي تون چوندين ته مادام ويلڪ جي شاهديءَ مان هيءَ ظاهر ٿئي ٿو ته قتل جي وقت يا انهيءَ وقت انهيءَ هنڌ جي اوسي پاسي بدمعاشن جا ٽولا

موجود هوندا. پر مادام ويلڪ جي مست بنياد ۽ شڪي شاهديءَ مطابق جنهن خاص ٽولي تي الزام مڙهيو ويو آهي، سو اهو ئي ٽولو آهي جنهن بابت هن ڀاڻ ڏانهن ڏني هئي ته انهيءَ ٽوليءَ جا ماڻهو منڊس ڪيڪ کائي ويا هئا ۽ شراب جون بوتلون خالي ڪري ويا هئا ۽ هڪ ٽڪو به ڪونه ڏنائون.

هاڻي مادام ويلڪ جي شاهديءَ جا لفظ پڙهو:

”بدمعاشن جو هڪ ٽولو ظاهر ٿيو جيڪو گوڙ گهمسان ڪري کائي پي ۽ ٻين ڏيڻ کان سواءِ ئي انهيءَ رستي تي روانو ٿي ويو، جنهن تي اهو نوجوان ۽ ڇوڪري ويا هئا. اهو ٽولو سج لهڻ وقت وري سراءِ ۾ واپس آيو ۽ جلدي جلدي درياهه پار ڪري هليو ويو.“

جيئن ته مادام ويلڪ کي پنهنجن ڪيڪن ۽ شراب جي نقصان جي گهٽتي گهاري رهي هئي، تنهنڪري هن انهن ماڻهن جي واپس اچڻ وقت جلدي کي ڪا خاص ڳالهه سمجهيو آهي. شايد ڪيس اچا تائين پنهنجي نقصان جي عيوضي ملڻ جي اميد هئي. نه ته سج لهڻ وقت ڪنهن جو واپس وڃڻ لاءِ جلدي ڪرڻ ڪا خاص ڳالهه نه آهي. درياهه جو پيٽ وڏو آهي ۽ ننڍي ٻيڙيءَ ۾ اهو پار ڪرڻو آهي. طوفان جو ڊپ جُڙندا آهي ۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ رات ٿي ويندي. اهڙيءَ حالت ۾ بدمعاش هجن يا ڪي ٻيا ماڻهو، درياهه پار ڪرڻ لاءِ هر هڪ جلدي ڪندو.

'رات ٽيڻ واري آهي'، جو مطلب اهو ته سمجهڻ گهرجي ته رات ٿي ويئي هئي. انهن بدمعاشن جو سچ لهڻ وقت جلدي ڪرڻ مادام ويلڪ جي خيال ۾ شڪي هو. پر امان کي پڌايو ويو آهي ته انهيءَ شام جو مادام ويلڪ ۽ سندس وڏي ڇوڪري سراءِ جي ويجهڙائيءَ مان ڪنهن عورت جون رڙيون ٻڌيون. اهي رڙيون ڪهڙي وقت ٻڌيون ويون، مادام ويلڪ جي لفظن ۾ "مانجهيءَ ٽيڻ کان ٿورو وقت پوءِ". مانجهيءَ ٽيڻ کان ٿورو وقت پوءِ جو مطلب هيءُ ٿي آهي ته اونده ٿي ويئي هئي. پر سچ لهڻ وقت جو مطلب هيءُ ٿئي ٿو ته اڃا ڏينهن جي روشني هئي. انهيءَ مان صاف ظاهر آهي ته مادام ويلڪ جي ڪنن تائين رڙين جي آواز پهچڻ کان پهرين اهو ٽولو بيرير دورول مان روانو ٿي ويو هو. جيتوڻيڪ شاهديءَ جي بيانن ۾ سيني هنڌ اهي ٽي لفظ استعمال ڪيا ويا آهن، جن جو مون ذڪر ڪيو آهي. پر انهن ۾ جيڪو تفاوت آهي، انهيءَ ڏانهن ڪنهن به اخبار اڃا تائين اشارو نه ڪيو آهي ۽ نه وري انهيءَ تي ڪنهن پوليس واري جي نظر پيئي آهي.

ڪنهن ٽولي کي قتل جو ڏوهاري ٺهرائڻ جي خلاف هن وقت تائين مون جيڪي دليل ڏنا آهن، انهن کان سواءِ آءٌ هڪ ٻيو دليل به پيش ڪندس. اهو دليل ايترو ته وزني آهي جو انهيءَ کي ڪو به رد ڪري نٿو سگهي. اصلي قاتلن کي هٿ ڪرڻ

لاءِ هڪ وڏو انعام رکيو ويو آهي ۽ سرڪاري شاهد کي به معافي ڏيڻ جو يقين ڏياريو ويو آهي. انهن حالتن ۾ بدمعاشن جي ڪنهن ٽولي جي ڪنهن فرد يا ڪنهن ماڻهوءَ جو پنهنجي ساٿين سان غداري نه ڪرڻ اهڙي ڳالهه آهي، جنهن بابت سوچي به نٿو سگهجي. اهڙي قسم جي ٽولي جو ڪو به ماڻهو انعام جي لالچ ۾ يا ڏوهه جي سزا کان بچڻ خاطر اهو قدم نه کڻندو، پر رڳو انهيءَ خوف کان ته ڪو ٻيو ساٿي کيس گرفتار نه ڪرائي. تنهنڪري اهڙو شخص پنهنجن ساٿين سان غداري ڪرڻ ۾ هڪدم اڳڀرائي ڪندو آهي، جيئن ٻيو ڪو انهيءَ موقعي مان فائدو نه وٺي سگهي. اها حقيقت نه اچا تائين انهيءَ ٽولي جي ڪنهن بدمعاش پوليس وٽ اهڙي خبر نه پهچائي آهي، هن ڳالهه جو هڪ کليو ثبوت آهي ته انهيءَ خوفناڪ قتل جو راز فقط هڪ يا ٻن ماڻهن ئي وٽ آهي يا ته وري خدا کي معلوم آهي.

هاڻي ڏسڻو هيءُ آهي ته اسان جي انهيءَ طويل تجزيي مان ڪهڙيون ڳالهيون ثابت ٿين ٿيون. اسين هن نتيجي تي پهچون ٿا ته قتل يا ته مادام ويلڪ جي گهر ٿيو آهي يا بيرير دورول جي انهيءَ هنڌ تي. ۽ قاتل يا ته قتل ٿيل ڇوڪريءَ جو عاشق آهي، يا ڪو اهڙو لڪل دوست، جنهن سان هن جي گهاٽي ڏيٺ ويٺ هئي. اهو شخص ڪڻڪ-رنگو آهي. ڪمرٻنڌ ۾ ٻوٽيءَ جي ڦيٽ ۾ ڏنل جهازين واري

ڳنڍيل هن ڳالهه ڏانهن اشارو ڪن ٿا ته اهو ڪنهن جهاز جي عملي مان آهي. مقتوله جيڪا چلولي ۽ بيپرواهه هجڻ ڪان پوءِ به ڪيريل هرگز نه هئي، انهيءَ مان هن جي چاڻ سچاڻ پڌائي ٿي ته اهو عام ملاحن کان گهٽو مٿي آهي انهيءَ جي تصديق انهن خطن جي تحرير جي عبدگيءَ مان به ٿئي ٿي، جيڪي اخبار ۾ ڇپايا ويا هئا. ليمرڪيور، اخبار، ڇوڪريءَ جو پهريون پيرو پڇي وجڻ جو حال لکيو آهي. انهيءَ مان ظاهر ٿئي ٿو ته اهو جهازي "اهو ئي بحري عملدار" هوندو جيڪو پهرين به انهيءَ ڇوڪريءَ کي پڇائي ويو هو.

هاڻي سوال هيءُ ٿو اٿي ته اهو ڪڻڪ رنگو ماڻهو هن وقت تائين ڪٿي لڪل آهي؟ آءٌ وري پڌائي ڇڏيان ته انهيءَ شخص جو رنگ ڪڻڪ جهڙو آهي، ڇاڪاڻ ته ويلنس ۽ مادام ويلڪ کي هن جي فقط اها نشاني ياد رهجي ويئي آهي، پر اهو ماڻهو ڇو غائب آهي. ڇا بدمعاشن جي ٽولي هن کي قتل ڪري ڇڏيو؟ جيڪڏهن اها ڳالهه آهي ته رڳو ڇوڪريءَ جا نشان ڇو مليا ۽ هن جا ڇو نه مليا؟ انهن ٻنهي جو قتل به هڪ هنڌ ٿي ٿيڻ گهربو هو. وري جيڪڏهن هو قتل ڪيو ويو آهي ته هن جو لاش ڪٿي آهي؟ قاتلن پڪ سان ٻنهي لاشن کي هڪ ئي طريقي سان غائب ڪيو هوندو. هاڻي چئي سگهجي ٿو ته اهو شخص اڃا تائين زنده آهي ته انهيءَ ڪري

ظاهر نٿو ٿئي ته متان مٿس خون جي ڏوهه جو الزام نه هنيو وڃي. انهيءَ موقعي تي هن جو اهو شڪ صحيح ڏي سگهي ٿو. چاڪاڻ ته شاهدن پڌايو هو ته هو ميري سان گڏ ڏٺو ويو هو. پر قتل جي واقعي کان هڪدم پوءِ اهڙي قسم جو ڪوبه خوف هن جي راهه ۾ اچي نٿي سگهيو. ڪو بيگناهه ماڻهو پهرين ڳالهه اها ئي ڪري ها ته انهيءَ خوفناڪ حادثي بابت هاءِ گهوڙا ڪري ها ۽ قاتلن کي سڃاڻڻ ۾ مدد ڪري ها. هن کي پنهنجي خيريت انهيءَ ۾ ئي نظر اچي ها، چاڪاڻ ته کيس ڇوڪريءَ سان گڏ ڏٺو ويو هو ۽ هن هڪ کليل ٻيڙيءَ ۾ درياءُ پار ڪيو هو. اسين اهو فرض نٿا ڪري سگهون ته قتل واريءَ رات هو بيگناهه هوندو ۽ انهيءَ حادثي کان بيخبر به. خير جيڪڏهن اهو شخص زنده آهي ته صرف مٿي ذڪر ڪيل حالتن سبب ئي هو قاتلن جي پارٽي پڌائڻ کان مجبور رهي سگهي ٿو.

اسان وٽ حقيقت ڄاڻڻ جا ڪهڙا ڪهڙا ذريعا ۽ وسيلا آهن، اهي ته آهستي آهستي ظاهر ۽ واضح ٿيندا ويندا. پهرين ته اسين ڇوڪريءَ جي پهرينءَ ڀاڄ جي واقعن جي پوريءَ طرح ڇنڊڇاڻ ڪريون. اهو ”عملدار“ ڪير آهي، اڄڪلهه ڪهڙي حال ۾ آهي ۽ قتل جي حادثي وقت ڪٿي هو؟ وري اسان کي گهرجي ته انهن خطن جي باري ۾ خبرداريءَ سان پيٽ ڪريون، جيڪي شام وارين اخبارن ۾ ڇپايا ويا

هئا ۽ جن جو مقصد ڪنهن ٽولي ڪي ڏوهاري ثابت ڪرڻ هو. انهيءَ ڪان پوءِ انهن خطن جي تحريري انداز ۽ صحين جي ڀيٽ انهن خطن سان ڪرڻ گهرجي، جيڪي صبح جي اخبارن ۾ ڇپيا هئا ۽ جن ۾ ڏاڍي زور شور سان مئائي ڪي ڏوهاري ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي هئي. پوءِ وري انهن سڀني خطن کي ذڪر ڪيل عملدار جي تحريرن سان ڀيٽ ڪرڻ گهرجي. اسان کي گهرجي ته مادام ويلڪ منديس پٽ ۽ ويلنس ڊرائيور تي چڱيءَ طرح ڪري انهيءَ ڪڻڪ-رنگي شخص جي شڪل شباهت ۽ چال ڍال بابت وڌيڪ علم حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون. اها پڇا ڳاڇا جيڪڏهن هوشياريءَ سان ڪئي وڃي ته انهن مان ڪنهن نہ ڪنهن ڪان انهيءَ حادثي وغيره بابت وڏي ڪم جون ڳالهيون معلوم ڪري سگهجن ٿيون. انهيءَ ڪان سواءِ اسان کي آن ٻيڙيءَ جو حال به معلوم ڪرڻ گهرجي، جيڪا ڍل ڪاٽي جي ميربحر کي سومر، مورخ ۲۳- جون جي صبح جو ملي هئي ۽ جيڪا بندرگاهہ جي وڏي عملدار جي ڄاڻ ۽ اجازت ڪان سواءِ ۽ سواءِ ونجهن جي آتان ڪير ڪاهي ويو هو. اهو سيڪجهہ لاش جي ملڻ ڪان ٻهرين ٿيو هو. جيڪڏهن اسين ٿوريءَ محنت ۽ ڪوشش ڪان ڪم وٺون ته انهيءَ ٻيڙيءَ کي پڪ سان هٿ ڪري سگهون ٿا. ڇاڪاڻ ته اهو ميربحر جنهن اها ڏٺي هئي، انهيءَ کي هڪدم سڃاڻي سگهندو. پيو تہ اسان وٽ انهيءَ

جا ونجهه به موجود آهن. هڪ ماڻهو جنهن جو ضمير صاف آهي، اهو سواءِ پڇا ڳاڇا جي ڪنهن پيڙيءَ جا ونجهه اهڙيءَ طرح ڇڏي نه ويندو. هاڻي ٿورو هڪ ٻئي معاملي تي به غور ڪجي. پيڙيءَ جي ملڻ جو ڪوبه اشتهار نه ڇاپيو ويو. پيڙي مانڊ ميٽ ۾ بند ڪاهه آئي پهچائي ويئي هئي ۽ اهڙيءَ طرح مانڊ ميٽ ۾ ڪو انهيءَ کي اڻان ڪاهي به ويو. پيڙيءَ جي مالڪ کي اشتهار کان سواءِ اڳاڙي ڏينهن جو ڪيئن خبر پيئي ته پيڙي ڪٽي آهي. اها پيڙي سومر جي ڏينهن ته جهلي ويئي هئي. اسان کي انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪوبه چارو ڪونهي ته فرض ڪريون ته اهو شخص يعني پيڙيءَ جو مالڪ-مونڊي عملدار سان صلاح ۾ آهي. تڏهن ته هو هن جي هڪ هڪ خبر مان واقف رهي ٿو.

مون قاتل جي اڪيلي سر لاش کي گهلي درياءَ تائين ڪٽي وڃڻ جو ذڪر ڪندي چيو هو ته هن شايد ڪنهن پيڙيءَ کان ڪم ورتو هوندو. هاڻي اسان کي اهوئي سمجهڻ گهرجي ته ميري روزيءَ کي پيڙيءَ مان ئي درياءَ ۾ اڇلايو ويو هو. نيٺ لاشو بيٺل پاڻيءَ ۾ ته نه ڏٺو اڇلائي سگهجي. ڇوڪريءَ جي پٺيءَ ۽ ڪلهن تي جيڪي خاص قسم جا نشان مليا آهن، آهي پيڙيءَ جي تري جي ڪاڙين جا آهن. اِها ڳالهه به ته لاش سواءِ ڪنهن وزن جي اڇلايو ويو، اسان جي شڪ جي تصديق ڪري ٿي. جيڪڏهن لاشو ڪناري

ٿان آڇلايو ويو ها ته پوءِ انهيءَ سان ڪو وزن ضرور ٻڌو ويو ها. اسان جي ذهن ۾ اهائي ڳالهه اچي ٿي ته ٻيڙيءَ ۾ چڙهڻ وقت قاتل ڪنهن وزن ڪٽڻ جي ضرورت ڪ-ي ٿي خيال ۾ نـه آندو. البت پاڻيءَ ۾ لاش اڇلائڻ وقت هن کي انهيءَ جو خيال ضرور آيو هوندو، پر انهيءَ وقت هو ڇا ٿي ڪري سگهيو. ڪناري ڏانهن واپس وڃڻ ۾ ته وڌيڪ خطرو هو. تنهنڪري لاشو درياءَ ۾ آڇلائي قاتل هڪدم شهر ڏانهن روانو ٿيو هوندو ۽ ڪناري تي ڪنهن مڃي هنڌ ٻيڙيءَ ڏان لٿو هوندو. هاڻي ٻيڙي هن لاءِ هڪ وڏو مسئلو هئي، پر جلديءَ ۾ هُن انهيءَ جي ڪابه پرواهه نه ڪئي. انهيءَ کان سواءِ ٻيڙيءَ کي گهاٽ تي ٻڌڻ جو مطلب اهو ٿئي ها ته هو پنهنجي خلاف پاڻ ثبوت پيش ڪري ها. هن جي دل ۾ قدرتي جذبو ته اهوئي هوندو ته انهيءَ ڏوهه سان جنهن به شيءِ جو واسطو رهيو آهي، ان کان هر صورت ۾ پاڻ آجو ڪريان. تنهنڪري ڪنهن تي ٻيڙ رکڻ سان ٿي نه رکيو هو پاڻ ميڻهن واڻوڙو ٿي ويو هوندو، پر ٻيڙيءَ کي به اتي ٻيهارڻ جي بدران درياءَ جي لهرين جي حوالي ڪيو ويو هوندو. هاڻي انهيءَ کان پوءِ جي حالتن تي ويچار ڪريو. صبح جو ننڍ مان اٿڻ کان پوءِ اهو معلوم ڪري ته ٻيڙي جنهاجي پيئي آهي، هن جا ته اوسانُ ئي خطا ٿي ويا هوندا. وري مصيبت هيءَ ته اها ٻيڙي انهيءَ هنڌ ٻيهاري

ويئي آهي، جتان هر روز ڪيس لنگهڻو پوندو آهي — يعني انهيءَ علائقي ۾ جتي هن ڪي پنهنجي نوڪريءَ جي سلسلي ۾ ضرور وڃڻو پوي ٿو. تنهنڪري رات ٿيندي ئي وٽجهڻ کان سواءِ هو ٻيڙيءَ کي اتان ڪاهي وڃي ٿو. وٽجهڻ کان سواءِ آها ٻيڙي ڪٿي آهي؟ سڀ کان پهرين ته اسان کي انهيءَ جو پتو هٿ ڪرڻ گهرجي. انهيءَ تي نظر پوڻ سان ئي اسانجين ڪاميابين جو سلسلو شروع ٿي ويندو. اها ٻيڙي اسان کي انهيءَ شخص تائين، جنهن آچر تي آڌيءَ رات جو قتل جو ڏوهه ڪيو هو، اهڙي تيزيءَ سان پهچائيندي جو اسين پاڻ به دنگ رهجي وينداسون. هڪڙيءَ ٻيءَ هر هڪ ڳالهه جي تصديق ٿيندي ويندي ۽ قتل جو پتو پئجي ويندو.

ڊوپن انهيءَ پراسرار قتل جو معمو ڪهڙيءَ طرح حل ڪيو، انهيءَ جو تفصيل اسان مسودي مان ڪڍي ڇڏيو آهي ۽ انهيءَ جي سبب بيان ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. ڪيترائي پڙهندڙ پاڻ سمجهي وينداه هت اسين مختصر ايترو چونداسون ته انهيءَ مان گهربل نتيجا ملي ويا ۽ پوليس جي وڏي عملدار لاچار ٿي ڊوپن سان رکيل شرطن کي پورو ڪيو. مسٽر ايڊ گرايلن پو جو مضمون هيٺ ڏنل بيان تي ختم ٿئي ٿو. (ايڊيٽر) (۱)

۱- هيءُ نوٽ انهيءَ رسالي جي ايڊيٽر جو آهي، جنهن ۾ پهريان پهريان پو جو هيءُ مضمون ڇپيو هو.

پڙهندڙ سمجهي ويا هوندا ته آءٌ رڳو اتفاقن جي ڳالهه ڪريان ٿو انهيءَ کان وڌيڪ ڪجهه به نه. هن موضوع تي آءٌ سڀ جيڪي لکي آيو آهيان اهو اجا به گهٽ آهي. منهنجي خيال ۾ ڪا به شيءِ مافوق الفطرت نه آهي. انهيءَ حقيقت کان ڪو به عقلمند انسان انڪار نه ڪندو ته قدرت ۽ ان جو خالق پڻ جُدا شيون آهن. انهيءَ کان سواءِ هن ڳالهه ۾ به ڪو شڪ شبهو نٿو ڪري سگهجي ته خالق پنهنجيءَ حيثيت مطابق قدرت کي ڪو روپ ڏيئي سگهجي ٿو يا ان جي قانونن ۾ ڦير گهير ڪري سگهي ٿو. مون مشيّت ۽ منشا جو شرط رکيو آهي ۽ بددماغ منطقين وانگر مقدر جو سوال ڪونه اٿاريو آهي. ڳالهه هيءَ نه آهي ته خالق پنهنجن مقرر ڪيل قانونن ۾ ڪا ڦيرقار يا ترميم اٿو ڪري سگهي. پر اهو چوڻ يقيناً غلط ڏيندو ته هن کي اهڙيءَ ڦيرقار يا ترميم جي ضرورت پئجي سگهي ٿي. قدرت جا اهي قاعدا ۽ قانون ازل کان ابد تائين جي ضرورتن مطابق ٺاهيا ويا هئا. اسان لاءِ ته حال ۽ مستقبل بلڪل جدا آهن. پر اسان جي خالق جي ته سڀني زمانن تي نظر آهي. هن لاءِ ڪو به زمانو آڻ ـ ڏٺل ڪونهي. هن جي اڳيان ته سڀيئي زمانا موجود آهن.

آءٌ وري به چوندس ته آءٌ سڀني نظرين ۽ خيالن کي فقط اتفاق ٿي سمجهان ٿو. هاڻ اهو ٿي ڏس ته بدنصيب ميري سيليا راجرس جو قصو جيترو اسان کي معلوم

آهي، اهو ميريءَ روزيءَ جي احوال مان ايترقدر ته ملي ٿو اڃي جو عقل دنگ رهجيو وڃي. خير اهي ته سيئي پاهريون ڳالهيون آهن. پر انهن ڪڏهن به سوچڻ نه گهرجي ته آءٌ انهيءَ هڪجهڙائيءَ کي حد کان وڌيڪ اهميت ڏيڻ گهران ٿو. نه وري منهنجو اهو مطلب آهي ته پڙهندڙ انهيءَ بدنصيب ڇوڪريءَ جي قاتل کي هٿ ڪرڻ لاءِ جيڪي طريقا اختيار ڪيا ويا يا ويچاريا ويا انهن مان هن واقعي ۾ به مدد ملي سگهندي.

آءٌ انهيءَ جو سبب به بيان ڪريان ٿو. اهڙي قسم جي مفروضن ۾ هيءَ ڳالهه ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته انهن ٻنهي واقعن جي ننڍين ننڍين ڳالهين ۾ ٿورو فرق به اڳتي هلي وڏو فرق پيدا ڪري سگهي ٿو. انهيءَ سبب ڪري حالتن جا وهڪرا بلڪل جدا ٿي ويندا. بلڪل اهڙيءَ طرح، جيئن حساب ۾ ڪا ننڍڙي ڇوڪ ضرب جو جواب غلط ڪندي ويندي ۽ اسين ڪڏهين به صحيح جواب حاصل نه ڪري سگهنداسون. درحقيقت هي مسئلو انهن ڪيترن ئي مسئلن مان هڪ آهي، جيڪي جيتوڻيڪ عام ذهنن لاءِ دلچسپي ۽ ونڊر پيدا ڪري سگهن ٿا، پر انهن کي فقط ڪنهن رياضيدان جو دماغ ئي چڱيءَ طرح سمجهي سگهندو. مثال طور هڪ عام پڙهندڙ کي هن ڳالهه جو قائل ڪرڻ ڏاڍو مشڪل آهي ته چوسر جي راند ۾ جيڪڏهن ڪو رانديگر هڪڙي ڀيرا ٻه ڇڪو اڇلائي ته انهيءَ ڳالهه

تي اوهان وڏي ۾ وڏو شرط ٻڌي سگهو ٿا ته هو ڏيون ٻيڙو ڪڏهن به چڪو نه اڇلائيندو. عام طرح، عقل اهڙي قسم جي ڳالهه مڃڻ لاءِ ڪڏهن به تيار نه ٿيندو. اهو قياس ۾ اچي ئي نٿو سگهي ته ٻهرين اڇلايل ٻاري جا انگ جيڪي هاڻ ماضيءَ سان واسطو رکن ٿا، ايندڙ وقت جي انگن تي به ڪنهن نه ڪنهن طرح اثر ڪري سگهن ٿا. ڇڪي اڇلائڻ جو امڪان هميشه به اهڙوئي معلوم ٿئي ٿو، جهڙو ڪنهن ٻئي وقت هو. هيءَ ڳالهه دراصل اهڙي عجيب ٿي لڳي جو انهيءَ کان اختلاف ڪرڻ جي هر ڪوشش تي مسخريءَ سان ڏيان ڏيڻ بدران انهيءَ تي ٺٺولي ڪئي وڃي ٿي. حقيقت ۾ هيءُ واقعو عقل جي ان لاڙي سببان پيدا ٿيل، انهن غلطين جي انهيءَ طول طويل سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، جيڪي سچائيءَ ۽ حقيقت کي ڪنهن هڪ مجموعي ۾ ڏسڻ بدران ننڍين ننڍين ڳالهين ۾ ڳولين ٿيون.

لئام. او. فليهرٽي

پهرين اُڏام

ننڍڙو ساموندي ڪبوتر، پنهنجي پهاڙي آکيري ۾، اڪيلو ويٺو هو. هن جا ٻه ڀائر ۽ هڪ ڀيڻ، هڪ ڏينهن اڳ ۾ ئي آڏامي ويا هئا. هن کي اُنهن سان گڏ آڏامڻ ۾ ڀؤ پئي ٿيو. هن جڏهن آڏامڻ جي ڪوشش ڪئي، پنهنجي آکيري جي ڇيڙي تائين ڊوڙ پاتي ۽ پَرَ ڦڙڪايا، تڏهن هن کي خوف طاري ٿي ويو. سندس پهاڙي آکيري جي هيٺان اٿاهه سمنڊ هو، جيڪو ايتريقدر ته هيٺ هو جو ميلن جا ميل هيٺ پئي نظر آيو. هن کي ائين ٿي محسوس ٿيو، ته هن جا پَرَ سندس بار کڻي ڪونه سگهندا. ان ڪري هو پنهنجو ڪنڌ جهڪائي، پهاڙ جي ڪناري تان پٺي، واپس وڃي پنهنجي آکيري ۾ ويٺو، جتي هو رات جو سمهندو هو. جيتوڻيڪ سندس ڀائرن ۽ ڀيڻ جا پَرَ سندس پَرَن کان گهڻو ننڍا هئا، ان هوندي به جڏهن هُو ڊوڙ پائي پهاڙ جي ڪناري وٽان پنهنجا پَرَ ڦڙڪائي آڏامي ويا، ته هن کي ايتري همت ڪانه ٿي، جو هيءُ به پَرَ ڦڙڪائي، پهاڙ تان ٽپو

ڏيٺي آڏامي وڃي. هن کي ڀهاڙ تان ٽپو ڏيڻ خطرناڪ پئي لڳو. هن جو ڀيءُ ۽ ماءُ به هن کي ڦري آيا هئا ۽ هن کي رڙيون ڪري آڏامڻ لاءِ چيائون ٿي، ۽ دڙڪو ڏنائونس ته "جي تون نه آڏامندين، ته توکي اتي اڪيلو ڇڏي ويندا سين؛ پوءِ پل ته پيو بک مر." پر هو پنهنجيءَ جان جي خوف کان آڏاڻو ٿي ڪونه.

انهيءَ ڳالهه کي چوويهه ڪلاڪ گذري چڪا هئا، ۽ انهيءَ وچ ۾ ڪوبه سندس ويجهو ڪين آيو. هڪ ڏينهن اڳ، هن پنهنجي ماءُ ڀيءُ کي پئي جاچيو، جن سندس ڀائرن ۽ پيءُ کي سارو ڏينهن آڏامڻ جي مشق ٿي ڪرائي ۽ هنن کي آڏامڻ ۾ پڙ ٿي ڪيو. ماءُ پيءُ پنهنجن ٻچن کي سمنڊ جي ڇولين مٿان ٽپو ڏيڻ، غوطا هڻڻ ۽ سمنڊ مان مڇيون پڪڙڻ ٿي سيکاريو. دراصل هن پنهنجي وڏي ڀاءُ کي پنهنجي پهرين مڇي شڪار ڪري، ٽڪريءَ تي ويهي کائيندي ۽ ماءُ پيءُ کي ان جي چوڌاري فخر سان چرچر ڪندي، ڏٺو هو. انهيءَ ڏينهن سندس ساري ڪٽنب، سامهون ڀهاڙ جي هيٺان، هڪ مٿانهينءَ زمين تي چڪر پئي ڏنا ۽ سندس بزدليءَ تي ٺٺوليون پئي ڪيون.

هاڻي ته سج به مٿي چڙهي آيو هو ۽ سندس آکيرو، جنهن جو منهن ڏکڻ طرف هو، اس اچڻ ڪري گرم ٿي ويو هو. هن کي گرمي ان ڪري به وڌيڪ ستائڻ لڳي، جو هن اڳينءَ رات کان ڪجهه کاڌو به ڪين

هو. گذريل رات آکيري کان پريرو، پهاڙ جي ڪناري وٽ، هن کي مڇيءَ جي مشڪل پيڙي هٿ آئي، جيڪا هن ٻڪ وکهي ڪاڍي هئي. پر هينئر نه هن وٽ کائڻ لاءِ به ڪجهه ڪين هو. هن پنهنجي آکيري جو ذرو ذرو ڪري جاچيو ۽ اتي ٻه سکل گاهه کي به اٿلائي پٿلائي ڏٺو، جتي سندس پاڻ ۽ پيءُ آنن منجهان ڦٽا هئا، پر سڀ محنت اجائي! نيٺ هن اتي ٻه سکل آنن جي کلن کي کرڙي ڪاڍو. آن کي کرڙيندي، هن کي ائين پئي محسوس ٿيو، ڄڻڪ هن پنهنجي جسم جو حصو پئي کاڌو. هن پنهنجي پهاڙ جهڙي ميرانجهڙي بدن کي ڏکين چنگهن آپ ڪئي، پهاڙ جي هڪ ڪناري کان ٻئي ڪناري تائين ٽپا پئي ڏنا، ته من آڏامڻ کان سواءِ ماءُ پيءُ تائين پهچڻ جو ڏڳ ملي وڃي. پر هن جي آکيري جي سيني پاسن کان اونهي لاهي هئي ۽ هيٺان اٿاهه سمنڊ! هن جي ۽ سندس ماءُ پيءُ جي وچ ۾ هڪ اونهو اوڙاهه هو. هو پنهنجي ماءُ پيءُ وٽ آڏامڻ کان سواءِ نه وڃي ٿي سگهيو، پر ان لاءِ ضروري هو، ته آنر طرف پهاڙ جي چوٽيءَ وٽان ڦري وڃي، پر اوستائين پهچڻ لاءِ پنڌ ڪري ڪيئن؟ چاڪاڻ ته پهاڙ بلڪل اڀو هو. هو مٿس ته ڪانه هئي، جو اهڙي آڀي پهاڙ تي چڙهي وڃي، جنهن جي چوٽي به ايتري مٿي هئي، جيترو آکيري کان سمنڊ هيٺ هو.

هو آهستي آهستي پهاڙ جي چوٽيءَ ڏانهن وڌي آيو ۽ هڪ ٽنگ تي بيهي، ٻي ٽنگ پرن ۾ لڪائي ڇڏيائين. هن ٻهريائين هڪ اک بند ڪئي ۽ پوءِ ٻي اک بند ڪري، ائين ٿي بيٺو، ڄڻڪ ڪيس ننڊ اچي ويئي هجي. اڃا به ماڻس پڻس کي سندس حال تي رحم نه آيو. هن ڏٺو ته سندس ٻه ڀائر ۽ ڀيڻ سامهون مٿانهين پٽ تي پنهنجو منهن ڳچيءَ جي کنڀن ۾ لڪائي، ستا پيا هئا ۽ سندس پيءُ پنهنجي پٺيءَ جي اڇن کنڀن ۾ چهنب سان کنهي رهيو هو، فقط سندس ماءُ ڏانهنس نهاري رهي هئي. هوءَ هڪ اُڀي پٿر تي پنهنجي اڇي ڇاتي ڦوڪيو بيٺي هئي. هن جي پيرن وٽ مڇي پئي هئي، جنهن کي هن چهنب سان رکي ٻني پئي کاڌو ۽ پوءِ چهنب کي پٿر سان پئي گسايو. مڇيءَ کي ڏسي هو وڌيڪ ڇتو ٿي پيو ۽ هن به چاهيو پئي، ته جيڪر هو به ائين ئي مڇيءَ کي پٽي کائي، ۽ پوءِ پنهنجي چهنب پٿر سان گسائي، تکي ڪري. هن ٿڌو ساهه ڀري آهستي چرچر ڪئي، جنهن جي جواب ۾ سندس ماءُ به چرچر ڪري، ڏانهنس نهاريو.

”گا، گا، گا“— هن پنهنجي ماءُ کي کاڌي آڻ لاءِ پاڏايو. ”گا-ؤل-آ“، سندس ماءُ مٿس ٺٺولي ڪندي جواب ڏنو. پر هو پنهنجي ماءُ کي پاڏائيندو رهيو، ٻن-ٽن منٽن کان پوءِ پنهنجي ماءُ کي چهنب ۾ مڇيءَ جو ٽڪر پاڻ ڏانهن آڻيندي ڏسي، هن خوشيءَ وچان

رڙيون ڪيون. پر سندس ماءُ پهاڙ جي ڪناري تي اچي، ويهي رهي. هن جا پير هوا ۾ لڙڪڻ لڳا ۽ هوءَ پَرَ ڦڙڪائڻ بند ڪري، هوا ۾ خاموش ٿي ويهي رهي. مڇي هن جي چهنب جي بلڪل ويجهو هئي. هو ڪجهه وقت ته حيرت ۾ پنهنجي ماءُ کي تڪيندو رهيو، پر پوءِ بک کان چريو ٿي، ماءُ جي چهنب مان مڇيءَ کسڻ لاءِ هن ٽپ ڏنو ۽ دانهن ڪري پهاڙ کان هيٺ ڪِري پيو. سندس ماءُ ڪجهه مٿيرو آڏاهين ويئي. جيئن هُو ماءُ کان هيٺيرو ٿيو ته سندس پرن جي ڦڙڪڻ جو آواز ٻڌائين. خوف کان هن جو ساهه ٿي سُڪي ويو ۽ سندس دل جڻ ته هلندي هلندي بيهي رهي، ۽ ڪيس ڪجهه به ٻڌڻ ۾ نٿي آيو. پر سندس اها حالت ٿورو وقت هلي ۽ جلد ٿي هو محسوس ڪرڻ لڳو ته سندس پَرَ ٻاهر تي پکڙبا پئي ويا، هوا سندس ڇاتيءَ ۽ پرن کي چيريندي ٿي ويئي. هن محسوس ٿي ڪيو ته سندس پَرَ ڦڙڪندا هئا کي چيريندا ٿي ويا، ۽ هو هيٺ ڪرڻ بدران پهاڙ کان پري آڏامندو ٿي ويو. هن کان خوف موڪلائي ويو. فقط ٿوري پيڙائي ٿي محسوس ڪيائين. هن وري پنهنجا پَرَ ڦڙڪايا ۽ هوا ۾ مٿي چڙهڻ لڳو. هو خوشيءَ ۾ گدگد ٿيڻ لڳو ۽ مستيءَ ۾ اچي وري پَرَ ڦڙڪائڻ لڳو ۽ آهستي آهستي مٿي چڙهڻ لڳو. هن پنهنجي ڇاتي مٿيرو ڪئي ۽ هوا ۾ هڪ هنڌ بيهي رهيو. ”گا، گا، گا“،

”ڪا، ڪا، ڪا“، ”ڪا - ؤل - ڪا“ سندس ماءُ خوشيءَ مان رڙيون ڪندي سندس پرسان اچي ويٺي. هن به خوشيءَ وچان دانهن ڪري پنهنجي ماءُ کي جواب ڏنو. جلد ئي هن جو پيءُ، پاڻر ۽ ڀيڻ اڏامي اچي ونس ويٺا ۽ خوشيءَ ۾ سندس چوڌاري ٻولائيون ڪائڻ لڳا.

ان بعد هو هيٺ آيو ۽ سمنڊ مٿان اڏامڻ لڳو. هو هيٺ سائو سائو سمنڊ ۽ ويڙن کي اٿندو ڏسي گڙگڙ ٿيڻ لڳو. هن جا ماءُ پيءُ، پاڻر ۽ ڀيڻ به اڏامندا سندس ويجهو اچي ويٺا. سائي پاڻيءَ مٿان ٻيهڻ لاءِ هن پنهنجا پير هيٺ ڪيا، پر سندس ننگون پاڻيءَ ۾ گهڙي ويون ۽ هين تي وري خوف طاري ٿي ويو. هن پنهنجا پرَ ڦڙڪائي پاڻيءَ مان نڪري اڏامڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هو بک، ٿڪاوٽ ۽ ڪمزوريءَ وچان اڏامي ڪونه سگهيو ۽ ساڻو ٿي پاڻيءَ مٿان ڪِري پيو. ڀهريائين سندس پير پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويا ۽ پوءِ پيٽ اچي پاڻيءَ سان لڳس، پر ٻڏڻ بدران هو ترڻ لڳو. اهو ڏسي سندس ڪٽنب جا ڀاتي خوشيءَ وچان ڪيس ساراهڻ لڳا، ۽ پنهنجي چهنبن سان مڇيءَ جا ذرا کڻي، ڪيس ڏيڻ لڳا.

اها هئي هن جي ڀهرين آڏام!

ضميمو

افسانوي نگارن جي حياتين جو مختصر احوال

١. اليڪساندر پشڪن

(١٧٩٩ع-١٨٣٧ع)

روس جو پهريون قومي شاعر آهي. پشڪن جا ٽي نظم: ”رسلان ۽ لدميلا“، ”يوجين اونيجن“ ۽ ”بورس گادنوو“ اهڙا ته مشهور ٿيا جو گلنڪا، چيڪووسڪي ۽ موسورجسڪيءَ جهڙن فنڪارن انهن کي آپيرا جي صورت ۾ پيش ڪيو. پشڪن جو ڪلاسيڪي خوفائتو داستان ”حڪم جي راڻي“ ڪجهه زمانو اڳ، ڪرمساجيوسڪيءَ ناٽڪ جي صورت ۾ آڻي لنڊن ۾ پيش ڪيو. هن جون تحريرون رومانوي آهن، ۽ انگريزي شاعر بائرن جي قدردان ۽ ثناخوان هجڻ ڪري هن جو مٿس نمايان اثر آهي.

٢. گيووادي بوڪيشو

(١٣١٣-١٣٧٥ع)

بوڪيشو اٽليءَ جي جڳ-مشهور شاعر، ڊانٽي، جو دوست ۽ صلاحڪار هو. بوڪيشو، ڊانٽي جي زندگيءَ بابت جيڪو ڪتاب لکيو هو، اهو انهيءَ شاعر جي زندگيءَ ۽ شاعريءَ تي هڪ مستند ۽ اهم

ڪتاب ليکيو ويو هو. پر بوڪيشو جي شهرت سندس هڪ ٻئي ڪتاب، ”دي ڪئمران“، جي ڪري ٿي؛ جنهن ۾ هن هڪ سؤ ڪهاڻيون سلسليوار مرتب ڪيون آهن. چاسر، شيڪسپيئر، ڊرائيڊن ۽ انگريزي ادب جي ٻين ڪيترن ليکڪن انهن ڪهاڻين مان فائدو ورتو. بوڪيشو، نيپلز جي بادشاهه جي ناجائز ڌيءَ (دي آڪئنس جي ڪائونٽ جي زال) سان عشق ۾ ڦاسي پيو. هن جي تحريرن تي انهيءَ عورت جو ڏاڍو اثر هو ۽ اڳين ٿو معلوم ٿئي ته هُن جي ناول ”فياميتا“ جي هيروئن به اها ئي عورت هئي.

۳. جارنسٽجرن جارن سن
(۱۸۳۲ع–۱۹۱۰ع)

هو ٻنهنجي مرڻ گهڙيءَ تائين جديد نارويجن ادب ۾ هڪ عظيم اديب سمجهيو ويو. هو هڪ وڏو حب الوطن پڻ هو. ناروي جو قومي ترانو سندس تخليق آهي. سندس تحريرون ناروي جي ترقيءَ جو چٽ ته آئينو آهن. هن جي مشهور معروف تصنيف ٽن حصن ۾ منظوم ڊرامو “Sigurd Slom be” آهي. سن ۱۹۰۳ع ۾ هن کي ادب جو نوبل انعام ڏنو ويو هو. هيءُ افسانو، جنهن ۾ ٻهراڙيءَ جي زندگيءَ تي روشني وڌي ويئي آهي، هڪ ڪلاسيڪي افسانو سمجهيو وڃي ٿو.

۴. وسينتي بلاسڪو ابانيز
(۱۸۶۷ع-۱۹۲۸)

وسينتي بلاسڪو ابانيز، آراگون شهر ۾ ڄائو هو. هن پهرين وڪيل ٿيڻ چاهيو ٿي، پر ادب ۽ سياست ۾ دلچسپي وٺڻ سبب وڪالت کي ڇڏيو پيس. سندس نون نتون خيالن ۽ راين جي ڪري ڪيس ڏاڍيون تڪليفون سهڻيون پيون ۽ ڪيترائي ڀيرا قيد خاني جو منهن به ڏسڻو پيس. ابانيز جي شهرت ۽ ناموريءَ جو سبب سندس لکيل ٻه ڪتاب، "Four Horsemen of The Apocalypse" ۽ 'Blood and Sand" آهن، جن تي روڊلف والينٽنو ۾ فلمون تيار ڪيون، جنهنڪري مصنف سان گڏ ڪتابن کي به جاودان زندگي ملي ويئي.

۵. ايڊنافربر
(۱۸۸۷ع)

ايڊنافربر آمريڪا جي هڪ بلند پايه ڊرامه نويس ۽ ناول نگار عورت آهي. هن کي پنهنجي لکيل ناول، "Show Boat" جي ڪري عام مقبوليت حاصل ٿي. ان ناول جي ايتري ته شهرت ٿي، جو بعد ۾ ان تي هڪ اسٽيج-ناٽڪ تيار ڪيو ويو ۽ ان جي فلم به ٺاهي ويئي. فربر جو ٻيو مشهور ڪتاب، "So Big" آهي، جنهن ۾ ڳوٺاڻي زندگيءَ جو اثرائتو مطالعو پيش

ڪيو ويو آهي. ان ڪتاب تي سن ١٩٢٣ع ۾ هن کي پلٽزر انعام به مليو هو. انهيءَ کان سواءِ فربر، 'جارج ڪائمين' سان گڏجي به نهايت ڪامياب ڊراما، "Theatre Royal" ۽ "Dinner at Eight" به لکيا، جن مان پوئين ڊرامي تي هڪ فلم به ٺاهي ويئي هئي.

٦. الف ليليٰ

الف ليليٰ جا قصا جن مان هيءُ قصو ورتل آهي، ٻهراڻ پهرين انگريزيءَ ۾ 'ايڊورڊ-ڊبليو لين'، سن ١٨٤٠ع ۾ ترجمو ڪيا هئا. انهن قصن جي اصل ماخذ تي گهڻو اختلاف آهي. 'مسعودي' (سن ٩٠٣ع) انهن قصن جو ذڪر پنهنجي ڪتاب ۾ ڪيو آهي ۽ آهي "ڪسريٰ" بادشاهه جي ڌيءَ "شهزادي همائيءَ" ڏانهن منسوب ٿيل آهن. پر اها راءِ درست نه آهي، ڇاڪاڻ ته خصوصيت جي لحاظ مان ڏٺو وڃي ته اهي قصا عربي آهن ۽ نه ايراني. اهي قصا شهرزاد جي زباني بيان ڪيل آهن، جنهن هڪ اهڙي بادشاهه سان شادي ڪئي هئي، جيڪو شاديءَ واريءَ رات جي صبح جو پنهنجين زالن کي مارائي ڇڏيندو هو. پر 'شهرزاد'، بادشاهه کي هڪ هزار ۽ هڪ راتيون، نوان نوان قصا ٻڌائي، پنهنجي جان بچائي.

٧. ايڊٿ وارٽن
(١٨٦٦)

آمريڪي ناول نگارن ۽ افسانه نويسن ۾ ايڊٿ وارٽن کي اوچو مقام حاصل آهي. پنهنجن ڪردارن جي بنيادي خواهشن کي نزاڪت سان پڌرو ڪرڻ ۽ انهن جي ماحول کي پڙهندڙن تائين پهچائڻ ۾ هن کي خاص ملڪو حاصل آهي. انهيءَ ڪري ئي اهڙن پُراسرار افسانن لکڻ ۾ هن جو ڪوبه مٽ ڪونهي، جهڙو سندس هيءُ افسانو آهي.

٨. ليوجي پيرانڊيلو
(١٨٦٧ع - ١٩٣٦ع)

جديد اطالوي ادب ۾، ليوجي پيرانڊيلو کي وڏو مقام حاصل آهي. هو پنهنجي ادب ۾ بهترين ڊرامه نگار ليکيو وڃي ٿو. "Six Character in Search of an Author", "The men with the Flower in his mouth" ۽ "Henry IV" سندس مشهور ڊراما آهن، جيڪي انگريزي زبان ۾ به ترجمو ٿي چڪا آهن. هن جو فلسفو اهڙو ته عجيب ۽ غريب آهي، جو پڙهندڙ لاچار ٿي سوال ڪندو: آخر سندس مقصد ڇا آهي؟" من ١٨٩٣ - ١٩١٢ع جي وچ ۾، هن جيڪي به افسانا لکيا، آهي خاص طرح اٽليءَ جي وچولي طبقي بابت

آهن. ”پڳ مٿ يار“، خالص ۽ هلڪيءَ بيوقوفيءَ جو هڪ عمدو مثال آهي.

٩. پوسنگ لنگ

سترهينءَ صديءَ عيسويءَ واري زماني سان تعلق رکي ٿو. هن جي زندگيءَ جو مختصر احوال، سندس ڪتابن جي انگريزي مترجم، مسٽر البرٽ اي. گائيلس جي ڪيل تحقيقات ۾ مليو ٿو. انهيءَ موجب، پوسنگ لِنگ، شانتنگ صوبي جي زوشائو شهر جو رهاڪو هو ۽ پنهنجن دوستن ۾ ”غيرفاني انسان جي آخري نشاني“ جي لقب سان مشهور هو. هن پنهنجي وقت جي اعليٰ امتحان جو اوائلي درجو نهايت ڪاميابيءَ سان پاس ڪيو، پر ١٦٥١ع ڌاري آخري امتحان ۾ ڪاميابي حاصل ڪري نه سگهيو. تنهنڪري وڌيڪ تعليم پرائڻ جو خيال ڦٽو ڪري، پنهنجي لازوال ڪهاڻين جي انتخاب لکڻ ۾ لڳي ويو، جن کي مسٽر گائيلس، ”چيني مصور خاني جون عجيب ۽ غريب ڪهاڻيون“، جو عنوان ڏنو آهي. انهن ڪهاڻين ۾، انهيءَ دور جي چيني ادب جي نهايت مڪمل ۽ دلچسپ تاريخ موجود آهي، جنهن مان سترهين صديءَ جي چيني وهمن، وسوسن ۽ ريتن رسمن جي چڱيءَ طرح ڄاڻ پئجي سگهي ٿي.

١٠ ارنسيت هيمنگوي
(١٨٩٨ع - ١٩٦٣ع)

هيمنگوي آمريڪا جي شهر الينائز ۾ ڄائو هو. هن هڪ ڪتاب ”اسان جي ڏينهن ۾“ جي عنوان سان لکي، پنهنجي ادبي زندگيءَ جي شروعات ڪئي. پر گهڻو ڪري هن جي جڳ-مشهوري جو سبب جنگ جي موضوع تي لکيل ناول "A Farewell to Arms" ۽ علامتي ناول "The old Man and The Sea" آهن. انهن کان سواءِ هن جا ٻيا به ڪيترائي ناول جهڙوڪ "Death in the Aftenoon"، "For Whom the Bell Tolls" ۽ "Winter take Nothing" وغيره پڻ گهڻو مشهور ٿيا ۽ هن جي ڪيترن ناولن تي فلمون به ٺهيون آهن. اعليٰ امنگن ۽ نازڪ واقعن کي نهايت مختصر ۽ ننڍڙن جملن ۾ آسان ۽ عام لفظن جي وسيلي بيان ڪرڻ، هُن جي منفرد ۽ بيمثال طرز-تحرير جي خاص خوبي آهي.

١١ مئڪسم گورڪي
(١٨٦٨ع - ١٩٣٦ع)

نجني نوفگوراو ڳوٺ (جنهن کي سندس نالي پٺيان هاڻي ”گورڪي“ ڳوٺ سڏيو وڃي ٿو) ۾ ڄائو هو. سندس زندگيءَ ۾ ڪيترائي عجيب ۽ غريب حادثا ٿيا

۽ سن ١٨٩٠ع ڌاري، هُن نيچ ڪان نيچ پورهيا ڪري، تڪليفون ۽ مصيبتون سهي، حياتي گذاري. ان ڪان پوءِ جلدئي هن جي افسانن جو پهريون مجموعو ڇپجي پڌرو ٿيو، جنهنڪري هڪ افساني نگار جي حيثيت سان هن جي شهرت عام ٿي. گورڪيءَ جون سموريون همدرديون هميشه ۽ مفلس طبقي سان هيون، جنهن مان ئي هن پنهنجي افسانن لاءِ مختلف ڪردار چونڊيا آهن. هُن روس ۾ ١٩٠٠ع واري بولشيوڪ نظام جو ساٿ ڏنو ۽ صحت جي خرابيءَ هوندي به سورينتو شهر ڇڏي، واپس اچي روس ۾ رهيو. هو ڪيترن ئي ورهين ڪان سلهه جي مرض ۾ مبتلا هو ۽ آخر ۾ نمونيا ٿي پيس، جنهن ڪان پوءِ اوچتو دل ٻُنُ ڪري وفات ڪيائين.

١٣٠ لوُئي ڪپيرو

(١٨٤٣ع – ١٩٢٣ع)

هي هيگ ۾ ڄائو هو، پر سندس اوائلي ڄمار جو گهڻو حصو جاوا ۾ گذريو. هن نظم جا ٻه ڪتاب لکي، پنهنجي ادبي زندگيءَ جي شروعات ڪئي. سن ١٨٨٩ع ۾ هن جو لکيل ناول ”ايلن ويري“ ڇپيو، جنهن جي ڪري کيس جڳ ـ مشهوري ملي. ڪپيرو ڊچ گهرو زندگيءَ جي نقش چٽڻ ۾ ماهر سمجهيو ويندو هو.

هيءَ شاندار ۽ شوخ افسانو سندس بين لکڻين کان وڌيڪ انوکو ۽ نرالو آهي.

١٣. او ـ هينري
(١٨٦٢ع ـ ١٩١٠ع)

او ـ هينري، جنهن جو اصلي نالو وليم سڊني پورٽر هو، ڏکڻ آمريڪا جي ڪارولينا رياست جو رهاڪو هو. هن ان وقت افسانا لکڻ شروع ڪيا، جڏهن پاڻ ويساهه گهاتيءَ جي الزام ۾ قيد جي سزا ڪاٽي رهيو هو. جڏهن آزاد ٿيو، تڏهن سندس افسانن کي ويتر شهرت حاصل ٿي، ۽ زندگيءَ جو پويون دور ڏاڍي اطمينان سان گذاريائين. آمريڪي افساني نگارن ۾ او ـ هينري چوٽيءَ جو افساني نگار ليکيو وڃي ٿو. ذهانت، مزاح، عام ماڻهن جي گهري چاڻ ۽ پڇاڙيءَ افسانن جي آخر ۾ اوچتو ڦيرو آڻڻ، سندس خاص خوبيون آهن.

١٤. نظامي
(١١٤٠ع ـ ١٢٠٢ع)

هن مشهور فارسي شاعر جو پورو نالو نظام الدين ابو محمد الياس بن يوسف هو. عام طرح هن کي اوائلي فارسي روماني شاعر سمجهيو وڃي ٿو. هيءَ ڪهاڻي "ليليٰ ـ مجنون" سندس بيءَ مشهور مثنويءَ جو نثر ۾

ترجمو آهي. هن جي ڀرپور مثنوي "خسرو ـ شيرين" هئي، جنهن تي وقت جي بادشاهه هن کي پنهنجيءَ درٻار ۾ ڪرسي ڏني ۽ ٻه ڳوٺ جاگير طور ڏنا.

١٥. ايڊگر ايلن پو

(١٨٠٩ع ـ ١٨٤٩ع)

هڪ ائڪٽر جو پٽ، ميسا چوسيٽس رياست جي بوسٽن شهر ۾ ڄائو هو. هڪ امير سوداگر، جان ايلن، هن کي نيايو ۽ انگلنڊ جي اسٽوڪ نيونگٽن ۾ تعليم پرائڻ لاءِ موڪليائين. ان کان پوءِ ٿورو وقت ورجينا يونيورسٽي ۽ ويسٽ پائنٽ ۾ فوجي تعليم حاصل ڪري، هن اخبار نويس جو ڌنڌو شروع ڪيو ۽ هڪ اخبار جو ايڊيٽر ٿيو. سن ١٨١٣ کان ١٨٣٢ع تائين، ١٢ ورهين جي عرصي ۾ پو پنهنجا بهترين افسانا ۽ نظم لکيا. "ميري روزيءَ جو پراسرار قتل"، پو جي شاندار ذهن ۽ بهترين منطق جو لاثاني مثال آهي. هو مرڻ وقت ڏاڍو ڪنگال ۽ مفلس هو.

١٦. لٺام ـ او فليهرٽي

(١٨٩٠ع)

لٺام ـ او فليهرٽي ايرن ٻيٽن ۾ ڄائو هو، تعليم پرائڻ کان پوءِ هن پادري ٿيڻ جو ارادو ڪيو، پر پهرين

وڏي لڙائيءَ ۾ حصو وٺڻ ڪان پوءِ هن اهو خيال ڇڏي لاهي ڇڏيو. سن ١٩١٨ع کان پوءِ هن خانه بدوشن واري زندگي گذارڻ شروع ڪئي ۽ سڄي دنيا ۾ گهمندو رهيو؛ ڪڏهن جهاز جي خلاصيءَ جي حيثيت ۾ ته ڪڏهن وري مزور ۽ قلي ٿي. نيٺ آئرلنڊ موٽي آيو ۽ ڪميونسٽ تحريڪ ۾ حصو وٺڻ لڳو. هن جي ناول "The Informer" تي ڪيس ملڪ جو ادبي انعام "دي جيمس ٽيٽ بلئڪ پرائز" به مليو. هن جي سڀني شاندار افسانن مان انهن افسانن ۾ وڌيڪ ڪشش ۽ جاذبيت آهي، جن ۾ هن افساني وانگر، فطرت جو مطالعو ڪيو ويو آهي.

دنيا جا عظيم افسانا (ڀاڱو-٢)، انگريزيءَ ۾ شايع ٿيل چونڊ ڪهاڻين جي هڪ بهترين انٿالاجي World's Great Stories جي سنڌي ترجمي جو هي ٻيو ڀاڱو آهي، جنهن جو سنڌي ترجمو مراد علي مرزا ڪيو آهي. پهريون ڀاڱو هن کان اڳ ۾ شايع ٿي چڪو آهي. هن انٿالاجيءَ ۾ جن مهان ڪهاڻيڪارن جون مهان ڪهاڻيون شامل آهن، اهي آهن: پشڪن، بوڪيشو، جارن سن، ابانيز، فربر ايڊسن، وارٽن، ٻيم اندڊيلو، يوسنگ لنگ، هيمنگ وي، گورڪي، ڪهيرو، او.هينري، نظامي، ٻوءِ فليهرٽي.

هيءَ ڪتاب رڳو انهن کي وڻندو، جي ڪهاڻي پڙهڻ جو شوق رکن ٿا، پر انهن اسرندڙ ڪهاڻيڪارن لاءِ به ضروري آهي، جي ڪهاڻي لکڻ جي فن کي ڄاڻڻ ۽ سمجهڻ گهرن ٿا.